# سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس

ڊاڪٽر غلام علي الانا

Institute of Sindhology

Sultan chandio

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس

ڊاڪٽر غلام علي الانا

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 185

ڇاپو پهريون: 1987ع

ڇاپو ٻيون: 2005ع

تعداد: 1000 ڪاپيون

ڪاپي رائيٽ © (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي) 2005ع

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

سهڪار: پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس، اسلام آباد

شوڪت حسين شورو، ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،

يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو، سنڌ، پاڪستان مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد، سنڌ ۾ ڇپيو

ٽائيٽل ڪور ڊزائين: سلطان احمد چانڊيو

قيمت: 200 روپيا

پاران : ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

ISBN- 969-405-073-1

**SINDHI BOLI JO ABHIYAS**

**By: Dr. Ghulam Ali Allana**

**Published by:**
**Shoukat Hussain Shoro**
**Director, Institute of Sindhology**
**University of Sindh, Jamshoro, Sindh.**
**E-mail: sindhology_s@yahoo.com**
**In collaboration with**
**Pakistan Academy of letters, Islamabad.**
**Printed by:**
**EAST LINE COMMUNICATION**
**02, Mezzanine Floor,**
**Syed Arcade, Near Ibrat Press,**
**Gari Khata, Hyderabad, Sindh.**
**Ph: 022 - 2787677**
**First Edition 1987**
**2nd Edition 2005**

**Copies: 1000**
All right reserved
Price Rs. 200/=

**Digitized by**
**M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.**
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انتساب

آءُ پنهنجي هيءَ ڪاوش،
منهنجي محسن
۽ منهنجي
مهربان استاد
علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب
جن جي نام نامي
۽ اسم گراميءَ
جي نالي منسوب ڪري دلي سڪون
حاصل تو
ڪريان۔

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي
غ - ا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

سنڌي زبان جي لکڻين ۾ لسانيات جو موضوع شروع کان وٺي اهم، دلچسپ ۽ تڪراري رهيو آهي. سنڌي زبان جي اصل، نسل ۽ گهاڙيٽي جي باري ۾ سنڌي زبان جا عالم ۽ اديب هن کان اڳ گهڻو ڪجهہ لکي چڪا آهن. ان هوندي بہ معاملو اڃا بحث طلب آهي ۽ عام پڙهندڙن ۾ سنڌي زبان جي گهڻگهرن ۾ دلچسپيءَ جو ڪارڻ بڻيل آهي.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان هن ڪتاب کان اڳ بہ لسانيات جي موضوع تي ڪي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن. هيءُ ڪتاب انهيءَ سلسلي جي هڪ نئين ڪڙي آهي.

هن ڪتاب جو مصنف ڊاڪٽر غلام علي الانا نہ رڳو ملڪ جو مشهور عالم، اعليٰ منتظم ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ کي ثاهي عروج تي پهچائڻ وارو شخص آهي، پر پاڻ لنڊن مان تربيت يافتہ لسانيات جو ماهر آهي ۽ سندس لساني تجزئي جو خاص محور 'آوازن' تي بڌل آهي. اسان کي انهيءَ ڳالهہ تيٰ فخر آهي، تہ پاڻ تمام گهڻين مصروفتين جي باوجود وقت ڪڍي، خاص طور تي ' انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ' جي لاءِ هيءُ ناياب ڪتاب لکيائين.

ڊاڪٽر غلام علي الانا جو علم ۽ هيءُ سندس پورهيو، ڪتاب جي صورت ۾ ڇپائي، اوهان جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. اميد اٿئون تہ اسان جون هي ڪوششون صاب پونديون.

**مهتاب اڪبر راشدي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

(ڇاپو پهرئين)

سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد متعلق بحث کي هلندي هڪ صدي جو وقت گذري چڪو آهي، پر ان بحث ۾ واڌ گذريل اڌ صديءَ ۾ آئي آهي. اسان جي ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن ۽ لسانيات جي ماهرن پنهنجي تحقيق جي بنياد تي سنڌي ٻوليءَ بابت مختلف نظريا پيش ڪيا آهن. اها حقيقت آهي تہ سنڌي ٻوليءَ متعلق ڪئين نظريا ۽ انومان نهندا ۽ ڊهندا رهيا آهن. اهو بحث اڃا جاري آهي ۽ ايتري ساري وقت گذرڻ جي باوجود صورتحال ۾ ڪا خاص تبديلي نہ آئي آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد بابت اسان جا عالم ۽ لسانيات جا ماهر ڪا حتمي راءِ جوڙي نہ سگهيا آهن ۽ معاملو اڃا تڪراري آهي.

بهرحال، اهو سچ آهي تہ تحقيق جي ميدان ۾ ڪا شيءِ حرف آخر نہ هوندي آهي. نين نين شاهدين ملڻ ۽ لڪل حقيقتن جي ظاهر ٿيڻ سبب تحقيق جي نتيجن ۾ ڦيرڦار فطري ڳالهہ آهي. رڳو پنهنجي راءِ تي ڳنڍ ٻڌي ويهڻ کي ڪو بہ سچو محقق پسند نہ ڪندو. سنڌي نندي ڪنڌ جي قديم ٻولين مان هڪڙي آهي، ان تي اڃا گهڻي تحقيق جي ضرورت آهي ۽ اهو سلسلو جاري رهڻ کپي.

”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“ ڪتاب ان تحقيقي سلسلي جي ڪڙي آهي، جنهن ۾ لائق مصنف ۽ ملڪ جي مشهور عالم ۽ اديب ڊاڪٽر غلام علي الانا وڏي محنت ۽ تحقيق سان سنڌي ٻولي، سنڌي لسانيات ۽ سنڌي صرف ونحو جهڙن عنوانن تي علم اللسان جي روشنيءَ ۾ تجزيو ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي پبليڪيشن واري شعبي طرفان نهايت اهم ڪتاب ڇپرايا ويا آهن. انهن مان اڪثر ڪتاب کپي وڃڻ سبب گهٽي وقت کان اڻ لڀ آهن. اسان جا پڙهندڙ جن ۾ نه رڳو عالم ۽ اديب آهن پر شاگرد ۽ عام ماڻهو به انهن ۾ شامل آهن سي انهن ڪتابن جي گهر ڪندا رهيا آهن. هونءَ پنهنجي جاءِ تي اها ڳالهه پڻ ضروري آهي ته، ڪنهن به وڏي اداري جا ڇپايل ڪتاب هر وقت مهيا هجڻ کپن. انهن ڳالهين کي نظر ۾ رکندي اداري طرفان ڇپايل ڪتاب جيڪي گهڻو اڳ کپي چڪا آهن تن کي ٻيهر شايع ڪرڻ جي رٿا شروع ڪئي وئي آهي. اميد آهي ته اها ڪمي ڪجهه وقت اندر پوري ٿي ويندي.

(شوڪت حسين شورو)
ڊائريڪٽر
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## (پهرين ڇاپي جو)

”سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس“ عنوان وارو هي ڪتاب پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچائڻ جو عزم تہ گهڻا سال اڳ ڪري چڪو هوس، پر اڃا ڪجهہ باب مڪمل ٿي مس ڪيم تہ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جي واڳ سنڀالڻ لاءِ اسلام آباد اچڻو پيو. منهنجي لاءِ هن يونيورسٽيءَ جو ڪاروبار سڄو سارو نئون هو. فاصلاتي نظام تعليم جي طريقي کان اڻواقف هجڻ سبب، اول ٻيا سڀ ڪم ڪار پاسيرا ڪري، هن نئين يونيورسٽيءَ ۾ نئين تعليمي نظام ۽ نون فرضن کي سمجهڻ جي لاءِ ڪم ڪشيم. هن مقصد ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪرڻي پيم. گويا هي منهنجو نئون عشق هو. منهنجو دوست ۽ علامہ اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو رجسٽرار پروفيسر ڊاڪٽر شبلي چوندو آهي تہ: ”الانا صاحب جو پهريون عشق سنڌالاجيءَ سان هو ۽ هي سندس ٻيو عشق آهي، جيڪو اوپن يونيورسٽيءَ سان اٿس.“ واقعي اوپن يونيورسٽيءَ سان نئون عشق لڳائي ويٺس. دل ۽ دماغ سان محنت ڪري، هن اداري سان نينهن لڳائي، يونيورسٽي جي ناماچار کي وڌائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪيم. اهو سڀڪجهہ الله پاڪ جي ڪرم سان ٿيو. رب پاڪ جا اهي وڏا احسان آهن، مون تي.

انهيءَ نينهن، محبت ۽ عشق جي انتها جي باوجود سنڌالاجيءَ سان نينهن جا ناتا قائم رکيم. حيدرآباد پهچڻ ۽ سنڌالاجيءَ ۾ نہ وڃڻ

منھنجي لاءِ ڪفر جي برابر آھي. ڪارڪنن سان ميل ملاقاتون، حال احوال جاري رھيا آھن. سنڌالاجيءَ جي ڪم لاءِ ڪڏھن به ڪوتاھي ڪانه ڪئي اٿم، بلڪ ھن اداري لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو اٿم. سنڌالاجي منھنجو روح آھي. منھنجي زندگيءَ جو ثمر آھي، پر اوپن يونيورسٽيءَ سان به عشق اٿم، ھت به مون گھڻي جاکوڙ ڪئي آھي.

"سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" ڪتاب ڇپائڻ ۾ منھنجي پياري ساٿيءَ عبدالقادر جوڻيجي دير ته ضرور ڪئي آھي پر نياڻيءَ مھتاب، دوست قادر ۽ سندن ساٿين جي مجبورين جو به احساس اٿم.

ھي ڪتاب، جيئن اوھان کي پڙھڻ سان معلوم ٿيندو ته يارھن بابن تي مشتمل آھي. سواءِ ھڪ يا ٻن بابن جي، جيڪي مقالن جي روپ ۾ ٿماھي مھراڻ رسالي ۾ اڳ ڇپجي چڪا ھئا. باقي سڄو مواد نئون نڪور آھي ۽ ھن کان اڳ ڪٿي به ڇپيل نه آھي. انھيءَ لحاظ کان "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" جي سلسلي ۾ ھيءُ ڪتاب ڪافي اھميت وارو آھي. سنڌي ٻوليءَ، سنڌي لسانيات ۽ سنڌي صرف و نحو جھڙن عنوانن تي علم اللسان جي روشنيءَ ۾ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت ھئي. مون پنھنجي حال آھر اسلام آباد ۾ گھٽ وقت ملڻ جي باوجود، سنڌي زبان سان ھن ڪتاب جي ذريعي عشق جو اظھار ڪيو آھي.

مون ڪڏھن به اھا ھام نه ھنئي آھي، ته مون جيڪي ڪجھه پيش ڪيو آھي سو حرف آخر آھي. علمي تحقيق ۽ تخليق جا دروازا ھرگز ۽ ھرگز بند نه رھندا آھن ۽ نه ئي وري بند رھي سگھندا آھن. علم و ادب جي ھن حصي ۾ ھميشه ڪجھه نه ڪجھه داخل ٿيندو رھندو آھي. تحقيق ۽ تخليق جو ميدان سنڌو درياءَ مثل آھي. جيئن سنڌو درياءَ ۾ سڄي پاڪستان جون نديون ۽ نالا اچيو ٿا چوڙ ڪن، تيئن تحقيق ۽ تخليق جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم واري ميدان ۾ به هميشه نئيون نئيون ڏارائون ڦٽنديون رهنديون آهن ۽ شامل ٿينديون رهنديون آهن.

مون هن ڪتاب ۾ جيڪي ڪجهه پيش ڪيو آهي، سو سڀ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي لسانيات سان عشق ۽ اُنس جو نتيجو آهي. منهنجن خيالن، بيانن، نظرين ۽ راين ۾، پڙهندڙن کي ڪافي غلطيون، خاميون، عيب ۽ اوڻايون ضرور نظر اينديون، ڇو ته هر انسان اهو حق رکي ٿو ته هو ڪنهن راءِ سان اتفاق نه ڪري، ڪا راءِ قبول نه ڪري ۽ پنهنجو الڳ رايو رکي. جيڪي ڪجهه مون پيش ڪيو آهي اهو منهنجي ڄاڻ ۽ تجربي مطابق آهي. اختلاف رکندڙ دوستن کي حق ٿو پهچي ته هو بيشڪ تنقيد ڪن ۽ اختلاف راءِ رکن.

هڪ ڳالهه جو فخر ضرور اٿم ته پاڪستان ۾، لسانيات جي ميدان ۾، سڀ کان گهڻو ڪم، سنڌي زبان ۾ ٿيو آهي. ۽ هن موضوع تي گهڻي ۾ گهڻو مواد سنڌي زبان ۾ ئي ڇپيو آهي. هن علم ۾ گهڻي ۾ گهڻو تحقيقي ۽ تخليقي ڪم، سنڌي زبان ۾ ئي ٿيو آهي.

هن ڪتاب ۾ پروف جون غلطيون به آهن ته ڪٿي ڪٿي مواد ۾ تڪرار (Repetition) به ضرور هوندو. ان کان سواءِ زبان جي وصف ۾ ته هاڻ ڪافي تبديليون آيون آهن ۽ اضافا پڻ ٿيا آهن. مون اهي اضافا پنهنجي تازي مقالي "ٻوليءَ جي ابتدا" ۾ ڪيا آهن. ڀهرين چاهيم ته هن ڪتاب ۾ انهيءَ باب جو اضافو ڪجي، پر ضخامت جي ڊپ کان في الحال شامل ڪرڻ جي همت نه ڪئي اٿم. پڙهندڙن ۽ خاص ڪري ذاتي تنقيد ڪندڙ دوستن کي گذارش ڪندس ته اردو زبان ۾ شايع ٿيندڙ منهنجو هڪ ٻيو ڪتاب "زبان اور ثقافت" جو ضرور مطالعو ڪن. زبان جي وصف ۾ آيل تبديلين جو مطالعو ان ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخر ۾ آءٌ منهنجي ڀيڻ محترمہ مهتاب اڪبر راشديءَ جو ۽ سنڌالاجيءَ جي انهن سڀني ڪارڪنن جو شڪرگذار آهيان، جن هن ڪتاب جي شايع ڪرڻ ۾ محنت ڪئي آهي ۽ دلچسپي ورتي آهي. اُن لاءِ آءٌ هرهڪ ڪارڪن جو تورائتو آهيان.

مون کي اميد آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي لسانيات جي اڀياس جي سلسلي ۾ هي ڪتاب هڪ اضافي طور قبول ڪيو ويندو.

اسلام آباد

14-2-1987ع

سنڌي زبان جو فدائي

**غلام علي الانا**

# مهاڳ

(ڇاپو ٻيون)

سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪتاب جو هي ٻيو ڇاپو، پڙهندڙ جي هٿن ۾ آهي، هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، 1987ع ۾ پڌرو ٿيو هو، اُن لحاظ سان، هي ٻيو ڇاپو، ارڙهن سالن کان پوءِ پڙهندڙن جي هٿن ۾ پهتو آهي. ارڙهن سال تمام وڏو عرصو آهي، پر اُن لاءِ ته ڇپائيندڙ اداري کي ڪا ميار ڏيئي سگهبي ۽ نه وري ڪتاب ۾ ڏنل مواد لاءِ ڪا شڪايت ڪري سگهبي، در اصل هن موضوع تي هڪ ته پڙهندڙ جو تعداد گهٽو گهٽ هوندو آهي ۽ ٻيو ته هن قسم وارا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتاب، هر عام ماڻهوءَ جي دلچسپيءَ وٽان ڪو نه هوندا آهن. هن قسم جا ڪتاب اُهي ماڻهو خريد ڪن ٿا جن مان گهڻا شاگرد، ۽ استاد هوندا آهن، ۽ ڪي سندن امتحانن جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ هن موضوع وارا ڪتاب پڙهن ٿا، ۽ ڪي علم اللسان دلچسپي هجڻ ڪاڻ پڙهندا آهن، پر اهڙين بلڪل ڪونهي ته موضوع تي لکيل ڪتابن جي پڙهندڙن جو تعداد بلڪل ڪونهي.

منهنجو هي ڪتاب جڏهن پهريون ڀيرو ڇپجي پڌرو ٿيو هو تڏهن سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر ڀارت مان ڪيترن ئي سڄڻن مون کي تعريفي خط لکيا. انهن سڄڻن ۾ پروفيسر ڊي - ڪي - منشاراماڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي ۽ ڊاڪٽر موتي لال جوتواڻيءَ ڪانسواءِ ٻيا به ڪيترائي سڄڻ هئا. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب جو ۾ ڪيترو ئي مواد نئين نظر سان لکيو ويو هو.

اُن زماني ۾ آءٌ، اسلام آباد ۾ اوپن يونيورسٽي ۾ وائيس چانسلر طور خدمتون بجا آڻي رهيو هوس. اهڙي منصب تي فائز هجڻ جي باوجود، مون وقت ڪڍي، هن ڪتاب ۾ ڏنل مختلف بابن تي، جديد لسانيت جي روشنيءَ ۾ نظر وڌي هئي، ڏاڍي تعاليٰ پنهنجو ڪرم ڪيو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1987ع ۾ هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو، پيٽ مهتاب راشدي، سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر جي مهربانين سان، پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي ويو.

سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس ڪتاب ۾ شامل ڪيل مواد کي جيڪڏهن سنڌي ويا ڪرڻ جي اڀياس جي خيال کان ڏسو تہ معلوم ٿيندو تہ گهڻو ڪري هر باب جديد لسانيات ۽ خاص ڪري تاريخي سنڌي ويا ڪرڻ يا تشريحي سنڌي ويا ڪرڻ، وارن اصولن موجب نئين سر لکيل آهي، جيئن تہ علم صرف، سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا سنڌي رسم الخط جي ابتدا ۽ اوسر وغيره بابن جي سلسلي ۾ اسان جي بزرگ ويا ڪرڻين، پنهنجن ڪتابن ۾ ڪافي روشني وڌي آهي، پر انهن ڪتابن جي پڙهڻ کان پوءِ محسوس ڪيو ويو تہ انهن ڪتابن ۾ مٿي عرض ڪيل موضوعن جهڙوڪ: لفظ ۽ ان جا قسم، سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جوڙڻ جون واٽون يا رچنائون سنڌي نحو سنڌي ٻولي جي اهم موضوع سنڌي / ادغام (Assimilation) يا سنڌي ٻوليءَ جو عربي ٻولي کي اثر، دنيا جي ٻولين جا مختلف خاندان، سنڌي لپيءَ جا اوائلي اهڃاڻ، سنڌي ٻولي جي رسم الخطن جا ڏار ڏار نمونا سنڌيءَ ٻوليءَ جو مزاج وغيره، اهڙا موضوع آهن، جن تي نئين سر نئين روشني وجهڻ جي ضرورت هئي. خود، هن کان اڳ سنڌي نحو جي سلسلي ۾ ڪو تفصيلي مواد موجود ڪو نہ هو، بهرحال اهي ۽ اهڙا ٻيا موضوع، جن جي باري ۾ هن ڪتاب جي پڙهڻ سان پهريون دفعو پتو پوي ٿو، هن ڪتاب ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

ٻئي ڇاپي ۾ ڪجھ تبديليون ضرور ڪيون اٿم، خاص ڪري ثانوي لفظن جي رچنا جي اصولن، مرڪب لفظن، ٻئن لفظن جي رچنا ڪانسواءِ ڪن ڳالهين تي منهنجي ياءُ ڊاڪٽر جيٽلي جي مشورن موجب تبديليون ڪيون اٿم.

آءُ هن ڪتاب جي ٻئي ڇاپي جي پڌري ٿيڻ لاءِ سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر محترم شوڪت حسين شوري، بيورو آف پبليڪشن جي ڊپٽي ڊائريڪٽر، منهنجي نياڻي محترمہ رضيہ ٻگهيو ۽ پبلڪيشن آفيسر محترم محمد نواز عرف جاويد ميمڻ جو شڪر گذار آهيان، جن جي دلچسپيءَ سبب هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو، پڙهندڙ تائين پهتو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ محترم عبدالمجيد سومري، ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن جي مالڪ جو بہ شڪر گذار آهيان جنهن هن ڇاپي ۾ نئين سر سڏاريل ۽ سنواريل صفحن کي ڪافي محنت سان ڪمپوز ڪري، اسان سيني جو دلي تمنائون پوريون ڪيون آهن مون کي اميد آهي تہ پڙهندڙ هن نئين ڇاپي مان فائدو حاصل ڪندا.

سنڌي ٻولي جو فدائي

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

25 فيبروري، 2005ع

# بابن جي فهرست


| باب نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| انتساب | | 03 |
| ناشر طرفان | | 05 |
| مهاڳ | | 08 |
| پهريون: | لسانيات: تعارف، مقصد ۽ اهميت | 19 |
| ٻيون: | علم صرف ۽ سنڌي ٻولي، | 31 |
| | علم نحو ۽ سنڌي ٻولي، | 86 |
| | سَنڌي / ادغام | 118 |
| | شاهه لطيف جي ڪلام ۾ نحوي بناوتون | 139 |
| | علم اللسان ۽ سچل سرمست جو ڪلام | 156 |
| ٽيون: | سنڌي ٻوليءَ جو مزاج | |
| | سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا ۽ اُبتي ٻولي | 175 |
| چوٿون: | سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا | 201 |
| پنجون: | سنڌي ٻوليءَ جي قديم تاريخي حيثيت جو اڀياس | 249 |
| ڇهون: | سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام، ان جو مستقبل ۽ | |
| | ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزون | 271 |
| ستون: | رسم الخط جي ابتدا ۽ اوسر، ۽ قديم سنڌ جو رسم الخط | |
| اٺون: | سنڌي لپي / رسم الخط جي قدامت ۽ اُن جا اُهڃاڻ | |
| | لوهاڻڪو، ارڙ — ناگري ۽ ٻنيوروارو رسم الخط | 333 |
| نائون: | سنڌي ٻولي ۽ تهذيب تي ٻين ٻولين ۽ تهذيبن جو اثر | 357 |
| ڏهون: | عربي ٻوليءَ ۾ سنڌيءَ ٻوليءَ جا لفظ | 413 |
| يارهون: | دنيا جي ٻولين جا مکيه ۽ مشهور خاندان | 423 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پهريون

- لسانيات: تعارف، مقصد ۽ اهميت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب پهريون

# لسانيات، تعارف، مقصد ۽ اهميت

سماجي گروهه ۾، هڪٻئي جي وهنوار لاءِ انسان جي وات مان اُچاريل آوازن جي سرشتي کي ”ٻولي“ چئبو آهي[1]. انسان سماجي گروهه جو هڪ فرد آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن زياده گروهن ۾ به شامل هوندو آهي. هو چاهي ڪيترن ئي گروهن سان تعلق رکندو هجي، پر هو پنهنجن سمورن سماجي ۽ معاشي معاملن ۾ ٻوليءَ جي استعمال ۽ عمل تي مدار رکي ٿو. چاڪاڻ ته ٻوليءَ کان سواءِ ڪوبه انساني معاشرو سمجهڻ مشڪل آهي. ٻولي هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي مدد سان هڪ انسان جي 'طلب' (stimuli) جو ٻيو انسان هڪدم 'جواب' (response) ڏئي ٿو. جواب جي اظهار جا ٻيا وسيلا ۽ ذريعا، جهڙوڪ هٿن جا اشارا، تصويرون، نشان ۽ تحريرون به آهن. پر 'ٻوليءَ' جي مقابلي ۾ اهي سڀ بيڪار آهن.[2]

ٻوليءَ جو مطالعو، ثقافت جي مطالعي جي دائري ۾ اچي وڃي ٿو. سماج جون ڪارگذاريون، سرگرميون ۽ عمل، ثقافت کي ناهين ٿا. ماهرن ثقافت کي مادي ۽ غير مادي ثقافت ۾ تقسيم ڪيو آهي.[3]

---

[1] Bloch. B. & Trager. G. L. An Outline of Linguistic Analysis. Linguistic Society of America. London. 1942. P. 5.

هن وصف ۾، ماهرن جي نظر ۾، تبديليءَ جو هر دؤر ۾ امڪان آهي.

[2] Bloomfield, L., Language. 1961. London. George Allen and Universal Ltd. P. 42

[3] Bloch. B. & Trager G.L., An outline of Linguistic analysis. P. 5

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌن وصف موجب، مادي ثقافت ۾ اهي سڀ طبعي شيون اچي وڃن ٿيون، جن سان هر فرد جو تعلق رهي ٿو. اُهي آهن: گهر، لباس، ۽ سجاوٽ جا سامان وغيره. غير مادي ثقافت ۾ ماهرن مذهب، قانون ۽ ٻوليءَ کي شامل ڪيو آهي[1]. ٻولي نہ فقط ثقافت جو هڪ جُز آهي، پر اها ثقافت جي سيني سرگرمين جو بنياد پڻ آهي.

لسانيات جي مشهور آمريڪي ماهر، بلومفيلڊ چيو آهي تہ: "قومن جو نهڻ ۽ ڌهڻ ٻوليءَ جي 'عمل' (activity) سان وابستہ آهي"[2]. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ قوم يا گروهہ جي مطالعي لاءِ لازمي ٿيندو تہ اول اِن قوم يا گروهہ جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪجي. جيڪڏهن ڪو چاهي تہ ڪنهن قوم جي طور طريقي ۽ ان قوم جي تاريخ جو اونهو اڀياس ڪري، تہ ان کي گهرجي تہ اُن قوم جي ٻوليءَ جو باقاعدگيءَ سان مطالعو ڪري. هن بيان مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ سماج ۽ ٻولي هڪٻئي لاءِ ضروري آهن، ۽ ٻولي صرف سماجي گروهہ ۾ ئي زنده رهي سگهي ٿي.

لسانيات جي سيني عالمي ماهرن جو اِهو متفق رايو آهي تہ اڄوڪي زماني ۾، علم اللسان، يعني ٻولين جي تجزئي جي اصولن، 'سماجي علم' يعني سائنس جي حيثيت ورتي آهي. ٻين لفظن ۾ هئين چئبو تہ موجوده وقت ۾ علم اللسان بہ جديد علمن مان هڪ آهي. ماهرن هن علم (علم اللسان) کي علم عمرانيات يعني 'سماجي سائنس' (social sciences) ۾ شمار ڪيو آهي، پر اِنهن ماهرن، ساڳئي وقت، علم اللسان کي ٻين سماجي علمن کان الڳ درجو ڏنو آهي. هنن جو رايو آهي تہ "تاريخ کي معاشيات ۽ علم الانسان (anthropology)

---

[1] Bloch. B. & Trager G.L., Op. Cit. P.5

[2] Bloomfield., L., Op. Cit., P. 42.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان انهيءَ ڪري ڊار ڪري سگهجي ٿو، جو ان جو ماضيءَ جي مطالعي سان واسطو آهي." اقتصاديات، قومن جي جديد حالت جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿي. علم اللسان ٻين معاشرن ۽ تهذيبن جو جديد مطالعو آهي. هن علم (علم اللسان) جا ڪي ماهر، پنهنجي مطالعي دوران، ڪنهن خاص قوم جي مادي ثقافت تي زياده توجهه ڏيندا اهن. پر ساڳئي وقت هن علم جا ڪي محقق ٻوليءَ جي مطالعي ۾ زياده چاهه ۽ دلچسپي ڏيکاريندا آهن. علم اللسان جي اڪثر ماهرن وانگر، اقتصاديات جا ماهر بہ لسانيات جي مطالعي طرف گهٽ ڌيان ڏيندا آهن. اُن جو سبب هي آهي جو هنن کي معلوم آهي تہ ڪنهن خاص قوم جي ثقافت سان واسطو رکندڙ ماهر ٻوليءَ تي ڪم ڪري رهيا آهن. علم اللسان ۽ علم تاريخ، ٻئي هڪٻئي سان گهرو ۽ گهاٽو تعلق رکن ٿا. تاريخدان ٻوليءَ جي مطالعي ۽ مدد کان سواءِ پنهنجيءَ تحقيق ۾ ڪنهن بہ نتيجي تي پهچي نہ سگهندو. ان جو خاص سبب هي آهي جو ٻوليءَ جو مطالعو مؤرخن کي 'تاريخ کان اڳ واري دور' (Prehistoric Period) جي لڏ پلاڻ لاءِ ڪافي ثبوت مهيا ڪري ڏئي ٿو. ٻوليءَ جو علم، ٻين علمن سان چاهي واسطو نہ بہ رکندو هجي، پر 'ٻوليءَ جي علم' جي اهميت هن مان ئي ظاهر آهي تہ دنيا جا سڀ علم پنهنجا پنهنجا مسئلا، نظريا ۽ نتيجا ٻوليءَ ذريعي ئي بيان ڪندا آهن. انهيءَ ڪري چئبو تہ علم اللسان موجوده زماني ۾ اهم علمن مان هڪ آهي.

علم اللسان انسان ذات جي سڀني ٻولين جي اڀياس ۽ ڇنڊڇاڻ جو علم آهي. هي هڪ اهو علم آهي، جو ٻولين جي آوازن، آوازي سٽائن، آوازي ميلن ۽ ميڙن، صوتين، صرفين، فقرن، لفظن ۽ جملن جي بناوت ۽ ترتيب، يعني صوتي، صرفي، نحوي ۽ معنوي اصولن ۽ علمن بابت مواد مهيا ڪري ٿو. مطلب تہ ڪنهن بہ هڪ ٻوليءَ يا دنيا جي مختلف ٻولين

جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سرشتي ۽ نظام جي مطالعي کي ’علم اللسان‘ چئبو آهي.

علم اللسان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي آوازن، انهن جي مقرر تنظيم ۽ ترڪيب، ساخت ۽ سٽاءَ جي، اهلِ زبان توڙي ڌارين لاءِ هڪ تشريح آهي. علم اللسان ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو هڪ بيان آهي. هي علم، انهن جي اصولن، گهراين، معنوي ۽ صوتي تبديلين جو رڪارڊ آهي. علم اللسان زنده ۽ روزمره واري ٻولين جي سرشتي ۽ نظام جي اُپٽار ۽ اُن جو بيان بلڪل ائين ئي ڪري، جيئن اُهي ٻوليون، اُن وقت ۽ ان حالت ۾ ڳالهائبيون يا ٻڌبيون آهن. لسانيات جو علم ٻولين جي ماضيءَ، ماضيءَ جي ترڪيبن، لفظن جي اشتقاقن ۽ ڌاتن تي بہ روشني وجهي ٿو.

موجوده زماني ۾ علم اللسان جي مطالعي ۽ تجزئي جي لاءِ اوزار ۽ مشينون پڻ اُيجاد ڪيون ويون آهن. جيڪي آوازن جي گهريءَ ڇنڊڇاڻ ۾ گهڻي مدد ڪن ٿيون.

علم اللسان جي وسيلي نہ فقط ڳالهائڻ جي آوازن جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو، پر ڳالهائڻ جي لفظن، انهن جي صرفي ۽ نحوي بيهڪ ۽ نوعيت جي بہ خبر پوي ٿي. پروفيسر رابنس (Robins) بلڪل درست لکيو آهي تہ: ”هيءَ علم انسان ذات جي ٻوليءَ جي مطالعي سان واسطو رکي ٿو“ [1]. ’صوتيات‘ هن علم جي هڪ شاخ آهي، جنهن کي برطانيہ جي مشهور ماهر لسانيات، فرٿ (Firth)، ”ڳالهائڻ جي آوازن جو علم“ سڏيو آهي. هن علم جي مدد سان هرهڪ آواز ۽ آوازن جي مخرج، يعني ’نقطِ ادا‘ (Point of articulation) جو جائزو وٺي سگهجي ٿو. هن علم ذريعي خبر پوي ٿي تہ ڪنهن بہ آواز جي اُچارڻ لاءِ

[1] Robins, R. H., General Linguistics, an Introductory Survey, Longman's Linguistic Library, 1964, PP. 1&2.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙا ڪهڙا عضوا عمل ڪن ٿا، ۽ انهن جي عمل جو ڍنگ يا نمونو ڪهڙو آهي؟ هي علم 'صوت' ۽ 'صوتيہ'، 'صرف' ۽ 'صرفيہ' جي بيان، لفظن ۾ انهن جي تقسيم وغيره جي تشريح ڪري ٿو. ڪو شخص پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ ڪٿي ڪيترو بہ ماهر هجي، پر هي علم ان جي ڄاڻ ۽ مطالعي ۾ اضافو آڻي ٿو. مثال طور، لسانيات جي مطالعي کان اڳ جيڪڏهن ڪنهن اهل زبان کان پڇجي تہ [س] ۽ [پ] آوازن ۾ ڪهڙو فرق آهي، يا اُن کان پڇجي تہ اهي ٻئي آواز ڪهڙن گروهن سان واسطو رکن ٿا، تہ هو ڪنهن حد تائين علم اللسان جي اصولن موجب انهن سوالن جا جواب درست ڏيئي نہ سگهندو. علم اللسان جو مطالعو انهن ۽ اهڙن سينې سوالن جا جواب ۽ اهڙن سيني سوالن جا حل ڏسي ٿو.

علم اللسان جي مدد سان پرڏيهي ٻوليون آسانيءَ سان سکي سگهجن ٿيون. هن علم جي مدد سان انهن ٻولين جون صورتخطيون ٺاهي سگهجن ٿيون، جيڪي اڃا تائين لکيون نہ ويون آهن. هن علم جي مدد سان، ڪيترن ئي ماهرن ڪوششون ڪري آفريڪا جي اڪثر ٻولين لاءِ آسان، ڪارآمد ۽ موزون صورتخطيون ٺاهيون آهن.

علم اللسان جي مدد سان 'اِڏ اکريءَ' (shorthand)، تار لاءِ الف ـ ب، ۽ انڌن، ٻوڙن ۽ گونگن لاءِ بہ صورتخطيون ٺاهي سگهجن ٿيون. لسانيات جي مدد سان ٻولين جي هڪٻئي سان نسبت، مائٽيءَ ۽ ميل جول جي باري ۾ کوجنا ڪري سگهجي ٿي. ڪنهن بہ ٻوليءَ جي بڻ بنياد، يا ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ساڳئي خاندان جي ٻن ٽن شاخن جي وچ ۾ مٽي مائٽيءَ ۽ هڪجهڙائيءَ جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي. هن علم جي مدد سان ٻوليءَ جي ڪنهن آواز جي تاريخي ارتقا، ڪنهن لفظ جي، ٻوليءَ جي ارتقا دوران، اوسر جي تاريخ ملي سگهي ٿي. علم اللسان جي مدد سان آوازن جي سٽاءَ ۽ ساخت کان سواءِ، سَنڌيءَ (assimilation) جي قانونن، صوتي صرفي ۽ معنوي تبديلين جا نشان ۽

اهيڃاڻ ٻہ ملي سگهن ٿا. جيئن ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ماضيءَ جي تاريخ جي مطالعي لاءِ نهايت ئي ضروري آهن. اهڙيءَ طرح، صوتيات جي تاريخي جائزي، ادغام، جهيلار ۽ ڏار (intonation) وغيره بابت بہ مواد هٿ ڪري سگهجي ٿو.

لسانيات جو علم نہ فقط ڪنهن ٻوليءَ جي ملڪي يعني اُن ملڪ جي سماجي ۽ ثقافتي حالت جو بيان ڪري ٿو، پر هي علم، ٻولين جي معنوي حيثيت، انهن جي ثقافت، پاڙيوارين ٻولين، يعني پروارن ملڪن جي ٻولين، ۽ انهن جي هڪٻئي تي اثرن جي آثارن، اُهڃاڻن ۽ نشانن بابت پڻ مواد گولي هٿ ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. پروارين ٻولين جي هڪٻئي تي اثر ڪري، انهن ٻولين جي لغوي خزاني جي هڪٻئي ۾ ڏي ــوٺ، يعني هڪٻئي کي لفظن جو ذخيرو ڏيڻ ۽ وٺڻ، علم اللغات جو مطالعو، ٻوليءَ جي لهجن ۽لساني جاگرافيءَ جو مطالعو، ٻولين جي مختلف خاندانن جو مطالعو -- مطلب تہ اهڙا انيڪ عنوان آهن، جن جي اڀياس ۾ علم اللسان گهڻي مدد ڪري ٿو. اهوئي سبب آهي جو هن علم کي موجوده دؤر ۾ سائنس جي حيثيت ڏني وئي آهي.

علم اللسان کي اسان وٽ 'فلالاجي' (philology) سمجهيو ويندو هو. دراصل علم اللسان جو دائرو فلالاجيءَ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وسيع آهي. فلالاجي پراڻين 'لکيل ٻولين'، انهن جي لفظن: پوئتي ويندڙ تاريخ، يعني انهن جي ماضيءَ جي مطالعي ۽ کوجنا ۾ مدد ڪري ٿي. فلالاجي دراصل علم اللسان جو هڪ شعبو، يعني تاريخي لسانيات جي هڪ شاخ آهي، جيڪا روزمره واري ٻوليءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ 'ٻي پهچ' ۽ 'ٻيوس' ٿيو پوي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ فلالاجي ٻولين جي ماضيءَ جي تاريخ جي مطالعي جو 'تت' آهي.

دراصل علم اللسان جا جديد اصول ئي آهن، جن جي مدد سان روزمره واريءَ ٻوليءَ جي لغوي خزاني مان ڌارين (پاڙيوارين يا پرانهين)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولين مان آيل اُڌارن لفظن کي ڌار ڪري سگهجي ٿو. ڪنهن به ٻوليءَ جي پنهنجن لفظن جي نجي ڌن جي اڀياس ۽ ڇنڊڇاڻ جي خبر تڏهن پئجي سگهندي، جڏهن ان مان ڌاريون يعني اڌارو ورتل عنصر پاسيرو ڪري، باقي بچيل ديسي مواد جو تجزيو ڪجي. ڌارئين عنصر جو مطالعو هڪ ڌار موضوع هوندو آهي، ڇو ته ٻوليون ڌارئين عنصر ڪيءَ پنهنجيءَ سٽا موجب ڦيرائي، ان کي پاڻ ۾ جذب ڪرڻ جي لائق بنائيندڙيون آهن.

علم اللسان جي جديد اصولن جي روشنيءَ ۾ ٻولين جي وياڪرڻ جو مطالعو دلچسپيءَ کان خالي نه هوندو آهي، پر هن قسم جي مطالعي ۾ وياڪرڻ جا پراڻا اصول توڙي فلالاجي قاصر رهجيو وڃن. هن قسم جي مطالعي ۾ علم اللسان جا فقط جديد اصول ۽ قانون ئي مدد ڪن ٿا. مثال طور، لسانيات جو ڪوبه ماهر، پراڻن (traditional) اصولن جي روشنيءَ ۾ ، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي رڳو هڪ حصي، يعني اسم جي جمع ۽ واحد صورت ۾ تبديل. يا فعل جي وقت ۽ زمان موجب گردانن ۽ ڦيرن جي باري ۾ جڏهن چند چاڻ ڪرڻ ويهندو، تڏهن سندس سامهون ڪيترائي اهڙا مثال ايندا، جن سان پراڻا قانون هرگز لڳي نٿا سگهن. مثال طور، اسم جي حالت فاعليءَ موجب جمع صورتون سمجهائڻ لاءِ هو چوندو:

| مذڪر | | | مؤنث | | |
|---|---|---|---|---|---|
| واحد | | جمع | واحد | | جمع |
| ڇوڪرو | : | ڇوڪرا | ڇوڪري | : | ڇوڪريون |
| گهوڙو | : | گهوڙا | گهوڙي | : | گهوڙيون |
| پُٽ | : | پُٽَ | ڌيءَ | : | ڌيئون. |

اهڙي طرح فعل جي گردان لاءِ چوندو:

ڪسَڻ : ڪسيو (ماضي)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَپ : چپيو (ماضي)

ڪاهہ : ڪاهيو (ماضي)

پر سنڌي وياڪرڻ ۾، اسمن جي عدد ۽ فعلن جا زمانن موجب گردانن ۽ ڦيرن جا اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جن سان پراڻا ۽ فلسفي جي اوٽ تي ٺاهيل اصول هرگز لڳي نٿا سگهن: تنهنڪري، انهن کي 'بيقاعدي ڦريل'، اسم يا فعل چئي، جند ڇڏائي ويندي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ جديد لسانيات جي علم کان واقف نہ هجڻ سبب، چيو ويندو آهي تہ هيٺين اسمن جون سڀ جمع صورتون بيقاعدي ٺهيل آهن:

| حالت | اسم واحد | اسم جمع |
| --- | --- | --- |
| | هاٿي | هاٿي |
| فاعلي | پکي | پکي |
| | ماڻهو | ماڻهو |
| | وڇون | وڇون |

بلڪل ساڳيءَ طرح، اسان جا وياڪرڻي هيٺين فعلن جي، زمان ماضيءَ ۾ گردانن وارن مثالن کي، 'بيقاعدي ٺهيل'، زمان ڪوٺيندا آهن:

| ڌاتو | زماني ماضي | |
| --- | --- | --- |
| وَسُ ـ | وَٺو | ۽ نہ وسيو |
| ڦِسُ ـ | ڦِٿو | ۽ نہ ڦسيو |
| ڏَهہ ـ | ڏِٺو | ۽ نہ ڏهيو |
| ڌوءِ ـ | ڌوتو | ۽ نہ ڌوئيو |

اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي مثال آهن، جن جي ڇنڊڇاڻ لاءِ لسانيات جا پراڻا قانون ڪابہ مدد ڪري نٿا سگهن، تنهنڪري، اهڙن ۽ ٻين اهڙن مثالن جي مطالعي لاءِ جديد لسانيات جي 'تشريحي لسانيات' (descriptive linguistics) واريءَ شاخ جي مطالعي ۽ مدد جي گهڻي ضرورت آهي.

ڪي بزرگ سمجهندا آهن ته ڪنهن به ٻوليءَ جي ويا ڪرڻ جا قانون پهرين مقرر ڪيا ويا ۽ ٻولي پوءِ. انهن قانونن جي اوٽ تي ٺهي هوندي. اها راءِ درست نه آهي. حقيقت هيءَ آهي ته ٻوليون انسان ذات جي ابتدا کان وٺي پئيون ڳالهائجن. ماهر انهن جي هر حصي، يعني صوتيات، صرفيات ۽ نحو جو مطالعو ڪندي ڪندي، پنهنجيءَ تحقيق ۽ تجربي جي آذار تي رايا ڏيندا رهيا آهن. هو بيان ڪندا رهيا آهن ته: فلاڻيءَ ٻوليءَ جو صوتياتي نظام هن ريت آهي، صرفياتي نظام هي آهي، ۽ ان جي وياڪرڻي سٽاءَ هيءَ آهي، وغيره. اهڙيءَ طرح، اهي رايا ۽ بيان، اڳتي هلي، اُن ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي قانونن جي صورت وٺي بيهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جا لکت ۾ اُهڃاڻ ينيور جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ هٿ آيل مواد مان ملن ٿا. پر ان جي گرامر جا اصول، پهرين پهرين، ڊاڪٽر Trum p.p، 1835ع ۾، ڪتابي صورت ۾ لکيا.

بهرحال، لسانيات جو مطالعو اديبن، شاعرن، اُستادن ۽ راڳيندڙ لاءِ تمام ضروري ۽ اهم آهي.

# ببليوگرافي


1. Bloch, B. and Tranger, G. L, An Outline of Linguistic Analysis, Linguistic Society of America, 1942
2. Bloomfield, L., Language, 1961
3. Firth, J.R., Papers in linguistics, London, Oxford University Press, 1953.
4. Robins, R.H., General linguistics, an Introductory Survey. Longmans Linguistic Library, 1964.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻيون

- علم صرف ۽ سنڌي ٻولي
- علم نحو ۽ سنڌي ٻولي
- سَنڌي/ ادغام
- شاهه لطيف جي ڪلام ۾ نحوي بناوتون
- علم اللسان ۽ سچل جو ڪلام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# علم صرف ۽ سنڌي ٻولي

1ـ ڪنهن به ٻوليءَ جي وياڪرڻ کي ٻن مکيه ڀاڱن يعني صرف (morphology) ۽ نحو (syntax) ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو[1] انهن مان 'علم صرف' لفظن جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ ۽ گردانن سان واسطو رکي ٿو، ۽ 'علم نحو' فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ وياڪرڻي استعمال بيان ڪري ٿو[2]. انهيءَ ڪري جيستائين 'علم صرف' ۽ 'علم نحو' جي قانونن، اصولن ۽ انهن جي دائري اندر 'لفظن' ۽ 'فقرن' جي بيهڪ ۽ گروهبنديءَ (sets) جي ڄاڻ نه هوندي، تيستائين ڪنهن به زبان جي جوڙجڪ ۽ سٽاءُ جي پوري خبر پئجي نه سگهندي.

سنڌي وياڪرڻ جو مطالعو ڪندي اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جن جو هن کان اڳ محترم سراج الحق ميمڻ ذڪر ڪيو آهي. سراج صاحب لکي ٿو:

"ڪارنهن. ڪاراڻ ۽ ڪارث (ڪاراٿ) لفظن ۾ جيڪي پڇاڙيون يا پڇاڙيءَ جا پد (suffixes) آهن. يعني آ، نهن يا (اُنهن)، اَڻ ۽ ٿ

---

[1] Bloch.B., and Trager G.L., An Outline of linguistic Analysis. Linguistic Society of America, 1942 P. 53.
also see Gleason. H.A., An Introduction to Descriptive Linguistics. Revised edition. New York. Holt Rine Hart and Winston. 1961. P.129

[2] Ibid

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(يا آٿ)، اهي اصل ۾ ڇا آهن، انهن جي پنهنجن ذاتن جي ڪهڙي صورت آهي يا هئي؟ ڇا ان پوئين سوال تي اڃجي ٿو تہ ٻين اهڙين صفتن ۾، انهن جو استعمال محدود ٿو نظر اچي؟ مثلاً 'ڳاڙهو' مان 'ڳاڙهاڻ' ۽ 'ڳاڙهہ' اسم ٺهن ٿا؛ پر 'ڳاڙنهن' يا 'ڳاڙٺ' نٿا ٺهن؛ لفظ 'سائو' مان 'ساءُ' (يا وَ)، ۽ 'سائنهن' يا 'سائٺ' يا 'ساوٺ' ڪونہ ٿا ٺهن. انهن جي برعڪس 'ساواڻ' ۽ 'ساوڪ' لفظن جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي. لفظ 'پيلو'مان فقط هڪ ٺي لفظ 'پيلاڻ' ٺهي ٿو، ۽ باقي ٻي ڪابہ ترڪيب اُن مان نٿي ٺهي. جڏهن اُهي سمورا لفظ هڪ ئي گروهہ جا ۽ نحوي طرح رنگن سان لاڳاپيل صفتون آهن تہ انهن مان اسم ٺهڻ جا قاعدا قانون الڳ الڳ ڇو آهن؟ [1]

سراج الحق طرفان مٿي ڄاڻايل مسئلن جا جواب علم صرف جي مطالعي جي مدد سان ئي ڏيئي سگهبا.

## 2 ـ علم صرف جي وصف، ڪارج ۽ مفهوم:

اول ڀي ڏسڻ گهرجي تہ علم صرف ڇا آهي ۽ اُن جي وصف ڪهڙي آهي؟ علم صرف جي وصف جي باري ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"حرفن مان لفظن جو جڙڻ، ۽ لفظن مان جملن ناهڻ کي علم صرف چئبو آهي" [2]

مرزا صاحب توڙي سنڌ جي ٻين وياڪرڻين جي ڏنل هن قسم جي وصف، هاڻوڪي دور ۾ علم صرف جو پورو مفهوم ادا نٿي ڪري

---

[1] سراج الحق ميمڻ جو مقالو: سنڌي ماهوار نئين زندگي، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنس.

[2] مرزا قليچ بيگ: "سنڌي وياڪرڻ" ڀاڱو ٻيون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع، ص 97

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرزا صاحب توڙي سنڌ جي ٻين وياڪرڻين جي ڏنل هن قسم جي وصف، هاڻوڪي دور ۾ علم صرف جو پورو مفهوم ادا نٿي ڪري سگھي. هن سلسلي ۾ لسانيات جي جڳ مشهور امريڪي ماهر بلومفيلڊ، هن علم (علم صرف) جي وصف هيئن بيان ڪئي آهي:

"هي اهو علم آهي جنهن جي مدد سان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۽ لفظن جي جزن جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ جي خبر پوندي آهي"[1]

بلومفيلڊ اڳتي لکي ٿو:

"ڪنهن بہ ٻوليءَ جي علم صرف مان اسان جي مراد آهي تہ ڪنهن بہ لفظ جي اها ساخت ۽ رچنا اها سٽاءَ جنهن ۾ اُن ٻوليءَ جي آزاد يا پَرَ_وس صورتن جي استعمال جي خبر پوي"[2]

بهرحال علم صرف اهو علم آهي جنهن جي مدد سان ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۽ اُنهن جي جزن جي جوڙجڪ، سٽاءَ ۽ بيهڪ جي خبر پوي ٿي. هن علم جي مدد سان ٻوليءَ جي وياڪرڻي مواد ۾ جيڪي 'خودمختار' يا 'آزاد صورتون' (free forms) يا پَرَ_وس صورتون (bound forms) هونديون آهن، اُنهن جي استعمال جي خبر پوندي آهي. هن علم جي اڀياس جي دائري ۾ فقط لفظ اچن ٿا. فقرا ۽ جملا هن علم جي دائري کان ٻاهر آهن: يعني تہ فقرن ۽ جملن جي بناوت ۽ جوڙجڪ سان علم صرف جو ڪوبہ واسطو ڪونهي.

### 3_ لفظ ۽ صرفيہ:

(الف) لفظ، هر ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، خاص اهميت ٿو رکي. هڪ لفظ مان ٻين لفظن ۽ ڪردنتن جي ڦٽي نڪرڻ وارن اصولن جي ڄاڻ،

[1] Bloomfied, L., Language, London, George Allen and Unwin Ltd., 1961. 207

[2] Ibid

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهڻ لاءِ پهرين ُصرفيہ ُ (morpheme) جي معنيٰ ۽ مفهوم تي روشني وڌي وئي آهي. اُن جو خاص سبب هي آهي تہ سنڌ جي هر وياڪرڻيءَ لفظ جي وصف، پنهنجي پنهنجي خيال موجب ڏني آهي. موجوده دؤر ۾ اهي پراڻيون وصفون قبول ڪري سگهجن ٿيون يا نہ. تنهن بابت پڙهندڙ هن باب جي اڀياس ڪان پوءِ پاڻ ئي سوچين. اهڙين پراڻين وصفن مان هڪ وصف هيٺ ڏجي ٿي.

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"ٻولي لفظن مان جڙيل آهي، ۽ لفظ پورو خيال پيدا ڪن ٿا. اُهي خيال يعني اهو مطلب. انهن لفظن جي دستوري يا رواجي معنيٰ يعني اصطلاح تي منحصر آهي. ۽ جملن جي ڳالهائڻ ۾ جي لفظ ڪم اچن ٿا. تن جو پاڻ ۾ ڪهڙو واسطو آهي. يا انهن جي هڪٻئي سان ڪهڙي نسبت آهي. انهن مان ڪهڙو مطلب ٿو نڪري. سو گرامر مان معلوم ٿو ٿئي."[1]

هن وصف مان هيءَ مراد ظاهر ٿي ٿئي تہ لفظ پورو خيال ظاهر ڪن ٿا: اهو خيال ۽ مفهوم مان معلوم ٿو ٿئي. مرزا صاحب جي هن وصف مان ٻہ نتيجا ٿا نڪرن: هڪڙي نتيجي موجب، لفظ ڪي دستوري يا رواجي معنيٰ تي ٿئي؛ ۽ ٻئي نتيجي موجب، اهي لفظ جيڪي جملن ۾ ڪم اچن ٿا، انهن مان نڪتل معنيٰ کي "گرامر واري معنيٰ" چئبو.

مرزا صاحب جو هي بہ رايو آهي تہ:

"گرامر جي اصولن موجب ڪابہ ٻولي لفظن مان جڙي ٿي، ۽ لفظ فقط اُچار يا آواز نہ آهن. جن مان ڪو خيال پيدا ٿئي ٿو؛ انهن جو پاڻ ۾ واسطو معلوم ٿئي ٿو."[2]

---

[1] مرزا قليچ بيگ: حوالو ڏنو ويو آهي. ص 2

[2] ايضاً. ص 2

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاڪي ڀيرومل ۽ مرزا صاحب طرفان ڏنل وصف لڳ ڀڳ هڪجهڙي آهي.

متين وصفن جي جائزي کان پوءِ لفظ جي وصف کي چندي چاٽي، اُن کي جديد لسانيات جي اصولن موجب نئين سر مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ وياڪرڻ جي مذڪور ڪتابن ۾ لفظن جا جيڪي به قسم مقرر ڪيا ويا آهن، يا انهن قسمن جي سمجهاڻ لاءِ لفظن جون جيڪي سنگهرون مثال طور ڏنيون ويون آهن، انهن تي پڻ نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي.

جيئن ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ لفظ جي بناوت، جوڙجڪ، ساخت ۽ سٽاءَ ۾ آواز يعني 'صوت' (phone) ۽ صوتيه (phoneme) خاص اهميت رکن ٿا، تيئن ٻوليءَ جي 'وياڪرڻي ڍانچي' ۾، علم صرف واري باب ۾ 'صرف' (morph) ۽ 'صرفيه' (morpheme) جي تنظيم ۽ اُن جو اڀياس به خاص اهميت رکن ٿا. ويا ڪرڻ جي اڀياس کان اڳ جيستائين 'صرفيه' جو مفهوم سمجهيو نه ويو آهي، تيستائين 'لفظ' جي وصف مقرر ڪرڻ يا اُن جو مفهوم ۽ ڪارج سمجهڻ ۽ سمجهائڻ مشڪل آهي. 'صرفيه' جي وصف سمجهڻ لاءِ پهرين ٻوليءَ جي وياڪرڻي "صورت" (form) کي سمجهڻ ۽ اُن جي وصف جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي.

**(ب) صورت :**

ڪنهن به ماڻهوءَ جي 'ڳالهاءَ' يا 'گفتار' جي جائزي مان معلوم ٿيندو ته اُن جو ڳالهاءُ، ڪيترن ئي معنادار جزن تي مشتمل هوندو آهي. اُن مان هر جُزي کي صورت (form) چئبو آهي. مثال طور:

چڱو ماڻهو ڊوڙيو.

متئين مثال ۾ /چڱو/، /ماڻهو/ ۽ /ڊوڙيو/ ڌار ڌار صورتون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح:

/ماڻهو/، /پَٽ/ڄاڻ/، /پٽ/، /۽/ڇوڪر/ٻ پنهنجي ليکي ڌار ڌار صورتن جا مثال آهن. بلڪل ساڳيءَ طرح ڪنهن ٻه گفتگوءَ ۾ هيٺيون صورتون ٻه ڏيان ڇڪائين ٿيون:

/ڪر/، /ڪَر/، /ڪندي/، /ڪيل/، /ڪَيو/، /ڪرڻو/، /ڪري/.
/لک/، /ليک/، /لکيو/، /لکندو/، /لکيل/، /لکڻو/۽/لکي/

وغيره

(ت) **خودمختيار**(free) ۽ **پر– وس**(bound) **صورتون:**

متي جيڪي مثال ڏنا ويا آهن تن مان هرهڪ جزو يا هر صورت پنهنجي ليکي ٿوري يا گهڻي دائمي معنيٰ رکي ٿي. هر اُهو 'جزو' يا هر اُها 'صورت' جيڪا ڪنهن ٻه رواجي ڳالهه ٻولهه ۾، اڪيلي سر يعني پنهنجي ليکي/پنهنجي سر ڪم ايندي هجي، ۽ پنهنجي مفهوم لاءِ ٻيءَ ڪنهن ٻه صورت جي محتاج نه هجي، ته اهڙيءَ صورت کي 'خودمختيار' يا 'پاڻ – وسيڪي (آزاد) صورت' (free form) چئبو آهي، پر هر اُهو جزو يا هر اُها صورت جيڪا پنهنجي سر اڪيلي يعني اڪيلي سر ڪم نه ايندي هجي پر ڪنهن ٻيءَ صورت يا ڪن ٻين صورتن سان گڏ ڪم اچڻ سان ئي معندار ٿيندي هجي، يعني ته اُن صورت جي معنيٰ ۽ اُن جو ڪارج ڪنهن خودمختار صورت جي 'وس' ۾ هجي، يعني ،معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ اُن تي مدار رکندي هجي، ته اهڙيءَ صورت کي 'پَـرَ– وس' يا 'پابند صورت' (bound form) چئبو آهي[1].

---

[1] Eugen A. Nida, Morphology, 2nd Ann Arbor, the University of Michigan Press, Second edition, 1962, P.81

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي ڏنل مثالن ۾ /ماڻهو/، /پٽ/، /ڄاڻ/ ۽ /ڇوڪرو/ وغيره صورتون، سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهنجي سر، يعني اڪيلي سر، ڪم اچڻ ٿيون يا استعمال ڪجن ٿيون. اهڙين سڀني صورتن کي 'خودمختيار' يا 'آزاد' صورتون چئبو آهي؛ پر /آسروند/، /عقلمند/، /اَجاڻ/، /اَٿهوند/، /وچٽو/، /پٽيتو/، /سُڇيت/، / ڏنل/ ۽ /لڪيل /وغيره صورتن ۾ ،/وند، ـ مند، آـ، ـ ٽو، ايتو، سُـ، ـ آل ۽ ـ يل/ وغيره صورتون پنهنجي سر، يعني اڪيلي سر، ڪنهن به ڳالهه ٻولهه ۾ ڳالهايون ڪونه وينديون آهن. پر انهن جي ڪارج جو مدار، ڪن خودمختار صورتن تي هوندو آهي. اهڙين سڀني صورتن کي/پر ـ وَس /يا/پابند/صورتون چئبو آهي[1].

پَر ـ وس صورتون جڏهن ته ڪن خودمختار صورتن سان گڏ، اڳياڙيءَ (prefix) يا پڇاڙيءَ (suffix) جي روپ ۾ ڪم اينديون آهن، تڏهن سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب انهن جي به ضرور ڪا معنيٰ هوندي آهي. مثال طور جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته / سُ ـ ۽ ڪُ ـ/ جڏهن /پٽ/صورت جي اڳيان، اڳياڙيءَ (prefix) جي روپ ۾ ڪم اچن ٿيون، تڏهن اُهي (/سُ ـ ۽ ڪُ ـ/) وياڪرڻي معنيٰ رکن ٿيون. هونئن اڪيلي سر يا پنهنجي ليکي انهن جي ڪا به معنيٰ ڪانهي.

---

[1] هت هي نڪتو غور طلب آهي ته سنڌي لغتن ۾ 'آـ' جي معنيٰ نه ڏني وئي آهي. پر جيئن مٿي چيو ويو آهي ته 'آ' جي پنهنجي سر ڪا به معنيٰ ڪانهي. جيستائين ڪا اُن کي ڪنهن خودمختار صورت جي اڳيان نه ملائبو آهي: جيئن: /املهه/ ۽ /اَجاڻ/ وغيره لفظن ۾. جيڪڏهن لغت ۾ /آـ/پرـوس صورت کي داخل ڪري اُن جي معنيٰ ڏني وئي آهي ته پوءِ مٿي ڏنل ٻين پروس صورتن جهڙوڪ: سُـ، ڪُـ، ڏُـ، ڪَـ، آڻ ـ ايتو ۽ ـ آل/وغيره کي ڪهڙي سبب جي ڪري لغت ۾ داخل نه ڪيو ويو آهي؟ دراصل ڪنهن به پرـوس صورت کي لغت ۾ بنيادي طور يعني ذاتوءَ جي حيثيت ۾ داخل ڪرڻ نه گهرجي. پر جن به لفظن سان اُهي گڏ اچن تن لفظن جي معنيٰ بيان ڪندي، انهن جي وياڪرڻي حيثيت، يعني اڳياڙي ۽ پڇاڙيءَ واري حيثيت، معنيٰ سميت ڏيڻ گهرجي. ته جيئن ديسي توڙي پرديسي محقق اُنهن جي حيثيت مان واقف ٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح/چوڪر/ءِ/چاڻ/جهڙين خودمختار صورتن کي ٻه اڳتي ٽوڙي، وڌيڪ ننڍين معندار جُزن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. تنهنڪري چئبو ته /پُٽ/، /پٽ/ ءِ /چاڻ/ وغيره صورتون، سنڌي ٻوليءَ جون ننڍي ۾ ننڍيون معندار صورتون آهن، جن کي اڳتي ٻين وڌيڪ ننڍين معندار صورتن يا جُزن ۾ ورهائي نٿو سگهجي، پر/آچاڻ/ءِ/سُپٽ/ وغيره ءِ اهڙين ٻين صورتن کي جڏهن اڳتي ٽوڙجي ٿو، تڏهن اهي /آ+چاڻ/ءِ /سُ+پٽ/صورتن ۾ ورهائي سگهجن ٿيون. اُنهن مان هرهڪ صورت، لفظ جي اشتقاق ۾ معنيٰ رکي ٿي، جيئن اڳ ۾ مٿي بيان ڪيو ويو آهي. اهي صورتون وري اڳتي ننڍين معندار صورتن ۾ ڀڃي نٿيون سگهجن، تنهنڪري چئبو ته/آچاڻ/ءِ/سُپٽ/صورتن مان هرهڪ ۾ ٻه ٻه صرفيه مليل آهن.

## 4 _ لفظ:

مٿي خودمختار ءِ پَرَــوس صورتن جي بيان ڪيل وصفن جي آڌارتي ئي 'لفظ' جي وصف مقرر ڪري سگهبي.

لفظ (مفرد) اها ننڍي ۾ ننڍي خودمختار يا آزاد صورت (free form) آهي، جنهن کي اڳتي ٻين ننڍين بامعنيٰ يا معندار صورتن (خود مختيار يا پروس) ءِ جُزن ۾ هرگز ڀڃي نٿو سگهجي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ننڍي ۾ ننڍي بامعنيٰ خودمختار صورت کي "لفظ" (مفرد) چئبو آهي.[①]

سنڌي وياڪرڻ ۾ 'لفظ' جي هيءَ وصف بلڪل نئين ءِ انوکي آهي. هن وصف مان اهو بلڪل واضح ٿو ٿئي ته وياڪرڻ ۾ جهڙيءَ طرح خودمختار صورتون اهميت رکن ٿيون، تهڙيءَ طرح پرــوس صورتن جي

---

① Bloch. B., & Trager. G.L.: Op.Cit., 54

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجودگي بہ غير ضروري نہ آهي. اهي بہ خودمختار صورتن وانگر ئي اهم آهن. جن کي گرامر جي ماهرن، اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي درجي کان وڌيڪ ڪابہ اهيمت ڪانہ ڏني آهي.

## (i) ـ لفظن جا قسم:

”لفظ“ جي وصف معلوم ڪرڻ کان پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي دائري اندر، اُن جي لفظن جي ساري ذخيري کي، ساخت ۽ سٽاءَ جي لحاظ کان، ڪهڙن ڪهڙن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾ سنڌي وياڪرڻ لکندڙ بزرگن، لفظن جي جيڪا تقسيم ڪئي آهي، تنهن تي پڻ ٻيهر نظر وجهڻ جي ضروت آهي.
سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، لفظن جا هيٺيان بہ قسم بيان ڪيا آهن: (الف) مفرد لفظ ۽ (ب) مرڪب لفظ.[1] سٽاء ۽ گهاڙيٽي جي لحاظ کان لسانيات جي ڄاڻن، لفظ کي ٻن مکيہ قسمن ۾ ورهايو آهي: هڪڙا ابتدائي يا بنيادي (primary words) لفظ ۽ ٻيا ثانوي (secondary words) لفظ[2]. پهريان يعني ’ابتدائي لفظ‘ اُهي آهن جن مان ٻيا يعني ’ثانوي لفظ‘ نهن ٿا. پر اُهي (ابتدائي لفظ) خود ڪنهن ٻئي لفظ يا ٻين لفظن مان جُڙيل نہ هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جا لفظ/وڏو، ننڍو، چوڪر ۽ ماٺهو/وغيره، ابتدائي يا بنيادي لفظ آهن. اِهي لفظ ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ يا بنياد مان جُڙيل نہ آهن، پر اُهي خود ڌاتو يا بنياد ٿي ڪم ايندا آهن. اهڙن لفظن کي ’مفرد لفظ‘ يا ’سادا لفظ‘ يا ’ابتدائي لفظ‘ چئبو آهي. هاٺوڪيءَ وصف موجب، ’مفرد لفظ‘ اُهي صورتون آهن، جن کي اڳتي

[1] مرزا قليچ بيگ: حوالو نہ ڏنو ويو آهي.

[2] Bloom fied, L. Op. Cit., P. 209

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ معندار جُزن ۾ توڙي يا ورهائي نہ سگهجي: مثال طور:/ پَٽ، ماڻهو، ڄاڻ، ڇوڪر ۽ ننڍو وغيره/. پر/ وڏائي/، وڏپڻ، وَڏتڻ، ننڍائي، ننڍپڻ، ماڻهپو ۽ ڇوڪرپائي/وغيره لفظ. بنيادي يعني مفرد لفظ نہ آهن، پر اهي سڀ ثانوي لفظ آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي ٻين بنيادي يعني ابتدائي لفظن مان ٺهيل آهن. بلڪل ساڳيءَ طرح/گهر- ڏٽي، ملڪ راڄ، منهن – جوت ۽ سَٽ ڪُٽ/وغيره لفظ بہ بنيادي يعني ابتدائي لفظ نہ آهن، پر اهي سڀيئي ثانوي لفظ آهن. ثابت ٿيو تہ 'ثانوي لفظ' 'ابتدائي يعني بنيادي لفظن' مان ئي ٺهن ٿا يا جُڙن ٿا.

ثانوي لفظن جي ذخيري کي ماهرن ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي. اُهي آهن: (الف) مُرتب لفظ (complex words) ۽ مرڪب لفظ (compound words). هن بيان کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ هيٺيون خاڪو ذهن ۾ رکڻ کپي:




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي لفظ توڙي/سقلو/،/سڀوجهو/،/سُپتيو/ڪُپتيو/،/سُڪار/ ۽ /ڏڪار/، جيڪي مرزا صاحب جي خيال موجب مرڪب لفظ آهن، سي حقيقت ۾ مرڪب لفظ نہ، پر مرتب لفظن جا مثال آهن. مرزا صاحب اڳتي لکي ٿو:

”سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن جي ٻن يا وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪي ساڳيا ٻہ ٻہ ٻيرا تا اچن، ڪي هڪجهڙا ۽ موافق آهن، ۽ ڪي مخالف آهن. ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافيي يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪابہ معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن؛ ڪن ۾ جدا جدا فعل جا مواقف يا مخالف زمان ڪم آيل آهن؛ مثال طور:

(i) ناچگو، نردوئي، نڌڪو، ٻي لڇو، اوتڙ، سڀوجهو، اڀوجهو، اَملهہ.

(ii) پل پل، دم دم، سراسر، سربسر، ويرا وير، مٽ سٽ، ياجي يتي، بڪ شڪ ۽ پئسو پنجڙ[1].“

مرزا صاحب جي ڏنل مثالن مان ”پهرئين قسم تي، متي ڏنل مرتب لفظن جي عنوان هيٺ، روشني وڌي وئي آهي؛ باقي پويان لفظ يعني (ii) هيٺ ڏنل لڙهيءَ وارا لفظ – پل پل، دم دم وغيره ’مڪرر لفظن‘ (reduplicated words) جا مثال آهن، جن کي مرڪب لفظ بہ ڪوئي سگهجي ٿو، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

ڪاڪي ڀيرومل، متي ڏنل وصف کان سواءِ، مرڪب لفظ جي هڪ هيءَ وصف بہ بيان ڪئي آهي:

”سنڌي ۾ ڪنهن بہ مرڪب لفظ ۾ ٻن کان وڌيڪ اسم بيهاري سگهجن ٿا“[1].

---

[1] مرزا قليچ بيگ: حوالو ڏنو ويو آهي. ص 94

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وصف جي اوٽ تي، ديوان صاحب نہ فقط /گھر ڌڻي/، /چڱمڙسي/ ۽ /آڳڳاڏي/لفظ مثال طور ڏنا آهن، پر ساڳئي وقت/سُپتيو/، /ڪُپتيو/ ۽ /اَٽپچو/جھڙن لفظن کي بہ مرڪب لفظ تو ڪوني. ساڳيءَ طرح سنڌي گرامر جو هڪ غير – سنڌي ماهر، مسٽر هيسڪل بہ، /اَڇيتائي/، /اَڇيت/، /اَٽويساهي/، /ناچڱائي/، /ناچڱو/، /مچڙو/، /نڌڻڪو/، / سُڪار/، /سُچيت/، /ڪپت/ ۽ /سُٻاجھو/ لفظن کي مرڪب لفظ تو ڪوني[1]، جيڪي حقيقت ۾، مرڪب لفظ نہ، پر مرتب لفظ آهن، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.

مٿئين جائزي مان هي نتيجو تو نڪري تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ مرڪب لفظ جي وصف، لسانيت جي اصولن موجب درست بيان ٿيل نہ آهي. لسانيات جي جديد اصولن موجب: **مرڪب لفظ اُن کي چئبو آهي جنهن ۾ بہ يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هجن. اهڙن لفظن يعني مرڪب لفظن سان پر–وس صورتن جو گڏجڻ بلڪل ممڪن نہ آهي.**

مرتب ۽ مرڪب لفظ ۾ اهوئي تہ خاص فرق آهي، يعني مرتب لفظ اهو آهي، جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پرو–س صورتون شامل هجن؛ مثال طور: /ڪتمنڙو/، /پرمتڙيو/، /اَڇيتائي/ ۽ /چڱمڙسي/ وغيره پر مرڪب لفظ جي حالت ۾، بہ يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هونديون آهن، مثال طور:

/گھر ڌڻي/، /آڳڳاڏي/ ۽ /پَرَوَس/لفظ. ڪڏهن ڪڏهن مرڪب لفظ سان ڪا موزون پروس صورت ملائي، ان مان بہ لفظ ٺاهبو آهي؛ جيئن:

/پَرَوسيڪو/لفظ. هن لفظ ۾ /پروس/مرڪب لفظ سان/اِڪو/پڇاڙي

---

[1] Haskell, C. W; Op. Cit./PP. 137 139

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملائي، مرتب لفظ ناهيو ويو آهي: تنهنڪري /پروسيڪو/لفظ کي مرتب لفظ چئبو ۽ /پروس/کي مرڪب لفظ چئبو.

مرڪب لفظ جي بيان لاءِ ضروري آهي ته فقط اهو ڄاڻجي ته ڳالهائڻ جي لفظن (parts of speech) مان اهو (مرڪب لفظ) ڪهڙو لفظ آهي، يعني وياڪرڻ ۾ اُن کي ڪهڙي حيثيت آهي، پر اهو به بيان ڪرڻو آهي ته جيڪي خودمختيار صورتون (مفرد) گڏجي مرڪب لفظ ناهين ٿيون، اُهي گرامر موجب ڇا آهن؟

مطلب ته ائين ڪٿي چئجي ته ڳالهائڻ جا ڪهڙا ڪهڙا لفظ گڏجي، مرڪب لفظ ناهين ٿا. انهن لفظن کي هڪٻئي ۾ ملائڻ يا جوڙڻ جي 'ترتيب' (order) ڪهڙي آهي؟، يعني ڪهڙا ڪهڙا لفظ پهرئين جز ۾، ۽ ڪهڙا ڪهڙا لفظ پوئين جز جي صورت ۾، مرڪب لفظ ناهڻ ۾ ڪم آيا آهن: مثال طور/گهرَ ڏٺي/مرڪب لفظ ۾، مفرد لفظ/گهر/اڳ ۾، يعني پهرئين جز جي حيثيت ۾ ۽ /ڏٺي/لفظ پوءِ، يعني پوئين جز جي حيثيت ۾، ملايا ويا آهن. ٻنهي مفرد لفظن جي گڏجڻ کان اڳ، مفرد لفظ / گهرُ /جو پويون سر صوتيه/اُ/بدلائي،/اَ/ٿو ڪجي[1]، ۽ پوءِ اُن جي پويان /ڏٺي/لفظ ملائجي ٿو. صوتين جي اهڙي تبديل گهٽن ئي لفظن ۾ ڏٺي وئي آهي، جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو.

جيڪڏهن مرڪب لفظ جي جزن واريءَ ترتيب ۾ ڦيرگهير آڻي /گهَرڏٺي/جي بدران/ڏٺيءَ گهر/يا / ڏٺي گهر/ چئبو يا لکبو، ته پوءِ پوين ٻنهي لفظن مان اُها معنيٰ يا اها مراد هرگز نٿي نڪري، جيڪا /گهرڏٺي/مرڪب لفظ مان نڪري ٿي. هيٺ ڏنل مرڪب لفظن جي

---

[1] اهڙي حالت ۾، 'آ' زبر حرف جي معنيٰ ڏيکاري ٿي. ترڪيب ۾ اُن کي زَبرَ اضافت چئي سگهجي ٿو. قابل توجهه نڪتو هي به آهي ته سنڌي وياڪرڻ ۾ 'آ' (زبَر) اضافت جو منهوم، هوبهو فارسي وياڪرڻ واري 'اِ' (زير) اضافت جهڙو آهي. سنڌي ۾ فارسيءَ جي هيءَ نسبت قديم مائٽيءَ يا اثر جو اهڃاڻ آهي.

تفصيل مان، مٿي بيان ڪيل نڪتن جي وضاحت ٿئي ٿي. اهڙن سيني لفظن مان ڪن جي بناوت ۽ رچنا هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندي:

| وياڪرڻي ڪارج | خودمختيار صورتن (مفرد لفظن) جي 'جوڙ' جي ترتيب | مرڪب لفظ |
|---|---|---|
| (i) اسم | اسم+اسم | گهرَ ڌڻي، راجَ ڌڻي، ڳوٺَ وڏيرو، ٻُت خانو، ڪُنڀار، آڳ گاڏي، نَڙَ بيتَ، جَهنگ ٻلو، جهنگ ڪُڪُڙ، اُتَرَ واءُ، پوت خانو، شهرَ پناهه، آب هوا، موم بتي، مس ڪُپڙي، رڻ پٽ، ڏندَ ڪٿا، آرام ڪرسي، ڪِلَ مُک، نانگَ وَلِ، مُنهن جوت، مُنهن صفا، رَسَ وَلَ، اندلٺ، تتر ڪرڙي |
| (ii) صفت | اسم+فعل | هَٿَ ڦاڙ، وياج خور، ڪفن ڪَش، آدم خور، ڪَنَ چير، نالي چڙهيو، نام ڪنيو، دل گهريو، |
| (iii) اسم | صفت+اسم | مهاراڻي، مهاراج، چؤماسو، چؤ واٽو، وَڏَ واتو، |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارڇِيو، ٻہ مُنهين، ٽہ ٽنگو.

| | | |
|---|---|---|
| (iv) اسم | ظرف+اسم | اَڳ ڳڻتي، اَڳَڪتي، ڀَرَجهلو، قطب تارو. |
| (v) اسم | صفت+فعل | ڪائو پٽ |
| (vi) اسم | فعل+فعل | اچ وڃ، ڏي وٺ، وٺ ڀڪڙ، اُٿ ويهہ، پٽ ڪوهہ، ڇن پٽ، هڻ ڪڻ |
| (vii) صفت | اسم + صفت | متي ڪائُو، وات ڳاڙهو، نالي منو، نالي چڱو، ڪات ڪتو |
| (viii) صفت | صفت+صفت | گهٽ وڌ، وڏ ڪائو، ٽتي ٽڏي، ٽڏي ڪوسي |
| (ix) ظرف | ظرف+ظرف | اڳو پوءِ، اندر ٻاهر، هيٺ مٿي، ٻاهر منجهہ، آڳو پيڇو |

بهرحال هن چند ڇاڻ مان هيٺيان نتيجا نڪرن ٿا:

(الف) سنڌي وياڪرڻ ۾، علم صرف تي ڪجهہ لکڻ کان اڳ، 'صرفيہ' جي مفهوم ۽ ڪارج جي سمجهڻ جي ضرورت آهي؛

(ب) صرفيہ جي مفهوم ۽ ڪارج کي سمجهڻ کان پوءِ، صرفيہ جي قسمن ۽ صرفي ذخيري جي بيان ۽ ڇنڊڇاڻ جي ضرورت آهي؛

(ب) لفظ (مفرد يا خودمختيار)، صرفيہ يا خودمختيار صرفيہ ۽ پروس صرفيہ جي ميل، يا ٻن ۽ ٻن کان وڌيڪ صرفين جي ملائڻ سان ٺهن ٿا. علم صرف ۾ انهن کي اهم مقام حاصل آهي؛

(پ) سنڌيءَ ۾ سيني لفظن کي الڳ الڳ قسمن ۾ ورهائڻ کان اڳ، هر هڪ لفظ کي علم صرف جي ڪسوٽيءَ تي پرکڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ هر قسم علم صرف جي بيان کان ٻاهر ٿي نٿو سگهي؛

(ت) مرڪب لفظن جي ميل وارن جزن جي ترتيب توجهہ جي لائق آهي.

## 5. صوتيہ ۽ صرفيہ ۾ فرق:

هن کان اڳ پَرَ-وَس صورتن، خودمختيار صورتن ۽ لفظ جو اڀياس ڪيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح هيٺيون صورتون بہ سنڌي ٻوليءَ جي ويا ڪرڻ ۾ اهم آهن:

ڪَر، ڪندي، ڪَيَل، ڪيو، ڪَرڻو، ڪري، ڪري ٿو؛ يا:

لک، لکيو، لکندو، لکيل، لکڻو، لکي ۽ ليک.

انهن صورتن جون معنائون ڌار ڌار پر انهن جي معنائن جي هڪ ٻئي سان نسبت ضرور آهي.

هن کان اڳ 'صوتيہ' ۽ 'صرفيہ' جي ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي. ڪنهن لفظ جي صرفي ساخت ۾، ڪڏهن ڪڏهن فقط هڪ 'صوتيو' بہ 'صرفيہ' تي ڪم ايندو آهي[1] لفظ 'ويس' ۾ /س/ اُن جو هڪ مثال آهي، پر هيءَ ڳالهہ ڌيان ڇڪائي ٿي تہ 'صوتيہ' /س/ ۽ صرفيہ {س} ٻئي هڪجهڙيون نہ آهن. ٻنهي جي ڪارج ۾ فرق آهي. ڪا بہ صوتيہ، ڪنهن لفظ ۾ ڪيترائي دفعا ڪم اچي سگهي ٿي، پر اُن جو ڪارج 'صرفيہ' جهڙو هرگز ٿي نٿو سگهي. مثال طور: 'سَٽ' لفظ ۾ /س/

[1] Gleason, H. A., Op Cit., P. 53

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ 'مس' لفظ ۾ /س/ جو ڪارج ۽ مفهوم 'سندس'، 'پٽس' 'وتس' لفظن ۾ ڪم آيل آهي /س/ جهڙو نہ آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح 'اَڃو' ۽ 'ڏيءَ' لفظن ۾، /اَ/ 'صوتيہ' جو ڪارج ۽ مفهوم، 'ڄاڻ' ۽ 'ماٺهوءَ'[1] لفظن ۾ آيل صرفيہ [اَ] جهڙو بلڪل نہ آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي صرفي نظام جي اڀياس مان اهو بہ واضح ٿيو آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن ٻن صرفين جو اُچار هڪجهڙو هوندو آهي، پر انهن جي ڪارج ۽ مفهوم ۾ وڏو فرق هوندو آهي. اهڙن ساڳين اُچارن وارن جوڙن کي هم آواز (homophonous) جوڙا چئبو آهي : مثال طور:

'پٽس'، 'ويس'، 'ماريائينس' ۽ 'ويندس' وغيره لفظن ۾ {س} هڪ صرفيہ آهي، پر صرفي اصولن موجب اُن کي ساڳي صرفيہ چئي نٿو سگهجي، ڇو تہ 'پٽس' لفظ ۾ {س} صرفيہ جو ڪارج اهو نہ آهي جيڪو 'ويس' لفظ ۾ {س} صرفيہ جو آهي. پهرئين {س} صرفيہ مان مراد مالڪي ڏيکارڻ آهي، ۽ اها ضمير غائب واحد جي بدران ڪم آئبي آهي. اهڙيءَ طرح 'ويس' لفظ ۾ {س} صرفيہ مان مراد زمان ماضي ۽ ضمير متڪلم حاضر واحد آهي.

### ڦٽي نڪتل صورت: ڪردنت يعني مشتق (derivated form) ۽ ڦيرايل صورت (Inflected):

سنڌي ٻوليءَ ۾، لفظن جي صرفي ساخت ۽ سٽاءَ کي، سندن عمل ۽ ڪارج مطابق ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن مان هڪڙي قسم کي 'ڪردنت' يا 'مشتق' (derivated form) يعني 'ڦٽي نڪتل صورت' چئبو آهي، ۽ ٻئي قسم کي "ڦيرايل صورت" (inflected form) چئبو آهي. سنڌي ويا ڪرڻ ۾ "ڪردنتي صورت" توڙي "ڦيرايل

---

[1] Ibid., P. 54

صورت” کي، ’ڪردنت‘ يا ’مشتق‘ سڏيو ويو آهي، پر انهن ٻنهي صورتن جي ٺهڻ (رچنا) ۾ فرق آهي. لسانيات جي هاڻوڪن اصولن موجب: ڪوبہ مرتب لفظ جيڪڏهن سنڌي ويا ڪرڻ جي سٽاءَ موجب ڪنهن سادي لفظ (هڪ صرفيہ واري) جي برابر هجي، يعني ڪنهن فقري جي ساخت ۾ يا ڪنهن صرفيائي سٽاءَ ۾، اُن جو هڪجهڙو عمل هجي تہ اهڙي مرتب لفظ کي ڪنهن بنيادي لفظ يا صرفيہ جو ڪردنت يا مشتق چئبو، ۽ جنهن صورت مان ڪردنت ڦٽي نڪرن ٿا، تن کي ’ڌاتو‘ (Root) چئبو_ مثال طور:

ڀاڳوند، پٽيتو، جريئتمند ۽ عقلمند لفظ، سنڌي ويا ڪرڻ موجب سادن لفظن ڀيءُ، بهادر ۽ ڀاڳ، لفظن وانگر ڪم اچن ٿا. انهن لفظن جو ڀاڳواري ماڻهوءَ، پٽيتي ماڻهوءَ، ’جريئتمند شخص” ۽ ’عقلمند بادشاهہ‘ جهڙن فقرن ۾ ڪارج ’بهادر‘، ’عاقل‘ ۽ ’پٽ‘ لفظن جهڙو آهي.

پر جيڪڏهن ڪو مرتب لفظ، سنڌي ويا ڪرڻ جي قانون موجب، سيني رچنائن ۾ ڪنهن سادي لفظ جي برابر نہ هجي، يعني تہ ان جو ڪنهن فقري جي بناوت ۾ يا ڪنهن صرفيائي سٽاءَ ۾ هڪجهڙو عمل نہ هجي تہ اهڙي لفظ کي ’مشتق‘ يا ’ڪردنت‘ نہ پر”ڦيرايل ” (inflected) لفظ چئبو. اهڙا لفظ، سندن بنيادي لفظن جهڙوئي ڪارج ادا ڪن ٿا. اسمن، ضميرن، فعلن ۽ صفتن جي گردانن ۽ ڦيرن ۾ بدليل صورت کي ”ڦيرايل صورت“ چئبو آهي.

## 7_ ڌاتو (مصدر): *

سنڌي ٻولي توڙي آريائي ٻولين جي وياڪرڻ ۾، ’ڌاتو‘ يعني ’مصدر‘ کي وڏي اهميت حاصل آهي. سنڌي وياڪرڻ جي ڄاڻن،

---

* هن عنوان سان مقالو ”نئين زندگي“ 1966ع ۾ ڇپيو هو. جنهن تي محترم ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل ۽ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب تنقيد ڪئي هئي. انهن ٻنهي صاحبن جي تنقيد کان سواءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جي راءِ کي اڏو رکي اُن مقالي ۾ سڌارا ۽ واڌارا ڪيا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌيءَ ۾ ’اچڻ‘، ’وڃڻ‘، ’هڻڻ‘، ’ٽيڻ‘ ۽ ٻين اهڙين ٻين ’صورتن‘ ۽ ’شڪلين‘ (forms) کي، ’مصدر‘ يعني ذاتو سڏيو آهي. مرزا قليچ بيگ ۽ ڪاڪي ڀيرومل جهڙن ماهرن به انهن صورتن کي ’مصدر‘ ۽ ’فعل‘ سڏيو آهي.[1] حقيقت هيءَ آهي ته عربي گرامر جي اصولن ۽ عربي ٻوليءَ جي مصدرن جي وصف کان متاثر ٿي، سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن به ’اچڻ‘، ’وڃڻ‘ توڙي اهڙين ٻين سڀني صورتن کي ”مصدر“ سڏيو آهي. انهيءَ ڪري سڀ کان پهرين ”سنڌي مصدر“ جي وصف جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ۽ پوءِ ڏسڻ گهرجي ته سنڌي مصدر جي وصف جي روشنيءَ ۾ مٿي ڏنل صورتن – اچڻ ۽ وڃڻ وغيره – کي ’مصدر‘ يا ’ذاتو‘ چئي سگهجي ٿو يا نه؟ مصدر جي وصف بيان ڪندي مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

”مصدر معني جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا؛ يا ڦٽن ٿا؛ مطلب ته ’مصدر‘ معني ’ذاتو‘ يا ’بنياد‘. عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ مصدر مان نڪرن ٿا، تنهن ڪري اُن تي اهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد مصدر نه آهي، تنهن ڪري مصدر کي ’ذاتو‘ يا ’بنياد.‘ ڪري ليکڻ غلطي آهي“[2]

مرزا صاحب جي مٿي ڏنل وصف ۾ جيتوڻيڪ صاف بيان ٿيل آهي ته ’مصدر‘ (سنڌي وصف موجب) کي ذاتو يا بنياد ليکڻ غلط آهي، پر هو (مرزا صاحب) خود پنهنجي اعتراض کي پاسيرو ڪري، هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

---

[1] مرزا قليچ بيگ: سنڌي ويا ڪرڻ، پاڱو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع ص 61
۽ پڻ ڏسو: ڀيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي ويا ڪرڻ، ڪراچي هندو پريس، 1925ع، ص 115

[2] مرزا قليچ بيگ: حوالو ڏنو ويو آهي ص 61

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’لکڻ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’اَڻ‘ جو اُچار آهي. ’ڪائڻ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’اِڻ‘ جو اُچار آهي. مصدر جي پڇاڙيءَ مان ’اَڻ‘ يا ’اِڻ‘ اُچار ڪڍي ڇڏبو ته باقي جيڪو بچندو سو ٿيندو ڌاتو يا بنياد "(2).[1]

اهڙي طرح ڪاڪو ڀيرومل، ديوان ڪشنچند، مخدوم محمد صالح ڀٽي، محمد صديق "مسافر" ۽ مرزا صاحب واري پوئين وصف جا حامي آهن.

اردو ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ به ساڳئي قسم جي وصف بيان ٿيل آهي[2] البت اردوءَ جي ماهرن اُن کي "حاصل مصدر" سڏيو آهي.[3]

حقيقت ۾ جنهن ’صورت‘ (form) کي سنڌي وياڪرڻ ۾ مصدر نالو ڏنو ويو آهي، سا صورت سنڌي زبان جي ’وياڪرڻي اصولن‘ موجب مصدر نه آهي، ڇاڪاڻ ته مصدر جي معني آهي ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘. يعني اها صورت جنهن مان ٻيا لفظ يا ٻيون صورتون صادر ٿين يا ڦٽي نڪرن. ٻين لفظن ۾ هيٺن ڄڻبو ته ’هلڻ‘ ۽ ’لکڻ‘ توڙي اهڙيون ٻيون سڀئي صورتون سنڌي زبان جي صرفي اصولن موجب ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘ نه آهن، ڇو ته سنڌي زبان جو ڪوبه لفظ /’هلڻ‘ ۽ ’لکڻ‘ / وغيره جهڙين صورتن مان صادر نٿو ٿئي يا ڦٽي نٿو نڪري، پر/ هَلْ/،/ لِکْ/ ۽ اهڙيون ٻيون صورتون ئي ڌاتو يا بنيادي صورتون آهن، جن جي پويان /اَڻ يا اِڻ/ پڇاڙيون ملائي، ’هلڻ‘، ’لکڻ‘ ۽ ’ڏاهڻ‘ وغيره صورتون ٺاهيون ويون آهن، تنهن ڪري اهڙيون سڀئي صورتون_ هلڻ، لکڻ، پڙهڻ ۽ ڏاهڻ وغيره_ ڌاتوءَ يا بنياد طور ڪم نٿيون اچن، پر اُهي ته پاڻ به ڪنهن ڌاتوءَ يا بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن، يعني ته اُهي خود صادر ٿيل، نهيل يا ڦٽي نڪتل صورتون، يعني ڪردنت يا مشتق آهن.

---

[1] ايضاً

[2] ڊاڪٽر شوڪت سبزواري: اردو زبان ڪا ارتقا. ڍاڪا، پاڪ ڪتاب گهر، 39 پٽواٽولي، 1956ع، ص 204

[3] ايضاً

هن سلسلي ۾ غور طلب ۽ اهم نڪتو هي به اهي ته سنڌ جي وياڪرڻين شايد ائين سمجهيوآهي ته مصدر يا ڌاتو فقط فعل جا ئي ٿيندا آهن. پر حقيقت ۾ ڌاتو، فعل جا به ٿين ٿا، ته وري ڪي اسم به ڌاتو بنجي ڪردنتن جي ساخت ۾ ڪم ايندا آهن. اهڙيءَ طرح صفتون به ڌاتوءَ طور ڪم ايندیون آهن. اسمن مان صفتون ٺهن ٿيون، ۽ صفتن مان اسم ٺهن ٿا. انهيءَ ڪري لسانيات جي ماهرن جو رايو آهي ته هر اها صورت جنهن مان ٻيون صورتون ڦٽي نڪرن، تنهن کي، ڦٽي نڪتل صورت جو ڌاتو يا بنياد چئبو: مثال طور:

/اُٺ/ صورت اسم آهي ۽ /اوٺي/لفظ اُن (اُٺ) صورت مان ڦٽي نڪتل ٻي صورت آهي، تنهن ڪري /اُٺ/ صورت، /اوٺي/ صورت جو ڌاتو آهي.

انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو به مثال پيش ڪجي ٿو./ڌاهو/ صفتي صورت آهي ۽ ڌاهپ/اُن (ڌاهو) مان ڦٽي نڪتل اسم جي صورت آهي. تنهن ڪري / ڌاهو/ ٿيو اُن (ڌاهپ) صورت جو ڌاتو. /ڪالهه/ صورت ظرف آهي ۽ /ڪالهوڪو/ اُن (ڪالهه) مان ڦٽي نڪتل صورت آهي. تنهن ڪري / ڪالهه/ ٿيو اُن (ڪالهوڪو) صورت جو ڌاتو. اهڙا ٻيا به مثال ملي سگهن ٿا، جن جي مدد سان اهو واضح ڪري سگهجي ٿو ته فعل جي اَمري صورت کي، ڌاتو يا مصدر نه چئبو، پر اها صورت جنهن مان ٻيون صورتون ڦٽي نڪرن تنهن کي ڌاتو يا مصدر چئبو .

هن باب ۾ فقط فعلي ڌاتوءَ تي بحث ڪيو ويو آهي، ۽ اُن سلسلي ۾ چند ڇاڻ ڪئي وئي آهي. هن ڏس ۾ سر گريئرسن جي جڳ مشهور ڪتاب linguistic survey of india جي اٺين جلد (حصي پهرئين) جو اڀياس ڪرڻ موزون ٿيندو. گريئرسن لکي ٿو (1):①

① Grierson. G., Linguistic Survey of India, Vol: viii, Part I, 1919, P.74

"اسان ڏٺو آهي تہ امر جي 'حاضر واحد صورت' /اُ/يا/اِي/ سان ٿري ٿي. فعل جي ڌاتوءُ لاءِ امر جي حاضر واحد صورت جون اهي پڇاڙيون (اعرابون) ڪيرائبيون آهن. مثال طور:

| ضمير حاضر واحد | ڌاتو |
|---|---|
| هَلُ | هَلْ |

سنڌي عالمن جي راءِ موجب /هَلڻُ/ءِ/ لکڻ/ صورتون مصدر آهن، ۽ انهن مان /اَڻ/ ڪڍي ڇڏبو تہ باقي امر نهندو، پر سرگريئرسن جي راءِ، هن سلسلي ۾، سنڌي عالمن جي راءِ کان بلڪل اُبتڙ آهي. گريئرس ڌاتوءَ کي root تو ڪوٺي. هن پنهنجي مذڪور ڪتاب ۾ root ۽ Infinitive کي بہ ڌار ڌار صورتون ڪري بيان ڪيو آهي. هوُ Infinitive لاءِ لکي ٿو:

/to go" [1] هَلڻ "Infinitive is formed by adding

سرگريئرسن جي هن راءِ مان ثابت تو ٿئي تہ /هَلَڻ/ صورت کي ڌاتو يا مصدر (root) نہ چئبو، پر / هلْ / صورت کي ڌاتو چئبو. /هَلَڻ/ تہ پاڻ ڌاتوءَ مان ڦٽي نڪتل هڪ صورت آهي، جنهن کي (اردوءَ وارن وانگر) "حاصل مصدر" چئبو.

هندستان جي لسانيات جي هڪ مشهور سنڌي ماهر ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو هن ڏس ۾ رايو آهي تہ:

"هند_آريائي ٻولين جا ماهر انهيءَ راءِ جا آهن تہ هند_آريائي سيني ٻولين ۾ فعلن جو بنياد، حاضر واحد جي امري صورت (imp: second person singular) آهي. سنڌيءَ ۾ بہ فعل جو ڌاتو حاضر واحد جي امري صورت مان ونٽو پوندو. ڪن اندو_آريائي ٻولين ۾ فعل جو ڌاتو ڪنهن بہ پڇاڙيءَ لڳائڻ کان سواءِ ٿي، صيغي امر جي عدد واحد ۾ استعمال

[1] Grierson, H., Op. Cit., P. 48.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو آهي.[1] اهڙيءَ حالت ۾ فعل جو ڌاتو ئي صيغي امر جي عدد واحد جي معنيٰ ڏيندو آهي. مثال طور هندي زبان ۾ :

آ_ي+آ= آيا

آ_ت+آ=آتا

آ_اؤن+گ+آ= آئونگا

پر سنڌيءَ ۾ صيغي امر عدد واحد جي معنيٰ، ڌاتوءَ ۾ پڇاڙي لڳائڻ سان حاصل ٿيندي آهي، مثال طور:

پَڙهُ + آن = پَڙهان

پَڙهُ + اي = پَڙهي

پَڙهُ + اِي = پَڙهي

انهن مثالن ۾ / پڙهُ_/ڌاتو آهي ۽ / آن، اي ۽ اِي/ پڇاڙيون آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا مثال هي آهن:

| ڌاتو | حاضر واحد جي امري صورت |
| --- | --- |
| آ_ | آءُ |
| لِکُ_ | لِکُ |
| ڏاهه | ڏاهه |
| کا_َ | کاءَ |
| اَچُ | اَچُ |

سنڌي ٻوليءَ جا سڀ ڪردنت جهڙوڪ: اسم حاليه، اسم مفعول، اسم استقبال ۽ اسم ماضيه (1)[2] توڙي سيني زمانن جا فعل ڌاتن مان ڦٽي نڪرن ٿا. مثال طور:

---

[1] سنڌيءَ ۾ ٻه فعل /ڏي /ءِ/ني/ اهڙا آهن جن جي پنيان صيغي امر جي پڇاڙي ڪانه ٿي لڳي.

[2] زمان مضارع ۾ ضميري پڇاڙين جا ٻه set آهن:

(I) -- آن_اُون هلان، هلون (ii) --يان-- يون ماريان ماريؤن

_اين - او هلين، هَلو _اين--يو مارين ماريو

_ اي اَن هلي هلن _ اي اِين ماري مارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| ڌاتو | اسم حاليہ جي نشاني | ضمير غائب واحد جي نشاني | |
|---|---|---|---|
| لِکْ | _ آنْدَ _ | _ او | = لکندو |
| مارْ | _ اِند _ | _ او | = ماريندو |

## اسم استقبال

| ڌاتو | اسم استقبال جي نشاني | ضمير جي نشاني | |
|---|---|---|---|
| لِکْ | _ اِڻ _ | _ اُو | = لِکِڻو |
| مارْ | _ اِڻ _ | _ اُو | = مارڻو |

| ڌاتو | زمان حال | زمان ماضي | زمان مستقبل | زمان مَضارع |
|---|---|---|---|---|
| لِک | آن+تو لکان تو | _يو لکيو | آند _+ُس= لکندس | آن= لکان |

## فعل متعدي مجهول

| ڌاتو | نشاني |
|---|---|
| لِکْ | _ اِجِ _ لِکِجان |

هن سلسلي ۾ هڪ اهم نقطو هي بہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي اڪثر متعدي فعلن جا ڌاتو، لازمي فعلن جي ڌاتن مان ڦٽي نڪرن ٿا، مثال طور:

| لازمي فعل جا ڌاتو | متعدي فعل جا ڌاتو | متعدي بالواسطو |
|---|---|---|
| سَڙ_ | ساڙ_ | ساڙا_ |
| مَرْ_ | مارْ_ | مارا_ |
| ٺَرْ_ | ٺارْ_ | ٺارا_ |
| ٽَر_ | ٽارْ_ | ٽارا_ |
| ڦِسْ_ | ڦيهہ_ | ڦيها_ |
| ٻِرْ_ | ٻارْ_ | ٻارا_ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| نَـهْـ ـ | ناهُ ـ | ناهرا ـ |
| سُرْـ | سيڙ ـ | سيرا ـ |
| قَـٿْ ـ | قاڙ ـ | قاڙا ـ |
| ٿٿ ـ | تُوڙ ـ | توڙا ـ |
| ٻُڏ ـ | ٻوڙ ـ | ٻوڙا ـ |
| وسامْ ـ | وسا ـ | وسارا ـ |

## 8ـ صرف جا اصول ۽ قانون:

ماهرن علم صرف جا پنج اصول مقرر ڪيا آهن، جن جي مدد سان مفرد لفظن مان ٻيون صورتون جوڙي سهگجن ٿيون. اُهي اصول هي آهن:

### (الف) اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نئيون صورتون ٺاهڻ:

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي مواد ۾، برصغير پاڪ – هند جي ٻولين وانگر، انيڪ اهڙيون پرـوس صورتون ملن ٿيون، جن کي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون بہ چئبو آهي. هن ڪان اڳ لفظ جي وصف بيان ڪندي، انهن صورتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. سنڌي وياڪرڻن ۾ انهن صورتن کي وياڪرڻ جي دائري ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪابہ وضاحت ڪيل نہ آهي. اهوئي سبب آهي جو محترم سراج پنهنجي مقالي ۾ سوال ڪيو هو تہ [آ، اَنهن ۽ اَڻ] وغيره اصل ۾ ڇا آهن؟ [1] دراصل ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن جي سموري وياڪرڻي مواد کي صرفيہ چئبو، جنهن کي اڳتي خودمختيار يا پرـوس صرفين ۾ تقسيم ڪري سگهجي ٿو.

---

[1] ڏسو سراج الحق ميمڻ صاحب جو نئين زندگي رسالي ۾ ڇپيل مقالو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي، خودمختيار صورتن جي اڳيان يا پويان ملائڻ، نوان لفظ ناهيا آهن. اڳياڙين توڙي پڇاڙين (۽ وچياڙين) کي لسانيات ۾ 'جوڙ' (affixes) چئبو آهي، جن کي سندن ڪارج جي لحاظ کان اڳياڙيون يعني جيڪي واسطيدار انهن ڌاتن جي منڍ ۾ ملايون وينديون آهن، جن سان اهي نهڪي اينديون آهن. پڇاڙيون انهن ڌاتن جي پويان ملايون وينديون آهن جن سان اُهي نهڪي اينديون، ۽ وچياڙيون يعني جيڪي وچ ۾ ملائجن ٿيون. پويون قسم يعني وچياڙيون سنڌيءَ ۾ آيل اُڌارن لفظن ۾ ملن ٿيون:

جيئن: آمدورفت ۽ گفت وشنيد وغيره ۾ /و/.

سنڌي صوتيات جي جائزي مان معلوم ٿو ٿئي تہ آوازن، يا ڪن آوازن جي ميلن يا جوڙن ۽ انهن جي عمل لاءِ ڪي قانون ۽ اصول مقرر ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ ۽ ڪارج لاءِ بہ ڪي قانون ۽ اصول مقرر ٿيل آهن، جن جو اڃا تائين اڀياس ڪيو ئي نہ ويو آهي. هرٻوليءَ جي سڄي ڍانچي ۽ رچنا ۾ لفظن جا ڌار ڌار گروهہ هوندا آهن، جن مان ڪنهن هڪ گروهہ سان فقط ڪي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي سگهبيون آهن، پر اهڙي گروهہ سان هر اڳياڙي يا پڇاڙي ملائي ڪانہ سگهبي آهي؛ يعني ڪي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون لفظن جي ڪن خاص گروهن سان ئي ملڻ لاءِ پابند هونديون آهن، ۽ ٻين گروهن سان انهن جو ميلاپ ممڪن نہ هوندو آهي.

مثال طور [ب] ۽ [پ] ٻن چپن وارا آواز آهن. انهن کي نرم يا سخت تارونءَ وٽ بلڪل اُچاري نہ سگهبو. ساڳيءَ طرح [س ۽ ز] جو مخرج [ڪ ۽ گ] جي مخرج کان بلڪل الڳ هوندو آهي. آوازن جي سڄي ذخيري کي اهڙيءَ طرح ڌار ڌار گروهن ۽ ڪٽنبن ۾ ورهايو ويو آهي؛ جيئن: [ ف، و، س، ز، هہ، ش، ح ۽ غ] هڪڙي گروهہ يا ڪٽنب وارا آواز آهن، [م، ن، ڻ، ڃ ۽ ڱ] ٻئي الڳ گروهہ وارا آواز آهن. اهڙيءَ طرح

[پ، ڦ، ب، ٻ، ت، ٺ،ٽ، ٿ، د، ڌ، ڊ، ڍ، ج، ڄ، چ، جهه، ڪ، ک، گ ۽ گهه] آواز الڳ گروهه سان واسطو رکن ٿا.

نه فقط آوازن جي گروهبنديءَ لاءِ ڪي صوتياتي قانون مقرر ٿيل آهن، پر آوازن جي ميل ۽ ميڙ (sequence) لاءِ به ڪي قانون آهن، يعني ته ٻوليءَ جي سٽاءَ موجب اهو مقرر ٿيل قانون آهي ته ڪهڙو آواز ٻئي ڪهڙي آواز سان 'جوڙ' بنائي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح اهو به مقرر ٿيل قانون آهي ته آوازن جي ميل ۾ ڪهڙو آواز پهرئين جُز طور ڪم اچي سگهي ٿو ۽ ڪهڙو آواز پوئين جُز طور ڪم ايندو آهي. آوازن جي اهڙي 'ورهاست' (selection) جي مڪمل ڄاڻ 'علم صوتيه' (phonology) جي مدد سان معلوم ٿي سگهي ٿو.

صوتين جي ورهاست ۽ گروهبنديءَ وانگر، صرفيه به ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ موجب مختلف گروهن ۾ ورهايل هونديون آهن[1] صرفين جي اهڙي عمل ۽ ڪارج لاءِ به هر زبان ۾ قانون ۽ اصول مقرر ٿيل هوندا آهن. مثال طور جيئن اڳتي هلي خبر پوندي ته سنڌي ٻولي ۾ ڪهڙي پر_وس صرفيه، ڪهڙين ڪهڙين خودمختيار صرفين سان ملي، جوڙ بنائي سگهي ٿي، يا ڪهڙين ڪهڙين خودمختيار صرفين سان، ڪهڙيون ڪهڙيون پر_وس صورتون ملي، جوڙ بنائي سگهن ٿيون. مطلب ته صوتين وانگر، صرفين جا به جوڙ (set) مقرر ٿيل آهن. اهي جوڙ ڪنهن ماهر يا ڄاڻوءَ ويهي مقرر نه ڪيا آهن، پر هر زبان جي اوسر ۽ ارتقا سان گڏ، عام گفتگو ۾ ڪم اچي، اهي جوڙ پنهنجي پنهنجي ٻيهڪ وٺي بيٺا آهن، يعني سنڌن ٻيهڪ مقرر ٿي وئي آهي.

انهيءَ بيان کان پوءِ ڏسڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ موجب اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڪهڙيون آهن، ۽ اُهي ڪهڙين ڪهڙين خودمختيار يا آزاد صورتن سان ملي 'ممڪن جوڙ' بنائي سگهن ٿيون؛ مثال طور:

[1] Gleason H A. Op. Cit.. PP. 61-63

| اڳياڙيون | آزاد صورتن جو ممڪن گروهه | ٺهندڙ لفظ |
|---|---|---|
| اَ ـ | ڄاڻ، مَر، مُلهه، ڪَٽ | اَڄاڻ، اَمر، اَملهه، اَڪَٽ |
| اَڻ ـ | ڄاڻ، هُوند، پڙهيل، آريہ | اَڻڄاڻ، اَڻهوند، اَڻپڙهيل، اَڻ آريہ |
| اَپ ـ (ڏنهُن) | مان، ياس | اَپمان، اَپياس |
| اُپ ـ | ياشا، ٻيت، سمنڊ، ڪنڊ | اُپياشا، اُپٻيت، اُپسمنڊ |
| اَوَ ـ | گُڻَ، تــڙ | اَوَ گُڻ، اَوَ تــَڙ |
| پَرَ ـ | ديس، وس | پرديس، پَـروس |
| ڏُ (ڏر) ـ | جَڻ، ٻَل، تَـڙ، ڪار (ڪال) | ڏُجڻ، ڏُٻل، ڏُتـڙ، ڏُڪار |
| ري ـ | لُوڻ، ڪير، گهريو | ري لوڻ، ري ڪير، ري گهريو |
| سَ ـ | جڻ، ڀاڳ، پُٽ | سَجڻ، سَڀاڳ، سَپُوٽ |
| سُ ـ | ڪار (ڪال)، پت، لڇڻ | سُڪار، سُپت، سُلَڇڻ |
| سَت ـ | گُـر | سَتگُـر |
| سَن ـ (گڏ) ـ | جوڳ | سَنجوڳ |
| نِ ـ | ڀاڳ، ڌڻي | نِڀاڳ، نڌڻڪو |
| نِر ـ | مَل، ٻَل، آس، گڻ | نِرمل، نِرٻل، نِرآس، نِرگڻ |
| ڪُ ـ | لَڇڻ، پت | ڪُلڇڻ، ڪُپت |

| اڳياڙيون | آزاد صورتن جو ممڪن گروهه | ٺهندڙ لفظ |
|---|---|---|
| با ـ | وفا، عزت، قاعدو | باوفا، باعزت، باقاعدي |
| بي ـ | گناهه، عزت، وفا، | بيگناهه، بيعزت، بيوفا |
| | غيرت، جان، روح | بيغيرت، بيجان، بيوفا |
| | ڪار، وس | بيڪار، بيوس |
| بالا ـ | دست، تنگ | بالادست، بالاتنگ |

| | | |
|---|---|---|
| بد ـ | ڪار، نصيب | بَدڪار، بَدنصيب |
| بر ـ | زبان | بر زبان |
| پُر ـ | غم، درد | پُر غم، پُر درد |
| پَس ـ | منظر، پرده | پَس منظر، پَس پرده |
| زير ـ | دست، بار | زيردست، زير بار |
| زبر ـ | دست | زبردست |
| ڪم ـ | عقل، خرچ | ڪم عقل، ڪم خرچ |
| نا ـ | پسند، اُميد | ناپسند، نااميد |
| لا ـ | جواب، چار، حد | لاجواب، لاچار، لاحد |

**پڇاڙيون**

| | آزاد صورتن جو ممڪن گروهه | ٺهندڙ لفظ |
|---|---|---|
| آئِي | پِلو، چڱو، ڏِکِيو، ڏاڍو، ڏڙو، باغ، ڪنڌو، حلوو | پلائي، چڱائي، ڏکيائي، ڏاڍائي، ڏڙائي، باغائي، ڪنڌائي، حلوائي |
| ـ اِي | اُٺ، ڏُڏ، ڪُتر، ڏُت، مڇي، ڪڪڙ، پتل، ڏڪڙ | اوٺي، ڏوڏي، ڪوتري، ڏوٿِي، ماڇي، ڪوڪڙي، پيتلي، ڏوڪڙي |
| ـ اَڻ | اڇو، ڪارو، ڳاڙهو، سائو، پيلو | آڇاڻ، ڪاراڻ، ڳاڙهاڻ، ساواڻ، پيلاڻ |
| ـ آئُو | آسَ، آرٽ | آسائو، ارٽائُو |

| پڇاڙيون | آزاد صورتن جو ممڪن گروهه | ٺهندڙ لفظ |
|---|---|---|
| ـ تا | نرمل، ڪومل، سندر | نرملتا، ڪوملتا، سندرتا |
| ـ تائِي | گهٽ، اوجل | گهٽتائي، اوجلتائي |
| ـ ت | سنئون، هَل، وڻ، آءُ | سنوَت، هَلت، وَڻت، آوت |
| ـ پَ | ڏاهو، واهي، هاري، | ڏاهَپ، واهيپ، هارَپ، |
| ـ تَ | ڪارائو | ڪاراَوَتَ |

| | | |
|---|---|---|
| ـ آئون | هئڊ، لوهہ | هئڊائون، لوهائون |
| ـ او | ٻڪَر، اُٺ، ڏکي | ٻاڪرو، اوٺو، ڏکيو |
| ـ اُون | اڱ، اندر | آڱيون، اندريون |
| ـ آٺو | پاٽي، ڪلر، ڇپر، نڪر | پاٽياٺو، ڪلراٺو، ڇپراٺو |
| ـ آرو | هاڪَ، سونِ، نامِ | هاڪارو، سونارو، ناميارو |
| ـ آر | سچ، لوهہ | سچار، لوهار |
| ـ آلو | جُهڙ | جُهڙالو |
| ـ آڙ | ڪاٻو، ساڄو | ڪاٻَڙ، ساڄَڙ |
| ـ آڪ | چڙ، هير | چيڙاڪ، هيراڪ |
| ـ اوڪو | ڪالهہ، پر، رات، اڄ | ڪالهوڪو، پروڪو، راتوڪو، اڄوڪو |
| ـ اُوڪو | نَهہ | ناهُوڪو |

| پڇاڙيون | آزاد صورتن جو ممڪن گروهہ | ٺهندڙ لفظ |
|---|---|---|
| ـ اِڪو | واٽيُون، ڄت، ڄٽ | واٽِڪو، ڄَتڪو، ڄَٽِڪو |
| ـ آٽو | چور، پٽ | چوراٽو، پٽاٽو |
| ـ اِيٽو | مات، لَڪ | مانيٽو، لاڪيٽو |
| ـ اُوٽو | رات، راڄ، هڪ، پنج، اَٺ | راتوٽو، راڄوٽو، هيڪوٽو، پنجوٽو، اٺوٽو |
| ـ اِيڪو | هٿ، وَس، | هٿيڪو، وَسيڪو، |
| ـ اِيتو | لڱ | لاڱيتو |
| ـ آئتو | سانگ | سانگائتو |
| ـ لَ | ديا | ديالَ |
| ـ لو | لاڏ، چاڳ | لاڏلو، چاڳلو |
| ـ سو | واري | وارياسو |
| ـ هار | اُپائڻ، خلقڻ، پالڻ، سرجڻ | اُپائڻهار، خلقڻهار، پالڻهار\ سرجڻهار |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ـ يو | ٻاڪ، ڪوڏر، گوڏڙي | ٻاڪيو، ڪوڏريو، گوڏڙيو |
| ـ اَٺُ | واڇو، گهوُ گهوُ، سوُ سوُ | واڇٺُ، گهوگهٺُ، سُوسُٺ |
| ـ آٺُ | ڇوڪرو | ڇوڪراٺُ |
| ـ ايرو | ڊگهو، گهٽو | ڊگهيرو، گهٽيرو |
| ـ اوٺ | | |
| ـ اَنهن | ڪارو | ڪارَنهن |

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ صرفين جي مٽينءَ گروهبنديءَ لاءِ بہ ڪي اصول يا قانون آهن يا نہ؟ مٿي ڏنل لڙهين مان ثابت ٿو ٿئي تہ صرفين جا بہ ڪي گروهہ ۽ اصول آهن. صرفين جي اهڙين گروهبندين لاءِ جيڪي اصول مقرر ٿيل آهن، تن جو بيان جيتوڻيڪ 'نحو' واري باب ۾ ڪيو ويو آهي، پر هن باب ۾ فقط ايترو ٻڌائڻ مناسب ٿيندو تہ: جڏهن ڪابہ پَرَ-وس صورت، ڪنهن مناسب آزاد صورت جي اڳيان ملائبي آهي، تہ اهڙيءَ حالت ۾ اُن کي 'اڳياڙي' چئبو آهي. اهڙيءَ طرح جيڪا پَرَ-وس صورت، ڪنهن واسطيدار آزاد صورت جي پويان ملائبي آهي، تہ اهڙيءَ حالت ۾ اُن کي 'پڇاڙي' چئبو آهي. پروس صورتن جي انهيءَ ميلاپ واري اصول کي 'صرفيہ جي تَرتيب (order) چئبو آهي' پر 'ترتيب' سان گڏوگڏ ان آزاد صورت سان ملندڙ پَرَ-وس صورت جو "انتخاب" (selection) يعني گروهبندي بہ علم صرف جي سٽاءَ ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿي. صرفين جي گروهبنديءَ ۽ ورهاست (distribution) جا اصول، هنن اصولن يعني 'انتخاب' ۽ 'ترتيب' جا محتاج آهن.

هن سلسلي ۾ علم صرف موجب صرفين جي ڇيد جا ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

/اَڻجاڻپ/ صورت جي ڇيد لاءِ، پهرين ڇيد ٿيندو: [اڻ+جاڻپ] ۽ پوءِ ڇيد ٿيندو آهي [جاڻ+پَ]، [اڻجاڻ+پ] ڇيد غلط ليکبو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ڇيد جا ٻيا مثال آهن:

سُڇيتائي: [سُڇيتائي ∠ سُ + ڇيت + آئي]

اَورچائي: [اَورچ ∠ اَ + ورچ + آئي]

انتخاب هڪ اهڙو اصول آهي جنهن جي مدد سان اها خبر پوي ٿي ته 'هڪ' اڳياڙي، ڪهڙين ڪهڙين آزاد صورتن جي اڳيان ملائي سگهجي ٿي: مثال طور: [س_] اڳياڙي ڪهڙين ڪهڙين آزاد صورتن جي مُنڍ ۾ ملي، نوان لفظ ٺاهي سگهي ٿي: ساڳيءَ طرح اهو به ڏسڻو آهي ته [سُ_] اڳياڙيءَ جو ڪهڙين ڪهڙين آزاد صورتن سان ملي، جوڙ ٺاهڻ ممڪن آهي. انتخاب جا اصول بلڪل ساڳيءَ طرح پڇاڙين جي ميلاپ سان به لڳن ٿا. مثال طور:

اڇو + آڻ = اَڇاڻ

ڪارو + آڻ = ڪاراڻ

پيلو + آڻ = پيلاڻ

سائو + آڻ = ساواڻ

هئڊو + آڻ = هئڊاڻ

ڳاڙهو + آڻ = ڳاڙهاڻ

مٿين مثالن مان ظاهر آهي ته — آڻ پڇاڙي، سيني رنگن جي نالن جي پويان اسم ذات ٺاهڻ لاءِ لڳائي سگهجي ٿي: پر {_ اَنهن} پڇاڙي فقط ڪارو صفت سان ملائي سگهجي ٿي. انهيءَ لاءِ جيئن مٿي 'انتخاب' جي بيان ۾ چيو ويو آهي ته مقرر ۽ محدود پابندين ۽ گروهبندين جي ڪري {–اَنهن} پڇاڙي،/ اڇو/ ۽/ پيلو /وغيره صفتن جي گروهه ۾ شامل ٿي نٿي سگهي. جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته اها گروهبندي ڪنهن به ماهر جي وس جي ڳالهه نه آهي، پر ٻوليءَ جي ارتقا ۽ اوسر دوران اهڙا گروهه پاڻيهي مقرر ٿي ويا آهن، جن کي ٽوڙڻ يا ڏار ڪرڻ ممڪن نه آهي، پر وري هي به ڏسڻ گهرجي ته/ ڪارو/ صفت سان جيڪي

پڇاڙيون ملي، اسم ذات ناهين ٿيون. انهن مان هرهڪ اسم جي معنيٰ ۾ فرق ڏيکاري ٿي، مثال طور:

ڪارو + آڻ = ڪاراڻ

ڪارو + آن = ڪارنهن

ڪارو + آٽ (آٿ) = ڪاراٿ، ڪارٿ

گروهبنديءَ جا اهي اصول ۽ انتخاب جا اهي قانون، نه فقط سنڌي ٻوليءَ سان لڳن ٿا پر انگريزي ٻولي به اهڙن اصولن ۽ قانونن جي محتاج آهي: مثال طور: انگريزي ٻوليءَ جي ڪنهن به ڳالهائيندڙ اهو ڪڏهن به سوچيو نه آهي ته:

جڏهن box جو جمع boxes آهي ته پوءِ ox جو جمع oxes ڇو نه آهي ۽ oxen ڇو آهي؟ هن سلسلي ۾ بلومفيلڊ جو رايو آهي:

The features of selection are often highly arbitrary and whimsical. We combine prince, author, sculptor with the suffix_ess in princess, authoress, sculptress, but not king, singer and painter. By virtue of this habit, the former words belong to a form_class from which the latter words are excluded[①].

هن راءِ مان هي نتيجو ٿو نڪري ته 'ترتيب' (order) ۽ 'انتخاب' (selection) به اهڙا اصول آهن جن جي مدد سان صرفيه جي گروهبندي ٿئي ٿي.

① Bloomfield, L., Op. cit., p. 65

## 9 ـ صوتي تبديليون:

**(الف) اڳياڙين ۽ پڇاڙين جو باقاعدي ملائڻ ـ** سنڌي ٻوليءَ ۾ مشتق (derived) لفظن ۽ "ڦريل صورتن" (inflected forms) وارن لفظن ٺاهڻ لاءِ اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ٻئي اهم حصو ادا ڪنديون آهن: پر جملي ۾ اسم، ضمير وغيره جي جمع (number) ۽ حالت (case) وغيره جي گردانن يا ڦيرن لاءِ جيڪي پڇاڙيون (اُ،آ،ا ۽ اي) ڪم اينديون آهن، تن کي 'اعراب' (inflection) چئبو آهي، پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ هر 'زبر يا زير' کي اعراب ڪونہ چئبو، پر هر اُها زبر يا زير، جيڪا ڪنهن اسم جي پڇاڙيءَ ۾ اچي، اُن جي عدد، حالت ۽ جنس جو گردان ڏيکاري، تنهن کي اِعراب چئبو.

سنڌي ٻوليءَ جي صرفين جي ذخيري مان ڪي صرفيہ هڪ ئي صورت جون هونديون آهن، پر ڪن جون صورتون هڪ کان وڌيڪ ٿين ٿيون: مثال طور زمان ماضي ٺاهڻ لاءِ جيڪا صرفيہ (پڇاڙي) ڪم ايندي آهي، تنهن جون سنڌيءَ ۾ ٽي صورتون ملن ٿيون يا ٽي ڪارج ملن ٿا: مثلاً:

| | ڌاتو | پڇاڙي | ماضي صورت |
|---|---|---|---|
| (i) | لِکُ ـ | ـ يو | لکيو |
| | ڇَپ | ـ يو | ڇَپيو |
| (ii) | وَسُ ـ | ـ يو | وَٺو |
| | لَهُ ـ | ـ او | لَٿو |
| (iii) | ڪامُ ـ | ـ اُون | ڪاٺون |
| | اُجهامُ ـ | ـ اُون | اُجهاٽون |

مٿي (i)، (ii) ۽ (iii) ۾ ڏنل مثالن ۾، جيتوڻيڪ {ـيو، ـاو ۽ ـاُون} جي صورتن ۾ فرق آهي، پر هر مقامي ماڻهو ائين چوندو تہ اهي ٽيئي هڪ ڳالهہ آهن: مقامي ماڻهو فقط لغوي معنيٰ جي لحاظ کان

ائين چوندو: پر حقيقت ۾، جڏهن ٻوليءَ جي ٻي انداز مواد جو مطالعو ڪجي ٿو، تڏهن هيٺيان اصول معلوم ٿين ٿا:

(الف) {ـيو} پڇاڙي، فعلي ڌاتوءَ جي پويان فقط تڏهن ٿي ملائي سگهجي ٿي، جڏهن اُن جي ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ ۾ بنيادي طور ڪابہ تبديلي ڪانہ ايندي آهي.

(ب) {ـاو} پڇاڙي، ڌاتوءَ جي پويان ان وقت ملائبي آهي جڏهن اُن ڌاتوءَ جو فعل لازمي صورت وارو هوندو آهي، ۽ اها پڇاڙي ملائڻ کان اڳ ڌاتوءَ جي پوئين وينجن يعني پد ۾ صوتي تبديل ايندي آهي: مثال طور:

وَسْ ⟋ وَٿْ + او = وَٺو (پهرين/س/کي/ٿ/ ۾ بدلايو ويو)

ڏَھ ⟋ ڏَٺ + او = ڏَٺو (پهرين/ھ/کي/ٺ/۾ بدلايو ويو)

ڦِس ⟋ ڦِٿ + او = ڦِٿو (پهرين/س/کي/ٿ/۾ بدلايو ويو)

(ت) {ـاُون} پڇاڙي دراصل {ـاو} آهي، پر هن حالت ۾ {ـاو} پڇاڙي پنهنجي اڳيان آيل گهٽي وينجن کان متاثر ٿيڻ ڪري، گهٽي انوسُوارْ (nasalized) خصوصيت ۾ تبديل ٿي آهي.[①] مٿي ڏنل مثالن ۾:

ڪام ⟋ ڪاڻ + او = ڪاڻون (پهرين/م/ ⟋ /ڻ/ٿيو)

{ڪاڻون} فعل ۾ /ڻ/ جي اثر جي ڪري/ڻ/ کان پوءِ يا اڳ ۾ آيل سُرَ متاثر ٿي، اَنوسوار (nasalized) ٿي پون ٿا. فعلي ڌاتوءَ مان زمان ماضيءَ ٺاهڻ لاءِ، صرفيہ جي انهن ٽنهي صورتن جو استعمال انتخاب تي مدار رکي ٿو، پر اهو انتخاب خودڪار يعني پاڻمرادو (automatic) آهي، جيئن مٿي چيو ويو آهي. مقامي ماڻهو، ڌاتوءَ جي پويان انهن ٽنهي

---

① خواجہ غلام علي الانا: "سنڌي صوتيات"، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1969ع

⟋ نشانيءَ جو مطلب آهي "بدلجي ٿئي ٿو"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورتن مان ڪنهن بہ هڪ جي استعمال ۾ ڪڏهن بہ غلطي نہ ڪندا آهن. انهن ٽنهي صورتن جي صرفيائي معنيٰ ساڳي، يعني مراد زمان ماضي ناهڻ آهي، پر انتخاب جي قانون موجب ورهاست ۾ فرق آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ — يو، ـ او ۽ ـ اُون جي ورهاست، ڌاتوءَ جي پوئين جُز تي مدار رکي ٿي. انهن ٽنهي صورتن — يو، ـ او ۽ ـ اُون کي ساڳيءَ صرفيہ جا متبدل (alternate) چئبو آهي. ماضيءَ جي انهن ٽنهي متبدل صرفي صورتن، — يو، ـ او ۽ ـ اُون ۾ صوتياتي لحاظ کان فرق آهي، تنهنڪري انهن کي 'صوتي مٽ — سٽ' يعني صوتي تبديلي (phonetic alternate) چئي سگهجي ٿو: جيئن تہ صرفيائي صورتن جي اها تبديلي ڪنهن اصول موجب ٿيندي آهي، تنهنڪري اهڙيءَ تبديليءَ کي 'باقاعدي تبديل' (regular change) چئبو.

(ب) اندروني تبديليون:

(i) علم صرف ۾ صرفيائي تبديليءَ جو هڪ ٻيو اصول يا قانون، 'اندروني تبديلي' آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ خودمختيار يا آزاد صورتن جي اڳيان يا پويان نشانين ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ جي بنيادي صورت ۾ تبديلي ٿئي ٿي. اهڙيءَ تبديليءَ کي 'اندروني تبديل' چئبو آهي: مثال طور:

وَسُ ـ ⦣ وٽ + او = وَٺو س ⦣[1] ٺ (وينجن جي تبديلي)
ٻيهہ ـ ⦣ ٻيٺ + او = ٻيٺو هہ ⦣ ٺ (وينجن جي تبديلي)
پَچ ـ ⦣ پڳ + او = پڳو چ ⦣ ڳ (وينجن جي تبديلي)

انهن تبديلين کان سواءِ مٿي ذڪر ڪيل پڇاڙين جي ملائڻ کان اڳ، ڪن ڌاتن ۾ بہ اندروني تبديليون اينديون آهن: مثال طور:

---

[1] ⦣ مان مراد بدلجي ٿيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(i) 'اوٺي' لفظ ۾ /اُٺُ/ ڌاتوءَ جي پويان، _ آر پڇاڙي ملائڻ
کان اڳ، سرصوتيہ /اُ/بدلجي /او/ٿئي ٿي؛ مثال طور:
اُٺ ← اوٺ+آر= اوٺار.
انهيءَ تبديليءَ جا ٻيا مثال هي آهن:
ڏُڌ ← ڏوڌ + اِي = ڏوڌِي اُ ← او
ڏُٿ ← ڏوٿ+ اِي =ڏوٿي اُ ← او
ڪُڪڙ ← ڪوڪڙ+اِي = ڪوڪڙي اُ ← او
ڪُتر ← ڪوتر+اِي = ڪوتري اُ ← او

(ii) ڪن ڌاتن جي پهرئين پد وارو سُر/اِ/، پڇاڙي ملائڻ کان
اڳ بدلجي /اِي/ٿئي ٿو؛ مثال طور:
پيڻار : پِڻ ← پيڻ + آر = پيڻار اِ ← اي
چيڙاڪ : چِڙ ← چيڙ +آڪ = چيڙاڪ اِ ← اي
هيڪوٽو: هِڪ ← هيڪ + اُوٽو = هيڪوٽو اِ ← اي

(iii) ڪن ڌاتن جي پهرئين پد وارو سرصوتيہ /اُ/، پڇاڙي ملائڻ
کان اڳ بدلجي /آ/ ٿئي ٿو:

مثلاً:

ٻاڪر: ٻَڪَرُ ← ٻاڪرو + او = ٻاڪرو اُ ← آ
ٿاڪرو : ٿَڪَرُ ← ٿاڪر + اُو = ٿاڪرُو اُ ← آ
ڇاپرو : ڇپرُ ← ڇاپر + اُو = ڇاپرو اُ ← آ
لاڳيتو :لڳ ← لاڳ + ايتو = لاڳيتو اُ ← آ
گهاڙيتو: گهڙ ← گهاڙ + ايتو = گهاڙيتو اُ ← آ

(iv) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لازمي فعل جي ڌاتوءَ مان متعدي فعلن جي ڌاتو ٺهڻ ۾ اهڙين تبديلين جا مثال ڏنا آهن[1].
جيئن:

(ب) **سرن جي تبديلي** – (vocalic replacement):

ٺـَهـ ـ : ٺاھ /ـَ ـ ∠ ـ آ ـ/

سر ـ: سير سُڌر ـ : سُڌار /ـِ ـ ∠ ـ آيا – اي ـ/

ڳُل : ڳول ـ ُ ـ ∠ ـ او ـ/

(ت) **وينجنن جي تبديلي** (consonantal replacement)

هن ۾ سُرن جي تبديلي ڪٿي آهي ته وري ڪٿي ڪانهي.

ڦـَٽ : ڦاڙ/ـ ٽ ∠ ـ ڙ/

ٻُڏ ـ : ٻوڙ/ـ ڏ ∠ ـ ڙ/ + /ـ ُ ـ ∠ ـ او ـ /

ڪاڄ : ڪا / ـ ڄ ∠ ـ ُ/

ڏوپ : ڏو / ـ پ ∠ ـ ُ /

وسام : وسا /ـ م ∠ ـ ُ/

(ث) **ڪاٽــُو تبديل:**

علم صرف جي اصولن ۾ ٻين صوتي تبديلين سان گڏ ڪيترائي اهڙا مثال به ملن ٿا. جن ۾ اڳياڙيون يا پڇاڙيون ملائڻ کان اڳ ڪا صوتيه حذف ڪرڻي پوندي آهي. يعني ڪاٽڻي يا هٽائڻي پوندي آهي’حذف‘ ڪرڻ، ’ڪاٽڻ‘ يا ’هٽائڻ‘ واري اصول کي به تبديليءَ جو هڪ قسم ڇئبو آهي. اها تبديلي، جنهن موجب ڪنهن صورت مان، ڪنهن صوتيه کي گم ڪري ڇڏجي يا ڪاٽي ڇڏجي ته اهڙيءَ تبديليءَ

---

[1] ڊاڪٽر جيٽلي صاحب اهي مثال مون کي هڪ خط ۾ لکي موڪليا هئا.

ڊاڪٽر جيٽلي نشانيءَ جي بدران ∠ نشان ڪم آندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ”ڪاٺو تبديل“ چئبو آهي. هن تبديل جا مثال برصغير جي ٻين ٻولين ۾ به ملن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪاٺو تبديل جا مثال هي آهن:

| ڌاتو | ماضيءَ جي پڇاڙي | ڪاٺيل صوتيه | ڪردنت |
|---|---|---|---|
| ڪَرْ ـ | ـ يو | / ـ ر ـ / | ڪَيو |
| مُرْ ـ | ـ او | / ـ ر ـ / | مُئو |
| سُڻْ ـ | ـ او | / ـ ڻ ـ / | سئو |
| وڪڻْ ـ | ـ يو | / ـ ڻ ـ / | وڪيو |

(ث) **ٻڙي تبديل:**

متي ڏنل مثالن ۾ انهن جي بيان مان ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾، برصغير پاڪ ـ هند جي ٻين ٻولين وانگر اسم جي جمع صورت توڙي فعل جي زمان ماضي صورت ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ جي پويان ڪي پڇاڙيون ملايون وينديون آهن. ڪن حالتن ۾ هڪ ئي مفهوم لاءِ پد جي صوتي ساخت جي لحاظ کان، هڪ کان وڌيڪ صورتون ملايون وينديون آهن، پر اُهي هڪ ئي مفهوم واريون ڌار ڌار صورتون، هڪ ئي صرفيه جا ’بدل‘ (alternate) آهن؛ مثال طور زمان ماضيءَ جي حالت ۾ جيئن متي ڏنو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي صورتون ملن ٿيون جن جي جمع صورتن ٺاهڻ لاءِ، ڌاتوءَ جي پويان، ڪا به پڇاڙي نٿي ملائجي، ۽ نه ئي وري ڌاتوءَ جي بناوت ۾ ڪا تبديل ٿئي ٿي، تنهن هوندي به اُنهن صورتن مان جمع صورت جي معنيٰ نڪري ٿي؛ مثال طور:

| واحد صورت | جمع صورت |
|---|---|
| هاٿي وڃي ٿو. | هاٿي وڃن ٿا. |
| هاري اچي ٿو. | هاري اچن ٿا. |

مٿي ڏنل مثالن ۾ وچون سُري ٿو ڪاٻي هٿ طرف 'هاٿي'، 'هاري' ۽ وچون صورتن جي پويان ڪاٻه پڇاڙي يا اعراب ڪانه ملائي وئي آهي، جنهن جي مدد سان اهو ثابت ڪري سگهجي ته اها 'جمع صورت' آهي، پر هيٺ ڏنل مثالن ۾ جمع صورتن لاءِ پڇاڙي ۽ اعراب ملائي وئي آهي:

| واحد | پڇاڙي ملايل |
|---|---|
| گهوڙو اچي ٿو | گهوڙا اچن ٿا |
| ڇوڪرُ اچي ٿو | ڇوڪرَ اچن ٿا |

ٻنهي مثالن جي ڀيٽ ڪرڻ ڪان پوءِ چئبو ته 'هاٿي'، 'هاري' ۽ وچون جون جمع صورتون، بنا ڪنهن پڇاڙيءَ جي ملائڻ يا اعراب جي ڳنڍڻ سان، ٻوليءَ جي رچنا ۾ ڪم اچن ٿيون. اهڙي اصول يا اهڙيءَ تبديل کي "ٻڙي پڇاڙي" يا "ٻڙي تبديل" چئبو آهي. ٻڙي تبديل جا ٻيا مثال هي آهن:

| واحد صورت | جمع صورت | واحد صورت | جمع صورت |
|---|---|---|---|
| هاري | هاري | ماڻهو | ماڻهو |
| نوري | نوري | پٿون | پٿون |
| راجا | راجا | داتا | داتا |

(د) **صورت بدلائڻ** (suppletion):

تبديل جو هي هڪ اهڙو قسم آهي، جنهن ۾ ڪنهن صورت جو نه ڪو جز بدلجي يا مٿجي ٻيو ٿئي ٿو، ۽ نه ئي وري ڪو جز گم ٿئي ٿو: پر هن حالت ۾ صورت سڄي جي سڄي بدلائجي ٿي. مٿي ڏنل مثالن ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندروني تبديل ۾، ڪنهن صورت جو ڪو حصو يا ڪو جُز، ڪنهن ٻئي صوتيه ۾ بدلائبو آهي، پر 'بدلائڻ' واري اصول موجب سڄي صورت بدلائجي ٿي، ۽ اُن جي جاءِ هڪ نئين صورت وٺندي آهي. انهن ٻنهي صورتن جو هڪٻئي سان ڪوبه واسطو ڪونه هوندو آهي. مثال طور: سنڌيءَ ۾ ماضيءَ جي — او ـ يو يا — اُون، پڇاڙي ڌاتوءَ جي پويان ڳنڍڻ سان، ماضيءَ جي صورت ٺهندي آهي، پر جڏهن ڪنهن صورت جي جاءِ تي، ڪا ٻي صورت، سڄي جي سڄي ماضيءَ طور ڪم اچي ته اهڙيءَ تبديل کي 'بدلجڻ' يا 'بدلائڻ' چئبو: مثال طور:

آهي ⟋ هو

'آهي' ۽ 'هو' ٻه اهڙيون صورتون آهن، جن جا ڌاتو ٻه ڌار ڌار آهن. 'آهي' جو ماضي ناهڻ لاءِ اُن سڄيءَ صورت جي بدران 'هو' صورت ڪم آندي وئي آهي. اهڙيءَ تبديل کي صورت جي بدلائڻ وارو اصول چئبو.

**10 ـ تڪرار** (reduplication):

علم صرف ۾ 'تڪرار' واري صورت خاص اهميت ٿي رکي. سنڌ جي سيني وياڪرڻين، 'تڪرار' وارن لفظن کي مرڪب لفظ سڏيو آهي، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن جي ٻن يا وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪي ساڳيا ۽ ٻه ٻيرا ڪم تا اچن: ڪي هڪ جهڙا ۽ موافق آهن، ۽ ڪي مخالف آهن: ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافيه يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪابه معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن. ڪن ۾ جدا جدا فعلن جا موافق يا مخالف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زمان ڪم آيل آهن: ڪي اسم ۽ فعل گڏ، ڪي اسم ۾ صفت گڏ، ڪي عربي ۽ فارسي ۽ سنڌي گڏ"[1]

مرزا صاحب طرفان ڏنل هيٺيان لفظ، مٿينءَ وصف جي روشنيءَ ۾ توجهه گهري ٿي:

(i) پل پل، دم دم، دمبدم، سراسر، سربسر، ويرا وير، مارا ماري، مٿي مائٽي، سينڌ سرمو، چڳو پلو، مَٽَ سٽ، گهٽ وڌ، جهڙ ڦڙ، ليکو چوکو، ڏي وٺ، ڪنو چنو، جٺ ڦٺ، اچ وڃ، خريد فروخت، ڏيتي ليتي، چيڙ چاڙ، ڪپڙو لٽو، نوڪر چاڪر ۽ ڊوڙ ڊائي وغيره.

(ii) ٻَڪَ شَڪَ، پيسو پنجڙ، چلم ڏلم، چوڪر ٻاڪر، فلاڻو ٽيرو، ٻاجي ٻيتو، ڪک ٻک، ڪتولو ٻتولو، ماٺهو چيٺو، گاهه پنو، وَهٽ وانو.

(iii) ڪي فعل ٻه ٻي معنيٰ ڪم ايندا آهن: جيئن: ڏسڻ وائسڻ، ڇُرڻ پُرڻ، ڦرڻ گهرڻ، پڙهڻ ڪڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ.

حقيقت ۾ لفظ جي بيان واري حصي ۾ مرڪب لفظ تي وضاحت سان روشني وڌي وئي آهي. اهو ٻه چيو ويو آهي ته تڪراري لفظن ۽ مرڪب لفظن جي ساخت ۾ وڏو فرق آهي. لسانيات جي ماهرن لفظن جي اهڙي استعمال کي 'لفظن جو تڪرار' (reduplication) سڏيو آهي[2].
علم صرف موجب 'تڪرار' جي وصف هيءَ ڏني وئي آهي:

Reduplication is the repetition of all or part of the base, with or without internal change, before or after the base itself[3]

يعني: تڪرار، ڪنهن لفظ جي سڄيءَ صورت يا ڪنهن جز کي ڌهرائڻ جي عمل کي چئبو آهي، جنهن جي ڌهرائڻ سان لفظ يا اُن جي

---

[1] مرزا قليچ بيگ: "سنڌي ويا ڪرڻ" پاڱو ٽيون. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. ص 188

[2] Bloch. B. & Trager. L. Op. Cit.. P. 57.

[3] Ibid

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصي ۾ ڪاٻه تبديل ڪانه ايندي آهي.
تڪرار واريءَ خصوصيت جا مثال برصغير جي سيني ٻولين ۾ ملن ٿا.

**<u>تڪرار جا قسم:</u>** ماهرن تڪرار کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي:

(الف) **پورڻ يا مڪمل تڪرار** (complete reduplication)،

(ب) اَپورڻ، جُزوي يعني ڪنهن حصي يا جُز تي تڪرار (partial reduplication). هيٺ هرهڪ جو ڌار ڌار بيان ڪجي ٿو:

(i) **پورڻ يعني مڪمل تڪرار** ـ جڏهن ڪوبه لفظ جملي ۾ يا فقري ۾، ٻه يا ٻن کان وڌيڪ ڀيرا ساڳيءَ حالت ۾، سواءِ ڪنهن صوتي ڦير ڦار جي لڳاتار دهرائجي. لفظ جي اهڙي وري وري دهرائڻ واري عمل کي علم صرف موجب مڪمل 'تڪرار' چئبو آهي.

مثال طور:

| لفظ | تڪراري صورت |
|---|---|
| پل | پل پل |
| وک | وک وک |
| دم | دم دم |
| گهڙي | گهڙي گهڙي |

جملن ۾ هن قسم جو تڪرار جملي جي معنيٰ ۽ وياڪرڻي مفهوم ۾ وڏو ڦيرو آڻي ٿو. ۽ علم نحو جو مطالعو ڪندي اهڙين تڪراري صورتن جي وياڪرڻي حيثيت جي پڻ خبر پوي ٿي:

مثال طور:

(i)
ڪپ ڪٽي آ. — يعني — هڪ ڪپ ڪٽي آچ.
ڪپ ٻپ ڪٽي آ. — يعني — ڪپ جهڙي ڪا شيءِ ڪٽي اچ، جنهن سان ڪا شيءِ ڪپي سگهجي.
ڪپ ڪپ ڪٽي آ. — يعني — هرهڪ ڪپ ڪٽي اچ.

(ii)
ڪارا وار
ڪارا سارا وار
ڪارا ڪارا وار

(iii)
ٿلهو ماٺو
ٿلهو ٻلهو ماٺو
ٿلهو ٿلهو ماٺو.

(iv)
ٻار کي پئسو ڏي.
ٻار کي پئسو پئسو ڏي.
ٻار ٻار کي پئسو پئسو ڏي.

مٿين مثالن ۾ ڪپ، ڪارا، ٿلهو، ٻار ۽ پئسو صورتون، جملي ۾ پهرين هڪ دفعو ڪم آنديون ويون ۽ پوءِ وري ٻيهرايون ويون آهن. جملن ۾ لفظن جي اهڙي تڪرار واري استعمال کي 'پورڻ تڪرار' چئبو آهي.

(ii) **اَپورڻ يعني جزوي تڪرار:** ـ جنهن فقري يا جملي ۾ 'ڪنهن صورت جي تڪرار واري عمل ۾' صورت جو پهريون جزو يا پويون جزو بدلجي ۽ باقي جزو ساڳيو رهي، ته اهڙي تڪرار کي جزوي يا 'اَپورڻ تڪرار' چئبو آهي؛ جيئن:

| صورت | اَپورڻ تڪرار |
| --- | --- |
| ڄُٽ | ڄُٽ ڦِٽ |
| مَٽ | مَٽ سَٽ |
| جُهڙي | جُهڙي ڦُـڙي |
| هلڻ | هلڻ چلڻ |
| رلڻ | رلڻ ملڻ |
| جَاچڻ | جاچڻ جوچڻ |
| ڪُپت | ڪُپت سُپت |

| | |
|---|---|
| راند | راند روند |
| چوڪر | چوڪر ٻاڪر |
| ماني | ماني ٻاني |
| ڏيتي | ڏيتي ليتي |

مٿي ڏنل اَپورڻ تڪرار جي مثالن جي مطالعي مان ظاهر ٿو ٿئي ته 'جُٽ ڦِٽ' 'مَٽ سَٽ' ۽ اهڙن ٻين مثالن ۾، بنيادي لفظ جي پويان تڪراري صورت جو پهريون جُز بدلجي، ڪم آيو آهي. اهڙيءَ طرح 'جاچڻ جوچڻ'، 'راند روند' ۽ 'مٽي ماٽي' صورتن ۾ به تڪراري صورت ۾ وڏو فرق آهي. جيئن ته:

| صورت | اَپورڻ تڪرار |
|---|---|
| پئسو | پئسو پنجڙ |
| ياجي | ياجي يتو / ياجي يَتي |
| مال | مال وَجهو |
| ڪپڙو | ڪپڙو لتو |
| مائٽهو | مائٽهو چيٺو |
| نوڪر | نوڪر چاڪر |
| ليکو | ليکو چوکو |

مٿين مثالن ۾ اَپورڻ تڪرار ۾، تڪراري صورتون بنيادي صورتن کان بلڪل مختلف آهن.

'تڪرار' جا اهي مثال سنڌي ٻوليءَ جي صرفي سٽاءَ ۾ دلچسپ مطالعي لاءِ ڪافي مواد رکن ٿا. هيٺ ڪجهه جملن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي شعر جا ڪي مثال پڙهندڙن جي دلچسپي لاءِ ڏجن ٿا:

(الف) عام ڳالهه ٻولهه مان مثال:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(i)
سيٺ جو گهر وڏو آهي.
سيٺ جو گهر گهر وڏو آهي.
سيٺ جو گهر گهر وڏو وڏو آهي.
سيٺ سيٺ جو گهر گهر وڏو آهي.
سيٺ سيٺ جو گهر گهر وڏو وڏو آهي.

(ii)
سيڪو پنهنجي گهر وڃي.
سيڪو سيڪو پنهنجي گهر وڃي.
سيڪو سيڪو، پنهنجي پنهنجي گهر وڃي.
سيڪو سيڪو، پنهنجي پنهنجي، گهر گهر وڃي.

(ب) سنڌي شاعريءَ مان مثال:

(i)
مُٺ مُٺ سورن سيڪنهن مون وٺ وٿاٿان
ٻريون ڪيو ٻِٺان ويا وهائو نڪري.
(لطيف)

(ii)
وساريل وساريل ڏڪاريل ڏڪاريل
نماٺا نماٺا نرالا نرالا (امداد)

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب ۽ مضمون

1. ڀيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڪراچي، هندو پريس، 1926ع
2. سراج الحق ميمڻ: مقالو "سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا"، ماهنامہ نئين زندگي، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنس
3. غلام علي الانا، خواجہ: سنڌي صوتيات، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشنس: 1969ع
4. مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ. ڀاڱو ٽيون، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع

### اردو ڪتاب

5. شوڪت سبزواري، ڊاڪٽر: اردو زبان ڪا ارتقا، ڍاڪا، پاڪ ڪتاب گهر 39 پٽواٽولي، 1956ع

### انگريزي ڪتاب

6. Bloch, B & Trager, G. L. Outline of Linguistic Analysis. Baltimore, Linguistic Society of America, 1942
7. Bloomfield, L., Language, London, George Allen and Unwin, Ltd, 1961.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

8. Ghulam Ali Allana, The Arabic Element in Sindhi, M.A Thesis, submitted to the S. O. A. S., University of London, 1963.

9. Gleason, H. A., An introduction to Descriptive Linguistics, Revised Edition, New York. Holt, Rinehart and Winson, 1961.

10. Haskell, C. W., A, Grammar of Sindhi Language. Karachi, The Karachi Grammar School, 1942.

11. Nida, Eugene. A., Morphology, second ed: Ann Arbor, The University of Michigan Press, 1962.

12. Trumpp, E., A Grammar of Sindhi Language, Leipzig, F. A .Brokhans, 1872.

# علم نحو ۽ سنڌي ٻولي

**1.** هن کان اڳ علم صرف جي بيان ۾ ماهرن جي راءِ ڏيئي اِهو ڄاڻايو ويو آهي تہ "اهو علم، جنهن جي مدد سان فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءَ جي خبر پوي، اُن علم کي 'علم نحو' چئبو آهي."

هر ٻوليءَ جي هرڪا گفتار، مڪمل صورت تي مشتمل هوندي آهي. انهن مڪمل صورتن کي ماهرن ٻن قسمن يعني: لفظن ۽ جملن ۾ ورهايو آهي. انهن مان لفظن جي وصف علم صرف واري باب ۾ ڏني وئي آهي. ماهرن جي راءِ موجب: "اها مڪمل گفتار جيڪا ٻوليءَ جي "جهيلار" يا "ڏار" (Intonation) مان ڪنهن بہ هڪ 'جهيلار' يا 'ڏار' تي ختم ٿئي، اهڙيءَ گفتار کي 'جملو' چئبو آهي"[1].

ٻوليءَ ۾ ڪي جملا هڪ لفظ وارا بہ ٿيندا آهن: مثال طور:

وَڃ.
ڊوڙ.
اُٿ.
ويهہ.

اِهي 'يڪ لفظا' جملا آهن، جيڪي ڪنهن هڪ 'جهيلار' يا 'ڏار' تي ختم ٿين ٿا.

ڪن جملن ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ بہ ٿيندا آهن. 'گفتار' ۾ اهڙن جملن مان، ڪن ۾، وچ وچ تي نامڪمل (non_final) جهيلار بہ ايندا

[1] Bloch B. & Trager. G., L. Op. Cit., P. 71

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. جملي جو اهو جزو، جنهن ۾ ڪو نامڪمل جهيلار هجي، اهڙي جُزي کي جملي جو حصو يا جزو (clause) چئبو آهي.[1]

ڪنهن گفتار ۾، جملي کان سواءِ فقرا بہ ٿيندا آهن. هر اها نحوي بناوت جنهن ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظ سمايل هجن، ۽ جنهن سان جهيلار جو واسطو نہ هجي، تنهن کي فقرو (phrase) چئبو آهي.

**2.** مٿي چيو ويو آهي تہ علم نحو جي مطالعي جي مدد سان فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ انهن جي سٽاءَ جي خبر پوندي آهي. لفظن جي اهڙيءَ بيهڪ ۽ سٽاءَ جي مطالعي کي ئي دراصل 'علم نحو' جو مطالعو چئبو آهي. هن باب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ جو جائزو ورتو ويو آهي.

عام طور سنڌي جملن جي نحوي سٽا هن ريت هوندي آهي:

(i) سنڌي ٻوليءَ ۾ فاعل جو لڳ پهرين ۽ فاعل اُن کان پوءِ ايندو آهي.

(ii) فعل هميشه جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو آهي.

(iii) صفت هميشه موصوف کان اڳ، اُن جي بلڪل پر ۾ ايندي آهي.

(iv) فعل جو وڌاءُ (لڳ)، فعل کان اڳ ايندو آهي.

(v) فاعل کان پوءِ ۽ فعل جي وڌاءَ کان اڳ، پهرين مفعول جو وڌاءَ ۽ اُن کان پوءِ مفعول ايندو آهي.

(vi) ظرف هميشه فعل جي وڌاءُ طور، اُن کان اڳ، ڪم ايندو آهي.

(vii) حرف جر، اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ۽ اُن جي بلڪل پر ۾ جاءِ وٺي بيهندو آهي.

---

[1] Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

### 3. فاعل- فعل واري سٽاءَ:

سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن بہ جملي جي نحوي بيهڪ جي ڇنڊڇاڻ لاءِ سڀ کان پهرين هيٺ ڏنل مثالن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي:

i. چوڪر ڊوڙي ٿو.

ii. اڪبر پاڻي پيئي ٿو.

iii. منهنجو ڀاءُ لکي ٿو.

iv. هُو ماني کائي ٿو.

مٿي ڏنل چئن ئي جملن مان ڪنهن بہ جملي ۾ ڪوبہ حصو هڪ جهڙو نہ آهي. پر چئن ئي جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ ترتيب (arrangement & order) ۽ سٽاءَ هڪ جهڙي آهي. ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ جملي جي اهڙي بيهڪ ۽ انهن جي سٽاءَ، جنهن ۾ فاعل پهرين ۽ فعل پوءِ اچي، تنهن کي فاعل – فعل واري سٽاءُ چئبو آهي.

### 4. لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءَ لاءِ مکيہ ڳالهيون:

مٿي ڏنل مثالن مان ظاهر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي فاعل- فعل واريءَ سٽاءَ ۾ ٻہ مکيہ جزا (constituent parts) آهن. هر جزو يا تہ هڪ لفظ وارو آهي ۽ يا هڪ فقري وارو؛ جنهن طريقي يا ترتيب سان، اهي جزا يعني لفظ ۽ فقرا، فاعل – فعل واريءَ سٽاءَ ۾ هڪٻئي سان ڳنڍ ٻيهاريا ويندا آهن. تنهن لاءِ مکيہ ۽ اهم نقطا ۽ اصول هي آهن:

(الف) **انتخاب يا چونڊ:** (selection): ڪنهن بہ ٻوليءَ جي فاعل – فعل واريءَ سٽاءَ ۾، لفظن جي بيهڪ ۽ ترتيب وارن اصولن مان پهريون اصول يا نقطو لفظن جو انتخاب يا لفظن چُونڊ آهي. ڪيترين ئي ٻولين جي نحوي سٽاءَ ۾، انتخاب وارو اصول يا نقطو اهم حصو ادا

ڪري ٿو[1]. لفظن يا جزن جي ترتيب ۾ سٺاءَ لاءِ هيءَ ڳالهه انهيءَ ڪري ضروري آهي جو ڳالهائيندڙن لاءِ لازمي هوندو آهي ته هو ڪهڙو جزو پهرين ڳالهائي ۽ ڪهڙو جزو پوءِ ڳالهائي: مثال طور: سنڌي ڳالهائيندڙ کي اها خبر هوندي آهي ته:

(i) ٻوڙي ٿو چوڪر.

(ii) ٿو پاڻي پيئي اڪبر.

وغيره. لفظن جي اهڙي ميڙ کي فاعل – فعل واري ترتيب چئي نه سگهبو: يعني ته جملي اندر جزن کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڦيرائي يا بدلائي نٿو سگهجي. اهڙيءَ طرح هيٺين مثالن کي به سنڌي نحو جي قانونن موجب فاعل – فعل واري سٺاءَ چئي نٿو سگهجي:

آهي ڪاتب جو قلم هي.

ڏيڪار اسان کي وات سنئين.

پر سنڌي نحو جي اصولن موجب انهن جي صحيح فاعل – فعل واري سٺاءَ هن ريت ٿيندي:

هي ڪاتب جو قلم آهي.

اسان کي سنئين وات ڏيڪار.

مٿئين بحث کان پوءِ هيئن چئبو ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٺاءَ موجب فاعل پهرين اچڻ گهرجي ۽ پوءِ فعل. سنڌي ٻوليءَ جي نحوي بناوت جي اها هڪ عام سٺاءَ آهي. هن سٺاءَ موجب جملو ٿيندو:

چوڪر ٻوڙي ٿو.

هن جملي ۾ جهيلار جو عام نمونو هي ٿيندو:

---

[1] Bloomfield; L, Op. Cit. P. 190

---

هن جهيلار موجب مٿيون جملو (ڇوڪر ڊوڙي ٿو) سوالي جملو نہ، پر بياني جملو آهي، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ جهيلار آخر ۾ لهندڙ ڏار (low falling pitch) تي ڳالهائبو آهي.

(ب) **انتخاب جا مختلف نمونا:** سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ جو مطالعو ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ انتخاب جا بہ مختلف نمونا آهن: مثال طور هڪ ترتيب موجب فعل، فاعل سان، عدد، جنس ۽ حالت موجب ڦرندو آهي: جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| حالت فاعلي، جنس مذڪر، عدد واحد | : | ڇوڪر ڊوڙي ٿو. |
| حالت فاعلي، جنس مذڪر، عدد جمع | : | ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. |
| حالت فاعلي، جنس مؤنث ۽ عدد واحد | : | ڇوڪري ڊوڙي ٿي. |
| حالت فاعلي، جنس مؤنث ۽ عدد جمع | : | ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون. |
| حالت مفعولي جنس مذڪر ۽ عدد واحد | : | ڇوڪرُ چني لڪي ٿو. |
| حالت مفعولي جنس مذڪر ۽ عدد جمع | : | ڇوڪرا چنيون لڪن ٿا. |
| حالت مفعولي، جنس مؤنث ۽ عدد واحد | : | ڇوڪري چني لڪي ٿي. |
| حالت مفعولي، جنس مؤنث ۽ عدد جمع | : | ڇوڪريون چنيون لڪن ٿيون. |

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ موجب، جڏهن جملي ۾ بہ فاعل هجن ۽ هر هڪ فاعل جمع ۾ هجي تہ اهڙيءَ حالت ۾ فعل ويجهي ۽ پرواري فاعل سان عدد، جنس ۽ حالت ۾ ڦرندو آهي، جيئن:

زالون ۽ مردَ ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

مرد ۽ زالون ڳالهيون ڪري رهيون آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جڏهن فعل جي پرِ وارو فاعل عدد واحد ۾ هوندو، تڏهن به فعل عدد جمع ۾ ، فاعل سان حالت ۽ جنس موجب ڦرندو آهي؛ جيئن:

چوڪريون ۽ چوڪرو پڙهن ٿا.

چوڪرو ۽ چوڪريون پڙهن ٿيون.

(iii) جڏهن جملي ۾ ٻه فاعل هوندا آهن، ۽ هر فاعل عدد واحد ۾ هوندو آهي، تڏهن فعل جنس مذڪر ۽ عدد جمع ۾ ڦرندو آهي؛ جيئن:

چوڪرو ۽ چوڪري وڃن ٿا.

چوڪري ۽ چوڪرو وڃن ٿا.

هوا ۽ پاڻي اُتي وڪجن ٿا.

اڪبر ۽ سندس پيءُ اچن ٿا.

(iv) جڏهن جملن ۾ فاعل هڪ کان وڌيڪ هجن، ۽ انهن جي پويان انداز ڏيکاريندڙ عدد يعني ’ٻئي‘ يا ’ٽيئي‘ يا ’سڀئي‘ جهڙا لفظ ڪم آندل هجن، ته اهڙيءَ حالت ۾ فعل جمع ۾ ڦرندو آهي؛ جيئن:

ميان غلام شاهه، ميان مراد شاهه ۽ ميان عطر خان ٽيئي ميان نور محمد ڪلهوڙي جا پُٽ هئا.

(v) جڏهن فاعل ۾ ضمير خالص هڪ کان وڌيڪ ڪم آيل هجن، ته اهڙيءَ حالت ۾ جيڪڏهن جملي ۾ ضمير متڪلم جمع به فاعل جي صورت ۾ ڪم آيل هوندو آهي، ته فعل ان ضمير يعني ضمير متڪلم جمع سان ڦرندو، جيئن:

اسين ۽ تون ڪراچي هلنداسين.

تون ۽ اسين ڪراچي هلنداسين.

اسين ۽ هيءَ ڪراچي ويندا سين.

هيءَ ۽ اسين ڪراچي ويندا سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(vi) پر جڏهن جملي ۾ ضمير حاضر واحد ۽ ضمير متڪلم واحد فاعل طور ڪم آيا هوندا، تہ اهڙيءَ حالت ۾ فعل ضمير متڪلم جمع موجب ڦرندو، جيئن:

(vii) پر جيڪڏهن ضمير غائب واحد/ جمع ۽ ضمير متڪلم واحد فاعل طور ڪم آيا هوندا، تڏهن بہ اهڙيءَ حالت ۾ فعل ضمير حاضر موجب ڦرندو جيئن:

هُو ۽ آءٌ ڪراچي وينداسين.

آءٌ ۽ هُو ڪراچي وينداسين.

(viii) پر جيڪڏهن فاعل ۾ ضمير حاضر واحد ۽ ضمير غائب جمع، فاعل طور ڪم آيو هوندو تہ اهڙيءَ حالت ۾ فعل، ضمير حاضر موجب ڦرندو:

تون ۽ هوُ هت اچو ٿا.

توهين ۽ هو هت اچو ٿا.

تون ۽ اُهي هت اچو ٿا.

تون ۽ هوءَ هت اچو ٿا.

هوُ ۽ توهين هت اچو ٿا.

هوُ ۽ تون هت اچو ٿا.

هوُءَ ۽ تون هت اچو ٿا.

هوءَ ۽ توهين هت اچو ٿا.

(ix) جيڪڏهن فاعل عزت وارو ماڻهو يا معزز شخص (honourable) هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ فاعل، ضمير حاضر جمع طور ڪم ايندو آهي، چاهي پوءِ فاعل جنس مُونث ۽ عدد واحد ۾ هجي، اهڙيءَ حالت ۾ فعل عدد جمع ۽ جنس مذڪر موجب ڦرندو، مثلاً:

محترم چنا صاحب! توهين ڪراچي وجو ٿا؟

بيگم عباسي صاحبہ! توهين ڪراچي وجو ٿا؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀاڀي توهين اچو ٿا؟

ادي، توهين هي ڪتاب وٺو ٿا؟

(X) پربوگ: پربوگ جا ٽي قسم آهن : پربوگ ڪرتري، پربوگ ڪرمڻي ۽ پربوگ ڀاوي. فعل جو اهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعل، فاعل سان عدد ۽ جنس ۾ ڦري يعني گردان ڪري ته فعل جي اهڙي ڦيري کي پربوگ ڪرتريءَ وارو ڦيرو يا گردان چوندا آهن. ۽ فعل جو اهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعل، مفعول سان عدد ۽ جنس ۾ ڦري يعني گردان ڪري ته فعل جي اهڙي ڦيري کي پربوگ ڪرمڻيءَ وارو ڦيرو يا گردان چئبو؛ پر فعل، جڏهن فاعل ۽ مفعول سان ڪوبه ڦيرو نه ڏيکاري ۽ مفعول جي پويان 'کي' حرف جر استعمال ٿئي ته فعل جي اهڙي ڦيري کي پربوگ ڀاوي چئبو آهي.

| پربوگ ڪرتري | پربوگ ڪرمڻي | پربوگ ڀاوي |
|---|---|---|
| مون جهليو آهي | مون چور جهليو آهي. | مون چور کي جهليو آهي. |
| مون ورتو آهي | مون چورَ جهليا آهن. | مون چورن کي جهليو آهي. |
| اسان ڏٺو آهي | اسان چور جهليو آهي. | اسان چور کي جهليو آهي. |
| اسان لکيو آهي | اسان چورَ جهليا آهن. | اسان چورن کي جهليو آهي. |

(ب) **فعل جو لاڳاپو** (congruence)_ مٿي ڏٺو ويو ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ ۾ انتخاب لاءِ فعل، فاعل سان ڦرندو آهي. فعل جو فاعل سان اهڙيءَ طرح عدد، جنس ۽ حالت موجب ڦرڻ، يعني فعل جي اهڙي گردان کي 'فعل جو لاڳاپو' (congruence) چئبو آهي؛ مثال طور:

آءٌ آهيان. اسين آهيون.

تون آهين. توهين آهيو.

هو/هوءَ آهي. اُهي آهن.

| فاعل جو وڌاءُ | فاعل | مفعول جو وڌاءُ | مفعول | فعل جو وڌاءُ | فعل |
|---|---|---|---|---|---|
| سنڌ جي رحمدل حاڪم، ميان، ڪلهوڙي | غلام شاهه | حيدرآباد جو | شهر | 1768ع ۾ | ٻڌايو |

پر فعل جيڪڏهن لازمي هجي تہ پوءِ اُن جملي ترتيب هن ريت ٿيندي:

منهنجو ياءُ هڪ تمام بهادر ۽ دلير جوان آهي.

| فاعل جو وڌاءُ | فاعل | فعل جو پورائو ڪندڙ | فعل |
|---|---|---|---|
| منهنجو | ياءُ | هڪ تمام بهادر ۽ دلير جوان | آهي |

هن سٽاءَ موجب پهرين فاعل جو وڌاءُ، پوءِ فاعل، پوءِ فعل جو پورائو ڪندڙ/ وڌاءُ سڀ کان آخر ۾ فعل ايندو آهي.

(ii) جهيلار (Intonation) سنڌي ٻوليءِ جي نحوي سٽاءُ موجب جملي ۾ لفظن جي سٽاءُ، بيهڪ، جهيلار ۽ تنظيم ۾ تيستائين ڪابہ تبديل ممڪن نہ هوندي آهي جيستائين اُن جملي ڳالهائڻ ۾، جهيلار ۾ تبديل نہ آندي وئي هجي، جڏهن جهيلار ۾ تبديل ايندي آهي تڏهن جملي ۾ ڪم آيل فاعل، مفعول ۽ فاعل جي ترتيب ۽ بيهڪ ۾ تبديل ضرور آڻڻي پوندي: تنهنڪري جهيلار ۾ تبديل آڻي تہ جملي جي سٽاءُ ۽ لفظن جي بيهڪ ۾ بہ تبديلي ايندي، ساڳيءَ طرح جملي جي

سٽاءُ ۾ بيهڪ ۾ تبديل ڪئي وڃي ته ڳالهائڻ مهل، جهيلار ۾ به ضرور تبديل ايندي. اهڙيءَ حالت ۾ ڪنهن به جملي ۾ جهيلار، ترتيب ۽ بيهڪ ۾ تبديل آڻڻ سان، جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم به بدلجي ويندو. جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان ظاهر ٿيندو:

| عام جهيلار موجب ترتيب | جهيلار ۾ تبديلي آڻبي ته لفظن جي ترتيب ۾ به تبديل ايندي |
|---|---|
| ڇوڪر انب کاڌو. | انب ڇوڪر کاڌو.<br>انب کاڌو ڇوڪر؟<br>کاڌو ڇوڪر انب؟ |
| ڇوڪر منو انب کاڌو. | منو انب ڇوڪر کاڌو.<br>ڇوڪر انب منو کاڌو.<br>ڇوڪر کاڌو منو انب؟<br>ڇوڪر کاڌو انب منو؟<br>کاڌو منو انب ڇوڪر؟<br>کاڌو ڇوڪر منو انب؟ |
| ڇوڪر انب کاڌو ڇا؟ | ڇا، ڇوڪر انب کاڌو؟<br>ڇوڪر انب، ڇا کاڌو؟<br>انب ڇا، ڇوڪر کاڌو؟<br>انب ڇوڪر ڇا کاڌو!<br>کاڌو ڇا، انب ڇوڪر؟<br>کاڌو ڇا، ڇوڪر انب؟<br>ڇا انب ڇوڪر کاڌو؟ |

| | |
|---|---|
| ڇوڪر انب ڪونہ کاڌو. | ڪونہ ڇوڪر انب کاڌو؟ |
| | ڪونہ کاڌو انب ڇوڪر؟ |
| | انب ڇوڪر ڪونہ کاڌو؟ |
| | ڪونہ انب ڇوڪر کاڌو؟ |
| | ڪونہ انب کاڌو ڇوڪر؟ |
| | انب کاڌو ڇوڪر، ڪونہ؟ |
| | انب ڇوڪر کاڌو، ڪونہ؟ |

(iii) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ موجب 'نہ' ظرف ناڪاريءَ (ظرف نفي) جي صورت ۾ آهي؛ جيئن:

نہ وڃ.

گهر نہ وڃ.

نہ کاءُ.

ماني نہ کاءُ.

پر انهن جملن ڳالهائڻ مهل عام جهيلار ۾ تبديلي آڻڻ سان، جملي ۾ ڪم آيل لفظن (صورتن) جي عام ترتيب، بيهڪ ۽ سٽاءَ ۾ بہ تبديلي آڻبي آهي. اهڙيءَ حالت ۾ عام جهيلار بدلائڻ سان، ۽ لفظن جي ترتيب ۾ ڦيرقار آڻي، ۽ "نہ" ظرف تي زور ڏيڻ سان، "نہ" صورت جو ڪارج ناڪاريءَ مان بدلجي زور ڏيندڙ هاڪاري ٿيو پوي؛ ۽ ساڳئي وقت اُن جي هاڪاريءَ واريءَ معنيٰ ۽ مفهوم تي وڌيڪ "زور" (emphasis) ٿو پوي. جيئن:

| عام جهيلار موجب ترتيب | جهيلار ۾ تبديلي تہ لفظن جي ترتيب ۾ بہ تبديلي |
|---|---|
| نہ ٻڌ. | ٻڌ نہ! |
| گهر نہ وڃ. | گهر وڃ نہ! / وڃ نہ گهر! |

| | |
|---|---|
| نہ ڪاءِ. | ڪاءِ نہ! |
| نہ ويھہ! | ويھہ نہ! |

(iv) 'نہ' جو تڪراري استعمال سنڌي وياڪرڻ ۾ وڌيڪ دلچسپ آهي: مثال طور:

| غير تڪراري استعمال | تڪراري استعمال |
|---|---|
| نہ! تون ويھہ. | نہ نہ! تون ويھہ. |
| نہ! ويھہ. | نہ نہ! ويھہ. |
| نہ!. ڳالھہ هيئن آهي. | نہ نہ!. ڳالھہ هيئن آهي. |

(V) سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي سٽاءُ موجب ظرفي صورت "ڪالهہ". جملي ۾ فاعل کان پوءِ ۽ مفعول کان اڳ ايندي آهي: جيئن:

مون ڪالھہ ماني ڪاڌي.

هن جملي ۾ ظرفي صورت 'ڪالهہ' تي زور ڏنو ويو آهي، پر 'ڪالهہ' لفظ، جڏهن فاعل کان اڳ آڻبو تہ جهيلار ۾ بہ تبديلي ايندي ۽ لفظن جي ترتيب بہ ڦيرائبي. ائين ڪرڻ سان سڄي جملي جي معنيٰ بہ بدلجي ويندي، جيئن:

| عام جيلار موجب ترتيب | جهيلار ۾ تبديلي تہ لفظن جي ترتيب ۾ بہ تبديلي ايندي |
|---|---|
| مون. ڪالھہ ماني ڪاڌي. | ڪالهہ. مون ماني ڪاڌي. |
| اهڙيءَ طرح: | مون ماني ڪالھہ ڪاڌي |
| حيدرآباد جو بنياد سن 1768ع ۾ پيو | سن 1768ع ۾، حيدرآباد جو بنياد پيو. |
| | حيدرآباد جو بنياد پيو. 1768ع ۾. |

مٿي ساڄي طرف واري پھرئين مثال ۾ عام جھيلار موجب 'ڪالهہ' ظرف تي زور ڏنو ويو آهي. يعني وقت تي زور ڏنو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ڪابي طرف وارن جملي ۾ فاعل 'مون' تي زور ڏنو ويو آهي؛ يعني: "ڪالهه مون ماني ڪاڌي" ۽ نه ڪنهن ٻئي لفظ تي پر جملي مان مراد آهي ته وقت ٻڌائجي، يعني ته "مون، ڪالهه ماني ڪاڌي هئي" ۽ نه ڪ اڄ.

(ث) ڳالهائڻ جا لفظ:

(أ) نحوي سٽاءُ، ٻوليءَ جي وياڪرڻي صورتن، يعني ڳالهائڻ جي لفظن، جهڙوڪ: اسم، ضمير، صفت، فعل ۽ ظرف وغيره، جي ٻيهڪ ۽ اڀياس جي باري ۾ به مدد ڪري ٿي. بلومفيلڊ لکي ٿو: "اهو سمجهڻ هڪ غلطي ٿيندي ته اسان جي ٻوليءَ جا ڳالهائڻ جا اٺ لفظ -- اسم، ضمير، صفت، ظرف ۽ فعل وغيره _ ٻوليءَ جي هر گفتار ۾ ساڳي ٻيهڪ وٺن ٿا"[1]. مثال طور: بين الاقوامي وصف موجب 'چڱو' لفظ صفت آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ ۽ ترتيب جي اصولن موجب اسم جي اڳيان اچڻ گهرجي؛ جيئن

چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي جملن ۾ 'چڱو' هميشه اسم موصوف جي اڳيان ڪونه ٿو اچي، پر ڪڏهن ڪن جملن ۾ فعل جي اڳيان به ايندو آهي؛ مثلاً

گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ 'چڱو' لفظ اسم سان نه پر فعل سان لڳي ٿو، ڇو ته هن جملي ۾ 'چڱو' لفظ فعل جي اڳيان آيو آهي، ۽ ڪم ڪرڻ جي ريت ٻڌائي ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اهڙي سٽاء جنهن ۾ 'چڱو' يا اهڙيون ٻيون صورتون جڏهن فعل سان لڳن، تڏهن اُنهن کي صفت نه، پر ظرف چئبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ٻيا به انيڪ مثال ملن ٿا. هت ڪي ٿورا مثال شاهه

[1] Bloomfield, L., Op., Cit., P. 198

لطيف جي ڪلام مان ڏجن ٿا: مثلاً

مٿا مُهاين جا پيا نہ ڏسين پَٽَ

(سر ڪلياڻ)

هن مصرع ۾ فعلي صورت ”پيا“ جو عمل رواجي فعل وارو نہ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن موجب ”پيا“ فعل هن مصرع ۾ جيڪا بيهڪ ورتيو بيٺو آهي، اُن جي مطالعي ڪان پوءِ ائين چئبو تہ هن مصرع ۾ لفظ ”پيا“ فعل جو ڪم نٿو ڪري، پر اهو دراصل ظرف ٿي ڪم آيو آهي.

اهڙيءَ طرح هينيان مثال بہ ڌيان طلب آهن:

(i) وحده جي وڏيا، الاالله اڏ ڪيا.

(ii) وحده جي وڏيا، ڪيا الاالله اڏ.

(iii) وحده جي وهانءَ، جي ويا سي وڏيا.

مٿين ٽنهي مصرعن جي پيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ پهرينءَ مصرع ۾ ”وڏيا“ ۽ ”ڪيا“ صورتون فعل نہ آهن، پر اهي صورتون اسم مفعول طور ڪم آيون آهن. پر ٻيءَ مصرع:

وحده جي وڏيا، ڪيا الاالله اڏ.

هن مصرع ۾ لفظ ”ڪيا“، فعل طور ڪم آيو آهي ۽ سندس گردان زمان ماضي مطلق مطابق آهي. ٻنهي مثالن جي پيٽ هيٺ ڏنل خاڪي ذريعي ڪري سگهجي ٿي:



وحده جي وڏيا، الاالله اڏ ڪيا. وحـــده جـــي وڏيـــا. ڪـيـــا الاالله اڏ.

وحده جي وڏيا، الاالله اڏ ڪيا. وحدت جي وهانءَ جي ويا سي وڏيا.

ساڄي طرف وارن مثالن ۾، ’ڪيا‘ اسم مفعول جي، ’ڪيا‘ فعل متعدي معروف زمان ماضي مطلق سان پيت ڪئي وئي آهي. ٻئي مثال ۾ ’وڌيا‘ اسم مفعول جي ’وڌيا‘ فعل سان پيت ڪئي وئي آهي.

اهڙيءَ طرح:

هي ڪُنل ڪکڙ آهي.

هي ڪکڙ ڪُنل آهي.

حاصل مطلب تہ نحوي سٽاءُ جو اڀياس، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڍانچي جي اڀياس ۾ انقلابي تبديليون آڻيو ڇڏي، هت في الحال صفت جي چنڊڇاڻ، تفصيل سان ۽ مثالن سميت هيٺ ڏني وئي آهي تہ جيئن سنڌي زبان جي علم نحو جي سلسلي ۾ ڪجھ وڌيڪ معلومات ملي سگهي.

(2) **صفت:**

(الف) صفت جي وصف بيان ڪندي منشي اُڌارام ٿانورداس لکي ٿو:

”هي گهڻو ڪري اسم جو گڻ ڏيکاريندو آهي، جيئن:

چڱو ماڻهو.

منو ڏاڙهون.

صفت، جنس، عدد ۽ حالت ۾ اسم وانگر متبي آهي، ۽ گهڻو ڪري صفت جي پڇاڙيءَ ۾ ’او‘ ايندو آهي، جيئن:

گدلو، ڪارو ۽ ڪتو وغيره.

تنهنڪري ’او‘ جي پڇاڙيءَ وارن اسمن وانگر اهي صفتون، ڦرن ٿيون جيئن:

| مذڪر موجب گردان | اسم مؤنث موجب گردان |
| --- | --- |
| ڏاهو مڙس | ڏاهي زال |
| ڏاها مڙسَ | ڏاهيون زالون |

ڪان ڪم ورتو آهي. مثال طور مرزا صاحب هڪ هنڌ مثال ڏيئي سمجهائي ٿو:

| مثال 1 | مثال 2 |
| --- | --- |
| هڪڙو ماڻهو | هڪڙو آيو ۽ ٻيو ويو |

مرزا صاحب لکي ٿو ته: ”اهي عدد جڏهن پاڻمرادو ڪم اچن، تڏهن اُهي اسم ٿي ڪم اچن ٿا (جيئن مثال 2 ۾ آهي). پر جڏهن ڪنهن اسم سان لاڳو ٿي، اُن جو عدد يا انداز ڄاڻائين، تڏهن اهي صفت آهن (جيئن مثال پهرين ۾)“[1].

سنڌي زبان جا سيئي ماهر انهيءَ راءِ جا آهن ته سنڌي ٻولي ڳالهائيندي، ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ ڳالهائبا آهن، جيڪي اسمن جا گڻ يا اوگڻ ۽ عدد ڏيکاريندا آهن، ۽ گڻ اوگڻ يا عدد ڏيکاريندڙ لفظ ڳالهائڻ وقت فقرن يا جملن ۾ هميشه اسم جي اڳيان ايندا آهن: مثال طور:

(i) ننڍو ڇوڪر

(ii) ڪاري ٻڪري

(iii) پنج رڊون

انهن يا اهڙن ٻين سيني فقرن يا جملن ۾ ’ننڍو‘، ’ڪاري‘ ۽ ’پنج‘ توڙي اهڙيون ٻيون سيئي صورتون جيڪي ڳالهائڻ ۾ ’ڇوڪر‘، ’ٻڪري‘ ۽ ’رڊون‘ توڙي ٻين اسمن جي اڳيان اچن ٿيون، سنڌن پويان اُچاريل اسمن جو گڻ، اوگڻ، عدد يا خاصيت ڏيکارين ٿيون.

صفت جي وصف بيان ڪرڻ لاءِ اهي مثال ڪافي نه آهن. پر مٿي ڏنل مثالن جي هيٺ ڏنل فقرن سان ڀيٽ ڪرڻ سان ڪي وڌيڪ حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون: جيئن:

---

[1] ايضاً، ص 48

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| مثال 1 (مٿي ڄاڻايل مثال) | مثال 2 (نوان مثال) |
|---|---|
| ننڍو ڇوڪر | ڇوڪر ننڍو |
| ڪاري ٻڪري | ٻڪري ڪاري |
| پنج رڍون | رڍون پنج |

ڪابي طرف ڄاڻايل فقرن ۾ 'ننڍو'، 'ڪاري' ۽ 'پنج' صورتون 'ڇوڪر'، 'ٻڪري' ۽ 'رڍون' اسمن جي پويان رکيون ويئيون آهن. ٻنهي مثالن جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته 'ننڍو ڇوڪر'، 'ڪاري ٻڪري' ۽ 'پنج رڍون' فقرن ۾، 'ننڍو'، 'ڪاري' ۽ 'پنج'صورتون، 'ڇوڪر'، 'ٻڪري' ۽ 'رڍون' اسمن جا گڻ، خاصيتون ۽ عدد ڏيکارين ٿيون؛ پر 'ڇوڪر ننڍو'، 'ٻڪري ڪاري' ۽ 'رڍون پنج' فقرن ۾، 'ننڍو'، 'ڪاري' ۽ 'پنج' صورتون، اسمن ۽ اُنهن جي خاصيتن طرف ڪوبه اشارو نٿيون ڪن، تنهنڪري انهيءَ حالت ۾، اهي صورتون صفت وارو مفهوم ادا نٿيون ڪن.

اهڙيءَ طرح:

چڱو ماڻهو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ 'چڱو' يا اهڙين ٻين صورتن جي ترڪيب ڪندي هرو ڀرو اها دعويٰ ڪرڻ نه ڪپي، ته اهڙين سڀني صورتن — چڱو، سنو، اڇو ۽ ڪارو وغيره _ کي وياڪرڻ جي اصولن موجب صفت ڪوٺي سگهجي ٿو. پر انهن صورتن کي 'وياڪرڻي نالي' (label) ڏيڻ کان اڳ، ڏسڻو پوندو ته 'چڱو' توڙي اُن جهڙيون ٻيون صورتون جملي ۾ يا فقري ۾، ڪهڙو ڪارج ادا ڪن ٿيون. فقري يا جملي ۾، اهڙين صورتن جي ٻيهڪ، وياڪرڻ جي لحاظ کان تمام اهم آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته جاچڻ گهرجي ته بحث هيٺ آيل صورتون — چڱو وغيره _ ڳالهائڻ مهل جملي ۾ يا فقري ۾، اسم کان اڳ اچن ٿيون يا اسم کان پوءِ. مٿي جيڪو جملو مثال طور ڏنو ويو آهي، سو هي آهي:

چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ 'چڱو' صورت جي ترڪيب ڪندي، اُن کي صفت ڪوٺبو. ڇاڪاڻ تہ مٿئين جملي جي سٽاءَ ۾ ، 'چڱو' صورت 'گهوڙو' اسم جي بلڪل اڳيان ۽ اُن جي پير ۾ آيل آهي. اُن اسم جي باري ۾ ڪجهہ وضاحت ڪري ٿي، پر ساڳئي جملي ۾ جيڪڏهن لفظن جي بيهڪ ڦيرائي، 'چڱو' صورت کي 'گهوڙو' صورت کان پوءِ ۽ فعل جي اڳيان آڻبو تہ جملي جي بيهڪ هيئن ٿيندي:

گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ 'چڱو' لفظ جو وياڪرڻي ڪارج صفت وارو نہ، پر بدليل آهي. ٻئي جملا ڀيٽ ڪرڻ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا:

چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.　　　　گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

ڪابي طرف واري جملي ۾ 'چڱو' صورت، اسم جي اڳيان نہ، پر فعل جي اڳيان آيل آهي، ۽ فعل جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائي ٿي. 'چڱو' صورت جي انهيءَ بيهڪ مان 'ڊوڙي ٿو' فعل بابت سوال اُٿن ٿا: گهوڙو ڪيئن ٿو ڊوڙي؟ پهرئين مثال ۾ 'چڱو' صورت جڏهن 'گهوڙو' صورت جي اڳيان آئي، تڏهن 'گهوڙي' جي باري ۾ سوال پڇيا ويا: ڪهڙو گهوڙو؟

انهيءَ بيان جي اڀياس کان پوءِ ظاهر ٿو ٿئي تہ 'چڱو' صورت جي، هن جملي ۾، وياڪرڻي بيهڪ صفت واري نہ آهي. هن حالت ۾ اُن جي ڪارج مان گڻ يا خاصيت جي باري ۾ ڪوبہ جواب نٿو ملي، پر ريت جي باري ۾ خبر پوي ٿي؛ ننهنڪري ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪا صورت فعل جي ريت متعلق ڄاڻ ڏئي، تنهن کي 'صفت' نہ چئبو، پر اُن کي 'ظرف' ڪوٺبو. هن بحث کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ 'چڱو' يا اهڙين ٻين صورتن جا، جملن ۾ سندن بيهڪ سميت، ڌار ڌار مثال ڏجن ٿا:

| 'ريت' ڏيکارڻ واري بيهڪ | 'گڻ' ڏيکارڻ واري بيهڪ |
|---|---|
| احمد ماڻهو چڱو آهي | احمد چڱو ماڻهو آهي. |
| ٻار روزانہ سنو پڙهندو آهي. | سنو ٻار روزانہ پڙهندو آهي. |
| هيءَ ٻڪري ڪاري آهي. | هيءَ ڪاري، ٻڪري آهي. |

متئين بحث جي مطالعي لاءِ تشريحي لسانيات (descriptive linguistics) جي اصولن کي مڃڻ ضروري آهي. تشريحي لسانيات جي مدد سان اهو بہ ثابت ٿيو آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪي وياڪرڻي صورتون، انفرادي حيثيت ۾، وياڪرڻ ۾ هڪڙو ڪارج ڏيکارين ٿيون. پر اُهي ئي صورتون جڏهن فقرن يا جملن ۾ ڳالهائبيون آهن، تڏهن اُنهن جو ڪارج، فقري يا جملي ۾ سندن بيهڪ پٽاندر، بدليل هوندو آهي. مثال طور وياڪرڻي صورت 'هي'، سنڌي وياڪرڻ موجب، ضمير آهي، پر فقري يا جملي ۾ اها صورت جڏهن ڪنهن اسم جي اڳيان ايندي آهي، تڏهن اها صورت اِن حالت ۾، ضمير نہ، پر صفت جو مفهوم ادا ڪندي آهي: جيئن:

| صفتي ڪارج | ضميري ڪارج |
|---|---|
| هي ڇوڪرو، هوشيار آهي. | هي هوشيار ڇوڪرو آهي. |
| هو ماڻهو ماني کائي ٿو. | هو ماني کائي ٿو. |

(2) روايتي (traditional) وياڪرڻ موجب، 'منهنجو' ۽ 'پنهنجو' صورتون بہ ضمير آهن. ۽ وياڪرڻ جي سيني ماهرن انهن کي ضمير ڪوٺيو آهي. پر فقرن يا جملن ۾، انهن صورتن جي بيهڪ پٽاندر، انهن جي معنيٰ ۽ ڪارج جو جڏهن اڀياس ڪجي ٿو، تڏهن روايتي وياڪرڻ واريءَ وصف کي قبول نہ ڪرڻ لاءِ ڪافي دليل ملن ٿا. هيٺين جملن ۾ انهن صورتن جا مثال ڏجن ٿا:

| مثال (1) | مثال (2) |
|---|---|
| هي منهنجو ڪتاب آهي. | هي ڪتاب، منهنجو آهي. |
| منهنجو گهوڙو ڊوڙي ٿو. | گهوڙو، منهنجو ڊوڙي ٿو. |
| پنهنجو پئسو ڪم ايندءِ. | پئسو، پنهنجو ڪم ايندءِ. |

مٿين مثالن ۾، مثال نمبر پهرئين جي، مثال نمبر ٻئي سان، ڀيٽ ڪرڻ سان، 'منهنجو' ۽ 'پنهنجو' صورتن جي وياڪرڻي حيثيت چِٽي ٿيو پوي. روايتي وياڪرڻي موجب اِهي ضمير آهن. اهڙن ضميرن لاءِ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"جيڪي ضمير صفت ٿي ڪم اچن تن کي ضميري صفت چئبو آهي"[1]

مرزا صاحب جيڪا وصف ڏني آهي، تنهن مان اهو پڌرو ٿيو پوي ته مٿين جملن ۾ 'منهنجو' ۽ 'پنهنجو' صورتون صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿيون ۽ نه ڪ ضميرجو

(3) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي ماهرن 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' توڙي اهڙين ٻين سيني صورتن کي اسم مفعول سڏيو آهي[2]. حقيقت ۾ جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته سنڌي وياڪرڻ ۾ ڪي صورتون، انفرادي حيثيت ۾، وياڪرڻي ڪارج هڪڙو ڏيکارين ٿيون. پر فقرن ۽ جملن ۾ نحوي ٻيهڪ جي اصولن موجب انهن جي وياڪرڻي حيثيت ۾ وڏو فرق اچيو وڃي. هيٺ ڏنل مثالن مان ثابت ٿيندو ته فقرن ۽ جملن ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' وغيره صورتون، اسم مفعول جي

---

[1] مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع ص 40.

[2] ڪشنچند ڪلاسنک کدواڻي: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو 2، حيدرآباد، موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، 1937ع، ص ص 76، 78

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ بلڪل ڪم نٿيون اچن. پر اُهي صفت جو مفهوم ادا ڪن ٿيون. هن دعويٰ لاءِ هيٺ ڏنل جملن جو اڀياس وڌيڪ مددگار ثابت ٿيندو:

| مثال (1) | مثال (2) |
|---|---|
| هي خط لکيل آهي. | هي لکيل خط آهي. |
| هي ڇوڪر پڙهيل آهي. | هي پڙهيل ڇوڪرا آهي. |
| هي انب پڪل آهي. | هي پڪل انب آهي. |

پهرئين مثال ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' صورتون وقت ٻڌائين ٿيون، ۽ انهيءَ ڪري سندن لاڳاپو فعل سان آهي؛ پر ٻئي مثال ۾ 'لکيل' 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' صورتون 'خط'، 'ڇوڪر' ۽ 'انب' اسمن جي باري ۾ اُپٽار ڪن ٿيون. 'خط'، 'ڇوڪر' ۽ 'انب' صورتون جيئن تہ اسم آهن، تنهنڪري اُهي صورتون جيڪي اسمن جي باري ۾ ڪجهہ وڌيڪ ٻڌائين ۽ جملي يا فقري ۾ اُنهن جي اڳيان اچن، اهڙين صورتن کي 'صفت' چئبو آهي. انهيءَ ڪري ٻئي مثال وارن جملن ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' صورتون اسم مفعول نہ، پر صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿيون.

(4) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو اڀياس ڪندي، زمان ماضيءَ جا ڪي فعل ڪن جملن ۾ اهڙي بيهڪ وٺن ٿا، جو اُهي، اُن حالت ۾، فعل نہ، پر صفت تي ڪم اچن ٿا؛ جيئن:

| فعل | مثال 1 | مثال 2 |
|---|---|---|
| ڪٽيو | مون داءُ ڪٽيو. | ڪٽيو تنهنجو گهوريو. |
| ڏُڌو | مون کير ڏُڌو. | ڏُڌو کير ٽٽين نہ پوي. |
| ڇُٽو | تير ڇٽو. | ڇُٽو تير واپس ڪين موٽي. |

مٿين جملن ۾ مثال ٻئين ۾ 'ڪٽيو'، 'ڏُڌو' ۽ 'ڇُٽو' صفتون آهن.

(5) سنڌي وياڪرڻ موجب 'لِڳٽي'، 'مارٽو'، 'ويڙهو' ۽ 'ڳالهائيندڙ' صورتون اسم فاعل آهن. سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، ديوان ڪشچند گلابسنگ گدواڻيءَ ۽ ديوان ڏيارام وسٽمل مير چنداڻيءَ پنهنجي ڪتاب سنڌي وياڪرڻ ۾، 'لکندڙ' صورت کي اسم فاعل ليکيندي فرمائين ٿا[1]:

هن ڪتاب جو لکندڙ ڪاليداس آهي.

اهڙيءَ طرح هوُ 'لکندڙ' صورت کي اسم فاعل سڏين ٿا[2]. پر ڪجهه سوچ ڪان پوءِ، انهيءَ ساڳيءَ صورت کي ٻئي جملي ۾، ٻيءَ جاءِ تي ڏسي، اُن جي ٻي معنيٰ ۽ ٻيو ڪارج محسوس ڪري، هنن پنهنجي ڪتاب ۾ متينءَ وصف کي پاڻ ڦيرايو آهي.[3] اهو جملو هي آهي:

ڳائيندڙ ڇوڪريءَ کي انعام مليو.

هن جملي ۾ 'ڳائيندڙ' صورت جي معنيٰ، مٿئين جملي ۾ 'لکندڙ' صورت واري معنيٰ بلڪل نہ آهي. اجا بہ 'لکندڙ' صورت جو ڪارج معلوم ڪرڻ لاءِ بہ ڌار ڌار مثال ڏجن ٿا:

| مثال 2 | مثال 1 |
|---|---|
| لکندڙ ڇوڪريءَ کي انعام مليو آهي. | هن ڪتاب جو لکندڙ ڪاليداس |

ٻنهي جملن جي ڀيٽ ڪرڻ سان ظاهر ٿو ٿئي تہ مثال نمبر ٻئين ۾ 'لکندڙ' صورت صفت آهي ۽ نہ ڪہ اسم فاعل. تنهنڪري ٻئي فاضل لکن ٿا تہ:

"هن جملي ۾ 'ڳائيندڙ' لفظ 'ڳائڻ' مان نڪتو آهي ۽ ڏيکاري ٿو تہ ڳائڻ جو ڪم ڪير ٿو ڪري، تنهنڪري اُن لفظ کي اسم فاعل

---

[1] ڪشنچند گلابسنگ گدواڻي: حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي. ص 103

[2] ايضاً. ص 103

[3] ڪشنچند گلابسنگ گدواڻي: حوالو اڳ ۾ ڏنل آهي. ص 103

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چٺبو: پر هتي 'ڳائيندڙ' لفظ ڇوڪريءَ سان لڳي ٿو ۽ صفت جو ڪم ڪري ٿو".[1]

اهڙيءَ طرح 'مارٺو'، 'ويڙهو' ۽ 'لڏندڙ' لفظ ٻه صفت جو ڪم ڪن ٿا، جيئن:

| مثال 1 | مثال 2 |
| --- | --- |
| هي ڏڳو مارٺو آهي. | هي مارٺو ڏڳو آهي. |
| هي ماٺهو ويڙهو آهي. | هي ويڙهو ماٺهو آهي. |
| پينگهو لڏندڙ آهي. | لڏندڙ پينگهو پڃي پيو. |
| هيءَ ٻيڙي لڳٽي آهي. | هيءَ لڳٽي ٻيڙي آهي. |

مٿي مثال نمبر ٻئين ۾ 'مارٺو'، 'ويڙهو'، 'لڏندڙ' ۽ 'لڳٽي' لفظن جو ڪارج صفت وارو آهي. سنڌي لوڪ گيتن ۾ ٻه اهڙا ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيئن:

سُتــڙي ڪُتــڙي ڇيڙ نه ڪجي.

هن مصرع ۾ 'سُتــڙي' لفظ صفت طور ڪم آيو آهي ۽ ڪُتي جي باري ۾ ٻڌائي ٿو.

(6) سنڌي وياڪرڻي جي ماهرن، روايتي وياڪرڻ موجب، 'اسم استقبال' جي سري هيٺ جن صورتن کي پيش ڪيو آهي، انهن ۾ 'وڃڻو' ۽ 'ڪرڻو' وغيره صورتون ٻه اچي وڃن ٿيون:

مثال طور:

ڇوڪر ٻاهر وڃڻو آهي.

منهنجو دوست اچڻو آهي.

مون کي توسان حساب ڪرڻو آهي.

---

[1] ڪشنچند گلابسنگ ڪڊواڻي: [illegible] ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روايتي وياڪرڻ موجب انهن صورتن -- وڃڻو، اچڻو ۽ ڪرڻو -- ڪي اسم استقبال چئبو آهي، پر انهن ساڳين صورتن — وڃڻو، اچڻو ۽ ڪرڻو — جي ٻين جملن ۾ بيهڪ جو اڀياس ڪرڻ ڪان پوءِ محسوس ڪبو تہ اهي صورتون صفت طور بہ ڪارج ڏيکاريو ٿيون. ديوان ڪشنچند ۽ ديوان ڏيارام لکن ٿا:

”هاڻي ’وڃڻو‘، ’ڪرڻو‘ ۽ اهڙي قسم جون ٻيون صورتون، ڏيکارين ٿيون تہ ڪم، ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي. اهڙا لفظ بعضي صفت ۽ بعضي اسم جو ڪم ڪن ٿا“[1].

ٻئي ماهر اڳتي هلي صفحي 98 تي اسم استقبال جي وصف بيان ڪندي لکن ٿا:

”اهڙا لفظ جي فعل مان نڪتل هجن ۽ صفت يا اسم جو ڪم ڏين، ۽ ڏيکارين تہ ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي تن کي اسم استقبال چئجي ٿو.“[2]

هيٺ ڏنل مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ’اچڻو‘، ’وڃڻو‘ ۽ ’ڪرڻو‘ وغيره صورتون اهو بلڪل نٿيون ڏيکارين تہ ڪو ڪم، ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، پر اُن جي برعڪس اهي صورتون جملن ۾ پنهنجي بيهڪ موجب موصوف جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائين ٿيون: مثلاً:

i. وڃڻي شي نيٺ وئـــي.

ii. اچڻو اجل ڪير روڪي.

اهڙيءَ طرح جملي ۾ لفظن جي ڦير ڦار سان ’وڃڻو‘ ۽ ’اچڻو‘ صورتون صفتي ڪارج ڏيکارين ٿيون: جيئن:

---

[1] ڪشنچند ڪلاسنک ڪدواڻي: حوالو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي ص 97.

[2] ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| صفت واري بيهڪ | اسم استقبال واري بيهڪ |
|---|---|
| وڃڻي شي نيٺ وئي. | ڇوڪري ڪراچيءَ وڃڻي آهي. |
| اچڻو اجل ڪير روڪي. | ڇوڪر اچڻو آهي. |

(7) سنڌي روايتي وياڪرڻ موجب 'کٽائيندڙ'، 'ويڙهائيندڙ' 'ڊوڙائيندڙ' ۽ اهڙيون ٻيون صورتون اسم فاعل (Noun of agency) ڪوٺبيون آهن: جيئن:

(i) هيءَ موسم کَٽائيندڙ آهي.

(ii) هي ماڻهو ويڙهائيندڙ آهي.

پر متي ڏنل جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ڦيرائڻ سان 'کٽائيندڙ'، "ويڙهائيندڙ' ۽ ڊوڙائيندڙ صورتون صفت طور بہ ڪم اچن ٿيون، جيئن:

(i) هيءَ 'کٽائيندڙ' موقعو آهي.

(ii) هي 'ويڙهائيندڙ' ماڻهو آهي.

متي ڏنل ٻنهي بيهڪن جي ڀيٽ لاءِ هيٺ جملا ڏجن ٿا:

| صفتي ڪارج | اسم فاعل (Noun agency) |
|---|---|
| هيءُ کٽائيندڙ موقعو آهي. | هيءُ موقعو کٽائيندڙ آهي. |
| هي ويڙهائيندڙ ماڻهو آهي. | هي ماڻهو ويڙهائيندڙ آهي. |

متئين بحث مان هي ثو ثابت ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وياڪرڻي صورتون، نحوي سٽاءَ ۾ انفرادي طور ڏيکاريل ڪارج کان، ڌار ڪارج ادا ڪن ٿيون.

(8) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ موجب فاعل – فعل تنظيم جو ٽين مکيہ خصوصيت، 'ترميم' (modification) آهي. هن خصوصيت موجب، ڪنهن بہ گفتار ۾ فاعل ۽ فعل جي ميلاپ وقت، صوتي تبديل ايندي آهي: پر جيڪڏهن فاعل ۽ فعل الڳ الڳ اُچاربا تہ پوءِ انهن ۾ ڪنهن بہ صوتي تبديليءَ جو امڪان ڪونهي. جيئن:

| الڳ الڳ اُچار | گڏيل اُچار |
| --- | --- |
| مون وٽ پين ڪانہ آهي. | ون وٽ پين ڪانهي. |
| مون وٽ پئسو ڪونہ آهي. | مون وٽ پئسو ڪونهي. |
| هو ڇا آهي؟ | هُو ڇاهي؟ |
| هوُ ڪراچي ويا آهن. | هوُ ڪراچي ويا هن. |
| هو مدد ڪندو اٿن. | هو مدد ڪندن. |
| هوُ ڪتاب ڏيندو اٿن. | هو ڪتاب ڏيندن. |

اهو مطالعو سنڌي جي قانون سان واسطو تو رکي.

## (ج). جملي يا فقري جا مکيہ ڀاڱا: (Immediate constituents)

هاڻ ڏسڻو آهي تہ ڪنهن جملي يا فقري جا اهم جزا ڪهڙا ڪهڙا آهن ۽ انهن اهم جزن/ڀاڱن (Immediate constituents) جي ڇيد ڪرڻ لاءِ ڪهڙو اُصول اختيار ڪرڻ کپي؟ ڪنهن جملي يا فقري جو ڀاڱيوار ڇيد ڪرڻ سان، ٻوليءَ جي نحوي بناوتن ۽ نحوي صورتن جي وياڪرڻي ڪارج جي خبر پوي ٿي. مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو چاهي تہ هيٺ ڏنل فقري جو ڇيد ڪري تہ ڪيس اهو (ڇيد) هيٺ موجب ڪرڻو پوندو:

اسان جا گهوڙا اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

هن جملي ۾ ست لفظ آهن:

اسان

جا

گهوڙا

اڄ

ميدان

تي

ڊوڙن ٿا

انهن مان هرهڪ لفظ جو ٻئي لفظ سان ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان لاڳاپو آهي. انهن لفظن جي اندروني لاڳاپي ۽ نسبت ڏيکارڻ لاءِ، مٿئين جملي جي نحوي بناوت تي روشني وجهجي ٿي. انهيءَ جملي جو اڀياس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ ان ۾ 'اسان جا' ۽ 'گهوڙا' لفظن جي وچ ۾ سڌو سنئون لاڳاپو آهي. 'اسان جا' ۽ 'اڄ' لفظن جي وچ ۾ اهڙو ڪوبہ سڌو سنئون لاڳاپو ڪونهي. پڙهندڙ شايد ائين سمجهن تہ ڇاڪاڻ تہ 'اسان جا' ۽ 'گهوڙا' صورتون هڪٻئي جي پر ۾ بيٺل/ آيل آهن، تنهن ڪري اهي هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکن ٿيون، پر ائين نہ آهي. هن جملي ۾ 'گهوڙا' ۽ 'اڄ' لفظ تہ هڪٻئي جي پر ۾ بيٺل آهن، پر انهن جي وچ ۾ بہ اهڙو ڪوبہ لاڳاپو ثابت نٿو ٿئي. مٿئين جملي ۾ جيڪي لفظ هڪٻئي سان تمام گهڻو ۽ گهاٽو لاڳاپو رکن ٿا، اهي آهن:

اسان جا گهوڙا

ميدان تي

اڄ ڊوڙن ٿا

انهن لفظن ۾ هرهڪ لفظ، لاڳاپيل ڀاڱي جو هڪ ڀاتي (member) آهي. اهڙيءَ طرح هر گفتار، جملو يا فقرو ڪن اهم ڀاڱن ۾ تقسيم ٿي سگهي ٿو. اهم ڀاڱو (Immediate constituent) انهن ٻن يا وڌيڪ ڀاڱن مان هڪ هوندو آهي، جن سان جملو، گفتار يا فقرو جڙيل هوندو آهي[1].

مٿي ڏنل جملي:

اسان جا گهوڙا اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

کي جن مکيہ ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، اهي آهن:

هڪ / اسان جا گهوڙا / ۽ ٻيو / اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

---

[1] Gleason, H. Op. Cit., P. 137.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر جيڪڏهن ڪو صاحب مٿئين جملي کي / اسان جا/ ۽ / گهوڙا اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا / جزن ۾ ڀڃندو ته سندس اهو ڇيد درست نه سمجهبو، ڇو ته سنڌي ٻوليءَ جي.

نحوي سٽاءَ موجب ڇيد ٿيندو:

اسان جا گهوڙا / اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

وري اڳتي جڏهن 'اسان جا گهوڙا' جُزي جو ڇيد ڪبو ته هن فقري جا اهم جزا ٿيندا: اسان جا ۽ گهوڙا

اهڙيءَ طرح:

اڄ ميدان تي ڊوڙون ٿا

حصي کي جڏهن اڳتي مڪيہ ڀاڱن ۾ ڀڃبو ته ان حصي جا اڳتي هي ڀاڱا ٿيندا:

اڄ ميدان تي ۽ ڊوڙن ٿا

وري / اڄ ميدان تي / فقري جا ڀاڱا ڪبا ته ان جا اڳتي مڪيہ ڀاڱا ٿيندا:

اڄ ۽ ميدان تي

ميدان /تي ①

اهڙيءَ طرح وڏن مرڪب جملن جو به ڇيد ڪري، انهن جا اهم ڀاڱا ڄاڻائي سگهجن ٿا. مثال طور:

سهڻيءَ سنڌ جي هڪ سخي حاڪم، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، 1768ع ۾ حيدرآباد ۾، هڪ مضبوط وڏو قلعو اڏايو.

هن جملي ۾ ڇيد ڪرڻ سان جيڪي اهم جزا ٿين ٿا سي هن ريت آهن:

① Nida. Op. Cit. P. 87.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سهڻي سنڌ جي هڪ سخي حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي | ١٧٢٧ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ مضبوط وڏو قلعو اڏايو | | | | | | | | | | | | |
| سهڻيءَ سنڌ جي | هڪ سخي حاڪم ميان غلام شاهه ڪلهوڙي | ١٧٢٧ع ۾ حيدرآباد ۾ | هڪ مضبوط وڏو قلعو | اڏايو | | | | | | | | | |
| سهڻيءَ | سنڌ جي | هڪ سخي | حاڪم | ميان غلام شاهه ڪلهوڙي | ١٧٢٧ع ۾ حيدرآباد ۾ | هڪ مضبوط وڏو قلعو | اڏايو | | | | | | |
| | | هڪ سخي | حاڪم | ميان | غلام شاهه ڪلهوڙي | ١٧٢٧ع ۾ | حيدرآباد ۾ | هڪ مضبوط وڏو | قلعو | اڏايو | | | |
| | | هڪ | سخي | حاڪم | | غلام شاهه ڪلهوڙي | ١٧٢٧ع | ۾ | حيدرآباد | ۾ | هڪ مضبوط وڏو | قلعو | اڏايو |
| | | | | | | | غلام شاهه | ڪلهوڙي | | | | | هڪ مضبوط |

مٿي ڏنل جملي جي ڇيد ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ ٻوليءَ جي وياڪرڻ موجب هر لفظ جي صورت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ هن نسم جي ڇيد جي مدد سان، اسم، فعل، ضمير ۽ ظرف وغيره. ڳالهائڻ جي اٺن لفظن مان هرهڪ جي وصف مقرر ڪري سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب


1. شيخ واحد بخش: سنڌي صرف و نحو، حيدرآباد، آر.ايچ.احمد
اينڊ برادرس، 56-1955ع
2. ڪشنچند گلابسنگ گدواڻي: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٻيو،
حيدرآباد، موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ ورڪس، 1937ع
3. مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ،
1960ع
4. منشي اُڌارام ٿانورداس: سنڌي وياڪرڻ، ڪراچي، گورنمينٽ
سينٽرل بوڪ ڊيپو، 1892ع


## انگريزي ڪتاب


5. Bloch A. S, Trager. L. Op: Cit, P. 71.
6. Bloomfield., L. Language, London, George
Allen and Unwin Ltd. 1961.
7. Gleason.
8. Nida., Op. Cit.

# سنڌي/ اِدغام (assimilation)

1. صوتيات جو علم سنڌ ۾ اجا تائين بہ نئون پيو محسوس ٿئي. جيتوڻيڪ سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، سنڌي آوازن جي صوتياتي نظام، ڳالهائڻ جي عضون، آوازن جي مخرج ۽ نقط ادا (point of articulation) توڙي آوازن جي تقسيم جي بيان ۾ صفحن جا صفحا پري ڇڏيا آهن[1]، پر اهي سڀ بيان ۽ نتيجا ثابت ٿا ڪن تہ انهن مان ڪنهن بہ بزرگ، ٻوليءَ جي ساخت ۽ سٽاءُ توڙي صوتياتي نظام جو شخصي طور تجربو نہ ڪيو آهي، بلڪ غير سنڌي ماهرن — ڊاڪٽر ٽرومپ، سرگريئرسن ۽ اسٽئڪ — جي بيان جو، هو بهو ترجمو ڪيو آهي. مقامي ماهرن ۾ پروفيسر وسناڻيءَ جو نالو سيني کان اڳ ملي ٿو. هن صاحب کان پوءِ ديوان ڏوليمل، مرزا قليچ بيگ ۽ پروفيسر ڀيرومل اهڙي ڪوشش ڪئي. ديوان ڀيرومل پنهنجي ڪتاب "وڏو سنڌي وياڪرڻ" کان سواءِ پنهنجي ٻئي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ" ۾ بہ لسانيات ۾ ڪم ايندڙ فني اصطلاحن جي مفهوم ۽ وصف تي روشني وڌي آهي، ۽ انهن جا مثال بہ ڏنا اٿس. پروفيسر صاحب انهن ۾ 'ادغام'[2]، جي عنوان واري هڪ نئين لفظ جو سنڌي ٻوليءَ ۾ اضافو ڪيو آهي[3]. جيتوڻيڪ ادغام جو مقصد ۽ مفهوم سمجهائيندي اهائي ساڳي مراد ورتي اٿس،

[1] مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع، ص ص 41_52 ۽ ڀيرُ ڏسو: ڀيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو پهريون، ڪراچي ۽ حيدرآباد، هندو پريس، 1926ع، ص 2، 3 ۽ 6.

[2] لفظ ادغام . سنڌي ٻوليءَ ۾ پهرين پهرين شاھ لطيف ڪم آندو آهي. مثلاً: "ڪسرت آهي قرب ۾، ادغام ۾ اِعراب".

[3] ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع. ص 342

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪا اڳتي هلي ’ڳنڍيل حرف صحيح جو پچڻ‘ جي عنوان هيٺ بہ بيان ڪئي اٿس[1]. حقيقت ۾ ٻئي ’عنوان‘ هڪ ئي مقصد رکن ٿا. پروفيسر ڀيرومل، ڳنڍيل حرف صحيح جو پچڻ‘ فقري جي پير ۾، ڏنگين ۾، ان لاءِ انگريزيءَ ۾ ڪم ايندڙ لفظ assimilation لکيو آهي. دراصل پروفيسر صاحب انگريزي لفظ assimilation جو، يعني جو، سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي: ’ڳنڍيل حرف صحيح جو پچڻ‘. ان جي وصف بيان ڪندي لکيو اٿس:

”ڳنڍيل حرف صحيح مان جيڪڏهن ٻئي زور پريا يا ڏاڍا اکر هوندا، تہ ٻيو اکر قائم رهندو ۽ پهريون منجهس سمائجي ويندو، پر جيڪڏهن هڪ زور پريو ۽ ٻيو ڪمزور اکر هوندو، تہ ڪمزور اکر ڏاڍي اکر ۾ سمائجي ويندو. مطلب تہ ’جيڪو ڏاڍو سو ڳاٻو‘: اهو ليکو ٻولين ۾ بہ لڳو پيو آهي.“

انگريزي لفظ assimilation کي، جڏهن تاريخ جي روشنيءَ ۾ جاچجي ٿو، تڏهن ائين ٿو معلوم ٿئي تہ اهو لفظ، خود ئي برصغير هند و پاڪ ۾ قديم زماني کان وٺي موجوده وقت تائين ڪم ايندڙ لفظ ’سَنڌي‘ جو ترجمو آهي، جو ممڪن آهي تہ سترهينءَ ۽ ارڙهين صديءَ ڌاري انگريزي زبان ۾ ترجمو ڪيو ويو هجي؛ ڇاڪاڻ تہ اهو ئي زمانو هو، جنهن ۾ برطانوي ماهرن لسانيات جي علم، ۽ خاص ڪري سنسڪرت جي مطالعي کي پنهنجي ڄاڻ ۽ علم لاءِ ضروري سمجهي[2]. هوئڻ بہ يورپي مشنرين، سورهينءَ ۽ سترهينءَ صديءَ ڌاري، سنسڪرت

---

[1] ڀيرومل آڏاڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 378
ديوان صاحب ’وڏ سنڌي وياڪرڻ‘، ڀاڱي ٽئين ۾، صفحي 238 ۽ 250 تي ”سَنڌيءَ“ جا اصول ۽ مثال بہ ڏنا آهن. ممڪن آهي تہ ڪجهہ وقت جي مطالعي کان پوءِ ڪيس انگريزي لفظ assimilation جو سنڌيءَ ۾ نعم البدل ”سَنڌي“ هٿ آيو هجي.

[2] Bloomfield. L., <u>Language</u>, London. George Allen and Unwin Ltd. 1991, P. 11

جي گرامر جو علم يورپ تائين پهچائي چڏيو هو، جنهن يورپ وارن جي ذهن ۽ فڪر ۾ هڪ عجيب انقلاب آندو هو[1]. انهيءَ ڪري اهو دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته ديسي لفظ "سَنڌي"، انگريزيءَ ۾ اڳ ئي استعمال ٿيڻ لڳو[2] ۽ پوءِ ان جو انگريزيءَ ۾ ترجمو assimilation ڪيو ويو. ڪاڪي پيرومل ته ديسي لفظ جي انگريزي ترجمي assimilation جو وري سنڌي ۾ ترجمو ڪيو آهي. ڪانئس اڳ ديوان ڄهمتمل وسناڻيءَ ساڳيو ديسي لفظ "سَنڌي" استعمال ڪيو آهي، ۽ انگريزيءَ ۾ ان لاءِ ڏنگين ۾ assimilation لفظ رکيو اٿس[3]. هن باب ۾ 'سَنڌي' مان مراد، ساڳي ديوان وسناڻيءَ واري ورتي وئي آهي.

سنسڪرت وانگر، سنڌيءَ جي صوتياتي نظام ۽ ٻوليءَ جي ڍانچي ۾ به "سَنڌي" اهم حصو ادا ڪيو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ هيستائين صوتيات جي هن اهم عنصر 'سَنڌي' کي صحيح نموني پيش نه ڪيو ويو آهي. ممڪن آهي ته پيش ڪندڙن ان جي افاديت ۽ مفهوم کي برابر سمجهيو نه آهي، ۽ اهوئي سبب آهي جو "سَنڌي" مان عجيب عجيب نتيجا ڪڍيا ويا آهن. لسانيات جي جديد توڙي قديم نظرين ۾، 'سَنڌي' جي وصف، عمل ۽ مفهوم ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو

---

[1] Bloomfied. Op.Cit... P. 10.

[2] بارٽل مثلمرگ، 'سَنڌي' جي باري ۾ لکي ٿو:

Sandhi is a phenomenon of combinatory phonetics produced through the combination of words in a sentence. On speaks of Sandhi, term borrowed from the ancient Hindu grammarians, which signifies junction. union. Sandhi phenomena. were particularly frequent in the ancient language of India (i.e. Sanskrit)_see Bertil Malmerg Phonetics New York, Dover publication. 1963, P. 64

[3] Wasnani J.N.. A New Grammar of the Sindhi Language. Karachi. Government Central Book Depot. 1892. PP. 24. 206

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جون جيڪي وصفون مقرر ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ هن ريت آهي:

”جڏهن بہ سنسڪرت مان نون لفظن ٺاهڻ لاءِ ڪنهن ڌاتوءَ سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ڳنڍيون وينديون آهن تہ ان عمل کي سڏيندا ئي هئا ’سنڌي‘، جو پوءِ ڦري ’سَنڌي‘ اُچارجڻ لڳو. ۽ اج خود يورپي ماهرن ان لفظ ’سَنڌي‘ (sandhi) کي هڪ ٽيڪنيڪل لفظ طور، انگريزيءَ ۾ ٻين ٻولين ۾ استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ان لفظ ۾ ڪافي وقت اندر ’اِ‘ حرف علت جو ’اَ‘ حرف علت ۾ متجڻ ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. خود اسان وٽ ان جون ڪي صورتون انهيءَ طريقي سان بدلجي چڪيون آهن. هن لفظ جو ڌاتو آهي سَڌ ◁ سَد (سنسڪرت: سيڌ) = وهڻ، ڳنڍڻ، ڳتڻ، ڌڪ هڻڻ، آباد ٿيڻ، محدود ٿيڻ وغيره. جنهن مان ’سَنڌ، سَنڌو، سَنڌو، سينڌ لفظ‘، حرف علت ’اِ‘ سان موجود آهن، تہ ٻئي پاسي سَنڌڻ، سَنڌِ، سَنداڻ، سَنڌو وغيره لفظ بہ موجود آهن[1].“

متينءَ وصف جي پيٽ ۾ / سَنڌي/ ۽/سنڌو/لفظن جي مطالعي مان ثابت ٿيو آهي تہ اهي الڳ الڳ ڌاتن سان واَسطو رکن ٿا[2]، جن سان / سنڌڻ / ۽ / سڌو / جو ڪوبہ واسطو ڪونهي.

2ـ لفظ ’سَنڌي‘، ’سَمڌا‘ ڌاتوءَ مان ڦٽي نڪتل آهي[3]. ”سَنڌي“ لفظ جي لغت واري معنيٰ، ان جي افاديت ۽ صوتياتي

---

[1] سراج: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، عظيم پبليڪيشن، 1963، ص 28

[2] سَنڌي جو ڌاتو ’سَمڌا‘ آهي. سَمڌ ◁ سَمڌي ◁ ’سَنڌي، جنهن جي معنيٰ آهي ڳنڍ، جوڙ ۽ ميلاپ ڏسو:
Sir Monier Williams, A Sanskrit Dictionary, Oxford, 1956, P. 1144
اهڙيءَ طرح سنڌوءَ جو ڌاتو سڌ (Sidh) آهي، جنهن جي معنيٰ نهر يا ندي ڄاڻائي وئي آهي، ۽ ڏنگين ۾ ’سنڌو نديَ‘ ڄاڻائي وئي آهي ۽ سنڌوءَ جي معنيٰ ’سنڌ جا ماڻهو‘ بہ ڏنل آهي: ڏسو:
Sir Monier Williams, Op. Cit, P. 1217
۽ پڻ ڏسو:
Macdonell, A.A., Sanskrit_English Dictionary, London, 1893. P. 350

[3] لسانيات جي لغت ۾ ’سَنڌي‘ جي معنيٰ هيٺين ڏنل آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمل کي بلڪل نمايان نٿي ڪري، البت لسانيات جي فني ۽ علمي لغت ۾، ان لاءِ ڏنل معنيٰ ۽ وصف، 'سَنڌي' جي عمل ۽ مفهوم جي نيڪ نموني ترجماني ٿي ڪري. 'سَنڌي'، سنسڪرت جي وياڪرڻ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي 'جوڙ' ۽ 'ڳنڍ'. جڏهن ٻه ڪنهن جملي يا مرڪب لفظ (compound words) ۾ ٻه لفظ يا مرتب لفظ (complex words) هڪ لفظ ۾، هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَرَ-وَس صرفيه (bound morphemes) هڪٻئي جي پويان (مرتب لفظ جي اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ واري طريقي ۾)، اهڙي نموني ۾ گڏبيون آهن، جو پهرئين لفظ يا صرفيه جو پويون (final) صوتيه، ۽ پوئين لفظ يا صرفيه جي پهريون (Initial) صوتيه، هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز (صوتيه) ۾ تبديل ٿيندا آهن، تڏهن اهڙيءَ ٿيل تبديليءَ کي ماهرن 'سَنڌي' سڏيو آهي①. هن وصف مان چار نتيجا ٿا نڪرن②:

---

A term of Sanskrit origin (literarily meaning linking), designating the phonetic changes of a word according to its function or position in a sentence, i.e. the various changes in words as a result of their mutual influence on each other when used in conjuction

See: Pei Mario and Frank Gaynor, Dictionary of Linguistics, New York, Philosophical library. 1954. P. 190

علم صوتيات جي مشهور انگريز ماهر ڊينئيل جونز، سنڌيءَ جي وصف هيئين ڏني آهي:

"Assimilation is defined as the process of replacing a sound by another sound under the influence of a third sound which is near to it in the word sentence. The term may also be extended to include cases where a or a sequence of two sounds coalesces and gives place to a single new sound different from either of the original sounds.

See: Jones. D., An Outline of English Phonetics. P. 218

① Wasnani, J.N., Op. Cit., P. 25

② Jones. D., An Outline of English Phonetics. Cambridge. W. Hefer and Sons Ltd. 1962. P. 185

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) لفظن يا فقرن ۾، صرفين جي ميل وارا مرڪب آواز، پاڻ ۾ سمائجي يا هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ تبديل ٿيندا آهن؛

(ب) آوازن جي جوڙ يا ميلاپ ۾، پوئين آواز جي اثر ڪان، پهريون آواز وڃان ٿي هڪ نئين، ٽئين آواز جي روپ ۾ ظاهر ٿيندو آهي؛

(ت) تاريخي ارتقا دوران، هڪ آواز بدلجي ٻيو آواز ٿيندو آهي؛

(ث) تاريخي ارتقا دوران، ڪنهن لفظ ۾ هڪ آواز بلڪل گم ٿي ويندو آهي.

جڏهن ڪن آوازن جي جوڙ يا 'ميل' ۾ ڪم ايندڙ ٻه آواز، پاڻ ۾ سمائجي هڪ نئون آواز ٺين يا هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ ٽئين، آواز ۾ ائين بدلبا آهن، جو اهو ٺيون آواز انهن ٻنهي بنيادي آوازن کان بڪل نرالو هوندو آهي، تہ آوازن جي اهڙيءَ تبديليءَ کي ماهرن 'سنجوڳي – سَنڌي' (coalescent assimilation) سڏيو آهي[1].

3 – "سَنڌي" کي ٻن مکيہ پاڳن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، اُهي ٻہ مکيہ آهن:

[الف] تاريخي سَنڌي (historical assimilation)

[ب] نِسبتي سَنڌي (contextual assimilation)

(i) تاريخي سنڌي (historical assimilation)

سَنڌي جو هي قسم، ٻوليءَ جي ارتقا سان واسطو تو رکي، يعني ٻوليءَ جي ارتقا دوران جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ٻيون تبديليون رونما ٿين ٿيون، تيئن تيئن هن قسم واري 'سَنڌيءَ' بہ پنهنجا اثر ظاهر ڪندي آهي. هن قسم واريءَ سَنڌيءَ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ٻوليءَ جوڪوبہ آواز، ڪنهن زماني ۾ هڪ خاص نموني سان اُچاربو هو، پر جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ ترقي ٿيندي وئي، تيئن تيئن اهڙن آوازن جي اُچارڻ

[1] Jones. D., Op. Cit., P. 185

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بہ فرق ايندو ويو. هن قسم واريءَ سَنڌيءَ جا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا.

مثلاً:

(i) (الف) /ڪ، گھہ ۽ ٿ/جو/ هہ/ ۾ بدلجڻ:

[i] مُکَ ≻ مُهہَ ≻ مُنهن.

[ii] ميگھہَ ≻ ميهہ ≻ مينهن.

[iii] گاٿا ≻ گاها ≻ ڳاها ≻ ڳاهہَ.

(ب) هيٺين لفظن ۾ /د/۽/ج/ آواز بدلجي /ر/، ٿيا آهن ۽/ش/ آواز پهرين بدلجي /س/ ٿيو ۽ پوءِ /س/بدلجي/ هہ/ ٿيو آهي

(i) ايڪادَشَ ≻ ايڪا رَهہَ[1] ≻ اي آ رَهہ ≻ يارهن

(ii) دُوادَش ≻ بارَسَ ≻ بارَهہ[2] ≻ ٻارَهہ[3] ≻ ٻارهن

(iii) ترِيورَش ≻ ترُيودَسَ ≻ تيئودسَ ≻ تيئورهہَ ≻ تيرَهہَ[4] ≻ تيرهن

(iv) پنچَ د ش ≻ پَنـرَهہَ[5] يا ≻ پندرهہ ≻ پندرهن

(ت) /ي/ ≻ /ج/

(i) يو وَنَ ≻ جوين

(ii) يَوَ ≻ جَـوَ

(iii) يو تْـرَ ≻ جوٽو

---

① لاڙ ۾ بدين طرف گهڻائي ماڻهو 'ڪارهن' ۽ 'يارهہ' بہ چوندا آهن. لطيف سائينءَ بہ 'ڪارهن' لفظ ڪم آندو آهي:
"ڪارهين ڏينهن ڪرم، وريو ويراڳين جو"
ڏسو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حوالو مٿي ڏنل آهي، ص 133

② ڏو بدلجي پهرين /ب/ ٿيو آهي ۽ پوءِ/ب/بدلجي/ٻ/ٿيو آهي.

③ لاڙ ۾ 'ٻارَهہ' يا ٻارو بہ چوندا آهن.

④ Cowell, E.B., The Prakrtaprakasa of Vararuchi, Calcutta 4, Punthi Pustak, 1962, P. 21

⑤ شاهہ لطيف هي لفظ بہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندو آهي: "پنجن منجهان پنرهہ ٿيا، ائين ٿا ورق" ڏسو ڀيرومل آڏواڻي، حوالو پهريون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ث) /م/ ‹ /اُون/

(i) گرامَ ‹ گامْ ‹ گائون

(ii) اَهمْ ‹ اَهون (گجراتي هُون) آئوُن (آءٌ)

(ج) لفظن ۾ آوازن جي گم ٿي وڃڻ جا مثال:

تاريخي سنڌيءَ جو ٻيو قسم اهو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا دوران، ڪي آواز گم يا حذف ٿي ويا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ ملن ٿا جن مان ڪي آواز آهستي آهستي گم ٿي ويا آهن. مثال طور:

(i) /ر/ آواز جو گم ٿيڻ:

سنڌ ٻوليءَ ۾ ڪيترائي لفظ ملن ٿا جن ۾ اڄ کان چار يا پنج سؤ ورهيه اڳ /ر/ آواز جو اُچار ڪيو ويندو هو. مگر هاڻوڪي زماني ۾ انهن لفظن مان /ر/ آواز گم ٿي ويو آهي. اهڙن لفظن مان ڪي هي آهن[1]:

(i) گرام ‹ گام

(ii) ارْدَ ‹ اڌُ

(iii) اَرگھ ‹ اَگھُ

(iv) اَرْڪ ‹ اَڪُ

(v) سَروي ‹ سَوي ‹ سَيي ‹ سَيُ

(vi) چَرم ‹ چَمُ

(vii) ڪَرن ‹ ڪَن

(viii) ماتـرِ ‹ ماءُ

(ix) ڪريندي ‹ ڪندي

(x) پراتا ‹ پرا (پنجابي پرا) ‹ پا (پنجابي پا) ‹ پاءُ

(xi) ڪَرْم ‹ ڪم

[1] وسناڻي. جي.اين: وڻنپتي ڪوش. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي جي پراڻي شاعر اسحاق آهنگر ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙائيءَ جي بيتن ۾ 'ڪرن' يا 'ڪريندي' لفظن ۾ /ر/ آواز موجود آهي:

(i) اسحاق آهنگر جو سورٺو:

ٿيان مان جهرڪ، ويهان پرينءَ جي ڇڄ تي،
مانَ ڪَرَن ڊرڪ، ٻولي ٻاجهاريءَ سين.

هن سورٺي ۾ 'ڪرن' لفظ ڪم آندل آهي، جنهن جو معياري لهجي موجب هاڻوڪو اُچار 'ڪَن' آهي، حالانڪ اُترادي لهجي ۾ اڄ به 'ڪرن' لفظ عام طور ڳالهايو ويندو آهي.

(ii) شاهه ڪريم جو دوهو:

چندن چور ڪريندي، رتو مُنهن ڪهاڙ.
سڄڻ ڏڄڻ نه ٿئي، رسي جي سوَ وار.

هن دوهي ۾ 'ڪريندي' لفظ ڪم آندو ويو آهي، جنهن جو هاڻوڪو اُچار معياري لهجي موجب 'ڪندي' آهي، حالانڪ ڪڇي لهجي ۾ اڄ به ڪريندين لفظ عام آهي.

(ب) /م/ آواز جو گم ٿيڻ:

(i) رَسمي > رَسي

(ڀ) /س/ آواز جو گم ٿيڻ:

(i) سَنيهَه > نيهَه > نِيهُه > نينهن

(پ) /ش/ آواز جو گم ٿيڻ:

(i) نِشْتَرَ > نِتَر

تاريخي سَنڌيءَ جو ٽيون قسم آهي "تاريخي سنجوڳي قسم واريءَ سَنڌي" (historical coalescent assimilation). هن سَنڌيءَ جا سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي مثال ملن ٿا. هن قسم واري سنڌيءَ جي حالت ۾ . آوازن جي جوڙ يا ميل وارا ڪي به ٻه مختلف آواز يا گڏيل آواز، پاڻ ۾

سمائجي يا هڪٻئي تي اثر ڪري، هڪ نئين آواز ۾ بدلبا آهن. نئون بدليل آواز، ميل يا جوڙ وارن آوازن کان بلڪل الڳ ۽ هڪ نئين گروهه وارن آوازن مان هوندو آهي. اهڙا مثال سنڌي زبان ۾ بيشمار آهن:

(الف) /گْـرِ/ مرڪب آوازن ۾ مليل جوڙ/گ/ءِ/ر/پاڻ ۾ سمائجي، هڪ بلڪل نئين گروهه وارو آواز/ڳ/ٺاهين ٿا:

مثال طور:

آگْـرَ ﹤ اَڳ

(ب) آوازن جي جوڙ/گْيَہ/۾ ،/گ/ءِ/ي/پاڻ ۾ سمائجي، /ڳ/ آواز ۾ بدلجن ٿا: مثلاً:

(i) پاگْيَہ ﹤ پاڳ

(ii) يوگْيَہ ﹤جوڳ

(ب) آوازن جي جوڙ/تْيہ/۾ ،/ت/ءِ/ي/آواز پاڻ ۾ سمائجي،/چ/ آواز ۾ بدلجن ٿا: مثلاً:

(i) سَتْيہ ﹤ سَچ

(ii) هَتْيا ﹤هَچا

(پ) آوازن جي ميل/ دْ يَ/۾ ،/د/ءِ/ي/آواز پاڻ ۾ ملي، /ج/ ۾ مٽجن ٿا: مثلاً:

(i) ويدْيَہ ﹤ ويجْ

(ii) اَدْيَہ ﹤اج

(ت) آوازن جي ميل/ڌْ ي/ ۾، آيل آواز /ڌ/ ءِ/ي/، پاڻ ۾ سمائجي/جهہ/ آواز ۾ مٽجن ٿا:

مثال طور:

سَنڌْ يا ﹤ سَنجها.

(ث) آوازن جي ميل/سْت/۾ ،/س/ءِ/ت/آواز پاڻ ۾ سمائجي/ٿ/ آواز ٺاهين ٿا: مثال طور:

(i) هَسْتَ ← هٿُ

(ii) ڪَسْتُوري ← ڪَتُوري (ڪْس ← ڪ)

(iii) سْتون ← ٿوڻ ← ٿوڻي (سْت ← ٿ)

(iv) سْتن ← ٿَڻْ

(ٿ) آوازن جي ميل /ڪْش/ ۾، گڏيل آواز /ڪ/ ۽ /ش/ پاڻ سمائجي، /ک/ ۽ /ڇ/ ۾ بدلبا آهن: مثلاً:

(i) ڪْشيرَ ← کِيرُ

(ii) اَڪْشَرَ ← اکَرُ

(iii) اَڪْشَ ← اکْ

(iv) ڪْشار ← کار

(v) لَڪشمي ← لَڇمي يا لکمي

(vi) لَڪْشَڻَ ← لَڇڻ يا لَکَڻ

(ٿ) آوازن جي ميل /شْچ/ ۾، گڏيل آواز /ش/ ۽ /چ/ پاڻ ۾ سمائجي، /ڇ/ آوازن ۾ بدلجن ٿا:

مثلاً:

(i) پَشْچِم ← پَڇِم

(ٿ) آوازن جي ميل /نْيَ/ ۾، گڏيل آواز /ن/ ۽ /ي/ پاڻ ۾ ملي /ڄ/ آوازن ۾ مٽجن ٿا:

مثلاً[1]:

---

[1] ساميءَ جي سلوڪن ۾ مرڪب آواز ٿيه ، جا مثال ملن ٿا:

جيئن هيڙيءَ پور، تيئن لوڪ ڪتنب جا،
جنين مَنيا پنهنجا، سي ٿيا چڪنا چور،
چڏي لوڪ لجا، عاشق چڙهيا اچ تي،
مَنيائون محبوب جي، سامي سپ رجا؛
ڪوڙي ڪاموشيءَ ۾، وينا ڏيان ڏجا.
ملي ڪرن مجا، ستہ سڌ سروپ جي.

حوالي لاءِ ڏسو: ڪليان آڏواڻي: سامي. بمبئي I. جرج گيٽ. 1953ع. ص ص 88 ۽ 136

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(i) جَنْيہ ﹤ ڄڄَ
(ii) شونْيہَ ﹤ سُڄَ

(پ) آوازن جي ميل /ٽيہَ/ ۾ گڏيل آواز/ٽ/ءِ/ي/پاڻ ۾ گڏجي/ڄ/ آواز ۾ مٽجن ٿا؛ مثال طور:

(i) پٽيہَ ﹤ پڄَ
(ii) ڏٽي+اَٽي ﹤ ڏٽياٽي ﹤ ڏجاٽي

(ق) آوازن جي ميل /دْرَ/ ۾، گڏيل آواز/د/ءِ/ر/ڻ ۾ گڏجي/ڊ/ءِ/ڏ/ٿاهين ٿا؛ مثلاً:

(i) نندْرَ ﹤ ننڊَ
(ii) چندْر ﹤ چنڊ
(iii) دُروهَ ﹤ ڏوهْ
(iv) دْهه+ٻَل ﹤ دُر+ٻل ﹤ دُرٻل ﹤ ڏٻل ﹤ ڏُٻرُ ﹤ ڏٻرو
(v) دُر + جَن ﹤ ڏَجڻ.

اهڙيءَ طرح انهيءَ نموني جا ٻيا بہ ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيڪي هن ڏس ۾ ڪافي مدد ڪن ٿا.

(ب) نسبتي سَنڌي (Contextual assimilation)

هن مان مراد اها 'سَنڌي' آهي، جنهن ۾ جملن يا مرڪب لفظن ۾، ٻن لفظن، ۽ مرتب لفظن ۾ ڪم ايندڙ صورتن ۽ صرفين وغيره جي ميل واري هنڌ وٽ، پهرئين لفظ يا صرفيہ جو پويون آواز، پوئين لفظ يا پوئين صرفيہ جي پهرئين آواز کان، متاثر ٿيندو آهي، ۽ اهو (پهرئين لفظ يا پهرئين صرفيہ جو پويون آواز)، هڪ نئين آواز ۾ مٽبو آهي. هن قسم واري سَنڌي ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي:

(1) سُرَ سَنڌي ۽ [2] وينجَنَ – سَنڌي. انهن مان هرهڪ جا تفصيلوار مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(ii) لاڏُو+آن ﮯ لاڏُوان : اُو+آ=وا

(ز) بلڪل ساڳيءَ طرح لفظن جي ٻن جُزن ۾ جڏهن /اُ/جي پويان/اَ/سر ايندو آهي، تڏهن /اُ/بدلجي نيم — سر /و/ ٿيندو آهي: مثلاً:

(i) ٿانءُ+اَ ﮯ ٿانوَ : اُ+اَ=وَ

(ii) پاءُ (آگهه)+اَ ﮯ پاوَ : اُ+اَ=وَ

(iii) ڪانءُ+اَ ﮯ ڪانوَ : اُ+اَ=وَ

(iv) گهاءُ+اَ ﮯ گهاوَ : اُ+اَ=وَ

2_ **وينجن سنڌي:** ڳالهاءِ واري ٻوليءَ ۾ جملن، مرڪب لفظن ۽ مرتب لفظن ۾ اهڙا لفظ به هوندا آهن، جن جي آخر ۾ نه صرف سُر، پر وينجن به هوندا آهن. اهڙا مثال گهٽ ڪري ٻين ٻولين مان ورتل اُڌارن لفظن (Loan_words) ۾ عام طور ملن ٿا[1]. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ قسم واري سَنڌيءَ جي مطالعي ۾ اهڙا مثال گهٽي قدر مدد ڪن ٿا.

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته آوازن جي 'ميل' يا جوڙ جي حالت ۾، ڪن صورتن ۾، پويون جز، پهرئين جز تي اثر ڪندو آهي: انهيءَ اثر جي ڪري پهريون جز، ڪنهن ٻئين آواز ۾ بدلجي ويندو آهي. هن قسم وارين تبديلين جا هيٺيان مثال سنڌي ٻوليءَ ۾ عام جام ملن ٿا:

(الف) جڏهن ڪنهن لفظ يا صرفيه جي پڇاڙيءَ ۾ /س/ وينجن هوندو آهي، ۽ ان جي هڪدم پويان ايندڙ ٻئي لفظ جي شروعات ۾ /م/ گهٽو وينجن هوندو آهي، تڏهن اهڙيءَ حالت ۾ گهٽي وينجن/م/جي اثر ڪان، /س/ بدلجي، /ر/ٿيندو آهي: مثلاً:

نِس+مل ﮯ نرمل : س ﮯ ر

---

[1] جڏهن هڪ ٻوليءَ جا لفظ ٻيءَ ٻوليءَ ۾ اُڌارا ونيا آهن، تڏهن اهڙن لفظن ۾ آيل هن قسم جي تبديليءَ کي "تاريخي سنڌيءَ" ۾ شامل ڪيو آهي ڏسو:

Jones, D., OP. Cit, section 840, p. 218

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) جڏهن ڪنهن ٻه لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ /س/ وينجن هوندو آهي، ۽ اُن جي هڪدم پويان ايندڙ ٻئي لفظ جي شروعات ۾ /ل/ وينجن هوندو آهي، تڏهن /ل/ جي اثر ڪان /س/ بدلجي /ر/ ٿيندو آهي: مثال طور:

نِس+لج ← نرلج ← نرلج : س ← ر

(ب) اهڙيءَ طرح جڏهن/ت/ جي پويان، ٻئي لفظ جي شروعات ۾ /چ/هوندو آهي، تڏهن /چ/ جي اثر ڪان/ت /بدلجي/چ/ ٿيندو آهي، جيئن:

(i) اُت+چارَڻ ← اُچچارڻ ← اُچارڻ[①] : ت ← چ

(پ) جڏهن /ت /جي پويان شامل ٿيندڙ ٻئي لفظ جي شروعات ۾ /ج/صوتيه ايندي آهي، تڏهن/ت/ ← /ج/ٿيندي آهي: جيئن:

(i) سَتْ + جن ← سججن ← سجّن ← سجڻ[②]: : ت ← ج

(ت) اهڙيءَ طرح هيٺين لفظن ۾ آخري صوتيه/ح/ جي اثر ڪان، ان جي اڳيان ايندڙ صوتيه/هه/بدلجي/ر/ صوتيه

ٿيندي آهي: مثلاً:

(i) نِهه+جل ← نِرجل[③] : هه ← ر

(ii) نِهْ+بل ← نِربل ← نربل ← نِبل : هه ← ر، پوءِ/ر/صوتيه ٿي وئي آهي.

(iii) نِهْ+ڌن ← نِرڌن[④] : هه ← ر

(iv) دُهْ+بَل ← دُرْبل ← دُرْبل ← ڏٻل[⑤]: هه ← ر، پوءِ در ← ڏ

[ث] ساڳيءَ طرح/چ/صوتيه جي اثر ڪري، /هه/صوتيه مٿجي /ش/ ٿيندي آهي: جيئن:

(i) نِهْ+چل ← نشچل[①] : هه ← ش

---

① وسناڻي، ص 28
② ايضاً
③ ايضاً
④ وسناڻي، ص 28
⑤ ايضاً

[ث] بلڪل ساڳيءَ طرح /ق/صوتيہ جي اثر ڪان /ھ/صوتيہ /ش/ صوتيہ ۾ متبي آهي: جيئن:

(أ) نِهڦ+قل ﺂ نِشْقل ﺂ نسقل : ھ ﺂ ش.[2]

(ج) جملن ۾ سَنڌيءَ جا مثال:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪانہ آهي | ﺂ ڪانهي | : | /آ/ءِ/آ/گم تي ويا. |
| ڇا آهي | ﺂ ڇاهي | : | ايضاً |
| ڇا نہ آهي | ﺂ ڇا ناهي | : | /آ/ گم تي ويو |
| ويو+س | ﺂ وِيُس | : | او ﺂ اُ |
| ٿيو+س | ﺂ ٿيس | : | ايضاً |
| ڪيو+م | ﺂ ڪَيُم | : | ايضاً |
| لکيو+م | ﺂ لِکيُم | : | ايضاً |

نہ آهي ﺂ ناهي، نہ آهن ﺂ ناهِن

ڇا آهن ﺂ ڇاهِن.

ڪونہ آهي ﺂ ڪونهي. ڪونہ آهن ﺂ ڪونهَن

ڪانہ آهي ﺂ ڪانهي. ڪين آهن ﺂ ڪينهِن.

درويش آهن ﺂ درويش هن ﺂ درويشن

انهن مثالن ۾ پهرئين جملي ۾ /نہ/ جي پويان ايندڙ لفظ /آهي/جي منڍ واري آواز/آ/جي اثر ڪان، /نہ/جو/آ/گم تي ويو، ۽ نئون لفظ /ناهي/نهي پيو.

پوين ٻن مثالن ۾ نہ فقط /نہ/ جو/آ/ گم تي ويل آهي پر خود/آهي/لفظ جو منڍ وارو آواز/آ/ بہ حذف ڪيو ويو آهي. ڌيان طلب نڪتو هي بہ آهي تہ/ڪونہ آهي/جملي ۾ [ن] آواز اوسرگ آواز آهي.

---

[1] ايضاً

[2] ايضاً

پرَ ڪونهي/ لفظ ۾ سنجوڳي نسبتي سنڌيءَ جي اصول موجب اوسرگ /ن/بدلجي وسرگ /نهہ/ٿيو آهي.

مٿين مثالن ۾ تجزيي تي غور ڪرڻ ڪان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اُن ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿي. سنڌيءَ جي مطالعي مان ئي خبر پوي ٿي، تہ ٻوليءَ جي آوازن، صوتين ۾ لفظن ۾ ٻوليءَ جي ارتقا سان گڏ ڪهڙي تبديلي ٿي آهي. ڪيترائي اهڙا لفظ آهن، جن جي اصلي ذاتُن جي خبر تڏهن پئجي سگهندي، جڏهن سنڌيءَ جي مطالعي جي مدد سان اهڙن لفظن کي پرکبو، منجهن ڪم آيل آوازن ۾ صوتين ۾ آيل تبديلين جو جائزو وٺي، اصلي آوازن ۾ صوتين کي سامهون رکبو. انهيءَ ڪري چئبو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي تاريخي مطالعي لاءِ 'سنڌيءَ' جو مطالعو نهايت ئي ضروري آهي.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب/مضمون


1. پيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڪراچي – حيدرآباد، هندو پريس، 1926ع
2. ايضاً: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع
3. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع
4. سراج: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، عظيم پبليڪيشن، 1963ع
5. ڪلياڻ آڏواڻي: سامي، بمبئي1، چرچ گيٽ، 1953 .
6. مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو3، حد باد، سنڌي ادبي بورڊ، 1960ع
7. وسناڻي، نئون سنڌي وياڪرڻ، (A New Grammar of the Sindhi Language)

ڪراچي، گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو، 1892ع
8. ايضاً: وئتپتي ڪوش، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.


### انگريزي ڪتاب


9. Bertil Malmerg, Phonetics, NewYork, Dover Publications, 1963.
10. Bloomfield, L: Language, London, George Alen and Unwin ltd. 1961.

11. Cowell, E.B: The Prakrtaprakasa of Vararuchi. Calcutta 4. Punthi Pustak, 1962.

12. Jones. D: An Outline of English Phonetics, Cambridge, W. Heffer and Sons Ltd. 1962

13. Macdonell, A.A.: Sanskrit_English Dictionary, London 1893.

14. Monier Williams, Sir, A Sanskrit Dictionary, Oxford, 1956.

15. Pei Mario and Frank Gaynor, Dictionary of Linguistics, New York, Philosophical Library, 1954.

# شاھ لطيف جي ڪلام ۾ نحوي بناوتون

(ھڪ لسانياتي جائزو)

1ـ ڪنھن بہ ٻوليءَ جي سائنسي مطالعي لاءِ اُن جو ٽـ - پاسائون جائزو ۽ اڀياس ضروري آھي. اُھي ٽي پاسا آھن: صوتيات، صرفيات (علم صرف) ۽ نحويات (علم نحو). ڪنھن بہ ٻوليءَ جي ڳالھائڻ جي آوازن، آوازن جي مخرجن، اُنھن جي قسمن ۽ گروھن توڙي آوازن جي ميل (sequence)، لفظن جي پدن ۽ لفظن جي ابتدا، وچ ۽ آخر ۾ ايندڙ صوتين جي استعمال واريءَ سٽاءَ ۽ تنظيم کي صوتيات يا صوتياتي مطالعو يا صوتياتي تنظيم چئبو آھي.

صرفيات کي علم صرف بہ چئبو آھي. علم صرف جو واسطو لفظن جي بناوت سان آھي: يعني مفرد لفظن مان مرتب ۽ مرڪب لفظ ناھڻ، اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائڻ سان نوان مرتب لفظ جوڙڻ، ڪردنتن ۽ مشتق صورتن جو مطالعو: مطلب تہ لفظن جي جوڙجڪ ۽ سٽاءَ، نون لفظن، ڪردنتن جي جوڙڻ جي طريقن ۽ اصولن واري علم کي، علم صرف يا صرفيات چئبو آھي.

مثال طور:

| مفرد لفظ | مرتب لفظ |
|---|---|
| پٽ | سُپٽ، سُپٽيو |
| | ڪُپٽ، ڪُپٽيو |
| پٽ | پٽيتو، ڪپوٽ، سپوٽ |
| ھوُند | اڻھوند |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| مرڪب لفظ | مفرد لفظ |
|---|---|
| گهرَ ڌڻي، راڄ — ڌڻي | گهر، راڄ |
| ڏند ڪتا، نانگ ول، هٿ ڦاڙ | |

مطلب تہ مفرد لفظن مان مرتب ۽ مرڪب لفظ ٺاهڻ، اهڙيءَ طرح فعلي ذاتن مان اسم حاليہ، اسم مفعول، اسم استقبال ۽ ٻيا ڪردنت جوڙڻ، ۽ فعل لازميءَ مان فعل متعدي ٺاهڻ، ۽ لفظن جو تڪرار وغيره علم صرف سان واسطو رکن ٿا. هن سلسلي ۾ هن ڪان اڳ واري حصي باب ۾ تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي.

2_ علم نحو يا نحويات مان مراد اهو علم آهي، جنهن جي مطالعي مان فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءَ جي خبر پوي ٿي. هن علم جي مدد سان ٻوليءَ ۾ اسمن، فعلن، ضميرن ۽ صفتن جي عدد، جنس ۽ حالت موجب گردانن يا ڦيرن جي پڻ خبر پوي ٿي. انهيءَ ڪري علم نحو جي مدد سان جملي ۾ ڪم آندل لفظن جي جملي اندر ترتيب يا تنظيم، لفظن جو مناسب انتخاب ۽ لفظن جي هڪٻئي سان لاڳاپي جي خبر پوي ٿي.

سنڌي زبان جي ڪنهن بہ عام رواجي بياني جملي جي نحوي بيهڪ جي چٽڀاڻ لاءِ سڀ ڪان پهرين هي جملا ملاحظہ فرمايو:

(1) ڇوڪر ڊوڙي ٿو.

(2) منهنجو پاءُ لڪي ٿو.

انهن ٻنهي جملن مان ڪنهن بہ هڪ جملي جو ڪوبہ حصو يا ڪابہ صورت، هڪجهڙي نہ آهي. پر ٻنهي جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ ترتيب هڪ جهڙي آهي: يعني:

”ڇوڪر ڊوڙي ٿو“ جملي ۾ ’ڇوڪر‘ جي فاعلي صورت آهي، ۽ ’ڊوڙي ٿو‘ فعلي صورت آهي.

اهڙيءَ طرح 'منهنجو پاءُ لکي ٿو'. هن جملي ۾ 'منهنجو پاءُ' فاعلي صورت آهي ۽ 'لکي ٿو' فعلي صورت آهي. سنڌي زبان ۾ ڪنهن بہ جملي جي اهڙي ترتيب، بيهڪ ۽ سٽا، جنهن ۾ فاعل پهرين اچي ۽ فعل پوءِ اچي، تنهن کي فاعل – فعل واري سٽاءَ يا ترتيب چئبو آهي.

هن ترتيب جي مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن مطابق، فاعل پهرين اچڻ گهرجي ۽ فعل جملي جي آخر ۾ اچڻ گهرجي؛ پوءِ چاهي فاعل هڪ لفظ تي مشتمل هجي يا هڪ فقري تي. مطلب تہ ترتيب جو هڪ اصول اهو آهي تہ ڳالهائيندڙ کي اها ڄاڻ هوندي آهي تہ ڳالهائڻ ۾ ڪيس ڪهڙو جزو يا ڪهڙي صورت جملي جي مُنڍ ۾ آڻڻ کپي ۽ ڪهڙو جزو يا ڪهڙي صورت پوءِ استعمال ڪرڻ کپي. ڳالهائيندڙ کي اها خبر آهي تہ:
ڊوڙي ٿو ڇوڪر.
ٿو لکي پاءُ منهنجو.
اهي ۽ لفظن جي اهڙن ٻين ميڙن کي فاعل – فعل واري ترتيب چئي نہ سگهبو. هن مان اهو بہ ثابت ٿيو تہ ڳالهائيندڙ پنهنجي مرضيءَ پٽاندر جملي جي ترتيب ۾ ڦيرڦار آڻي نٿو سگهي.

ڪنهن بہ جملي ۾ فاعل – فعل واريءَ ترتيب جو مدار جهيلار (Intonation) تي بہ آهي. جنهن جهيلار سان / ڇوڪر ڊوڙي ٿو / جملو ڳالهائبو آهي، اُن مان بياني جملي جو مفهوم نڪرندو آهي، ۽ نہ ڪ سوالي جملي جو؛ پر ساڳئي جملي کي سوالي جملو بنائڻ لاءِ جهيلار جي لاهہ – چاڙهہ واري ڊار ۾ ڦيرو آڻڻو پوندو آهي.

ترتيب کان پوءِ علم نحو جو ٻيو مکيہ اصول آهي "گردان مطابق لفظن جو انتخاب." يعني سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ موجب ڳالهائيندڙ کي سوچڻو پوندو آهي تہ جيڪڏهن فاعل واحد ۽ مذڪر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت ۾ آهي تہ پوءِ واسطيدار فعل بہ عدد واحد ۽ جنس مذڪر صورت ۾ ڪم آڻيو آهي: يعني فعل جو انتخاب فاعل تي مدار ٿو رکي: مثال طور:

ڇوڪر ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ فاعل جي جنس مذڪر ۽ اُن جو عدد واحد آهي، تنهن ڪري ان لاءِ فعل بہ اهڙو منتخب ڪيو ويو آهي، جو جنس مذڪر ۽ عدد واحد مطابق گردان ڏيکاري ٿو. پر جيڪڏهن فاعل عدد واحد ۽ جنس مؤنث ۾ هوندو. تہ فعل بہ اهڙو انتخاب ڪبو. جو عدد واحد ۽ جنس مؤنث موجب ڦيرو ڏيکاري.

مثال طور: ڇوڪري ڊوڙي ٿي.

هن جملي ۾ "ڇوڪري" فاعل آهي. ان جي جنس مؤنث ۽ عدد واحد آهي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن فاعل عدد جمع ۽ جنس مذڪر. يا عدد جمع، جنس مؤنث موجب ڦرندو تہ فعل بہ اُن مطابق گردان ڪندو. مثلاً:

ڇوڪر ڊوڙي ٿو. ڇوڪرا ڊوڙن ٿا.

ڇوڪري ڊوڙي ٿي. ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون.

هنن مثالن مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ علم نحو جي مطالعي ۾، اسمن جي ڦيرن ۽ فعلن جي گردانن جو مطالعو پڻ شامل آهي. هت اهو بہ واضح ڪرڻ ضروري آهي تہ اسم، ضمير ۽ صفتون عدد، جنس ۽ حالت مطابق ڦرنديون آهن.

شروع ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ جملي جي فاعل-فعل واريءَ ترتيب لاءِ علم نحو موجب جهيلار جي هڪ خاص حالت يا هڪ نمونو مقرر ٿيل آهي. پر جيڪڏهن جهيلار جي جهيل، لاهہ ۽ چاڙهہ ۾ تبديلي اچي تہ جملي ۾ لفظن جي ترتيب ۾ بہ ڦيرقار ڪرڻي پوندي. اهڙيءَ ڦيرقار سبب هڪ طرف لفظن جي وياڪرڻي ڪارج ۽ وياڪرڻي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ فرق ٿئي ٿو، ۽ ٻئي طرف جملي جي معنيٰ بہ بدلجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سلسلي ۾ هن کان اڳ علم نحو واري حصي ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.

3_ هاڻي اچو ته علم نحو جي بيان ڪيل انهن ٿورن اصولن جي روشنيءَ ۾ لطيف سائينءَ جي رسالي ۾ ڪم آيل نحوي بناوتن جو مطالعو ڪريون.

لطيف سائين هڪ عوامي شاعر هو. هن عوامي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ڪلام چيو آهي. جيتوڻيڪ سندس ڪچهريونءِ ٻيٺڪون ان وقت جي وڏن وڏن عالمن، فاضلن ۽ اڪابرن سان به ٿينديون هيون، پر پاڻ پنهنجو ڪلام اُن ٻوليءَ ۾ چيو اٿن، جا واهڻن، وستين ۽ ڳوٺن جي عام ماڻهن، جهانگين ۽ سانگين جي ٻولي آهي، جا ان وقت عام استعمال واري ۽ روزمره جي زبان هئي.

شاهه جو سڄو رسالو ۽ رسالي جو هر سُر، گرامر جي انوکين ڳالهين سان ڀريل آهي، پر هت فقط هڪ سُر يعني سر ڪلياڻ مان ڪي مثال ڏيئي، شاهه جي ٻوليءَ جي نحوي بناوتن تي بحث ڪيو ويندو.

نحوي بناوتن ۾، جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته اسمن، فعلن، ضميرن، صفتن حرف جرن ۽ ظرفن جي گردانن ۾ ڦيرن، اُنهن جي عدد، جنس ۽ حالت موجب ڦيرن ۽ تبديلين جو مطالعو به اچي وڃي ٿو. اچو ته پهرين فعل جي گَردانن کي ڏسون:

(الف) **اسم معطوفيه:** (ماضي معطوفي) (Conjunctive participate)

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي ماهرن، ماضي معطوفي يعني اسم معطوفيه جو مطالعو ڪندي، اُن جا ٻه روپ بيان ڪيا آهن. انهن مان هڪڙو روپ اهو آهي، جنهن جي بناوٽ لاءِ ڌاتوءَ جي پويان 'اِي' پڇاڙي ملائي ويندي آهي: مثال طور:

هُو ماني کائي، گهر ويو.

ٻيو روپ ڏاتوءَ جي پويان 'اي' پڇاڙي ملائي ٺاهيو ويندو آهي. جيئن:

هُو پنهنجو ڪم مڪمل ڪري. گهر ويو.

پهرئين جملي ۾ 'ڪائي' ۽ ٻئي جملي ۾ 'ڪري' ماضي معطوفيءَ جا مثال آهن: پر روزمره جي ٻوليءَ ۾ هڪ ٽيون روپ پڻ ملي ٿو. جيڪو ڏاتوءَ جي پويان 'يو' يا 'يون' پڇاڙي ملائڻ سان ٺهندو آهي: مثال طور:

هُو پاڃي وٺيو. گهر ويو.

اُترادي لهجي ۾ 'وٺيو' جي بدران 'وٺيون / ورتيون' ڪم آڻبو آهي

شاهه جي سُر ڪلياڻ ۾ 'اِي ۽ اي' پڇاڙين وارن مثالن کان سواءِ يو پڇاڙيءَ وارا روپ ٻه گهٽي قدر ڪم آندا ويا آهن. مثال طور:

اِي پڇاڙيءَ وارا فعل:

(1) سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم

(2) وحده لاشريڪ له، چئي چوندو آ

ـ پڇاڙيءَ وارا:

| | | |
|---|---|---|
| (1) اَڏيءَ سر ڏري، ماڻ ڪُهنون سپرين | : | ڏري |
| (2) پاٻوهي هيڪار، مونهان پڇيو سڄڻين | : | پاٻوهي |
| (3) پاٽان چُندءِ پي، پري جام جنت جو | : | پري |

ـ يو پڇاڙيءَ وارا فعل:

(1) سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنپ ڏيهاڻي ڏين.

(2) جان وڍين تان ويهه، نه ته وٺيو واٺ وانءُ تون.

(3) تان تون وڃيو ڪيئن، نايين ڪنڌ ٻين ڪي.

(4) پسيو پر عجيب جي، لڇيو وڃي لو.

اهڙي طرح — يو پڇاڙيءَ وارا ماضي معطوفيءَ جا اهڙا ٻيا روپ سنڌي وياڪرڻ ۾ اهميت رکن ٿا.

**(ب) اسم حاليہ:**

Present participle کي سنڌي زبان جي وياڪرڻ ۾ ’اسم حاليہ‘ چوندا آهن، ۽ Past participle کي ’اسم مفعول‘ چوندا آهن. اسم مفعول جي نحوي بيهڪ جو ذڪر پوءِ ڪبو، پهرين ’اسم حاليہ‘ جو ذڪر ڪرڻ گهرجي:

لطيف فرمائي ٿو:

(1) مَڏ پيئندي مون، ساجن سهي سڃاتو.

(2) مجلس وير منو ٿئي، ڪوئيندي قهار.

(3) تتي طبيبن، چاڪ چڪندا چڏيا.

**ظرفيہ:**

لطيف جي سر ڪلياڻ ۾ ڪي اهڙا مثال بہ ملن ٿا جيڪي فقط روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ ئي ڳالهايا ويندا آهن. اهڙين صورتن جو سنڌي وياڪرڻن ۾ ذڪر ٿيل ڪونهي. اهڙين صورتن يا اهڙن روپن کي وياڪرڻي نالو ڪهڙو ڏجي، اهو پڻ سنڌ جي عالمن تي ڇڏجي ٿو، ڇو تہ اسان جا وياڪرڻ ۽ وياڪرڻي هن ڏس ۾ خاموش رهيا آهن. سر ڪلياڻ مان فعلن جي اهڙن گردانن جا ڪي مثال ملاحظ فرمايو:

(1) پيتي جه پاسي ٿئي، منجهان رڳن روح

(2) سَرَ ڏني، سٽَ – جڙي، تہ عاشق اِيءَ اچن.

هن مصرعن ۾ / پيتي / ۽ / ڏني / صورتون قابل توجهہ آهن. /پيتي/ معنيٰ ’پيئڻ کان پوءِ‘ ۽ /ڏني/ معنيٰ ’ڏيڻ کان پوءِ‘ انهن صورتن کي سنڌي وياڪرڻ موجب ’اسم ظرفيہ‘ (adverbial participle) چئجي تہ صحيح نہ ٿيندو ڇا؟

(اُ) شاهه جي ڪلام ۾ صفتن، ظرفن ۽ اسم مفعول جي بيهڪ:

شروع ۾ علم نحو جي اصولن مطابق اهو ٻڌايو ويو آهي تہ ڳالهائڻ جا لفظ جملن ۾ پنهنجي پنهنجي بيهڪ مطابق، مفهوم ادا ڪندا آهن ۽ نہ ڪہ جيئن روايتي گرامرن ۾ انهن جا نالا مقرر ڪيا ويا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ لفظ /چڱو/ مثال طور ڏيئي وضاحت ڪئي وئي هئي، ۽ ائين پڻ عرض ڪيو ويو هو تہ جملي ۾ لفظ جي جيڪڏهن بيهڪ يا جاءِ بدلائجي ٿي تہ اُن لفظ جي وياڪرڻي صورت پڻ بدلجي ٿي.

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ جي گهري مطالعي کان پوءِ وياڪرڻ جون ڪيتريون ئي انوکيون ڳالهيون سامهون اچن ٿيون. مثال طور ننڍي هوندي پڙهيو هوسين تہ سنڌي زبان ۾ اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ فعل جي ماضي جي پويان – اَل يا – يَل پچاڙيون ملايون وينديون آهن. جيئن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪُنو | ← ڪُنل | ڪاوڙيو | ڪاوڙيل |
| ڦاٽو | ← ڦاٽل | ماريو | ماريل |
| پڪو | ← پڪل | ڊوڙايو | ڊوڙايل |

پر /ڪنل/ لفظ هر جملي ۾ اسم مفعول جي صورت ۾ ڪم ڪونہ ايندو آهي، مثلاً:

(1) هيءُ ڪڪڙ ڪنل آهي.
(2) هيءُ ڪُنل ڪڪڙ آهي.

(1) هيءَ ماني پڪل آهي.
(2) هيءَ پڪل ماني آهي.

جملن جي انهن ٻنهي مثالن ۾ /ڪنل/ يا /پڪل/ جو وياڪرڻي ڪارج ساڳيو نہ آهي. / هيءُ ڪڪڙ ڪُنل آهي/ ۽ / هيءَ ماني پڪل آهي/ جملن ۾ ڪُنل ۽ پڪل صورتون اسم مفعول جي معنيٰ ڏيکارين ٿيون، پر هيءُ ڪُنل ڪڪڙ آهي/ يا هيءَ پڪل ماني آهي/ جملن ۾

/ڪُنل ۽ پڪل/ صورتون اسم مفعول جي معنيٰ نٿا ڏيکارين پر اهي اسم جي خاصيت ڏيکارين ٿا. تنهن ڪري اُهي لفظ جيڪي خاصيت ڏيکارين تن کي صفت چئبو آهي ۽ نہ ڪ اسم مفعول.

لطيف سرڪار جي رسالي ۾ اهڙين نحوي بناوتن جا ڪافي مثال ملن ٿا. سر ڪلياڻ ۾ لطيف هڪ هنڌ فرمائي ٿو:

متا مُهاين جا پيا نہ ڏسين پَٽَ.

هن مصرع ۾ لفظ/پيا/ جيڪا بيهڪ ۽ صورت وٺيو بيٺو آهي، اُن جي مطالعي کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ هن مصرع ۾ / پيا/ لفظ جو ڪارج فعل وارو نہ آهي، پر هت/ پيا/ اسم مفعول طور ڪم آيو آهي.

اهڙيءَ طرح هي مصراعون بہ ملاحظہ فرمايو:

(1) وحده جي وڍيا، اِلاالله اَڌ ڪيا

محمد رسول الله چئي مسلمان ٿيا.

(2) وحده جي وڍيا، ڪيا اِلا الله اَڌ

(3) وحدت جي وهاڻ، جي ويا سي وڍيا

انهن ٽنهي مثالن جي پيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ پهرينءَ مصرع ۾ /وڍيا/ ۽ /ڪيا/ صورتون فعل نہ آهن، پر اسم مفعول طور ڪم آيون آهن: پر:

وحده جي وڍيا، ڪيا اِلاالله اڌ.

هن مصرع ۾ /ڪيا/ لفظ، فعل طور ڪم آيو آهي. ۽ اهو فعل زمان ماضيءَ مطلق موجب گردان ٿو ڪري. هاڻي ٻنهي مثالن کي وري جاچيو:




(ث) صل ضمير:

سنڌي ٻوليءَ جي هڪ ٻي اهم خصوصيت متصل ضمير يا ضميري پڇاڙيون يا ضميري نشانيون آهن. جيڪي اسم ڪي وري وري استعمال ڪرڻ کان بچڻ لاءِ، اسم جي بدران يعني ضمير طور استعمال ڪيون وينديون آهن. اُهي ضميري نشانيون يا پڇاڙيون. جيڪي اسم، فعل يا حرف جر جي پويان ملايون وڃن ۽ ضمير خالص جو ڪم ڏين. تن کي ضمير متصل تو چئجي؛ مثال طور:

(1) پٽم ڪالهه آيو.
(2) بابو پئسا ڏيندءِ.
(3) تو وٽس چا ڏٺو؟
(4) ڪيس پنج روپيا ڏي.

انهن مثالن ۾ 'پٽ' اسم سان {ــ م} ضميري پڇاڙي گڏيل آهي. اها ضميري پڇاڙي، ضمير متڪلم واحد 'مون' جي بدران ڪم آندل آهي، ۽ اسم سان رشتيداري تي ڏيکاري. ٻئي جملي ۾ 'ڏيندو' فعل جي پويان {ــ ءِ} ضميري پڇاڙي ملايل آهي. هن جملي ۾، {ــءِ} ضميري پڇاڙي، ضمير حاضر واحد جي بدران ڪم آيل آهي.

اهڙيءَ طرح 'وٺ' ۽ 'ڪي' حرف جرن جي پويان {ـس} نشاني، ضميري پچاڙيءَ طور ملائي وئي آهي. انهيءَ حالت ۾ {ـس} ضمير غائب واحد جي علامت آهي.

شاهه لطيف جو سڄو رسالو هن قسم جي نحوي بناوتن سان ڀرپور آهي. هت سر ڪلياڻ مان ڪي مثال ڏجن ٿا:

| مصرع | گردان | پچاڙي | ضمير | زمان |
|---|---|---|---|---|
| وحده' لاشرڪ له' ٻڌءِ نہ ٻوڙا ٻڌءِ | (تو ٻڌو) | ـ ءِ | حاضر واحد | ماضي |
| چڪيم چگائي سورانگهي سوريءَ تان | چڪيم (مون چکي) | ـ م | متڪلم احد | ماضي |
| لڳين لنو لطيف چئي، فنا ڪيا فراق | لڳن (انهن کي لڳي) | ـ نِ ـ | غائب جمع | ماضي |
| ڪُلنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف جي ڪورين | (اهي ڪورين) | ـ نِ ـ | غائب جمع | مضارع |
| پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا پريم چُئان | (منهنجا پرين) | ـ م | متڪلم واحد | |
| اڏيءَ سر ڏري مانَ ڪُهنئون سپرين | (اسانکي ڪُهي) | ـ ئون | متڪلم جمع | مضارع |

اهڙيءَ طرح سنڌي زبان جي نحوي اصولن موجب، ضميري پچاڙيون يا متصل ضمير، فعل سان ملي مفعول جو ڪارج ٻہ ادا ڪن ٿا. يعني تہ اهي انهن ضميرن جي بدران ڪم ايندا آهن، جيڪي جملي ۾ مفعول طور ڪم ايندا آهن. جديد لسانيات ۾ انهيءَ ڪارج کي (cross reference) چئبو آهي. لطيف جي سر ڪلياڻ مان هت فقط هڪ مثال ڏجي ٿو:

| مصرع | گردان | پڇاڙيون | ضمير | زمان |
|---|---|---|---|---|
| ڪلمو ته ڪريم تي | چايائين | ـ ئين | متڪلم حاضر ماضي | |

چتو چايائين

(چوايائين = هن چوايو)

**(ج) فعل متعدي مجهول:**

سنڌي زبان ۾ فعل متعدي مجهول جو مطالعو بہ دلچسپيءَ کان خالي نہ آهي. سنڌيءَ ۾ متعدي معروف فعل جي، متعدي مجهولي صورت بنائڻ لاءِ عام طور فعل جي ڌاتوءَ جي پويان / ـاِجـ / نشاني ملائي ويندي آهي. مثال طور:

| ڌاتو | مجهولي صورت جي نشاني | ضميري پڇاڙي | فعل جي صورت |
|---|---|---|---|
| لِکْ | ـ اِجـ ـ | ـ اِي | لکجي / لکجي ٿو |
| وَڻْ ـ | ـ اِجـ ـ | ـ اِي | ونجي / ونجي ٿو. |

اهڙيءَ طرح سنڌي زبان ۾ فعل متعدي مجهول جو زمان مضارع يا زمان حال ۾ گردان هيئن ٿيندو:

زمان مضارع — زمان حال



| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| متڪلم : مارجان | مارجون | مارجان ٿو | مارجون ٿا |
| حاضر : مارجين | مارجو | مارجين ٿو | مارجو ٿا |
| غائب : مارجي | مارجن | مارجي ٿو | مارجن ٿا |

لطيف جي رسالي ۾ هن قسم جا ڪئين مثال ملن ٿا. هڪ مثال سر ڪلياڻ مان ڏجي ٿو:

سپيريان جي سور جو، ماڻهن ڏجي نہ منجهہ.

هن مصرع ۾ /ڏجي/ فعلي صورت، /ڏي/ متعدي معروف فعل جي مجهولي صورت آهي. /ڏجي/ زمان مضارع ۾ ضمير غائب واحد جو ڦيرو ڏيکاري ٿو.

لطيف جي رسالي ۾ ڪن متعدي معروف فعلن جون مجهولي صورتون /ـ اِجہ/ نشانيءَ ڪان سواءِ بہ ملن ٿيون. اهڙا مثال فقط عام استعمال ۽ روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ ئي ملي سگهن ٿا.

مثال طور:

(1) جان وڍين تان ويهہ، نا تہ ونيو واٽ وانءُ تون.

(2) سُور سنديندم سپرين، ڪَيس جہ ڪباب.

پهرينءَ مصرع ۾ /وڍين/ صورت، فعل جو اهو گردان آهي جنهن جو وياڪرڻي ڪارج متعدي مجهول آهي، ۽ جو ضمير واحد سان ڦريو آهي. /وڍين/ فعل کي معياري يا ڪتابي ٻوليءَ ۾ سمجهائبو تہ چئبو تہ: /وڍيو ويو هجين/ يعني/ زخمي ٿيو هجين / يا ڦٽجي پيو هجين/.

ٻيءَ مصرع ۾ /ڪيس/ فعل جو روپ، متعدي مجهول وارو آهي. /ـ س / صرفيہ، متصل ضمير غائب واحد جي نشاني آهي. / ڪيسُ/ جي معنيٰ / جنهن مون کي ڪيو/.

## حالتن جا ڦيرا يا گردان:

شاهہ جي ڪلام ۾ نحوي بناوتون، اڄ جي سماج ۾ ڪم ايندڙ زبان ڪان ڪجهہ مختلف آهن. جديد لسانيات موجب ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ حالتن جا صرف ٽي روپ ملن ٿا. اُهي آهن: حالت فاعلي، حالت تغيري ۽ حالت ندا. پر حالتن جا عام فهم نالا آهن: حالت فاعلي، حالت مفعولي ۽

حالت جري. سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن حالت جريءَ جو هڪ روپ. حالت 'اَپادان' بہ سمجهايو آهي.

سنڌي زبان جي معياري محاوري موجب حالت آپادان جي ڦيري لاءِ. اسم, ضمير يا ظرف جي پويان/مان /ءِ کان/ وغيره/ حرف جر ملايا ويندا آهن پر اُترادي لهجي ۾ /مان/ جي بدران/مئون/ ءِ کان/ جي بدران /کئون/ حرف جر ڪم آندا ويندا آهن. لاڙي لهجي ۾/ مان /ءِ/ کان/ جي بدران فقط /آ/ يا /آن/ حرف جر جون نشانيون ملايون ويندو آهن. لطيف جي ڪلام ۾ حالت اپادان جي صورت لاڙي ۽ اُترادي لهجن واري آهي: مثال طور:

(ح) حالت جري:

(1) مَلڪنئا مهد هئي، توڏي جي تنوار

ملڪنئا = مَلڪن کان

(2) پاٻوهي هيڪار، مونهان پڇيو سڄڻين

مونهان = مون کان

(3) امڙ ڪوءِ گهروءِ، مونئان ساڻڙو وڃي نڪربو

مونئان = مون کان

آئون جا مثال:

تان مڃج محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نيهه

نرتئون = نرت مان، نرت سان

ڪُلَنئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي

ڪُلنئون = ڪلهن کان

فرض واجب سنتون، تنئون ترڪ م پاءِ

تنئون = تن مان

سنڌي زبان ۾، حالت جريءَ، کي، ’تي ۽ سان‘ حرف جرن جي مدد سان اسمن، ضميرن ۽ صفتن جا گردان ٺاهيا ويندا آهن. پر لطيف جي رسالي ۾ جيڪي مثال ملن ٿا انهن ۾ اهي حرف جر گم آهن. يعني انهن جي رچنا ۾ حرف جر کي گم ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي بدران ڇوٽي سُـرَ/ اَ / ڪان ڪم ورتو ويو آهي. مثال طور:

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، اِي ڪم عاشقن.

هن مصرع ۾ ’سوريءَ چڙهڻ‘ (سوريءَ تي چڙهڻ) فقري ۾ [اَ] سر، / تي/ حرف جر جي بدران ڪم آيو آهي. هت ’تي‘ حرف جر ڪيرايو ويو آهي.

اَڏيءَ سر ڏري، مانَ ڪُهَنئون سپرين.

هن مصرع ۾ اڏيءَ سر ڏري = اَڏيءَ تي سر رکي، هت ’تي‘ حرف جر گم ٿيل آهي.

تہ سندي دوزخ باهہ. تو اوڏيائي نہ اچي

’تو اوڏيائي‘ = توکي اوڏي. هت ’کي‘ حرف جر ٿيل گم آهي.

## (خ) حالت اضافت:

سنڌي زبان ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ بہ نظر اچن ٿا جن ۾ ’زير اضافت‘ جو استعمال ٿئي ٿو. پر ’زير اضافت‘ واري ترڪيب، سنڌي زبان ۾ دراصل فارسي زبان مان اُڌاري ورتي وئي آهي. هت خاص ڌيان طلب نقطو هيءُ آهي تہ علم صرف جي مطالعي دوران جڏهن مرڪب لفظن جو اڀياس ڪجي ٿو، تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان جي، پنهنجي صرفيائي نظام ۾ ’زيرِ اِضافت‘ جي بدران زبر اضافت موجود آهي. ان جا ڪيترائي مثال ملي سگهن ٿا. مثال طور:

گهرَ + ڏٽي = گهرَ ڏٽي يعني گهر جو ڏٽي.

(هت رَ جي مٿان زبر، ’جو‘ حرف اضافت جي معنيٰ ۾ ڪم آندل آهي).

اهڙا ٻيا بہ ڪيترائي مثال ملن ٿا. لطيف جي ڪلام ۾ حالت اضافت جي اڀياس ڪندي زبر اضافت جا ڪيترائي مثال ملن ٿا:

(1) عاشق زهرَ پياڪَ، وهہ ڏسي وهسن گهڻو

هن مصرع ۾ /زهرَ پياڪ/ مرڪب لفظ طور ڪم آيو آهي، جنهن ۾ 'ر' مٿان 'زبر'، 'جو' حرف اضافت جو ڪم ڏئي ٿي. انهيءَ ڪري اُن کي زبر اضافت چئبو.

مثال (2) تہ سنڌي دوزخَ باهہ، تو اوڏيائي نہ اچي

هن مصرع ۾ /دوزخَ باهہ/ مرڪب لفظ ۾، /خ/ جي مٿان 'زبر'، 'جِي' جي حرف اضافت معنيٰ طور ڪم آندل آهي ۽ /دوزخَ باهہ معنيٰ 'دوزخ جي باهہ'

اهڙيءَ طرح حالت اضافت ڏيکاريندڙ 'جو' حرف اضافت ڪن ڪن ترڪيبن ۾ گم رهي ٿو: مثال طور:

(1) سُوريءَ سڏ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون.

هن مصرع ۾ 'سُوريءَ سڏ ٿيو' معنيٰ 'سُوريءَ جو سڏ ٿيو' يا 'سوريءَ لاءِ سڏ ٿيو'.

(2) جوڙي جوڙ جهان جي، پاڻ ڪيائين پروار،
حامي هادي هاشمي، سردارن سردار،
سونهي صحابن سَٿَ ۾، منجهہ مسجد مٿيادار،
چارئي چڱا چوڏار، هئا هيڪاندا حبيب سين.

هن بيت ۾ هيءَ سٽ ڌيان جوڳي آهي:

حامي هادي هاشمي، سردارن — سردارُ.

هن مصرع ۾ 'سردارن سردارُ' معنيٰ 'سردارِن جو سردار'. هت 'جو' حرف اضافت گم آهي. اهڙيءَ طرح 'صحابنِ — سٿ ۾' معنيٰ 'صحابن جي سٿ ۾' هت بہ 'جي' حرف اضافت گم آهي.

لطيف جي ڪلام ۾ اسمن، ظرفن ۽ ضميرن جون ڪي ڪي نحوي بناوتون ڏاڍيون دلچسپ بہ آهن تہ وري تحقيق طلب پڻ. مثال طور سُر ڪلياڻ ۾ ڪم آندل اهڙين نحوي بناوتن مان ڪي ملاحظہ فرمايو:

| | |
|---|---|
| (1) سک نہ ستا ڪڏِهم، ويهي نہ ووڙين. | ڪڏهم |
| (2) عاشق عبداللطيف چئي، اِنهِم پَہ پئا. | اِنَهم |
| (3) بي بها بالم، آڳي ڪِئا اڳِهيم. | اڳِهم |
| (4) رڳون تيون رباب، وڃن ويل سيڪهم | سيڪَهم |
| (5) آخر والعصر جو اِيَهم اُتائون . | ايهم |
| (6) ڇل وڃائي ڇاڻ، عاشق اجل سامهمَ. | سَامهم |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# علم اللسان ۽ سچل جو ڪلام

1_ هر شاعر يا اديب، عالم يا فاضل توڙي مؤرخ پنهنجي وقت جو ترجمان هوندو آهي. هو جيڪي ڪجهه چوندو آهي، آکيندو آهي يا لکندو آهي، اُن تي هو پنهنجي دؤر جي حالتن جي ڇاپ هڻندو آهي. اُن ۾ پنهنجي دؤر جا اُهڃاڻ ڏيندو آهي: علامتن جي روپ ۾ اُن جون ڳالهيون ڪندو آهي، ۽ اُن جي باري ۾ اشارا يا ڪنايا ڏيندو آهي. اهڙا اُهڃاڻ، اشارا، استعاره، ڪنايا ۽ علامتون، اُهي ماڻهو سمجهي سگهندا آهن يا سمجهي سگهندا هوندا، جن اُن دؤر جي ماڻهن ۽ ماحول جي ڏار ڏار حالتن جو مطالعو ڪيو هوندو، اُن جو اڀياس ڪيو هوندو، جيڪي اُن دؤر سان واقفيت يا ڄاڻ رکندا هوندا.

2_ سچل سرمست، سنڌ جي سياسي تاريخ جي ٻن اهم دؤرن جو ترجمان رهيو آهي. هن اُنهن ٻنهي دؤرن جي سماجي تاريخ جو پنهنجي ڪلام ۾ احوال رڪارڊ ڪيو آهي. سچل ڪلهوڙن جي دؤر جو اڌ ڪان ٻه وڌيڪ عرصو ڏٺو. ميان سرفراز خان سان ٿيل عقوبتون ڏٺائين: ميان غلام نبي ۽ ميان عبدالنبيءَ جا سنڌ وارن سان ڪيل ڪلور پڻ پنهنجن اکين سان ڏٺائين، عطر خان جي شهيد ٿيڻ جهڙا واقعا پڻ ڏٺائين، مدد خان هٿان، سنڌ ۾ ڪوس ٿيندي، شهري ۽ ڳوٺاڻي آبادين کي باهين ۾ سڙندي، جلندي ۽ تباهه ٿيندي به ڏٺائين: نه وري ٽالپوري دؤر جو به ڪافي عرصو ڏٺائين. اُن زماني ۾ هن سنڌ ۾ علم ادب، وڻج واپار جو چالامان به ڏٺو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن ٻنهي دؤرن ۾، سچل سرمست سنڌ ۽ سنڌ وارن جا ڪئين لاها ۽ چاڙها ڏٺا. فارسي زبان جو جاه و جلال بہ ڏٺائين، تہ سنڌي زبان کي اڳي کان بہ اڳرو پسيائين. هڪ طرف لطيف سائينءَ جي ڪلام جي پالوت، ان زماني ۾، سنڌي زبان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ نئيون راهون هموار ڪيون هيون، تہ ٻئي طرف ثابت علي شاهہ جهڙي اعليٰ شاعر پنهنجي ڪلام ۾ نوان نوان لفظ، نوان نوان محاورا، نوان نوان اصطلاح، نئيون نئيون ترڪيبون، نئيون نيون تشبيهون ۽ نوان نوان استعاره ڪم آڻي، سنڌي زبان ۾ نئون روح ڦوڪيو. هن زماني ۾ سنڌي زبان جي لفظن ۽ لغات ۾ گهڻو ئي واڌارو ٿيو. پير صدرالدين، قاضي قاضن ۽ شاهہ ڪريم، مخدوم نوح عليہ، شاهہ لطف الله قادريءَ جي ڪلام ۾ ڪم آندل لفظن جي، جڏهن لطيف ۽ ميين شاهہ عنايت جي ڪلام ۾ ڪم آندل ڪل لفظن سان ڀيٽ تي ڪجي، تہ معلوم ٿو ٿئي تہ لطيف سنڌي زبان جي لغت ۽ لفظن جي ذخيري جو وڏو ڄاڻو هو. هو هن سلسلي ۾ هڪ بي پايان بحر هو. هن سنڌ جي هر خطي جا، ڌار ڌار معنائون رکندڙ ڌار ڌار لفظ، پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آڻي، ثابت ڪيو، تہ سنڌي هڪ وسيع ۽ شاهوڪار زبان آهي؛ اُن ۾ لفظن جو هڪ اَکُٽ خزانو موجود آهي، جنهن کي صحيح طريقي سان گڏ ڪرڻ جي اجا ڪوشش ئي ڪانہ ٿي آهي؛ يا ائين ڪٿي چئجي تہ اول تہ لطيف جي رسالي ۾ ڪم آندل لفظن جي ڪا جامع لغات ناهڻ گهرجي، تنهن کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي جامع لغات تي اڳتي وڌيڪ قدم کنيو وڃي. هن سلسلي ۾ سيد نجف علي شاهہ 'ڪمترُ نقويءَ طرفان مرتب ڪيل "ٻاروچي ٻوليءَ" جي عنوان سان، لطيف جي درسني، ڇيڇجي ظاهر ٿيڻ سان ڪا راهہ نڪرندي، ڪو ڏس ملندو ۽ ڪو ڏڳ نهندو.

3_ هن سلسلي ۾ سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڪم آندل لفظن جو صرفي ۽ نحوي، لغوي ۽ معنوي مطالعو ڪرڻ سان. سچل جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام ۾ ڪم آندل وياڪرڻي استعمال ۽ صنعت گريءَ جي خبر پوندي. لطيف پنهنجي ڪلام ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي جي صيغن ۽ ڦيرن کي ڪم آندو آهي، ته سچل سرمست وري اُنهن لفظن کي اُترادي لهجي جي ڦيرن ۽ صيغن موجب استعمال ڪيو آهي.

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن واري زماني ۾ ٻه. سنڌ ۾ عام ماڻهن جي ٻولي سنڌي هئي، پر دفتري ۽ سرڪاري وهنوار واري ٻولي فارسي هئي. فارسي 'گهوڙي چاڙهسي' وارو محاورو انهيءَ دعويٰ جو دليل آهي، پر اُن زماني ۾ به روزمره جي زبان سنڌي هئي. ثابت علي شاهه جو واسطو ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دربار سان هو. انهيءَ ڪري ثابت علي شاهه به سنڌي زبان ۾ اهڙا انيڪ محاورا، استعاره ۽ تشبيهون ڪم آنديون، جيڪي دراصل فارسي زبان جون هيون ۽ فارسي نهج موجب استعمال ٿينديون هيون، جن جو سنڌي زبان سان وهنوار گهٽ هو.

4_ سچل سرمست ۽ ثابت علي شاهه هم عصر شاعر هئا. ٻنهي تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر جو گهڻو ۽ گهرو اثر هو. انهيءَ ڪري ثابت علي شاهه وانگر سچل سرمست به عربي ۽ فارسي زبانن جا بيشمار لفظ، محاورا، ترڪيبون، تشبيهون ۽ استعاره پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا. جيڪڏهن شاهه لطيف کان اڳ وارن يا شاهه جي هم عصر يعني سهيوڳي شاعرن توڙي شاهه کان پوءِ جي شاعرن، اديبن ۽ عالمن جي ڪلام جو اڀياس ڪبو ته معلوم ٿيندو ته انهيءَ سڄي عرصي ۾ جيئن شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ قرآن ڪريم جون انيڪ آيتون تلميح طور ڪم آنديون آهن، تيئن سچل جي ڪلام ۾ پڻ قرآن پاڪ جون بيشمار آيتون نظر اچن ٿيون. ان کان سواءِ سچل کان اڳ ڪنهن به شاعر يا اديب، عالم ۽ فاضل پنهنجي ڪلام ۾ قافئي طور يا مصرعن جي وچ وچ ۾، عربي ۽ فارسيءَ جا ايترا لفظ استعمال نه ڪيا آهن. جيترا

سچل سرمست پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن. البت ثابت علي شاهه اهڙن لفظن جو استعمال گهٽ ڪيو آهي، پر هن اهڙا لفظ، سچل سرمست کان گهٽ ڪم آندا آهن: مثال طور سچل جيڪي لفظ قافئي طور استعمال ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

ڪرامات، صفات، موجودات، مصلحات، اثبات، هدايت، ضلالت، تجريد، تفريد، توحيد وغيره.

اهڙن لفظن مان ڪن جو استعمال سچل سرمست هن ريت ڪيو آهي:

آءُ ادا سالڪ، سهي ڪر تون طلسمات ڪي،
پيچ دوئي تا ڪل پوئي دور ڪر درجات ڪي،
سر اهو سارو سٽائج، ڪَن نہ ڏي ڪرامات ڪي.

اَهڙيءَ طرح هن ڪافيءَ ۾، صفات، موجودات، مصلحات، اثبات، طاعت، حڪايات، عزّيٰ لات ۽ محلات وغيره لفظ، قافئي طور ڪم آندل آهن. اهڙيءَ طرح سندس وحدت نامو تہ قرآن شريف جي آيتن ۽ عربي زبان جي لفظن سان ڀريو پيو آهي.

سچل سرمست انهن مڙني مان وارن ماڻهن جي اتهاس مان واقف هو، جن اَناالحق جهڙو نعرو هنيو هو. سندس ساري ڪلام مان انهيءَ هوڪاري ۽ هُل جو پتو پوي ٿو. سنڌي زبان جي شاعرن ۾ هي پهريون بيباڪ بزرگ شاعر هو، جنهن منصور کان سواءِ 'سرمد' جهڙي سرفروش صوفيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هن قسم جي ويچار اسان کي شيخ اياز ۽ ٻين جديد نظرئي وارن شاعرن جي ڪلام ۾ پوءِ ڏسڻ ۾ اچڻ ٿي پر ڪلاسيڪي شاعرن 'سرمد' جو ذڪر ۽ 'سرمد' جي نالي سان شعر، هن وقت تائين فقط سچل جي ڪلام ۾ نظر آيو آهي. هن ڏس ۾ سچل فقير فرمايو آهي:

ڪاٿائين قاضي ٿئين، ويهي ناحق فتويٰ ڏئين،
سوريءَ تي منصور جي
موٽي ٿئين منصور، ڪيوئي مُلن جو مذڪور،
شاهد تي بيهين شرع تي.
اَناالحق آواز هي، تا سارو تنهنجو راز،
ظاهر ڪيئي بيهي زمين تي
سرمد تي اَسرارَ ڪيئي عالم تي اظهار،
وري وڌءِ، شور شهر تي.
انهيءَ ساڳي فڪر کي سچل هن ريت بہ بيان ڪيو آهي:
مون کي عبرت آهي، اهڙي حال جي،
هاريون حيرت آهي انهيءَ ڳالهہ جي!
ڪاٿئين ڏاڍو، ڪاٿئين هيڻو، ڪاٿئين جوڙ جٽيا تو پائي:
ڪاٿئين ڪوري، ڪاٿئين موچي، ڪاٿئين سيد سڏائي:
ڪاٿئين تارڪ، ڪاٿئين صادق، ڪاٿئين مڪ ملائي:
ڪاٿئين شاهي، ڪاٿئين سپاهي، ڪاٿئين حڪم هلائي:
ڪاٿئين ڪافر، ڪاٿئين مومن، ڪاٿئين سوريءَ سر هُلائي:
ڪاٿئين گسائين، ڪاٿئين سنياسي، ڪاٿئين بت بنائي:
ڪاٿئين قادر، ڪاٿئين نادر، ڪاٿئين 'سچو' نانءُ سڏائي.

سچل سرمست پنهنجي هن ڪلام ۾ پنهنجي صوفيانہ نظرئي کي تہ ظاهر ڪيو آهي، پر ٻوليءَ جي اڀياس جي نقط نگاهہ کان، جنهن نموني سان لفظن جي لڙهين کي سجايو اٿس، سينگاريو اٿس، موتين وانگر پوئي، لڙهيون ناهيون اٿس، اهڙي سونهن، اهڙي سينگار ۽ اهڙي حسن کي علم اللسان جي ماهرن سجعبندي يا صنعت ترصيع يعني

موتي پوئڻ واري صنعت نالو ڏنو آهي. سچل جي ڪلام ۾ هن قسم جي ترصيع يا سجعبنديءَ جا تمام گهڻا مثال ملن ٿا.

هڪ ٻي ڪافي جنهن ۾ بہ اهڙي صنعت يا ڪاريگريءَ کان ڪم ورتو اٿس، اُن مان ڪن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

حاضر ناظر تون، باطن ظاهر تون، تنهنجو هل هنگامو هي.
ٻئي هنڌ فرمائي ٿو،

تنهنجي حسن ماريا، سوريءَ سي سنياريا، انهيءَ ڳالهہ ڳاريا،
هزارين هزار.

اُهي يار آيا، نيزن جي نوايا، نيئي سِرَ سَلايا، تنهين تو اگهار.
جَنهين موجَ آئي، تنهن سڌ سيائي، ڪيهي ڳالهہ ڪائي،
لنگهيا شهسوار.

ڪمر جا ٻڌائون، وري نا ڇوڙيائون، نئي سر ڏنائون،
لاٿائون ميار.

مچن هٿ هٿي سي، اها ڳالهہ ڳٿي سي، تريءَ سُر ڪٽي سي،
ڪيائون نثار.

مي جا پيتائون، هي سِهرا ڳتائون، وڏي وک وڌائون،
پاڙيائون قرار.

پهلوان پاسي، نہ تيندا ڪڏهان سي. اها بات باسي،
هليا حڪمدار.

ملڪان ملڪ ۾، مَلڪَ ۽ فلڪَ ۾، سڀ سڀ خلق ۾،
پئي هيءَ پچار.

اها اعتباري، سوري جن سواري، عجب خوش خماري،
ڪنن جي قطار.

نشانا ڪوڙيائون، منهن نا موڙيائون، ٻئي هٿ ٻڌائون
ڪُنا قربدار ٿي

منصور مستي، ڪيئين گم هستي،
هنيائين دوستي،
تپش جي ترار.

شاهه ۽ سچل سرمست سنڌ جا عوامي شاعر آهن. انهيءَ ڪري سندن ڪلام، سنڌ ۾ هر جاءِ تي، هر محفل ۾ ۽ هر معرڪي ۾ ماڻهو گهڻي چاهه ۽ شوق سان ڳائيندا ۽ ٻڌندا آهن. سندن ٻولي عوامي ٻولي آهي ۽ ڪي ڪي اهڙا لفظ جيڪي فقط عام ماڻهو ڳالهائيندا آهن. ۽ خاص ماڻهن جي محفلن ۽ معرڪن ۾ اهڙا لفظ گهٽ معياري ۽ گٿا پيا لڳندا آهن. انهيءَ ڪري اهڙا لفظ خاص ماڻهن جي سامهون ڳالهائبا نه آهن: اهڙا لفظ شاهه ۽ سچل جي زباني سهڻا لڳن ٿا. مثال طور 'ڪڄاڙو' لفظ لاڙي لهجي جي، هيٺئين طبقي جي ماڻهن جي عام استعمال جو آهي. اهو لفظ لاڙ جو هر ماڻهو هرگز ڪم ڪونه آڻيندو آهي. فقط گهٽ پڙهيل ماڻهو يا هيٺئين طبقي وارن جي ڳالهه ٻولهه ۾ وهنوار ۾ اهو لفظ عام جام ٻڌبو آهي. پر اهڙي لفظ کي لطيف جنهن سهڻي انداز سان ڪم آندو آهي، تنهن جي استعمال هن لفظ کي سونهن وارو بنائي ڇڏيو آهي:

مثال طور:

ڪڄاڙو ڪهان، توکي معلوم سيڪي
يا
منهنجو ڪڄاڙو پينر هن پنيور ۾.

انهن مصرعن ۾ 'ڪڄاڙو' لفظ جيڪا سونهن پيدا ڪريو بيٺو آهي سا سونهن 'ڇا' لفظ ۾ هرگز ڪانه بيهندي. انهيءَ سونهن ۽ سگهنڌ جو احساس فقط علم اللسان جي ماهرن کي ئي محسوس ٿيندو. اهڙيءَ طرح سنڌي وياڪرڻ موجب "زي" لفظ به نفرت، قباحت ۽ غير مهذب ماحول ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ آهي. سچل جهڙي شاعر

پنهنجي ڪلام ۾ 'ڙي' لفظ کي رديف طور ڪم آڻي يا ٻيءَ صورت ۾ استعمال ڪري، هن لفظ جي سونهن وڌائي ڇڏي آهي، ۽ هن لفظ جي استعمال جو دائرو وسيع ڪري ڇڏيو آهي. مثال طور هن ڪافيءَ ۾ 'ڙي' لفظ جو استعمال هن ريت ڪيو اٿس.

سـاري ڏيـهـ نہ ڏي ڙي،
پانهنجي دل سمجهہ سنيالين.
ڳالهہ پڇين جي پرينءَ جي، حرفَ حال ٿي جا هي ڙي،
اُچل نہ نِڪر پتر جاڻ، نينهن پاڻَ ٿي سان تي ڙي.
هاريون انهيءَ حال جو، قرب سجاڻن ڪي ڙي،
پاڻهين آهن پڌرا، "سچو" سالڪَ سي ڙي.

اهڙيءَ طرح 'ڙي' جي استعمال جا ٻيا مثال هي آهن:

(i) ويهہ واريءَ واٽ تي، 'سچو' ڙي، تون سِرُ سنيج.

(ii) يار ساٿيو ڙي ميان، يار پانڌيو ڙي ميان
پلو ڙي ميان، ڪيچن جي، وو ڪَلَ مون کي ڪائي ڏيجو.

7_ برصغير پاڪ_ هند جي زبانن، خاص ڪري هندي، سنڌي، اردو، سرائڪي ۽ پنجابي وغيره جي وياڪرڻي خصوصيتن مان، هڪ خصوصيت آهي 'لفظن جو تڪرار' يعني reduplication. اها خوبي يا اها سٺاءَ ٻوليءَ اندر جملن ۾ لفظن جو انهيءَ قسم جو تڪراري استعمال، ٻوليءَ ۾ يا شعر توڙي ڪلام ۾ نہ فقط سونهن پيدا ڪندو آهي، پر وياڪرڻي سٺاءَ موجب لفظن جو اهڙو تڪراري استعمال يا ٻوليءَ ۾ لفظن يا فقرن جو اهڙو ڪارج وڏي وياڪرڻي معنيٰ رکندو آهي، جيئن اڳ چيو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جو اهڙو تڪراري ڪارج، شاهه لطيف کان اڳ ۾ شاهه سائينءَ کان پوءِ سچل سرمست توڙي جديد شاعرن ۾ شيخ اياز، امداد، تنوير، نياز همايوني ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ جابجا نظر اچي ٿو. مثال طور لطيف سائينءَ جو هي بيت ڏسو:

مُٺ مُٺ سورن سيڪنهن مون وٽ وٿاڻان

يا

'اياز' جي هن وائيءَ ۾ لفظن جي تڪرار واري سٽاءَ هن ريت آهي:

آسارا آسارا ڪينجهر جا ڪنارا

امداد جي ڪلام ۾ تڪرار جو مثال هيٺين مصرعن مان ملاحظہ فرمايو:

اسين پيٽ بڪيا، اُگهاڙا اُگهاڙا
اَروڪا اَروڪا، اَٻالا اَٻالا
وساريل وساريل، ڌڪاريل ڌڪاريل
نماڻا نماڻا، نرالا نرالا
اڪيلا اڪيلا، توائي توائي
سدا چاڪ دامن، سدا نيڻ آلا

سچل سرمست جي ڪلام ۾ لفظن جي اهڙي تڪراري استعمال ۽ وياڪرڻي سٽاءَ جا ڪئين مثال ملن ٿا. منهنجي راءِ موجب سچل ۽ ٻين سنڌي شاعرن جي ڪلام ۾ وياڪرڻ جي انهيءَ صورت، يعني لفظن جي تڪراري استعمال ۽ ڪارج جو مطالعو ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي ۽ علم معانيءَ جي مدد سان انهيءَ موضوع جو استعمال ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي انهيءَ پهلوءَ تي روشني وجهڻ گهرجي، ڇو ته هن وقت تائين لفظن جي تڪراري استعمال ۽ ڪارج واري صورت ڪي ڪنهن به هٿ به نه لاتو آهي. سچل سرمست جي ڪلام ۾ لفظن جي اهڙي تڪراري صورت جا ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا. هو فرمائي ٿو:

مون سان تون آهين آهين، ڪڏهن ڪيئن ڪڏهن ڪيئن،

اسان نماڻن توڙن سهڻا سائين، هٿ هٿئون متان لاهين لاهين،
آءُ ڪنيزڪ، تون تان سائين، سڱ نہ تنهن سان ڪو ساهين ساهين
ڪڏهن آرامي ڪرين اسان کي، ڪڏهن بچين تو باهين باهين
ڪڏهن منصوري دم اناالحق، ڪڏهن ڏسين ٿو قاهين قاهين
حاضر ناظر آهين اسان سان، ڪيئن چوان تان ناهين ناهين
استغفرالله ڳالهہ اهائي، جو ڪجهہ مون سان تون ناهين ناهين
”سچو“ جي عاشق آهين اسان جو، ٿج نہ درد جو دانهين دانهين

هن ڪلام ۾ ’آهين‘ ۽ ’آهين آهين‘، ’لاهين‘ ۽ ’لاهين لاهين‘، ’ساهين ساهين‘، ’باهين باهين‘ ۽ ’قاهين‘ ۽ ’قاهين قاهين‘ وغيره اڪيلن ۽ تڪراري لفظن جو تقابلي مطالعو ڪرڻ سان، ’آهين‘ ۽ ’آهين آهين‘ توڙي ٻين لفظن جي وياڪرڻي معنيٰ ۽ معنوي استعمال ۽ ڪارج جي خبر پوي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو هي هڪ اهڙو اهم باب آهي، جنهن جو اڀياس اڃا تيوئي نہ آهي، ۽ جنهن جي اڀياس جي گهڻي ضرورت آهي.

سچوءَ جي ڪلام ۾ ٻين ڪيترن ئي لفظن جي اهڙي تڪرار يا تڪراري ڪارج جا مثال ملن ٿا، مثلاً:

مون کي آهن ياد تنهنجون ڳالهيون ڳالهيون

يا

ڪيئن وساري تو ويهون ويهون
آهن ڪيهون اسان جون ڳالهيون
ساهہ سنيون تان ياد ڪيون، سي آهي عجائب جيهون جيهون
کهڙين ڳالهيين عاشق اسان کي، ڏک ڏوراپو تو ڏيهون ڏيهون
اهي عتاب تون رکين تو ڪيها، پکي اسانجڙي پيهون پيهون
هن پڇاڻون متان اسان تي ڳالهيون رکين تون ايهون ايهون
”سچو“ اسان جو تون، اسين تنهنجا ڳالهيون ٻيون ڪيهون ڪيهون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڪلام ۾ ’ويھون ويھون‘، ’جيھون جيھون‘، ’ڏيھون ڏيھون‘، ’ايھون ايھون‘ ۽ ’ڪيھون ڪيھون‘ تڪراري لفظن جون صورتون آھن. انھن جو مطالعو ڪافي دلچسپ آھي.

اھڙيءَ طرح ھن ڪلام ۾ لفظن جو تڪراري ڪارج ڪيڏو نہ دلچسپ آھي: مثال طور:

ڳوٺ ساري جون ڳليون ڳليون وو، نت ڏسڻ ۾ مون کي آئيون
رت روئڻ ڪوُن، اھي اکڙيون ڪين سي جھلجن جھليون جھليون
ڪيچيئڙن جون وري قطارون، ھيڏي ٻڌيونسين ھليون ھليون
سي نہ وسرن ڳالھيون اُھي، يار سڄڻ جي تو سليون سليون
چاڙھيئي اسان تي درد فراق جون، چوھ ڏاڍي مؤن چليون چليون
روز ازل ڪؤن ڪيَو ”سچوءَ“ سان، يارَ پلا، ڪيئي پليون پليون

ھن ڪلام ۾ ’ڳليون ڳليون‘، ’جھليون جھليون‘، ’ھليون ھليون‘، ’سليون سليون‘، ’چليون چليون‘ ۽ ’پليون پليون‘ لفظن جون صورتون وياڪرڻي مطالعي طرف ڌيان ڇڪائين ٿيون.

سنڌي زبان جي شاعرن پير صدرالدين، قاضي قاضن، شاھ ڪريم، مخدوم نوح ۽ شاھ لطيف وانگر سچل جي ڪلام ۾ بہ ضمير متصل جو مطالعو بہ توجھہ طلب آھي. قاضي قاضن جي ڪلام ۾ ھنين مصرع ۾ ضمير متصل جي ڪارج جو جائزو، وياڪرڻ جي روشنيءَ ۾ وٺڻ گھرجي. قاضي صاحب فرمائي ٿو:

جو ڳيءَ جاڳايوس، ستو ھوس ننڊ ۾.

ھن مصرع ۾ شايد ’ھوس‘ لفظ سان قافئي ملائڻ لاءِ ’جاڳايوس‘ قافيو ڪم آندو ويو آھي ۽ اُن سان ’س‘ ضمير متصل، ضمير غائب واحد طور ڪم آندو ويو آھي، نہ تہ حقيقت ۾ ھت ضمير متڪلم واحد متصل جي نشاني ’م‘ ڪم آڻڻ گھربي ھئي.

هن باب ۾ ضمير متصل جي اهڙي استعمال ۽ ڪارج تي بحث ڪرڻو نہ آهي، پر هت فقط اهڙا اشارا ڏيئا آهن جن جي اڀياس جي مدد سان وياڪرڻ جا طالب علم آئنده سچل جي ڪلام ۾ اهڙيون وياڪرڻي ڳالهيون، هٿ ڪري انهن تي تحقيق ڪن.

سچل جي ڪلام ۾ ضمير متڪلم جي اهڙي وياڪرڻي استعمال لاءِ هيٺيون مصرعون ملاحظ فرمايو:

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اُهو جو مان روز ڏسان ٿي!
ويني هُيَڙس وٽ تي، اچي وسيلو ٿيو.

يا

ميلو ٿينداءِ ميلو ٿينداءِ، نينهڙو لايُوَ جُڙيا جاني،
مون سان ميلو ٿينداءِ.

يا

لؤن اچي پاڻ لاتُوَ، نہ تہ مون کي ڪل نہ هوئي،
اصل لاڪؤن عشق لائڻ جي، ڳالهہ اها خوش آيَوَ
درد فراق جي ڏنيوَ امانت، اها سانول سيبايَوَ
عرش ڪرسيءَ جا ڪير قبولي، اها اسان ڏي هوت هلايَوَ
ڳالهہ پُرجهڻ جهڙي نا هئي، پاڻَ سجڻَ سمجهايَوَ
ڏينهن اُنهيءَ يارَ "سچوءَ" ڪؤن، سچي ڳالهہ سَلايَوَ

هن ڪلام ۾ 'لايَوَ'، 'ڏنيَوَ'، 'سيبايو'، 'هلايَوَ'، 'سمجهايو' صورتن ۾ [وَ] صرفيہ، ضمير متصل جي نشانيءَ طور ڪم آئي آهي. هن قسم جي جائزي لاءِ گهڻو وقت گهرجي. اهڙيءَ طرح هن مصرع ۾ [ءِ] آواز پڻ ڌيان طلب آهي: مثال طور:

هي سڀ ڪم سنداءِ، آهن جاني جاءِ بجاءِ
جيڪي ڪرين تون سوئي.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو مثال بہ توجهہ طلب آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زلفان ڪوليَوَ خيال اسان جي، ڏاڍو ستم سهايَوَ.

ساڳيءَ طرح هنن مصرعن ۾ ڪم آندل ضمير متصل جو جائزو ٻه ڏيان چڪائي ٿو، مثال طور:

هُت تا ڪير هُياس، پلو ميان، ٿي آيس ڪير، نه ڄاڻان،
نانءُ ٻيو هُت هو منهنجو، سائين، الا، هي ٻئي نانءُ ٿياس
اڃڻ نه هو هت منهنجو، سائين الا. ٻر ڪنهن تا خواهش ڪنياس
هُت هُيَس معشوقيءَ ۾، سائين الا، هت عاشق ٿي آياس
هي هي هئي ڪانه ڪا، سائين الا، هت منجهه پروڙ پياس
"سچو" سارو سچ ٿيو، سائين الا، وڃؤن آءُ وياس.

اهڙي طرح 'م' ضمير متصل جو استعمال هن ريت ڪيو اٿس:

ڄاڻي هيئن ڄاتوم، توکي سانول سڃاتوم،
هر جا آهين تون حاطي.

سنڌي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ امر استقبال جو استعمال ٻه دلچسپ نموني سان ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف کان سواءِ سچل سرمست جي ڪلام جي اڀياس ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي. هت سچل جي ڪلام مان سنڌي وياڪرڻ جي هن پهلوءَ جا ڪي نمونا، مثال طور پيش ڪجن ٿا ته جيئن وياڪرڻ جا شاگرد ۽ ماهر هن ڏس ۾ ڪجهه سوچين.

مثال طور:

پرين سان پت پري ڙي جيڏيون، منهنجي،
دعا ڪريجو جيڏيون، وري سو هوت وري.

يا

هي چڏيج هو ونيج، متان ڪا ٻي ڳالهه پڇيج
ڏُئيءَ واري دام ڪؤن، پهريون طالب پاڻ ڪڍيج

مرشد جيئن فرمائيو، واقف سو تان ڏَس وٺيج
سر سَهي ڪر پانهنجو، ٻئا اُڏاٽا ڪِيمَ اَڏيج
لاريءَ لڳ نہ ڪنهن ٻئي، عاشق انهيءَ پنڌ پئيج
ويهہ واريءَ واٽ تي، "سچو" ڙي تون سُر ستيج.

هن ڪلام ۾ 'ڪڍيج'، 'وٺيج'، 'اَڏيج'، 'پئيَج' ۽ 'سَتيج' صورتون امر استقبال جا مثال آهن، جن جي اڀياس جي گهڻي ضرورت آهي.

اهڙيءَ طرح هن ڪلام ۾ امر استقبال جا ٻيا مثال بہ ڏيان طلب آهن: مثال طور:

يارَ ساٿيو، ڙي ميان، يار پانڌيو ڙي ميان.......
پلو ڙي ميان، ڪيچين جي، وو، ڪَلَ مون کي ڪائي ڏيجو
هيءَ نماڻي، وو، وَرَ وڪاڻي ميان، نال نباهي نيجو
ڪيَمَ وساريو، مُئي نہ ماريو، ميان، چوريءَ تان م ڇڏيجو
ڏيو دلاسا ڪڏهن ايندا، ميان، لوڪن تان نہ لڏيجو
آءُ اوهانجڙي اصل آهيان، گولي سان گڏيجو
جنهن ويلي، وو، هلو اِتاهون، "سچو" نانءُ سڏيجو.

10. هن کان اڳ مٿي سچل جي ڪلام مان صنعت ترصيع جا ڪي مثال ڏنا ويا آهن. سچل ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ تشبيهہ، استعاره، تجنيس خطي، تجنيس حرفي، تجنيس تام، مجاز مرسل، تلميح ۽ ٻين لفظي توڙي معنوي صنعتن جا هزارين مثال موجود آهن. هت في الحال سچل جي ڪلام مان نموني طور تشبيهہ جا ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

جيئن سج آهي پريشان، سوئي ڳولهي سج کي
مڇلي جيئي آب سان، آب پڇي طغيان
تارو پڇي نجم کي، موج پڇي مهراڻ
ڦڙي پڇي مينهن کي، شاهہ ڳولهي سلطان

هوُ مڙيئي پاڻ ٿيو، ڪير ٿيا حيران
”سچوءَ“ جي صفت ۾ اهو باريءَ ڪيو بيان.

11. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ لفظن ۾ ڪن آوازن جي مشدد هجڻ جا ڪئين مثال موجود آهن. هن باب ۾ مشدد آوازن لاءِ ڪن قانونن جو بيان ڪرڻ آسان ڪم نہ آهي. هت نموني طور سچل جي هڪ ڪافيءَ مان اهڙا مثال پيش ڪيا ويندا. سچل ممڪن آهي تہ سنڌي صوتيات جو اهو اصول لاشعوري طور ڪم آندو هجي، پر سچل جي هنن مثالن مان اهو تہ ثابت ٿو ٿئي تہ ڪيس شاعريءَ جي فن، ڪافين جي گهاڙيٽن، ڇند جي قانونن ۽ راڳ جي ماترائن جي استعمال جي پوري ڄاڻ هئي. راڳداريءَ جي قانون موجب، ماترائن جي پورائيءَ لاءِ سچل سرمست ڪي، هيٺين ڪافيءَ ۾، ڪن لفظن ۾ [ي] آواز کي مشدد طور استعمال ڪرڻو پيو: مثال طور:

ناهي ٻاروچو ڪو ٻيو، آهي اُهو جو مان روز ڏسان ٿي.
ويني هيڙس واٽ تي، اچي وسيلو ٿيو
ماڙيءَ منجهہ معشوق ڏٺوسين، لالن پائي لِيو
دريءَ منجهون ديد ڏني سون، لالن پاتو لِيو
جتن ڪج جتن جو، مگ سبب سان ٿيو
سير سارو ئي صورتين، پاڻ قريبن ڪيو
يار ”سچل“ تون صحيح ڪر ڄاڻج، ڪيو خمارن ڪِيو.

هن ڪلام ۾ ’ٻيو‘ ’ٿيو‘ ’لِيو‘ ’ويو‘ ’ڏيو‘ ’ڪيو‘ ۽ ’ڪِيو‘ لفظن ۾، [ي] آواز مشدد استعمال ٿيل آهي. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب ٻن پدن وارن لفظن ۾، لفظ جي جيڪڏهن پهرئين پد ۾ ڇوٽو سر ڪم آيو هجي تہ اُن ڇوٽي سر کان پوءِ آيل وينجن، مشدد ٿي ويندو آهي. هت بہ اهو ساڳيو اصول ڪم آندل آهي. سچل سرمست لسانيات جي انهن اصولن کان تہ يقيناً واقف ڪونہ هو پر سنڌي ٻوليءَ جي عام اُچار

موجب، ڪافيءَ جي گهاڙيتن ۾ ماترائن جي پورائيءَ لاءِ، سچل سرمست آواز کي مشدد ڪرڻ وارو اصول اختيار ڪيو. جو ته مشدد آواز ۾ ڏگهي آواز وانگر ٻه ماترائون ٿينديون آهن ۽ ڇوٽي آواز کي هڪ ماترا ٿيندي آهي. جيڪڏهن سچل سرمست مشدد آواز ڪم نه آڻي ها ته هڪ ماترا گهٽي پوي ها ۽ شعر جي وزن لاءِ عيب نظر اچي ٿا.

ساڳيءَ طرح سچل جي ڪلام ۾ اسم تصغير، اُترادي لهجي موجب اسمن جا ڦيرا، فعلن جا گردان ۽ ٻين صورتن جو جائزو ڏاڍو دلچسپ آهي، جيڪو هن باب ۾ اختصار جي ڪري بيان نٿو ڪري سگهجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٽيون

- سنڌي ٻوليءَ جو مزاج
- سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا ۽ اُبتي ٻولي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا

## ۽

## اُبتي ٻولي

## سنڌي ٻوليءَ جو مزاج

1_ سنڌي ادب هر دؤر ۾ ارتقا پذير رهيو آهي. ان جو خاص سبب هي ئي ٿي سگهي ٿو جو سنڌ جي سجاڻ اديبن ۽ شاعرن هميشه پنهنجي ماحول ۽ معاشري جو مطالعو پئي ڪيو آهي، ۽ ماحول ۽ معاشري ۾ ٿيندڙ ڦيرين گهيرين جو عڪس، پنهنجي اپياس ذريعي نظم يا نثر ۾ پيش پئي ڪيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي ادب کي هر دؤر ۾ ماحول جي عڪاسي ڪندڙ، هر دؤر جي ترجماني ڪندڙ ۽ جديد ادب چئي سگهجي ٿو. سومرن جي دؤر کان وٺي موجوده وقت تائين نظمي توڙي نثري صنفن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو، تڏهن محسوس ٿو ٿئي ته اسان جو ادب هر دؤر ۾ عوامي ادب رهيو آهي. ۽ معاشري کي متاثر ڪندڙ تبديليون هميشه سنڌي ادب کي بہ متاثر ڪنديون رهيون آهن، جنهنڪري سنڌي ادب ۾ هميشه وقت جي رفتار سان گڏ نوان نوان تجربا ڪيا ويا آهن. ان کي نئون موڙ ڏنو ويو آهي ۽ ان ۾ نواڻ آندي وئي آهي. هن ڏس ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جو مطالعو ئي ڪافي دلچسپ آهي.

اسين جڏهن فقط سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ آيل تبديلين جو اڀياس ڪريون ٿا تڏهن اچرج ۾ پئجي وڃون ٿا، ۽ انهن نقادن کي، جن هيءَ راءِ قائم ڪئي ته ”علم ادب زندگيءَ جو تفسير آهي. يا علم ادب حياتيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو آئينو آهي“. تن کي دل سان داد ڏيون ٿا. يقيناً سنڌي ڪهاڻيءَ جو مطالعو سنڌ جي سماجي تاريخ ۽ سماجي قدرن جو مطالعو آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو بلڪل درست فرمايو آهي تہ:

”ادب جو سماجي ڪارج وارو اڀياس، افاديت جي خيال کان اسان لاءِ ٻولي، سماج، ڪلچر ۽ ادب جي باري ۾ ڪئين نقطا واضح ڪري ٿو. ڪئين مسئلا حل ڪري ٿو. ڪئين راهون کولي ٿو ۽ ڪئين سوال اُڀاري ٿو. هن طرح اسان هن قسم جي اڀياس مان سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جي باري ۾ وڏيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ وڏو مواد حاصل ڪري سگهنداسين.“[1]

سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ نت نت نوان تجربا ڪيا ويا آهن. اهڙن تجربن مان ٻوليءَ جي ڪيتر ۾ ”اُبتي ٻوليءَ“ يا ”اُبتو گرامر“ جي سري هيٺ هڪ تجربي جي دعويٰ ڪئي وئي آهي. هي تجربو ٻوليءَ جي مزاج ۽ سٽاءَ ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ثابت ٿيو. هن باب ۾ اُن جو جائزو ورتو ويو آهي. منهنجي خيال موجب سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ”اُبتي ٻوليءَ“ يا ”اُبتي گرامر“ واري تجربي واري دعويٰ، ٻوليءَ جي سٽاءَ کان اٽڪل اٽڪل، وياڪرڻي اصولن ۽ قانونن کان بيخبريءَ جي ڪري ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو عمل يا اهو ڪم جيڪو فطرت جي اصولن ۽ قانونن جي انحرافي ڪندو هجي. اها دعويٰ جيڪا بنا سوچ سمجهہ جي صرف پاڻ کي درست سمجهي ڪئي وئي هجي، درست ٿي نٿي سگهجي. هن ڏس ۾ 1974ع واري ”سوجهري“ رسالي ۾ ڪافي بحث ٿيل آهي. هن باب ۾ مثالن ۽ دليلن سان ”اُبتي ٻوليءَ“ واري اسٽائيل واري تجربي جي دعويٰ

---

[1] الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر ”ادب جو سماجي ڪارج“ مقالو ”پرک“ ساليانو مخزن، ڄامشورو، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، 77-1976ع، ص 105

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي قبول نہ ڪرڻ جهڙي ۽ غير فطري دعويٰ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

## 2۔ ٻوليءَ جو مطالعو هڪ علم آهي:

ٻوليءَ جو علم هڪ سائنس آهي. هيءَ سائنس 'سماجي علمن' (social sciences) سان واسطو رکي ٿي. ٻولي انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آيل آوازي نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، هڪ اهڙو نظام آهي، هڪ اهڙي تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو، هڪٻئي سان وهنوار رکن ٿا، تعلق رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهن ٿا[1]، يعني ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ، انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي، ٻولي سڏجي ٿو. هن ڏس ۾ لسانيات جي امريڪي ماهرن بلاڪ ۽ ٽرئگر (Bloch & Trager) جو رايو آهي:

> "ٻولي صوتين، آوازي نشانين، اُهڃاڻن ۽ علامتن جي هڪ اهڙي تنظيم آهي، هڪ اهڙو سٽاءُ آهي، هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن جي مدد سان سماجي گروهہ، هڪٻئي سان وهنوار ۽ تعلق رکي ٿو."[2]

انهيءَ لحاظ سان چئبو تہ ٻولي، سماج لاءِ ضروري آهي. ٻوليءَ بنا انساني سماج جو تصور، ناممڪن آهي، ڇو تہ هر انسان ڪنهن سماجي گروهہ جو هڪ فرد هوندو آهي، ۽ سماجي ۽ معاشرتي معاملن ۾

---

[1] Sturtevant E.H., An Introduction to Llinguistic Science, New Haven, Yale University Press, 1947, P. 21

[2] Bloch, B, & Trager, G. L., An Outline of Linguistic Analysis, Linguistic Society of America, 1942, P.5

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو زبان تي ئي مدار رکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ماهرن جو رايو آهي ته ”زبان، تهذيب ۽ ثقافت جو بنياد ۽ پاڙ آهي.“

## 3 _ ٻوليءَ هڪ تنظيم آهي:

جيئن هيءَ ساري ڪائنات ۽ ان جو نظام هڪ فطرتي عمل آهي، جيئن سج جو اُڀرڻ ۽ لهڻ، موسمن جو ڦرڻ ۽ بدلجڻ، فصلن جو پوکجڻ ۽ لهڻ، برسات جو پوڻ ۽ هوائن جو لڳڻ، جيئن هڪ فطرتي عمل آهي، ۽ جيئن هر فطرتي عمل ۾ قدرت ڪارفرما هوندي آهي، تيئن ٻولي به هڪ فطرتي عمل آهي، هڪ قدرتي نظام آهي، هڪ تنظيم آهي، جنهن ۾ جيئن آوازن جي اُچارڻ ۽ لفظن جي جُڙڻ ۾ صوتياتي سٽاءُ، سرشتي ۽ تنظيم جو واسطو آهي، تيئن وري فقرن ۽ جملن ۾، لفظن جي بيهڪ ۽ انهن ۾ ڦيرقار، جملي جي ڳالهائڻ ۾، گفتار ۾ لاهه ۽ چاڙهه، لفظن جي ڦيرن، گردانن ۽ صيغن ۾ وياڪرڻي جوڙجڪ، سرشتي، سٽاءَ، ترتيب ۽ تنظيم جو عمل دخل آهي. ٻوليءَ جي علم جا اهي سڀ شعبا ڪنهن فطرتي ۽ قدرتي نظام ۽ تنظيم جي اصولن موجب، عمل ڪن ٿا. اهي سڀ حصا ڪنهن نظام موجب جڙيل آهن، جنهن جي ناهڻ ۾ ڪنهن به انسان جو واسطو نه رهيو آهي.

قدرت جي خلقيل هر چيز ۽ قدرت جو ناهيل هر نظام، جيڪڏهن اُبتو ٿي وڃي ته جيڪر مانڌاڻ مچي وڃي. مثال طور حامله عورت جي گرڀ ۾ ٻار اتفاقاً جڏهن اوبڙ پيدا ٿيندو آهي، تڏهن اُن عورت جي گهر جو هر ڀاتي يا سندس هر عزيز، ٻار جي جمڻ تائين فڪرمند رهندو آهي. اهڙيءَ طرح غير مُندائتيون هوائون، جن کي هاري ناري ’اوکڙ‘ واريون هوائون سڏيندا آهن، جڏهن لڳنديون آهن، تڏهن اُهي نه فقط پوکن لاءِ نقصانڪار سمجهيون وينديون آهن، پر ماڻهن ۽ مال جي صحت کي به نقصان پهچائينديون آهن. غير مندائتي برسات تباهي مچائيندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اهڙيءَ طرح قدرتي نظام موجب. سج هميشه اوير کان اُڀري ٿو ۽ اولهہ طرف لهي ٿو. قدرت جي انهيءَ نظام ۾ جيڪڏهن ڦيرو اچي وڃي تہ جيڪر ڪهرام مچي وڃي. اهڙي طرح مندون پنهنجي وقت تي اچن ٿيون ۽ ڦرن ٿيون. موسمن جي آڌار تي پوکون ٿين ٿيون: ڪڻڪ سياري ۾ پوکبي آهي ۽ بهار ۾ لهندي آهي: ساريون اونهاري ۾ پوکبيون آهن ۽ سياري ۾ لهنديون آهن. اهڙيءَ طرح قدرت جو قانون، هر ڪم ۾ ڪارفرما آهي.

ٻولي بہ هڪ نظام آهي، هڪ سائنس آهي. ٻولي بہ هڪ سرشتي تي ٻڌل آهي، جنهن کي اُبتو ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪنهن بہ نظام يا تنظيم کي، بنا ڪنهن اصول ۽ قانون جي اُبتو ڪري سگهجي تہ پوءِ اُن کي تنظيم ڪيئن چئبو؟ شاعر جي ڪنهن ڪلام کي تڏهن تہ نظم چئبو آهي! هر ڪلام چاهي اهو هنديءَ ۾ هجي يا سنڌيءَ ۾، عربيءَ ۾ هجي يا فارسيءَ ۾، فرينچ ۾ هجي يا انگريزيءَ ۾، منظوم هوندو آهي. هر ڪلام پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ جي مزاج ۽ ماپن، بحرن، وزنن ۽ ماترائن جي علم موجب، جُڙيل هوندو آهي؛ پوءِ ڪي ان کي چند وديا چون تہ ڪي اُن کي علم عروض چون، تہ ڪي وري ان کي ميٽر چون. مطلب تہ جيئن شاعريءَ لاءِ ماهرن ڪي قانون جوڙي انهن تي پنهنجي پنهنجي ماحول ۽ ٻوليءَ جي مزاج مطابق نالا رکيا. تيئن خود ٻولي بہ ڪن اصولن ۽ نظام جي پابند آهي. ٻولي باقاعدي آوازن جو هڪ سرشتو آهي، جنهن مرجب انسان لاشعوري طور ڳالهائي ٿو يا لکي ٿو. هُو جنهن وقت بہ لکي ٿو، جڏهن بہ لکي ٿو تڏهن اُئين هرگز نٿو سوچي تہ فاعل پهرين رکان يا فعل پهرين لکان: هُو اُئين اصل نٿو سوچي تہ صفت ڪٿي ڪم آڻيان، حرف جر ڪيئن استعمال ڪريان. هو ٻوليءَ جو اهو سڄو سرشتو، پنهنجي گهر، پنهنجي پاڙي، پنهنجي ماحول ۽ پنهنجي معاشري ۾ ننڍي هوندي، کان خودبخود سکندو ويندو آهي. کيس ڪو بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونہ ٿو ٻڌائي تہ ھي لفظ ھن ھنڌ ڪم آڻ؛ البت ھر ماڻھوءَ جي سوچ جي گنجائش پنھنجي پنھنجي آھي. ڪن جي سوچ سمنڊ وانگر اونھي ھوندي آھي، تہ ڪن جي سوچ سطحي ھوندي آھي؛ ڪن وٽ لفظن جي کوٽ ھوندي آھي، تہ ڪي لغات جي ڪاڻ ھوندا آھن. انھن ڳالھين جو واسطو ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ سرشتي سان ڪونہ ھوندو آھي.

ڪي ماڻھو سمجھن ٿا تہ وياڪرڻ يا گرامر جا قاعدا قانون پھرين ٺھيا ۽ ٻوليون پوءِ ٺھيون؛ ھن ڏس ۾ محترم امداد حسيني فرمائي ٿو:

”اِھا تہ ھڪ مجيل ڳالھہ آھي تہ ٻولي پھرين ٺھي ھئي ۽ گرامر پوءِ“[1]

يا ڪي ائين سمجھن ٿا تہ ڪنھن بہ ٻوليءَ جي صوتياتي يا وياڪرڻي سرشتي يا سٽاءُ کي پنھنجي مرضيءَ موجب ڦيرائي يا تبديل ڪري سگھجي ٿو، اھو ممڪن نہ آھي. اِھا سوچ غلط آھي. ھر ٻوليءَ جو سٽاءُ پوءِ چاھي اھو صوتياتي ھجي يا وياڪرڻي، ھڪ قدرتي عمل ۽ ڪارنامو آھي، جيڪو ٻوليءَ جي وجود سان گڏ وجود ۾ آيو.

امداد حسيني صاحب، جنھن گرامر طرف اشارو ڪيو آھي اُھو ڇھين ڪلاس واري ڪورس جو گرامر آھي ۽ نہ ڪ اھو سٽاءُ، جيڪو ٻوليءَ سان گڏوگڏ وجود ۾ آيو. اسان ڇھن مھينن جي ٻار جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪنداسين ۽ ھُو جيئن جيئن، پھرين آواز، پوءِ لفظ، پوءِ جملا ڳالھائڻ سکي ٿو؛ انھيءَ سٽاءُ تي غور ڪنداسين، تہ اسان کي قبول ڪرڻو پوندو تہ ٻار ننڍپڻ کان ئي ٻوليءَ جي ڪنھن سرشتي، ڪنھن سٽاءُ ۽ ڪنھن تنظيم جي ترتيب موجب، لفظن کي اڳيان ۽ پٺيان بيھاري ٿو. انھيءَ ڪري چئبو تہ ٻولي ڪنھن سٽاءُ جو، ڪنھن تنظيم جو، ۽ ڪنھن سرشتي جو نالو آھي.

---

[1] امداد حسيني: انٽرويو. ماھوار ”سوجھرو“، جلد 2، نمبر 10، ڪراچي، جولاءِ 1974ع ص 7.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

• ان قدرتي نظام کي، ڪنهن قانون ۽ اصول کان سواءِ، ڦيرائي يا تبديل ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ ڪري ائين چيو ويو آهي ته "ڪنهن به ٻوليءَ جي سٽاءُ ۽ سرشتي جو مطالعو معنيٰ، اُن ٻوليءَ جي صوتياتي نظام، صرفياتي سٽاءَ ۽ نحوي اصولن جو مطالعو". هن ڏس ۾ پروفيسر جتوئي فرمائي ٿو:

> "ڪنهن به نظام کي سڌو سنئون ٻاهران جاچي نه ڏسبو آهي، پر ان کي جُزن ۾ ورهائي، ڇيد ڪري، ان جي عملي ڪاروائيءَ جو جائزو ورتو ويندو آهي. ٻوليءَ جي سٽاءَ سمجهڻ لاءِ به هُوبهو ائين ڪيو ويندو آهي. پهريائين اُن جا مختلف آواز معلوم ڪبا آهن، پوءِ اُنهن جو ميل ميلاپ ۽ لڳ لاڳاپو ڳولي لهبو آهي، اُن بعد انهن جي عملي ڪاروائي جاچبي آهي. انهيءَ عملي ڪاروائي مان بدستور پدن جو پيدا ٿيڻ ۽ لفظن جو جُڙڻ جاچي لهبو آهي؛ آخر ۾ جملن ۾ لفظن جي ملي ۽ ٺهڪي اچڻ وارو نظام بيان ڪبو آهي. ٻوليءَ جي انهيءَ تنظيم جو ٻيو نالو، گرامر آهي."[1]

پروفيسر جتوئي توڙي ٻين ماهرن جي هن قسم جي راءِ مان ظاهر آهي ته ٻولي علامتن (صوتياتي ۽ وياڪرڻي) جي هڪ تنظيم آهي، هڪ سٽاءُ آهي، هڪ سرشتو آهي. اسان جيڪي ڪجهه ڳالهايون ٿا، تنهن جو تعلق ٻاهرين عملي دنيا جي شين، واقعن ۽ وهنوار سان آهي. اسان جي هر گفتي ۽ گفتار کي معنيٰ آهي ۽ مفهوم آهي. اسان جيڪي لفظ آکيون ٿا تن کي ڪا معنيٰ آهي. اهي لفظ ظاهري (لفظي) ۽ معنوي مفهوم ظاهر ڪن ٿا. پروفيسر جتوئي مثال ڏيندي لکيو آهي ته "جڏهن اسين چئون ٿا ته 'ڪتو اچي ٿو' تڏهن لفظ 'ڪتو' هوبهو شيءِ نه آهي، پر

---

[1] علي نواز جتوئي، پروفيسر: علم الانسان ۽ سنڌي زبان، حيدرآباد، 1968ع، ص 12

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُن خاص شيءِ جي علامت آهي، ۽ اُن علامت مان خاص معنيٰ نڪري ٿي. اهڙيءَ طرح ’اڇي ٿو‘ هوبهو ’واقعو‘ نه آهي. پر ان خاص واقعي جي علامت آهي، جا هڪ خاص معنيٰ ظاهر ڪري ٿي“[1].

انهن معنائن کي پنهنجو مقصد ٿيندو آهي ۽ پنهنجو مفهوم هوندو آهي. انهن معنائن کي پنهنجو ماحول ٿيندو آهي ۽ پنهنجو معنوي ڪارج ٿيندو آهي. ’ڪتي‘ جي لفظي معنيٰ هڪڙي ته معنوي ڪارج ٻيو. اسان جي ٻوليءَ ۾ هڪڙو لفظ آهي ’پاٽ‘. انهيءَ لفظ — پاٽ — کي ڌار ڌار ڪارجن ۾ استعمال جي ڪري ’ڇٽ‘ به چئبو آهي، ته ’ڦيلهي‘ به چئبو آهي. اهڙيءَ طرح ڌار ڌار حالتن ۾ لفظ جي معنوي حيثيت بدلجي ويندي آهي.

هن دعويٰ مان هي ـ بت ثو ثئي ته هر علامت ۽ اُن جي معنيٰ ۾ ڪو لاڳاپو آهي، ۽ ڪو سنبنڌ آهي. جيڪڏهن اها علامت يا اهو لفظ، پنهنجي مقرر ڪيل جاءِ تان هٽائي، ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ڪم آڻبو ته اُن جي اصلوڪيءَ معنيٰ ۽ مفهوم ۾ فرق اچي ويندو. تنهن ڪري امداد حسيني صاحب جي هيءَ دعويٰ ته ”لفظن جو جڙاءُ، ست جو سٽاءَ آهي، ٻئي اندر مان نڪتل آهن ۽ گرامر ٻاهرين شيءِ آهي[2]“. فقط هڪ شاعرانه سوچ ۽ تخيل جو پرواز آهي، جنهن ۾ حقيقت گهٽ آهي؛ ڇو ته سائنس ’ڇو ۽ ڪيئن‘ سوالن جا جواب ڏيئي ٿي. ٻولي هڪ سائنس آهي، جيئن متي چيو ويو آهي، جنهن ۾ تخيل جو پرواز گهٽ، پر اُن ۾ حقيقت جو دخل وڌيڪ آهي.

ڪنهن به تنظيم لاءِ باقاعدگي ۽ تسلسل ضروري هوندو آهي ته جيئن هڪ حصي جو، ٻئي حصي سان واسطو هجي؛ هڪ جُزجو ٻئي جُز سان رابطو هجي ته جيئن اُن تنظيم يا نظام ۾، تسلسل قائم رهي.

---

[1] علي نواز جتوئي، پروفيسر: حوالو ڏنو ويو آهي. ص 12

[2] امداد حسيني: — - ـ هوار سوجهرو. جلد 2. نمبر 10. ڪراچي. جولاءِ 1974ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ جو سرشتو ۽ نظام بہ ائين آهي. جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ ٻولي آوازن جو هڪ سرشتو آهي. انهن آوازن جي اُچارڻ لاءِ بہ ڪو سرشتو ڪم ڪندو آهي. اُن سرشتي جي اڀياس کي ’علم صوتيات‘ نالو ڏنو ويو آهي.

4_ علم صوتيات جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ قدرت آوازن جي اُچارڻ لاءِ، ڳالهائڻ جي عضون – زبان ۽ مخرجن – کي اهڙي نموني سان هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بيهاريو آهي جو انهن جي ڌار ڌار حصي جي ميلاپ سان، ڌار ڌار آواز اُچاري سگهجن ٿا. علم صوتيات جي شاگردن کي معلوم آهي تہ نرم تارونءَ وٽ، آوازن جي اُچارڻ لاءِ، زبان جو ڪهڙو حصو نرم تارونءَ سان ملي ٿو: سخت تارونءَ وٽ آوازن جي اُچارڻ لاءِ زبان جو ڪهڙو حصو سخت تارونءَ سان ملندو آهي، اهڙيءَ طرح مورڌني آوازن جي اُچارڻ لاءِ زبان ۽ وات جي ڇت جو ڪهڙو حصو پاڻ ۾ ملندا؟ اهو سڀ ڪجهہ هڪ مقرر ڪيل نظام موجب ٿئي ٿو. صوتيات جي علم جي مدد سان خبر پوي ٿي تہ ڪهڙي سبب جي ڪري برصغير جا ماڻهو عربيءَ جا آواز [ث، ع، ح، ط، ظ، ض،ع، ق، خ ۽ غ] عربن وانگر اُچاري نہ سگهندا آهن. مطلب تہ ڌار ڌار آوازن جي اُچارڻ لاءِ، قدرت ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ بہ اهڙي نموني بيهاري آهي، جو دنيا ۾، جدا جدا ملڪن ۾، اُتي جا ماڻهو، اُتي جي جاگرافيائي، تهذيبي ۽ تمدني حالتن مطابق، پنهنجي زبان جا آواز اُچاري سگهندا آهن.

جهڙيءَ طرح آوازن جي اُچارڻ لاءِ، ڳالهائڻ جي عضون جي طبعي بناوت ۽ بيهڪ جو هڪ نظام آهي، جهن ڪري خاص گروهہ جا آواز، ڪنهن خاص مخرج تان ئي اُچاري سگهبا آهن، ۽ اُن مخرج وارا آواز، ڳالهائڻ جو ڪو ٻيو عضوو اُچاري نہ سگهندو آهي، تهڙيءَ طرح وري ڌار ڌار اُچاريل آوازن کي ملائڻ سان، پدن ۽ لفظن جي ٺاهڻ لاءِ بہ ڪو سرشتو ڪو قانون هوندو آهي. اهڙي سرشتي ۽ اهڙي نظام کي ’صوتياتي نظام‘ يا ’صوتياتي سرشتو‘ چئبو آهي. صوتياتي نظام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي واقفيت سان خبر پوندي آهي تہ ڪهڙو آواز لفظ جي منڍ ۾ اچي سگهندو آهي، ڪهڙو آواز لفظ جي وچ ۾ ايندو آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا آواز لفظ جي آخر ۾ اچي سگهن ٿا.

سنڌ ۾ هر پڙهيل ماڻهوءَ کي خبر آهي تہ سنڌي زبان جو ڪوبہ لفظ [ڻ، ڃ، ڱ ۽ ڙ] آوازن سان شروع ڪونہ ٿيندو آهي. سنڌ جي ماڻهن کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ سنڌي زبان جي هر لفظ جي آخر ۾ ڪونہ ڪو سُر (vowel) ضرور ايندو آهي، يعني سنڌي زبان جي هر لفظ جي آخر ۾ ساڪن وينجن هرگز ڪم نہ ايندو آهي، پوءِ چاهي اهو وينجن (consonant) مفرد هجي، مرتب يا مرڪب هجي.

جهڙيءَ طرح هر ٻوليءَ جو پنهنجو صوتياتي نظام ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح هر ٻوليءَ جو پنهنجو وياڪرڻي نظام بہ هوندو آهي. وياڪرڻي نظام کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ حصو اهو آهي جنهن ۾ لفظن جي ڦيرن ۽ صيغن ۽ نون لفظن ناهڻ جا قانون ڏنل هوندا آهن. هن حصي کي 'علم صرف' چئبو آهي، ۽ ٻيو حصو جنهن ۾ فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي ٻيهڪ ۽ انهن جي سٽاءُ جي قانونن جي خبر پوندي آهي. هن حصي کي 'علم نحو' چوندا آهن. جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. ماهرن جو رايو آهي تہ "اها مڪمل گفتار جيڪا ٻوليءَ جي 'جهيلار' يا 'ڏار' (Intonation) مان، ڪنهن بہ هڪ 'جهيلار' يا 'ڏار' تي ختم ٿئي، اهڙيءَ گفتار کي جملو چئبو آهي." ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ جملي جي مطالعي ۽ ڇنڊڇاڻ لاءِ 'جهيلار' جو بيان ضروري آهي: تنهنڪري ڪهاڻي، ناول يا ڊرامي ۾، ٻوليءَ واري موضوع جي ڇنڊڇاڻ لاءِ 'جهيلار' جو بيان لازمي آهي.

علم صوتيات وانگر علم صرف ۽ علم نحو لاءِ بہ ڪي قانون ۽ ڪي اصول مقرر ٿيل آهن جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي. هن باب ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪيل نون تجربن، خاص ڪري جملن

جي سٽاءَ ۾ ڪيل نون تجربن، يعني جملن جي سٽاءُ جي مطالعي سان آهي. ان ڪري هت اُنهن جملن تي بحث ڪيو ويو آهي، جن کي اسان جي ڪهاڻيڪارن 'اُبتي ٻولي' يا 'اُبتو گرامر' نالو ڏنو آهي، ۽ نقادن اها دعويٰ ڪئي آهي تہ "سنڌي ڪهاڻيءَ ۾، ٻوليءَ جي عبارت ۽ اسلوب واري حصي ۾ اهو نئون تجربو آهي."

## 5 ـ ٻولي اُبتي تي سگهي ٿي ڇا؟:

هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ "اُبتي ٻولي" ڇا کي ٿا چئون؟ ڪجهہ سال اڳ سنڌ جي ڪن ڪهاڻيڪارن، جملن جي سٽاءُ ۽ جوڙجڪ ۾، جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ کان سواءِ، پنهنجي مرضيءَ سان اُن ۾ ڦيرڦار آندي. هنن شايد نظماڻي نثر واريءَ صنف ۾ جملن جي سٽاءُ کي ڏسي، ڪهاڻين ۾ بہ ڪن ڪن جملن کي سندن مرضيءَ موجب اثر انداز بنائڻ لاءِ، علم نحو واري سٽاءُ ۽ اصولن جو خيال نہ ڪري، نئين تجربي ۽ نواڻ جي شوق ۾، ڪن جملن جي شروعات فعل سان ڪئي، تہ وري ڪن جملن ۾ فعل ڪٿي تہ وري فاعل ڪٿي، ضمير ڪٿي تہ وري صفت ڪٿي ڪم آندائون. اهين ڪونہ سوچيائون تہ ائين ڪرڻ سان جملي جي معنيٰ اها ساڳي رهندي يا نہ. جيڪا سندن مقصد ۽ مفهوم کي ظاهر ڪري سگهي: مثال طور مشتاق شوري صاحب پنهنجي ڪهاڻي "تڪل جذبن جو موت" جي شروعات هن جملي سان ڪئي آهي:

"اُتيو آهيان ننڊ مان: اُتي هاڻي هلان پيو رستي تي:

ميل ڏيڍ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ پهچندس بس تي."

ڪهاڻيڪار خود سوچي تہ 'اُتيو آهيان ننڊ مان' جملو، جنهن سان ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي اٿس، تنهن جي معنيٰ ڇا آهي؟ ٻوليءَ جي قانون موجب "جهيلار" لاءِ ڪنهن هڪ لفظ تي زور (stress) ڏبو آهي. "اُتيو آهيان ننڊ مان" جملي ۾، زور ڪهڙي لفظ تي ڏنو ويو آهي؟

انهيءَ جملي ۾ 'ننڍ مان اُتيو آهيان' جملي جي معنيٰ ۾ مفهوم ۾ ڪو فرق آهي يا نه؟ ٻنهي جملن ۾ علم نحو جا ڪهڙا ڪهڙا اصول ڪم آندا ويا آهن.

دراصل، مشتاق شوري صاحب جي انهيءَ افساني ۾ "اُتيو آهيان ننڊ مان: اُتي هاڻي هلان پيو رستي تي." جملن ۾ رابطي ۽ تسلسل واري موضوع تي بحث ڪرڻ منهنجو مقصد نه آهي. منهنجي بحث جو مقصد آهي ته جيڪڏهن انهن جملن واري سٽاءُ کي "اُبتي ٻوليءَ وارو نئون تجربو" سڏبو ته پوءِ مون کي هيئن چوڻو پوندو ته انهيءَ تجربي جي دعويٰ ڪندڙ سائنسدان، ٻوليءَ جي سائنس جي اصولن کان واقف نه آهن، ڇو ته اهو نئون تجربو "سنڌي زبان جي جملن جي سٽاءُ ۽ نحو جي قانونن کان اڻڄاڻ هجڻ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت ڏئي ٿو. اُبتي ٻوليءَ جي طرفداري ڪندي خود، امداد حسيني صاحب به رايو ڏنو آهي ته "عام طرح ڏسجي ٿو ته سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي اتهاس جو اڀياس سنڌي اديبن گهٽ ڪيو آهي"[1].

ڪنهن به ڪهاڻيءَ، ناول، ڊرامي ۽ مضمون وغيره ۾، طرز تحرير يعني لکڻ جو انداز، اسٽائيل، اُسلوب ۽ عبارت، اُن صنف کي اُڀاري ٿي، جنهن اسٽائيل سان، مشتاق شوري، ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي آهي. اُن لاءِ سنڌ جا ڪهاڻيڪار ۽ ٻوليءَ جي علم جا ڄاڻو ويهي فيصلو ڪن ته انهيءَ اسٽائيل ۾، بقول امداد جي، لفظن جو ڪهڙو جڙاءُ آهي، سٽن جو ڪهڙو سٽاءُ آهي؟ ڇا، جڙاءُ ۽ سٽاءُ لاءِ به ڪي اصول آهن يا نه؟ منهنجو مطلب فعل سان جملي جي، انهيءَ طرح شروعات واري نقطي سان آهي. حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن ڪو به جملو فعل سان شروع ڪبو آهي، تڏهن يا ته جملو سواليه هوندو آهي، يا تعجب ڏيکاريندڙ ۽ يا بيزاري ظاهر ڪرڻ جو انداز. هن طرح سان جملي جي شروعات ڪرڻ، ٻوليءَ ۾ نئون

---

[1] امداد حسيني: انٽرويو حوالو اڳ ۾ ڏنو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجربو، ڪهڙي حساب سان ٿيو. جڏهن ته جملو نه سواليه آهي، نه تعجب ۾ وجهندڙ ۽ نه ئي وري بيزاري ڏيکاريندڙ. ڇا هن اسٽائيل کي اندر مان نڪتل لفظن جو جڙاءُ يا سٽن جو سٽاءُ چئي سگهبو. جن جي دعويٰ امداد حسيني صاحب ڪئي آهي. مذڪور سڄي افساني ۾ مٿي ڏنل جملا ۽ اڳتي صفحي 20 تي ڏنل هڪ جملو هي آهي:

"ڏسان ٿو بس اسٽاپ ڏانهن"

باقي سڄي ڪهاڻي عام سنڌي اسلوب ۽ اسٽائيل ۾ لکيل آهي، جنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته شورو صاحب پنهنجي سڄي ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي انهيءَ غير فطري اسٽائيل وارا جملا ناهي سگهيو ئي نه آهي.

'اُبتي ٻوليءَ' واري تجربي جي دعويٰ ڪندڙن ۾ ٻيو نالو منهنجي نياڻيءَ، محترمه تنوير جوڻيجيءَ جو ورتو وڃي ٿو. محترمه جي انهيءَ 'نئين تجربي' ۾ هڪ ڪهاڻي 'سوجهرو' رسالي ۾ ڇپي هئي، ۽ محترمه کي ڪافي داد به مليو هو. محترمه تنوير جو ڇپيل افسانن جو مجموعو "امرت منجهه ڪڙاڻ" مون لفظ به لفظ پڙهيو آهي.

محترمه تنوير جي "اُبتي ٻولي"، جنهن کي آءُ غير فطري طور گڏ ڪيل لفظن جو ميڙاڪو سڏيندس، جا گهڻا مثال، هن ڪتاب ۾ شامل، ٻارهن افسانن مان فقط ٻن افسانن، "ٻاهر ٻاق نه نڪري" ۽ "مون کي آهه اُميد الله ۾"، ۾ ملن ٿا. باقي سيني افسانن ۾ 'عاري نثر' ۾، فطري يا عام سنڌي اسٽائيل ڪم آندي اٿس. دراصل عام اسٽائيل ۾ ئي تنوير صاحبه پنهنجي تصورات، مشاهدات ۽ جذبات کي اصلي طرح بيان ڪري سگهي آهي. هيٺ تنوير جي افسانن مان ڪي مثال ڏجن ٿا، جن کي هوءَ اُبتي ٻولي ٿي سڏي. محترمه تنوير "ٻاهر ٻاق نه نڪري" افساني جي شروعات هن طرح ڪئي آهي:

"نهاري رهي آهي انڌي پولار ۾ پسڻ ٻنا"

ٻيا مثال هي آهن:

(1) ”اکين ۾ ريکائون اَمٽ سوچ جون“

(2) ”ڪا پيڙا آهي جا ڪوريس پئي مَن.“

(3) ”ويتي آهيان تنها تنها“

(4) ”ٽُڪي رهيو آهي، هيڪلائيءَ جو احساس سندس وجود کي، اڌوهيءَ جيان.“

(5) ”پير پير ۾ پائي آئي، گهوٽ ڪنوار جي صفحي ڏانهن،
جهُڪي جهاتي پاتائين در جي چير مان،
ياجائي ڳاڙهن کهنبن لتن ۾ ويڙهيل سيڙهيل،
پريل آهي ياءُ جي مضبوط ياڪرن ۾.....
چميس پيو چاهه منجهان ..... ڳل، چپ، ڪنڌ،
سَنڌ سَنڌ کي ....... هٿ ترڪنس پيا پريل پريل
بت تي .......
چانئجي تا وجنس مک تي دک ۽ پيڙا جا پاچا....
اُپري اچيس ٿو نفرت جو احساس من پاتال مان.“

اهڙيءَ طرح ”مون کي آهي اُميد الله ۾“ افساني مان کي مثال ڏجن ٿا:

”اُتي تي، اچي تي، ڪبٽ ڏانهن، ڪڏي تي اَلبم،
ڏسي تي فوٽا.
پاٺهي وڏي رهي آهي سين کي پٽ تي ڇڏيندي، آگ ڏيندي پنهنجي ماڳ ڏانهن..... نهاري تي دريءَ جي ٻاهران.“

اهڙيءَ طرح تنوير جي انهن افسانن مان ٻيا به ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا، جن ۾ هنن جملن وانگر نه آهي ٻيهڪ جي نشانين جي پابندي ۽ نه ئي وري رکيو اٿس معنيٰ ۽ مفهوم جو خيال، ۽ نه وري ڪئي اٿس نحوي اصولن جي پوئواري. ليکڪ جي اُبتي ٻوليءَ مان مراد شايد جملن ۾ لفظن کي بنا ڪنهن اصول جي، سواءِ ڪنهن معنيٰ ۽ مفهوم

سمجهڻ جي، ڦيرائي ڪڏهن جملي جي منڍ ۾، ڪڏهن وچ ۾ ته ڪڏهن جملي جي آخر ۾ رکڻ آهي.

هاڻ ڏسڻو هي آهي ته ٻولي اُبتي به ٿي سگهي ٿي ڇا؟ سنڌي وياڪرڻ جا اصول، علم نحو يا قانون هن ڏس ۾ ڪهڙي ٿا رهنمائي ڪن؟ جيڪڏهن ٻولي ڪو فطري قانون ۽ سائنسي سرشتو آهي ته پوءِ لفظن کي جملي ۾ اڳيان پٺيان ڪرڻ لاءِ انهن ڪهاڻيڪارن وٽ ڪهڙو جواز آهي، وٽن ڪهڙو دليل آهي؟ پروفيسر علي نواز جتوئي لکي ٿو:

"اسين ٻيا جيڪي به علامتي نظام استعمال ڪريون ٿا سي پاڻ ٺاهيون ٿا، ۽ پاڻ ڊاهي ٻيا ٺاهي سگهون ٿا يا مرضيءَ موجب ان ۾ مٽاسٽا آڻي سگهون ٿا. پر ٻوليءَ ۾ اسين ائين ڪري نٿا سگهون. اها خودبخود الاهي اٽل قانون موجب ڦرندي رهي ٿي. ڪوبه شخص پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق ٻوليءَ جي سٽائن ۾ دخل ڏيئي نٿو سگهي. وڌ ۾ وڌ هو نوان لفظ پيدا ڪري اُن ۾ داخل ڪري سگهي ٿو، مگر اُن لاءِ به پڪ نه آهي ته اُهي هلي سگهندا يا نه."[1].

## 6۔ ٻوليءَ جو سٽا ۽ علم نحو:

هاڻي ڏسڻ گهرجي ته علم نحو جي اصولن موجب جملي ۾ لفظن جي بيهڪ لاءِ ڪهڙا قانون آهن، ۽ 'اُبتي ٻوليءَ' جي دعويٰ ڪندڙ ڪهاڻيڪارن طرفان ڪم آندل ٻوليءَ کي غير فطري ۽ غلط ٻولي ڇو سڏيو ويو آهي؟

ڪهاڻي، نثر جي هڪ صنف آهي. نثر ۾ ڪم آندل فقرن ۽ جملن جو مطالعو علم نحو سان واسطو ٿو رکي، جنهن لاءِ هر زبان ۾، اُن

[1] علي نواز جتوئي، پروفيسر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 15 ۽ 16

زبان جي مزاج ۽ ڪارج پٽاندر، اُن جو مطالعو ڪري، اُن جا اصول مقرر ڪيا ويا آهن. متي علم نحو جي وصف بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ:

”هن علم (علم نحو) جي مطالعي جي مدد سان، فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ انهن جي سٽاءَ جي خبر پوي ٿي.“

متي جملي جي وصف بيان ڪندي اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ ”جملو هڪ مڪمل گفتار آهي، جيڪا ڪنهن بہ هڪ ”جهيلار“ يا ”ڊار“ (intonation) تي ختم ٿيندي آهي. علم نحو جي متي ڏنل وصف جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ فقرا ۽ جملا، اُن ٻوليءَ جي نحوي تنظيم مطابق ٺهن ٿا، ۽ انهن فقرن ۽ جملن ۾ اسم، ضمير، حرف جر ۽ صفتون، اُن ٻوليءَ جي نحوي سرشتي ۽ تنظيم مطابق پنهنجون پنهنجو جايون وٺن ٿا. مثال طور سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ موجب، عام طور ڳالهايل جملي جا ڪي نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

گهوڙو ڊوڙي ٿو.

چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

منهنجو چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

منهنجو گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

گهوڙو پاڻي پيئي ٿو.

انهن جملن ۾ هرهڪ جملي جا بہ حصا آهن. انهن مان هڪ حصو آهي ’گهوڙو‘، ’چڱو گهوڙو‘، ’منهنجو گهوڙو‘ يا ’منهنجو چڱو گهوڙو‘ ۽ ٻيو حصو آهي ’ڊوڙي ٿو‘ يا ’چڱو ڊوڙي ٿو.‘ انهن حصن مان پهرئين حصي يعني ’گهوڙو‘ ’چڱو گهوڙو‘، منهنجو گهوڙو يا ’منهنجو چڱو گهوڙو‘ کي ’فاعل‘ يعني ڪم جو ڪندڙ (subject) چئبو آهي ۽ ٻئي حصي يعني ’ڊوڙي ٿو‘ يا ’چڱو ڊوڙي ٿو‘ کي ’فعل‘ يا ’ڪم‘ (verb) يا خبر چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي سٽا موجب ڪنهن بہ جملي ۾،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرين فاعل پنهنجي جاءِ وٺي. ٻيهندو. ان کان پوءِ مفعول ايندو ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي. جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي عام جملي جي، اها عام ۽ مروج نحوي سٽا آهي، جنهن کي وياڪرڻ جي ماهرن فاعل – فعل واري سٽاء نالو ڏنو آهي. ڪوبہ ماڻهو عام وهنوار ۾ يا عام گفتار ۾، مٿي ڏنل جملا انهيءَ سٽاءَ موجب ڳالهائيندو، ۽ نہ ڪ هيٺ ڏنل مثالن وانگر ڦيرائيندو. جيئن 'ب' هيٺ ڏنا ويا آهن:

| ب | الف |
|---|---|
| ڊوڙي ٿو گهوڙو/ ڊوڙي گهوڙو | گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| ڇڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو. ڊوڙي ٿو ڇڱو گهوڙو/ ٿو ڇڱو ڊوڙي گهوڙو | |
| گهوڙو ڇڱو ڊوڙي ٿو. ڇڱو ڊوڙي ٿو گهوڙو/ ٿو گهوڙو ڇڱو ڊوڙي | |

مٿي 'الف' ۽ 'ب' هيٺ ڏنل جملن جي ٻنهي سيٽن (sets) جي مطالعي کان پوءِ ٻہ سوال پيدا ٿين ٿا. پهريون سوال هي آهي تہ سنڌي زبان ۾ نحو جا عام اصول ۽ قانون ڪهڙا آهن؟ ٻيو سوال هي آهي تہ ڇا ٻئي سيٽ يعني "ب" هيٺ ڏنل جملا علم نحو جي قانونن موجب صحيح آهن؟

پهرئين سوال جو جواب هي آهي تہ مٿي فاعل – فعل واري سٽاء جا مثال ڏنا ويا آهن. جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي جملن جي عام سٽاءَ آهي، جيڪا روزمره جي گفتگو ۾ عام طور ڳالهائي ويندي آهي. سنڌي نثر جي هر صنف، عام طور هن سٽاء موجب ئي ڳالهائي ۽ لکي ويندي آهي. انهيءَ عام سنڌي نحوي سٽاءُ، فاعل – فعل واري سٽاء يا فاعل – مفعول – فعل) جا هيٺيان عام اصول ۽ قانون آهن:

(i) فاعل جو وڌاءُ (لڳ) پهرين ۽ فاعل اُن کان پوءِ، جملي جي منڍ ۾ ايندو.

(ii) فعل هميشه جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ايندو.

(iii) فعل جو وڌاءُ (لڳ) هميشه فعل کان اڳ ...

(iv) فاعل کان پوءِ ۽ فعل جي وڏاءُ کان اڳ، پهرين مفعول جو وڏاءُ ۽ اُن کان پوء مفعول ايندو.

(v) ظرف هميشه فعل جي وڏاءُ طور ڪم ايندو.

(vi) صفت هميشه موصوف کان اڳ، ۽ اُن جي بلڪل پويان پر بلڪل پرمٖ جاءِ وٺندي آهي.

(vii) حرف جر هميشه اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ ۽ بلڪل اُنهن جي پرمٖ جڳهه وٺندو.

روزمره ۽ عام گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو، انهن اصولن ۽ قانونن جو پابند هوندو آهي. انهن اصولن لاءِ جيڪا بنيادي سٽاء آهي تنهن جا چار مقصد آهن. انهن مان پهريون مقصد آهي انتخاب (selection)، ٻيو مقصد آهي ترتيب (order)، ٽيون مقصد آهي فعل جو لاڳاپو ۽ چوٿون مقصد آهي جهيلار(intonation)

(الف) انتخاب – ڪيترن ئي ٻولين ۾ انتخاب اهم حصو ادا ڪري ٿو[1].

لفظن يا جزن جي ترتيب ۽ سٽاء لاءِ انتخاب انهيءَ ڪري ضروري آهي جو ڳالهائيندڙ لاءِ لازمي هوندو آهي تہ هو جملي جو ڪهڙو جز پهرين ڳالهائي ۽ ڪهڙو جز پوءِ ڳالهائي. سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن کي اها خبر آهي تہ:

ڊوڙي ٿو گهوڙو

ٿو پاڻي پيئي چوڪر

مثالن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاء کي فاعل – فعل واري سٽاء چئي نہ سگهبو. يعني تہ جملي اندر جزن ۽ لفظن کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڦيرائي يا بدلائي نٿو سگهجي. اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل مثالن کي بہ سنڌي

[1] Bloomfield, L., Language, Op. Cit., P. 190.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ جي نحوي سٽاء موجب فاعل – فعل واري سٽاء چئي نٿو سگهجي:

آهي ڪاتب جو قلم هي.

ڏيکار اسان کي واٽ سنئين.

پر سنڌي نحو جي اصولن مطابق انهن جي موزون ۽ فاعل – فعل واري صحيح سٽاء هن ريت ٿيندي.

هي ڪاتب جو قلم آهي.

اسان کي سئين واٽ ڏيکار.

يعني سنڌي ٻوليءَ جي نحوي قانونن موجب، فاعل پهرين اچڻ گهرجي ۽ آخر ۾ فعل.

انتخاب جو ٻيو اصول هيءُ آهي تہ جملي ۾ جيڪڏهن فاعل مذڪر واحد آهي تہ فعل جو گردان بہ مذڪر واحد ۾ ڦرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن فاعل مذڪر جمع ۾ آهي، يا مؤنث واحد يا مؤنث جمع ۾ آهي تہ پوءِ فعل بہ فاعل مطابق ڦري: مثال طور:

| | |
|---|---|
| حالت فاعلي، جنس مذڪر، عدد واحد | ڇوڪر ڊوڙي ٿو. |
| حالت فاعلي، جنس مذڪر، عدد جمع | ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. |
| حالت فاعلي، جنس مؤنث، عدد واحد | ڇوڪري ڊوڙي ٿي. |
| حالت فاعلي، جنس مؤنث عدد جمع | ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون. |
| حالت مفعولي، جنس مذڪر، عدد واحد | ڇوڪر پاڻي پيئي ٿو. |
| حالت مفعولي، جنس مذڪر، عدد جمع | ڇوڪرا پاڻي پيئن ٿا. |
| حالت مفعولي، جنس مؤنث، عدد واحد | ڇوڪري پاڻي پيئي ٿي. |
| حالت مفعولي، جنس مؤنث، عدد جمع | ڇوڪريون پاڻي پيئن ٿيون. |

(ب) ترتيب: سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ موجب فاعل – فعل واري ٻيهڪ لاءِ ٻيو مکيہ اصول آهي، جملي ۾ لفظن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظرف جو مفهوم ڏيکاري ٿو. پر ساڳئي وقت جملي جي اصلوڪي جهيلار ۾ بہ تبديل اچي ٿي: مثال طور:

(1) چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

(2) گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

اهڙيءَ طرح هيٺ ٻيا بہ مثال ڏجن ٿا. جن ۾ جملي جي فاعل - فعل واري سٽاء ۾ تبديلي آندي وئي آهي، پر اُن تبديلي سان گڏوگڏ نہ فقط جهيلار ۾ تبديلي اچي ٿي، پر جملي جي معنيٰ ۾ بہ وڏو فرق محسوس ڪجي ٿو: مثال طور:

| عام جهيلار موجب ترتيب | جهيلار ۾ تبديلي، تہ ترتيب ۾ بہ تبديلي ۽ معنيٰ ۾ بہ تبديلي |
|---|---|
| ڇوڪر انب کاڌو. | انب ڇوڪر کاڌو. |
| | انب کاڌو ڇوڪر؟ |
| ڇوڪر منو انب کاڌو. | منو انب ڇوڪر کاڌو. |
| | ڇوڪر انب منو کاڌو. |
| | ڇوڪر کاڌو منو انب؟ |
| | ڇوڪر کاڌو انب منو؟ |
| | کاڌو ڇوڪر منو انب؟ |
| ڇوڪر انب کاڌو ڇا؟ | ڇا، ڇوڪر انب کاڌو؟ |
| | ڇوڪر، ڇا انب کاڌو! |
| | ڇوڪر انب ڇا کاڌو! |
| | انب ڇا، ڇوڪر کاڌو؟ |
| | انب ڇوڪر ڇا کاڌو! |

ڪاڏو ٿا انب، ڇوڪر؟
ڪاڏو ٿا، ڇوڪر انب؟
انب ڇوڪر ڪاڏو ٿا؟
ٿا، انب ڇوڪر ڪاڏو؟

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪيترائي مثال ملي سگهن ٿا، جن جي مدد سان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو ته سنڌي نحو جي عام ترتيب ۾، لفظن جي بيهڪ ۾ تبديلي تڏهن آڻي سگهبي، جڏهن گفتار واري جهيلار ۾ به تبديلي آڻبي. اهڙيءَ حالت ۾ ڳالهايل جملي کي غير فطري جملو، يا اهڙي ٻوليءَ کي اُبتي ٻولي يا غير فطري ٻولي هرگز نٿو چئي سگهجي. مٿي مشتاق شوري ۽ تنوير جوڻيجيءَ جي ڪهاڻين مان جيڪي مثال ڏنا ويا آهن اُهي پڙهندڙ پاڻ ڳالهائي ڏسن. انهن کي غير فطري يا غلط جملا انهيءَ ڪري سڏيو ويو آهي جو انهن جي لکڻ مهل يا اُنهن جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۾، تبديل ڪرڻ وقت، جهيلار جو اصل خيال ئي نه رکيو ويو آهي، بلڪ ڪهاڻيڪارن کي اهو وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو ته ڪو ڪنهن گفتار ۾ جهيلار جو هجڻ اشد ضروري آهي؛ پر جيڪڏهن پاڻ جهيلار جو خيال رکيو اٿن ته پوءِ انهن جملن کي پاڻ اُبتي ٻولي ڇو ٿا سڏين؟ انهن جملن کي نئون تجربو يا انهيءَ اسٽائيل کي نئين اسٽائيل ڇو سڏيو ويو آهي؟ اها اسٽائيل جنهن جا مون مٿي مثال ڏنا آهن سا ته سنڌي ٻوليءَ سان گڏوگڏ پئي هلي، اها نئين ايجاد ڪيئن ٿي؟ هرويرو هر ڳالهه، هندستان مان امپورٽ ڇو ٿي ڪجي؟ جيڪڏهن ڪني سامتاڻيءَ ان کي اُبتي ٻولي سڏيو ته اسين به ائين ڪريون؟ هن ڏس ۾ ڪنهن انگريزي يا فرانسيسي ڪهاڻيڪار جو مثال اسان جا اُبتي ٻوليءَ وارا ڏيئي سگهندا، جن بيهڪ جي نشانين يا ٻوليءَ جي اصولن کي ڦيرايو هجي.

دراصل هر ٻوليءِ ۾ جهيلار ئي ته آهي، جنهن جي مدد سان خبر پوندي آهي ته ڳالهائيندڙ جي گفتگو جو انداز ڪهڙو آهي. آيا هُو سواليه

انداز ۾ ٿو ڳالهائي، آيا هُو اُها ڳالهہ بيانيہ انداز ۾ ٿو بيان ڪري يا تعجب واري انداز ۾؟. انهيءَ ڪري هر تحرير ۽ تقرير ۾ جملي جي ترتيب، عبارتِ ۽ اُسلوب جو انداز، جهيلار ۾ تبديلي آڻڻ سان جملي جي ترتيب ۾ بہ تبديلي ايندي، تہ اصل معنيٰ ۾ بہ فرق ايندو. اهي ئي ٻوليءَ جا عام اصول ۽ قانون آهن. امداد حسيني صاحب لطيف جي هيٺين مصرع ڏيئي، پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

ءِپڙهيچن ڏي ويندي عمر آءُ

امداد حسيني صاحب هاڻ جهيلار واري اصول کي سامهون رکي، پوءِ انهيءَ مصرع جو مطالعو ڪري. شاعريءَ ۾ بہ لفظن جي ڦيرگهير لاءِ وڏو جواز جهيلار ۽ راڳداريءَ جا اصول هوندا آهن. هن مصرع ۾ 'آءُ' ضمير کي اڳيان آڻي پوءِ ڏسو تہ اهو زوردار مقصد ۽ مفهوم نڪري سگهي ٿو؟ شاعريءَ تي مون کي هڪ ڌار مقالو لکڻو آهي. تنهنڪري اُبتي ٻوليءَ واري دعويٰ ڪندي، وياڪرڻ کان اڻ ڄاڻ هجڻ، ۽ وقت جي زبان کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي؛ اها فقط خوش فهمي آهي. هن دعويٰ مان سنڌي ٻوليءَ کي ڪوبہ فائدو ڪونہ پهچندو. هن قسم جي جملن لکڻ مان نئين نسل کي گمراهہ ڪيو ويندو. تنهنڪري بهتر آهي تہ اهڙيءَ اسٽائيل ۾ لکڻ کان پاسو ڪيو وڃي. پڙهندڙ پاڻ سوچين تہ:

"اُٿيو آهيان ننڊ مان. اُٿي هاڻي هلان پيو رستي تي" جملن ۾ جهيلار واري اهم نقطي کي بلڪل نظرانداز ڪيو ويو آهي يا نہ؟ ڪابہ ٻولي جهيلار واري اصول کان سواءِ ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ جو مفهوم ظاهر ڪري نہ سگهندي، تنهن ڪري جهيلار جي مفهوم کان سواء هر جملو غير فطري ۽ هر سنا، فقط ڪن لفظن جو اهڙو ميڙ سمجهبو جيڪو بي معنيٰ ۽ بي مقصد هوندو: جنهن کي انگريزيءَ ۾ (non_sense sentence) چئبو آهي، يعني اهي جملا جن ۾ ڪوبہ مقصد ڪونہ هوندو آهي.

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب


1. الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، مقالو، پرک، ساليانو مخزن، ڄامشورو، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، 77-1976ع، ص 105
2. امداد حسيني، ماهوار سوجهرو ۾ انٽرويو، جلد 2، نمبر10، ڪراچي، جولاءِ 1974ع ص 7
3. ايضاً
4. علي نواز جتوئي، پروفيسر: علم السان ۽ سنڌي زبان، حيدرآباد، 1968ع، 12


## انگريزي ڪتاب


5. Bloch, B. and Trager G.L., An Outline of linguistic Analysis, Op. Cit., 1942 P.5.
6. Bloomfield, L., Language, Op. Cit., P. 190
7. Sturtevant E. H., An Introduction to Linguistic Science, New Human, Yale University Press, 1947, P. 21


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب چوٿون

## سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا

موجوده سنڌي صورتخطي ڪڏهن ٺهي، ڪنهن ٺاهي، انگريزن جي دور ۾ مسٽر ايلس جي صدارت هيٺ مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ اُن ۾ ڪهڙا سڌارا واڌارا آڻي، اُن کي هڪ مقرر صورت ۽ سرڪاري حيثيت ڏني. تنهن کان سنڌ جو هر ماڻهو واقف آهي. وري 1913ع ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ جي صدارت هيٺ ڪوٽايل ميڙ ۾، ايلس واريءَ ڪميٽيءَ کان، سنڌي صورتخطيءَ ۾، جيڪي ڳالهيون رهجي ويئيون هيون، تن تي سوچ ويچار ڪري، انهن کي آخري شڪل ڏيئي، اُن (سنڌي صورتخطيءَ) کي، وڌيڪ معياري ۽ آسان بنايو ويو. انهيءَ هوندي به جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، جيئن جيئن ٻوليءَ ۾ نون لفظن جو اضافو ٿيندو ويو، جيئن جيئن سنڌي ادب نون لاڙن کان متاثر ٿيندو ويو، تيئن تيئن صورتخطيءَ جا ڪيترائي مسئلا سامهون ايندا ويا. انهن ۾ 'سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي صورتخطي'، 'سنڌي ٻوليءَ جو مزاج ۽ سنڌي صورتخطي'، 'سنڌي شاعري ۽ سنڌي صورتخطي'، سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌي شاعريءَ جا تجربا'، 'سنڌي نثر ۾ ٻوليءَ جا تجربا'، وغيره جهڙا موضوع چندچاڻ گهرن ٿا.

موجوده وقت، علمي ۽ ادبي حلقن طرفان اسڪولن ۽ نصابي ڪتابن ۾ ٽي لفظ عام طور استعمال ٿيندا اهن. اُهي ٽي لفظ آهن:

الف — ب، رسم الخط ۽ صورتخطي يا لپي. لسانيات جي اصولن جي روشنيءَ ۾ پهرين انهن ٽنهي لفظن جي وصف سمجهڻ ضروري آهي ته جيئن اڳتي هر موضوع صاف سمجهائي سگهجي؛ ٻيو سبب هي به آهي ته اسان وٽ عام طور اکر (حرف) ۽ لفظ جي وچ ۾ ايجا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين فرق محسوس نہ ڪيو ويو آهي، ۽ عام طور لفظ کي بہ 'اکر' چيو ويندو آهي. دراصل 'لفظ' کي 'اکر' يا 'لفظن' کي 'اکَر' سڏڻ درست نہ آهي.

'اکر' يا 'حرف' جي وصف سمجهڻ لاءِ، پهرين آواز ۽ اکر ۾ فرق سمجهڻ جي ضرورت آهي، ڇو تہ ڏٺو ويو آهي تہ سنڌ جي اُستادن، عام طرح 'اکر' (حرف) ۽ آواز جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، تنهن کي اڄا تائين صحيح طرح سمجهيو ئي نہ آهي، انهيءَ لاءِ هيٺيان سبب ٿي سگهن ٿا:

i. پرائمري يا ثانوي اسڪولن ۾، سنڌي ٻولي پاڙهيندڙ استاد، سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات ۽ صوتياتي نظام کان گهڻو ڪري واقف نہ آهن.

ii. سنڌي ڪتابن ۾ الف – ب، رسم الخط ۽ صورتخطيءَ ۾ فرق ڄاڻايل نہ آهي.

iii. الف – ب ۽ صورتخطيءَ جي بيان ڪندي، حرف يا اکر ۽ آواز جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي تنهن کي سمجهڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وئي آهي.

iv. ٽيچرس ٽريننگ اسڪولن ۽ ٽريننگ ڪاليجن ۾، صوتيات جي علم جي سکيا لاءِ جيڪي اُستاد مقرر ٿيل آهن، اُهي خود هن علم کان واقف نہ آهن.

انهيءَ ڪري مناسب آهي تہ پهرين آواز، پوءِ اکر يا حرف، پوءِ الف – ب ۽ آخر ۾ رسم الخط ۽ صورتخطيءَ جي وصفن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي.

(الف) آواز: ڳالهائڻ جي عضون جي مدد سان، ذا رڌار مخرجن وٽ، رڪاوٽ، گهڪي يا متواتر اُچار سان، ڳالهاءَ جا آواز ٺهندا آهن. گفتگو واري ٻولي اهڙن آوازن جي تواتر مان ٺهي ٿي.

(ب) اکر يا حرف: ٻوليءَ، جي آوازن کي جڏهن ڪنهن لکيل صورت ۾ آڻبو آهي، تڏهن اهڙين لکيل صورتن کي 'اکر' چئبو آهي. مثال طور [ب، ت، ٿ، ٽ، ج] ڳالهاءِ جا آواز آهن، جيڪي

ڌار ڌار مخرجن وٽ اُچاريا ويندا آهن. اِهي آواز دنيا جي هر حصي — هندستان، پاڪستان، برما، سلون، ٿائلئنڊ، جپان، جرمني ۽ فرانس وغيره ڌار ـ ٻه اُچاريا ويندا آهن. جڏهن انهن ۽ اهڙن ٻين آوازن کي لکت ۾ نمايان ڪبو آهي، يعني لکت جي صورت ۾ آڻبو آهي، تڏهن انهن لاءِ ڪي نشانيون مقرر ڪبيون آهن: اهڙين نشانين کي 'اکر' يا 'حرف' (grapheme) چئبو آهي. اهي اکر يا حرف، ڌار ڌار ٻولين ۾ ڌار ڌار آهن. مثال طور ديوناگري رسم الخط ۾ [ب] آواز لاءِ جيڪا لکت واري نشاني يا اکر مقرر ڪيو ويو آهي، سو عربيءَ جي نسخ خط واري حرف کان ٻيءَ طرح آهي. اهڙيءَ طرح برمي ٻوليءَ، ٿائي، ڪوريئن، ويئٽنامي، جپاني ۽ انگريزي وغيره ٻولين ۾، [ب] آواز لاءِ لکت واري علامت ساڳي نہ آهي، پر هر ٻوليءَ ۾ اها لکت الڳ الڳ آهي، جيتوڻيڪ آواز لڳ ڀڳ ساڳيو آهي. انهيءَ ڪري اکر يا حرف مان مراد آهي: "ٻوليءَ جي ڪنهن آواز کي لکت ۾ ظاهر ڪندڙ نشان يا علامت."

(ج) الف — ب : لکت وارين نشانين يا علامتن جي اُها ترتيب، جنهن ۾ ڪنهن ٻوليءَ جي ڌار ڌار آوازن جي ڌار ڌار لکت وارين نشانين کي هڪ هنڌ ڏيکاريو ويو هجي يا گڏ ڪيو ويو هجي.

(د) صورتخطي: ڪنهن بہ زبان ۾ لفظن ۽ جملن جي لکت لاءِ آوازن جي تحرير ٿيل صورتن (لکت وارن نشانن) کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ جو اها لکت، سڄي ملڪ لاءِ هڪ جهڙي معياري ۽ درست هجي. معياري ۽ هڪ جهڙي صورتخطيءَ جو مطلب هي آهي تہ لسانيات جي اصولن موجب ڌار ڌار خطن ۾ ڪن لفظن جي ڌار ڌار اُچارڻ (Variant pronunciation) ڪري، اُن اُچار موجب اُن لفظ کي ڌار ڌار نموني

لکڻ. يعني هڪ لفظ کي ڌار ڌار خطن ۾، اُتي جي لهجي ۾ اچار موجب ڪتابن ۾ ڌار ڌار نمونن ۾ لکڻ، درست نہ آهي. مثال طور لاڙڪاڻي جا ماڻهو 'مڇي' لفظ جو اُچار ڪن 'مَشي'؛ هاڻ جيڪڏهن معياري لهجي وارا لکندا 'مڇي' ۽ لاڙڪاڻي جي تر وارا لکندا 'مَشي' تہ قصو ڪيئن ٿيندو؟ اهڙيءَ طرح لاڙي لهجي ۾ بہ انهيءَ قسم جو فرق نظر ايندو آهي.

انهيءَ ڪري صورتخطي جو، مقصد آهي ڪنهن بہ لفظ لاءِ هڪ صورت يا هڪ شڪل مقرر ڪرڻ. ان سبب جي ڪري ڪنهن بہ زبان جي صورتخطيءَ لاءِ لازمي هوندو آهي تہ لغات ۾ يا نصابي ڪتابن ۾، هر لفظ کي هڪ ئي مقرر صورت ۾ لکيو وڃي. يعني تہ اُن لفظ لاءِ ڪا هڪ ئي صورت مقرر ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح نہ فقط لفظ جي انفرادي حالت ۾ هڪ ئي لکيل صورت هجڻ گهرجي، پر جڏهن اهو لفظ ڪنهن هڪ جملي ۾، يا ڌار ڌار جملن ۾، اُچاربو آهي، تڏهن جيتوڻيڪ ڪنهن هڪ جملي ۾ يا هڪ کان وڌيڪ جملن ۾، ڪن لفظن جا اُچار، انفرادي طور اُچاريل لفظن کان ڪجهہ ٻيءَ طرح ٿيندا آهن، پر صورتخطيءَ جي اصولن ۽ قانونن موجب، اهڙن لفظن جي، جملن ۾ بہ، اُهائي ساڳي صورتخطي رکبي، جيڪا اُن لفظ جي انفرادي طور يا اڪيلي سر اُچاريل حالت ۾ مقرر ڪئي ويندي آهي. اهو اصول سڄي ملڪ يعني ان زبان واري ايراضيءَ ۾ حدن ۾ رائج هوندو آهي. زبان جي ايراضيءَ اندر (يا جيڪڏهن ڪنهن زبان جا ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ دنيا جي ٻين ملڪن اندر پکڙجي ويا هجن)، هڪ ئي صورتخطي اختيار ڪئي ويندي آهي. تنهنڪري ڪنهن بہ زبان جي صورتخطي معنيٰ اُن زبان جي معياري لهجي ۾ اُچاريل لفظ جي لکيل ۽ مقرر ڪيل صورت.

هت معياري لهجي جي وضاحت ڪرڻ بہ مناسب آهي. "اهو لهجو، جو سرڪاري طور اسڪولن، ڪاليجن، نشر و اشاعت، سرڪاري

اطلاعن، ڪورٽن، اسيمبلين توڙي مهذب ماڻهن جي حلقي اندر استعمال ٿئي، ڳالهايو وڃي ۽ لکيو وڃي. اهڙي لهجي کي ”معياري لهجو“ (standard dialect) چئبو آهي. ملڪ جي سرڪاري ٻولي، اُن معياري لهجي کي تسليم ڪيو ويندو آهي. مثال طور، سنڌ جي ماڻهن جي ٻولي ”سنڌي“ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جو اهو لهجو، جيڪو اسين اسڪولن ۾ پڙهون ٿا، يا ريڊيو تي سرڪاري اعلانن ۾ ٻڌون ٿا، يا ڳالهايون ٿا، جنهن لهجي ۾ اسان جا عالم ۽ اديب تقريرون ڪن ٿا، جو لهجو اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ذريعي تعليم طور ڪم ايندو آهي، اهو لهجو، سڄيءَ سنڌ لاءِ هڪ ئي آهي. هرهڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ لهجي ۾ لکڻو ۽ پڙهڻو آهي، ۽ باهمي گفتگوءَ ۾ ڳالهائڻو آهي. اهڙي لهجي کي ’معياري لهجو‘ چئبو آهي.

(د) رسم الخط : زسم الخت جي معنيٰ آهي لکت جو رواج. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ڪنهن ملڪ يا علائقي ۾ مروج لکيتون يا لپيون. رسم الخط ۽ صورتخطيءَ ۾ خاص فرق هي آهي ته صورتخطي سڄي ملڪ جي ماڻهن لاءِ هڪ ئي هوندي آهي، پوءِ اُهي ماڻهو چاهي الڳ الڳ مذهب رکندڙ هجن. صورتخطي سڄي ملڪ ۾، هر قوم، هر قبيلي ۽ هر خطي جا ماڻهو اختيار ڪندا آهن. ان کي گهڻو ڪري سرڪاري حيثيت حاصل هوندو آهي، پر رسم الخط لاءِ اهو شرط لازمي نه هوندو آهي. مثال طور سنڌ ۾ جڏهن سنڌي زبان لاءِ ڪا هڪ مقرر صورتخطي ڪانه هئي، تڏهن سنڌي ٻولي سنڌ جي هندن پنهنجي نموني پئي لکي ته وري مسلمانن پنهنجي نموني؛ وري هندن ۾ به هڪ لپي ڪانه هئي، پر جدا جدا شهرن ۽ خطن جي رهاڪن پنهنجي پنهنجي لکت پئي ڪم آندي. اُنهن مان هر لکت کي رسم الخط چئي سگهجي ٿو. مثال طور ٺٽي ۾ لوهاڻن هڪ رسم الخط پئي ڪم آندو ته ڀاٽين وري ٻيو رسم الخط. اهڙيءَ طرح سکر جي

لوهاڻن هڪڙي لپي پئي ڪم آندي، تہ پاڻين وري ٻي. اهڙيءَ طرح عربن جي اچڻ وقت سنڌ ۾، سنڌي ٻولي خدا آبادي (خدا واري) شڪار پوري، لاڙائي، ونگائي، راجائي، سيوهاڻي ۽ ڏاڪڻي لهندا رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي. اهو سلسلو انگريزن دور تائين هلندو آيو. انگريزن جي دور ۾، سنڌ ۾ عربيءَ جا ٻہ رسم الخط رائج ٿيا. انهن مان هڪڙو هو 'نستعليق رسم الخط' ۽ ٻيو هو 'نسخ رسم الخط' ڪي مسلمان، جن ۾ خواجا ۽ ميمڻ خاص طور ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن، سي پنهنجو پنهنجو ديواناگري نموني وارو رسم الخط استعمال ڪندا هئا. انهن ۾ ٺٽائي ميمڻ هڪ رسم الخط ڪم آڻيندا هئا، تہ ڏيپلائي ۽ حيدرآباد جا ميمڻ وري پنهنجو پنهنجو رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. انهن جدا جدا لپين يا لکيتن ڪي، صورتخطي چئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ هر خطي ۾ سنڌي ٻولي ڌار ڌار نموني پئي لکي وئي، انهيءَ ڪري انهن جدا جدا لکيتن يا لپين کي سنڌي ٻوليءَ جا رسم الخط چئبو.

مٿي عرض ڪيو ويو آهي، 1849ع ۾ ايلس واريءَ ڪميٽيءَ، مخدوم ابوالحسن جي ٺاهيل صورتخطيءَ تي سوچ ويچار ڪري، اُن تي نئين سر نظروجهي، ان کي معياري صورتخطيءَ جي حيثيت ڏني. ڪجهہ وقت کان پوءِ محسوس ڪيو ويو تہ مسٽر ايلس واريءَ ڪميٽيءَ کان ٻہ ڪي نقطا رهجي ويا هئا. جن تي سوچ ويچار ڪرڻ لاءِ 1913ع ۾، مرحوم مرزا قليچ بيگ جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ڪئي وئي. ان وقت جي تعليمي ماهرن، سنڌي لٽريچر ڪميٽيءَ جي ميمبرن، انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪئي، ۽ سوچ ويچار ڪري فيصلا ڪيا. اهي فيصلا اخبار تعليم ۾ شايع ڪرايائون. پر ڪجهہ وقت گذرڻ کان پوءِ، پاڪستان هلي جدا جدا ماڻهن جي جدا جدا سوچ ڪري، صورتخطيءَ ۾ نوان مسئلا نظر آيا. زنده ٻولين ۾ اهڙن مسئلن پيدا ٿيڻ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ انهن ٻولين جي ڌارا بيٺل نہ آهي يا سڪي ڪانہ وئي آهي. پر ڏاڍا

| | |
|---|---|
| نرم تارونءَ وارا آواز | ڪ ک ڳ گ گهہ ڱ |
| سخت تارونءَ وارا آواز | ڇ چ ڄ ج جهہ ڃ |
| مورڌني آواز | ٽ ٺ ڏ ڊ ڍ ڻ |
| ڏندن وارا آواز | ت ٿ د ڌ ن |
| ٻن چپن وارا | پ ڦ ٻ ب ڀ م |
| گهڪي وارا | و س ش ھ |
| نيم سُر، روان ۽ | ي ر ل |
| ڦڙ ڦڙ آواز | ڙ |
| مرڪب آواز | دَرَ تُرَ ڪُشَ گُنَ |

سن 1700ع ۾، نسخ نموني جو سنڌي زبان لاءِ جيڪو پهريون رسم الخط لکت جي صورت ۾، عوام جي سامهون آيو، سو مخدوم ابوالحسن پنهنجي ڪتاب مقدمه الصوات ۾، ڪم آندو. هيءُ رسم الخط پوءِ، 'ابو الحسن جي سنڌيءَ' جي نالي، سان سڄيءَ سنڌ ۾، مشهور ٿي ويو. مخدوم صاحب سنڌي آوازن لاءِ، عربي ۽ فارسيءَ جي الف – ب جي مدد سان، جيڪا صورت مقرر ڪئي سا هن ريت هئي:

| ابوالحسن واري الف_ب موجوده | موجوده الف_ب | ابوالحسن | |
|---|---|---|---|
| ا | ا | س | س |
| | | ش | ش |
| ب | ب ۽ ٻ | ص | ص |
| پ، ڀ | پ | ض | ض |
| ت | ت | ط | ط |
| ٿ، ٺ | ٿ | ظ | ظ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ت ۽ تر | ٿ | ع | ع |
| ٿ ۽ ٿھ | ٽ | غ | غ |
| ث | ث | ف | ف |
| پ | پ | ق | ق |
| ف ۽ پھ | ڦ | ڪ | ڪ |
| ج | ج | ک ۽ کھ | ک |
| ج | ڄ | گ | گ |
| ج | جھ | گ | ڳ |
| نج | ڃ | گھ | گھ |
| چ | چ | نگ | ڱ |
| چھ | ڇ | ل | ل |
| خ | خ | م | م |
| د | د | ن | ن |
| دھ | ڌ | ن | ڻ |
| ڏ | ڏ | و | و |
| د ۽ در | ڊ | ھ | ھ |
| ڊ | ڍ | ء | ء |
| ر | ر | ي | ي |
| ر | ڙ | | |
| ز | ز | | |

موجوده عربي – سنڌي الف –ب (ايلس واري) واري چارٽ ۾ ڏنل ترتيب ۾ اڳتي هلي جدا جدا ڪتابن ۾، جيڪا ڦير گھير ڪئي وئي، تنهن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

<u>ايلس واري پٽي</u>

ا ب ٻ پ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جهہ

ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ذ ر ڙ ز س ش

ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهہ

ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

1935ع ۾ ڇپيل ڪتابن ۾ جيڪا ڦيرگهير ڪئي وئي تنهن ڪان پوءِ الف ـ ب جي پٽيءَ جي صورت هن ريت وڃي بيٺي:

ا ب ٻ پ ڀ ت ٽ ٿ ٺ ث ف ڦ گ

ڳ ڱ ک ي د ڌ ڏ ڊ ڍ ح ج

ڃ چ ڇ خ ع غ ر ز ڙ م ن ل س ش و ق

ص ض ڻ ط ھ جهہ گهہ ڪ ء

سال 1960ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپايل جامع سنڌي لغات جلد اول ۾، الف ـ ب جي پٽيءَ ۾ وڏيڪ ڦيرقار آئي. ’ڦ‘ کي ’پ‘ جي پر مان هٽائي، ’ف‘ جي پر ۾ رکيو ويو. اُن لاءِ هي دليل ڏنو ويو ته ’ف‘ ۽ ’ڦ‘ جي شڪل هڪجهڙي آهي، تنهن ڪري ٻئي حرف هڪ ٻئي جي پاسي پاسي ۾ رکڻ گهرجن. اها ساڳي ترتيب پوءِ سنڌي پرائمري ڪتاب ۾ پڻ اختيار ڪئي وئي.

سنڌي ادبي بورڊ طرفان جامع لغات سنڌيءَ سان الف ـ ب اها پٽي، سرورق طور ڏني وئي آهي. اُها هن ريت آهي:

ا ب ٻ پ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ج ڄ جهہ ڃ

چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ذ ر ڙ ز س ش ص ض

ط ظ ع غ ف ڦ ق ڪ ک گ ڳ گهہ

ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

هن پٽيءَ ۾ ’ڦ‘ کي ’ف‘ جي پاسي ۾ رکڻ لاءِ ڏنل دليل مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته اسان جا ماهر سنڌي صوتياتي نظام کان واقف نه هئا.

دراصل ’پ‘ ۽ ’ق‘ حرف، [پ] ۽ [ق] آوازن جون لکيل صورتون آهن. اهي ٻئي آواز يعني [پ] ۽ [ق] سنڌي صوتيات ۾، هڪڙي ئي خاندان وارا يعني هڪڙي ئي گروهه (ڌماڪيدار) وارا آواز آهن. انهن ٻنهي آوازن جو مخرج هڪڙوئي، يعني ساڳيو آهي. اهي ٻئي ٻن چپن وارا ڌوڪڻا آواز (bi_labial plosives) آهن، ٻئي هلڪا (voiceless) آواز آهن ٻنهي آوازن ۾ فرق هي آهي ته [پ] هلڪو آوسرگ آواز آهي، ۽ [ق] اُن جو هلڪو وسرگ جوڙ آهي. [ف] ۽ [ق] آوازن جي وچ ۾ ڪابه متي مائٽي ۽ ڪوبه لڳ لاڳاپو ڪونهي. اهي ٻئي ڏار ڏار گروهن وارا آواز آهن، ۽ ٻنهي جا مخرج به ڏار ڏار آهن. انهيءَ سلسلي ۾ ’سنڌي صورتخطي‘ ڪتاب جي ٽئين ڇاپي (1969ع) ۾، صفحي 45 تي حاشئي ۾، وضاحتي نوٽ ۾ عرض ۾ ڪيو ويو آهي ته [ف] ڏندن ۽ ڳاڏئون، هلڪو گهڪيدار وينجن آهي. انهيءَ ڪري [ق] ۽ [ف] جي وچ ۾ صوتياتي لحاظ کان ڪابه قرابت، ڪابه نسبت ۽ ڪابه هڪ جهڙائي ڪانهي. اهوئي سبب هو جو ايلس واريءَ ڪميٽيءَ [ق] لاءِ مخدوم ابوالحسن جي الف – ب جي چارٽ ۾ مقرر ’ف‘ ۽ ’پهه‘ لاءِ هڪ نئون اکر ’ق‘ مقرر ڪيو.

اهي ته ٿيا اکرن، حرفن ۽ الف – ب جي پٽيءَ ۾ ترتيب جا مسئلا. هاڻ ڏسڻ گهرجي ته سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا ڪهڙا ڪهڙا آهن؟ سنڌي صورتخطيءَ جي سلسلي ۾ جيڪي مسئلا مون محسوس ڪيا آهن، تن جي فهرست هن ريت آهي:

(الف) لفظن جي منڍ ۽ وچ ۾ ايندڙ مرڪب آوازن جي لکت

(ب) سُرن (vowes) جي لکيل صورت.

(ت) سُرن کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ حرفن مٿان جزم جو استعمال

(ث) وسرگ آوازن تي مشتمل لفظن جي لکت ۾ فرق

(ج) سُرن جو، گهٽن وينجنن کان متاثر ٿيڻ.

(د) گهٽن سُرن جي گهٽائڻ واري خاصيت جو. گهٽن وينجنن ۾ تبديل ٿيڻ

(ر) گهٽي وينجن [ن] ۽ گهٽي سُر جي نشاندهي ڪندڙ حرف 'ن' جو مطالعو

(س) مشدد وينجن ۽ تشديد لاءِ قانون

(ش) عربي ۽ فارسيءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ آيل لفظن جي لکت ۾ ڦير گهير

(ص) سرائڪي ٻوليءَ جي اثر سبب اُچار ۽ لکت ۾ فرق

(ض) لفظن جي صورتخطين ۾ عام ڦيرگهير

هاڻ هيٺ هرهڪ مسئلي جو تفصيلي جائزو پيش ڪجي ٿو.

(الف) لفظن جي مُنڍ ۽ وچ ۾ ايندڙ مرڪب/ گڏيل آوازن جي لکت:

سنڌي صورتخطيءَ[1] ۽ سنڌي صوتيات[2] ۽ سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد،[3] ڪتابن ۾ سنڌي صوتيات جي هن خصوصيت تي ڪافي روشني وڌيْ وئي آهي، ۽ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته هيستائين سنڌ جي ماهرن سنڌي زبان جي نصابي ڪتابن، وياڪرڻن توڙي سنڌي لغات ۾ هن موضوع طرف ڪوبه توجهه نه ڏنو آهي. مثال طور جن لفظن جي منڍ ۾ ڪي مرڪب يا گڏيل آواز عام طور اُچاريا ويندا آهن، اُنهن جي لکت ڏانهن نصابي ڪتابن ۾ ڪوبه ڌيان نه ڏنو ويو آهي: جيئن هيٺيان لفظ ڏسو:

---

[1] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو ڇوٿون، حيدرآباد. سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو. 1993، ص ص 143 ۽ 145

[2] ايضاً: سنڌي صوتيات، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن، 1967ع.

[3] ايضاً: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيون. سنڌيڪا اڪيڊمي. ڪراچي.، 2004، ص ص 10 ۽ 55

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيان، ٻيائي، ٻيار، ڏياري، ڏياٽي، نياپو، نياءُ، گيان، ٽياڻ، کياڙي، ڄياپو، ٻريم، ڪروڌ، گراهڪ ۽ ٻرهمڻ.

جيتوڻيڪ انهن لفظن جو ڪو گهٽو نہ آهي، پر انهن جو جيترو بہ ذخيرو ملي ٿو، انهن جي لکت جو مسئلو حل ڪرڻ ضروري آهي. انهن لفظن کي جيئن جو تيئن ڇڏي ڏيڻو نہ آهي. اهي لفظ اڄ بہ اسان جي روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ ڪم ايندا آهن. ان ڪري اهي اسان جي سماج ۽ لغات جو حصو آهن. انهن ۽ اهڙن ٻين لفظن جي ڪا صورت شايد ان ڪري مقرر ٿي نہ سگهي، جو عربي ۽ فارسي ٻولين جي صوتياتي نظام ۾ لفظن جي منڍ ۾، مرڪب آوازن جا اُچار موجود نہ هئا. ان ڪري عربي يا فارسي زبانن جي صورتخطين ۾ اهڙن مرڪب آوازن کي لکڻ جو رواج ڪونہ هو. تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ناهيندڙ ماهرن، انهيءَ مسئلي طرف سوچيو ئي نہ هو: پر جيڪڏهن تقابلي مطالعي لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۽ سڀاءُ جو مطالعو ڪيو وڃي ها ۽ ديوناگري رسمُ الخط جي مدد سان ٻهيل گجراتي، مرهٽي، بنگالي وغيره زبانن جي صورتخطين کي سامهون رکيو وڃي ها تہ جيڪر سنڌي زبان ۾ اهو مسئلو 1849 ۾ ئي حل ٿي وڃي ها، يا دير ۾ دير 1913ع ۾ هن مسئلي تي سوچيو وڃي ها. پر ائين نہ ڪيو ويو. اهوئي سبب آهي جو ديوان لوڪنات سنڌي ٻوليءَ لاءِ ديوناگري لپيءَ جي دليلن ۾ پنهنجي تنقيد ۾ هن نقطي تي خاص طور زور ڏيندي لکيو هو تہ:

"(i) عربي — سنڌيءَ جي لکاوٽ جو اُچارن سان ڪوبہ تعلق نہ آهي. اُچار هڪڙو تہ لکڻ جو طريقو ٻيو.

(ii) عربي — سنڌي بنهہ غير وگيانڪ لپي آهي. زبان جيڪي بہ سڀاويڪ اُچار ڪري ٿي، عربي لپي اُنهن اُچارن کي صورت ڏيڻ کان قاصر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(iii) هن (عربي – سنڌي) جڏيءَ ۽ غير وگيانڪ لپيءَ ڪارڻ اسان هزارين لفظن جا اُچار ڦيرائي، انهن لفظن جي صورت ئي بدلائي ڇڏي آهي. نہ فقط اينرو، ليڪن غير وگيانڪ لپيءَ جي سؤ سالن جي اثر هيٺ اسان جي زبان صحيح اُچارن ڪرڻ کان قاصر ٿي پئي آهي، جنهن ڪري اسان جا سنڌي، سنسڪرت شلوڪن جا اُچار اهڙا ڪندا آهن جڻ تہ عربي وينا پڙهن"①

ديوان لوڪنات جي انهن اعتراضن جا جواب اُن ئي وقت سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڏنا ويا هئا②. جواب هن طرح هو:

"جن جن اعتراضن جي بنياد تي ديوان لوڪنات عربي – سنڌي رسم الخط کي غير وگيانڪ ٿو سمجهي، سي خاميون دراصل عربي – سنڌي رسم الخط ۾ نہ، پر لکندڙن جي اڻڄاڻائيءَ جو نتيجو آهن: مثال طور:

لوڪنات لکي ٿو 'پْرشٽ' لفظ ديوناگريءَ ۾ ئي درست نموني لکي سگهبو ڇو تہ لفظ جي مُنڍ ۾ [پر] مرڪب آوازن ۾ [پ] ۽ [ر] ٻئي مرڪب صورت ۾ لفظ جي منڍ ۾، اُچارجن ٿا. ۽ ٻنهي جو مرڪب يا گڏيل اُچار ٿيندو [پْر]. جيڪو، لوڪنات جي راءِ موجب، عربي رسم الخط ۾ لکي ڪونہ سگهبو. پر جي لکڻ جي ڪوشش ڪندا تہ اُن جو اُچار هڪڙو ڪبو تہ لکيل صورت ٻي هوندي:

مثلاً:

| اُچاريل صورت | لکاوت واري وصرت |
| --- | --- |
| پْرشَٽ | پر شَٽ |

سنڌي صورتخطي ڪتاب ۾ اهو واضح طور سمجهاو ويو هو تہ:

---

① لوڪنات: سنڌي ٻوليءِ جي لپي، بمبئي. مساني رود. 1959ع. ص ص 36_38.

② غلام علي الانا، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي. حوالو ڏنو ويو آهي. ڏسو مهاڳ. ص 13_18

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”دراصل اسان جون اهي ۽ اهڙيون ٻيون لکيل صورتون صحيح نموني سان نـ لکڻ ۾ غلطي اسان جي آهي ۽ نـ ڪ عربي ـــ سنڌي رسم الخط جي.“[1]

ٻهرحال اُهي لفظ جن جي منڍ ۾ مرڪب آواز هوندا آهن، اهڙن مرڪب آوازن جو پهريون جُز ساڪن هوندو آهي. اهڙي ساڪن آواز کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ حرف (لکيل صورت)جي مثان جزم ڏني ويندي آهي. اهڙيءَ طرح اڳ ۾ ڏنل مثالن جي لکيل صورت هن ريت ٿيندي:

| لفظ | نئين طريقي سان لکڻ جي سفارش |
|---|---|
| ڏيان | ڏْيانَ |
| ٻيائِي | ٻْيائي |
| پيار | پْيارُ |
| ڏياري | ڏْياري |
| ڏياتي | ڏْياتي |
| نياپو | نْياپو |
| نياء | نْياءُ |
| گيان | گْيان |
| ٿياڻ | ٿْياڻ |
| ڪياڙي | ڪْياڙي |
| جياپو | جْياپو |
| پريم | پْريم |
| ڪروڌ | ڪْروڌ |
| گراهڪ | گْراهِڪ |
| برهمڻ | بْرهمڻ |

[1] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو ڇوٿون، حوالو ڏنو ويو آهي. ص 16

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن لفظن ۾ منڍ وارن مرڪب آوازن جي هجي تي، سنڌي صورتخطي ڪتاب (چاپو چوٿون) ۾ صفحي 144 تي بحث ڪيو ويو آهي.

(ب) سرن جي لکيل صورت: لسانيات جي روشنيءَ ۾، سنڌي صوتيات جو جائزو وٺندي (consonants) کي حرف صحيح جي بدران 'وينجن' نالو ڏنو ويو آهي ۽ (vowel) کي حرف علت جي بدران 'سُرُ' سڏيو ويو آهي. اهي ڏنل نالا تشريحي لسانيات جي وصفن موجب درست آهن. انهيءَ لاءِ ڪتابن ۾ جيڪي سبب ڄاڻايا ويا آهن، اُهي پڙهي سگهجن ٿا[1].

سنڌي ٻوليءَ جا 'سُر'، جن کي سنڌ جي بزرگ تعليمي ماهرن 'حروف علت' سڏيو آهي، اُنهن جي باري ۾ جدا جدا ماهرن جدا جدا وصفون بيان ڪيون آهن، ۽ نتيجا ڪڍيا اهن. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ لکي ٿو:

"اسان جي هاڻوڪي زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن اڳ تيئن الفاظ 'حروف صحيح' سان ٻنيل هئا، يعني منجهن حروف علت بلڪل ڪم هئا، يا مورڳو نہ هئا"[2]

ڊاڪٽر صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا"[3]

ڊاڪٽر صاحب جي هن پوئين راءِ مان واضح ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ سُرن کان سواءِ ٿي ٺهندا هئا، يعني وينجن پاڻ ۾ ملي لفظ يا پد ٺاهيندا هئا.

---

① غلام علي. الانا ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، چاپو چوٿون. ص 110

② نبي بخش خان بلوچ. ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءِ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، 1962ع، ص 22

③ نبي بخش. بلوچ. ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءِ جي مختصر تاريخ حوالو ڏنو ويو آهي ص 22

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُرَ کي ڪاڪو ڀيرومل ٻه حرف عِلت تو سڏي. هو حرف علت جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

”حرف علت معنيٰ ضعيف يا بيمار اکر. اهي برابر ڪمزور آهن ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجو اُچار سولائيءَ سان ٽا بدلائين.“[1]

ڪاڪو ڀيرومل اڳتي لکي ٿو:

”علت معنيٰ بيماري ٻه آهي، تنهن ڪري ڪي چون ته حرف علت معنيٰ بيمار اکر ۽ حرف صحيح معنيٰ چڱا ڀلا اکر. اهي مَعنائون ونبيون ته چئبو ته جيئن ماڻهو پاڻمرادو پيو ڪرڪندو ۽ ڪنجهندو آهي، تيئن حرف علت ٻه پاڻمرادو آواز ڪن ٿا؛ باقي حرف صحيح چڱن ڀلن وانگر مات ڪيو ويٺا آهن.“[2] هن سلسلي ۾ شيخ واحد بخش صاحب لکي ٿو:

”علت معنيٰ آهي بيماري، ڇاڪاڻ ته ’واي‘ بيمار ماڻهوءَ جي صدا آهي، تنهن ڪري انهن ٽن حرفن و ا ۽ ي کي علت جا حرف سڏجي ٿو.“[3]

شيخ صاحب اڳتي لکي ٿو:

”علت معنيٰ اهو لفظ جو وجهه يا سبب بيان ڪرڻ لاءِ استعمال ڪجي.“[4]

اهي وصفون هن علمي ۽ سائنسي دور ۾ قبول ڪرڻ جهڙيون نه آهن، پر لسانيات جي ماهرن، بلومفلڊ ۽ ٻين، ”سُر“ جي جيڪا وصف مقرر ڪئي آهي سا هن ريت آهي:

---

[1] ڀيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو 2، ڪراچي، هندو پريس، 1926 ع، ص 10

[2] ڀيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو2، ڪراچي، هندو پريس 1926 ع، ص 10

[3] واحد بخش شيخ: سنڌي صرف ونحو، (حيدرآباد، آر_ايڇ احمد برادرس، 1956 ع. ص 4.

[4] ايضاً واحد بخش شيخ: سنڌي صرف و نحو، حيدرآباد، آر.ايڇ احمد ائنڊ برادرس، 1956 ع، ص 160

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”سُر هڪ ڳرو آواز آهي، جنهن جي اُچارڻ مهل هوا، نڙيءَ مان لنگهي متي اچي، وات واري ڪوپي مان ’روان لهر‘ (continuous stream) جي صورت ۾ لنگهندي آهي. وات واري ڪوپي مان لنگهڻ وقت اُن (هوا) کي ڪٿي به نہ ڪا رڪاوٽ ٿيندي آهي، ۽ نہ وري مخرج وٽ، اُچار دوران هوا جي لنگهہ ۾ ڪا سوڙهہ يا گهُٽ ٿيندي آهي، جنهن ڪري هوا جي لنگهڻ مهل، مخرج وٽ ڪنهن گهُٽ يا سوڙهہ ڪري، ڪوگهِڪو ٿئي. جنهن آواز جي اُچارڻ ۾ اهي سڀ خصوصيتون موجود هجن، تنهن کي سُر (vowel) چئبو آهي.“[①]

هن وصف مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ سُر (vowel) جي اُچارڻ لاءِ مخرج وٽ نہ ڪٿي ڪا رڪاوٽ ٿي سگهي ٿي، ۽ ئي نہ وري اُن کي ساڪن صورت ۾ اُچاري سگهجي ٿو. يعني تہ سُر، ساڪن اُچاري نٿو سگهجي، پر سُر هميشه متحرڪ هوندو آهي.

هن وصف جي روشنيءَ ۾ ڏسبو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ’الف‘ و ۽ ي ’سُر نہ آهن، پر سنڌي صوتياتي نظام موجب سُر ڏهہ آهن. اهي آهن:

اَ آ اِ اِي اُ اُو اي ايَ او اوَ

اِهي ڏهہ ئي سُرَ ’ا‘ (الف، ’وُ‘ ’ي‘ ۽ ’ءُ‘ اکرن يا حروفن جي مدد سان، جدا جدا حالتن، يعني لفظ جي مُنڍ ۾، وچ ۾ ۽ پڇاڙيءَ ۾، لکت ۾ نمايان ڪري سگهجن ٿا. مثال طور [اَ] سُر جي حالت ۾، لفظ جي مُنڍ ۾ ’الف‘ حرف مٿان ’زبر‘ ڏني ويندي آهي ۽ [اِ] جي حالت ۾ ’الف‘ حرف جي هيٺان ’زير‘ ڏني ويندي آهي، اهڙيءَ طرح [آ] جي حالت ۾ ’الف‘ حرف جي مٿان ’مد‘ جو نشان ڏنو ويندو آهي.

---

① غلام علي الانا، سنڌي صوتيات، حيدرآباد، ادبيات پبليڪيشن 1967ع، ص 67.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيءَ طرح [اِي] سُرَ جي لکيل صورت ظاهر ڪرڻ لاءِ 'الف' حرف جي پويان 'ي' حرف ڏيئي، پوءِ 'الف' هيٺ 'زير' ڏني ويندي آهي. [اِي] جي حالت ۾ 'الف' کان پوءِ 'ي' حرف ڏيئي، پوءِ 'ي" هيٺ اُڀي ليڪ ڏني ويندي اهي. اهڙيءَ طرح [اُ] ۽ [او] سر 'و' حرف جي مدد سان لکجن ٿا. ساڳيءَ طرح جڏهن ٻه سُر گڏ (sequence) ۾ ايندا آهن، تڏهن جوڙ وارو پويون سُر 'ءُ' سان نمايان ڪيو ويندو آهي، جيئن:

(i) ڏيءَ ⟵ ڏ + اِي + آ (هت پوئين جوڙ 'آ' جي بدران 'ءَ' ڪم آندو ويو آهي)

(ii) هيءُ ⟵ هہ + اِي + اُ (هت 'اُ' جي بدران 'ءُ' ڪم آندو ويو آهي)

(iii) جيئرو ⟵ ج + اِي + آ ـ رو (هت 'اِي' کان پوءِ 'آ' جي بدران 'ڊيءَ' آيو آهي

(iv) سوئڙي ⟵ س + اُو + آ ـ ڙي (هت 'و' کان پوءِ 'اَ' جي بدران 'ءَ' آيو آهي

(v) ڪؤئا ⟵ ڪ + اَو + آ (هت اَو کان پوءِ 'آ' جي بدران 'ئا' ڪم آيو آهي).

سُرن جي لکت جي سلسلي ۾ ٻيو مسئلو هي آهي تہ [اَي] يا [اَؤ] جڏهن ڪنهن لفظ جي منڍ يا وچ ۾، پهرئين پد يا ٻئي پد ۾ ايندا، تڏهن 'زير'، 'ي' حرف يا 'و' حرف هيٺ ڏجي، يا اُن حرف هيٺ، جنهن کان پوءِ اهي 'سَر صورتون' اينديون هجن. مثال طور 'اِيمان' لفظ ۾ 'زير' 'الف' هيٺ ڏجي يا 'ي' جي هيٺان. ساڳيءَ طرح 'تِيلِي' لفظ ۾ 'زير' 'ت' هيٺ ڏجي يا 'ي' هيٺ؟ اهڙيءَ طرح 'اُوچو' لفظ ۾ 'پيش' 'و' مٿان ڏجي يا 'الف' جي مٿان؟

منهنجي راءِ موجب 'اِيمان' ۽ 'تِيلي' وغيره لفظن ۾ 'زير' 'ي' هيٺ ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ سُر[اِي] آهي، ۽ هجي ۾ 'زير'، 'ي' هيٺ جاڻائبي آهي ۽ چئبو آهي:

اِيمان = الف، ي، زبر = اِي (پرالف، زير، = اِي نتو چئجي)

تِيلي = تي، ي، زير = تِيـ + (پر ت، زير، ي، = تِي ڪونہ چئبو)

لام، ي، زير = لِي (زير لام، زير، ي = لِي ڪونہ چئبو)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گيتُ = گاف، ي، زير = گِيـ (پر گاف، زير، ي = گِي ڪونہ ٺهبو)

جيڪڏهن ’زير‘ ’ي‘ هيٺ ڏني ويندي تہ پوءِ ’تيلي‘ ۽ ’تيلِي‘، ’گيت‘ ۽ ’گِيت‘ ۾ فرق ظاهر ٿي ويندو. ۽ ’اِي‘ جي حالت ۾ اُيي ليڪ ڏيڻ جي ضرورت ڪانہ ٿيندي.

ساڳيءَ طرح ’اُ‘جي حالت ۾ پش ’وَ‘ حرف مٿان ڏيڻ گهرجي ڇو تہ ’توري‘، ’موري‘ ۽ ’نوري‘ وغيره لفظن جي هجي ڪرڻ مهل ڇئون ٿا:

تُوري ← ’تي‘، ’وَ‘، پيش = تو (پر ’تي‘، پيش، ’و‘ = تُو، ڪونہ چوندا آهيون)

مُوري ← ’ميم‘، ’وَ‘، پيش = مُو (پر ’ميم‘، ’پيش‘ ’وَ‘ = مو، ڪونہ ٺهبو آهي)

سموري ← س، زبر، س، ’ميم‘، ’وَ‘، پيش = مُو (پر ’ميم‘، ’پيش‘، ’وَ‘ = مو، ڪونہ ٺهبو آهي)

ساڳيءَ طرح هڪ پد وارن (يڪپدي) ڊهرن سُرن (diphthongs)، [اَيَ] ۽ [اَوَ] جي لکت ۾ بہ ’زبر‘ جو استعمال غور طلب آهي ڇو تہ ’بيت‘، ’خير‘، ’قوم‘ ۽ ’فوج‘ وغيره لفظن ۾، ’زبر‘، ’ي‘ ۽ ’وَ‘ کان اڳ ايندڙ حرف مٿان ڏني ويندي آهي پر، هجي مهل ’زبر‘، ’ي‘ يا ’وَ‘ مٿان آيل ڇئي ويندي آهي، تنهنڪري ’زبر‘ جو صحيح ۽ درستگ استعمال هيٺ ڏجي ٿو:

| ڪتابن ۾ ڏنل صورت | صحيح صورت |
| --- | --- |
| بَيتُ | بيَتُ |
| خَيرُ | خيَرُ |
| قَومُ | قوَمُ |
| فَوجُ | فوَجُ |

(ج) سُرن کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ حرفن مٿان جزم جو استعمال:

مٿي سر جي وصف جي بيان ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ سُر هڪ متحرڪ آواز آهي، جو ڪڏهن بہ ساڪن اُچاري نٿو سگهي ڇاڪاڻ تہ سُر

تہ پاڻ وينجنن کي متحرڪ بنائين ٿا. ڪي بہ وينجن پاڻ ۾ گڏجي، سرن کان سواءِ، پد يا لفظ ٺاهي نٿا سگهن. هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سُر گڏجي پد يا لفظ ٺاهي سگهن ٿا، پر هڪ وينجن يا هڪ کان وڌيڪ وينجنن جو ميڙ. سرجي ميلاپ کان سواءِ، پد يا لفظ ٺاهي نٿا سگهن. اهو بہ چيو ويو آهي تہ سُرن کي پنهنجي سر اُچاري سگهجي ٿو، پر سُرن جي مدد کان سواءِ وينجن هرگز اُچاري نہ سگهبا آهن[1].

هن بيان مان ثابت ٿو ٿئي تہ سر، ساڪن ڪم نہ ايندا آهن، انهيءَ ڪري سنڌي نصاب جي ڪتابن ۾، سُرن کي لکت ۾ نمايان ڪندڙ حرفن مٿان، جزمن جو استعمال درست نہ آهي. وينجن ساڪن ٿي سگهن ٿا، تنهنڪري هيٺ ڏنل لفظن ۾ وينجنن جي لکيل صورت مٿان جزم ڏيئي، انهن کي ساڪن ڏيکارڻ بلڪل صحيح آهي:

| | | |
|---|---|---|
| هَلْڪو | 'لْ' | ساڪن |
| جَمْڪو | 'مْ' | ساڪن |
| ڏرْڀي | 'رْ' | ساڪن |

پر سنڌي نصابي ڪتابن، پرائيمر ۽ ريڊر ۾، سُرن جي تحريري صورت ۾ جزم جو ڪيل استعمال صحيح نہ آهي: مثال طور:

| ڪتابن ۾ لکيل صورت[2] | صحيح لکت |
|---|---|
| گِيْت | گِيت |
| آهيْ | آهي |
| تِيْلِيْ | تِيلي |
| تُوْرِيْ | توري |
| مُوْرِيْ | مورِي |

---

[1] Bartil Malmberg, Phonetics, New York, Dover Publication, Inc, 1963, P. 65

[2] محمد ابراهيم جويو: سنڌي پرائيمر، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1962ع، ص ص، 7، 16، 27 ۽ 28

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درسي ڪتابن ۾، سُرن لاءِ آيل حرفن مٿان جزم جو اهڙيءَ طرح استعمال درست نہ آهي.

(د) وسرگ آوازن تي مشتمل لفظن جي لکت ۾ فرق:

ڪيترائي سنڌي لفظ، جن ۾ پهرئين ۽ ٻئي پد جي شروع ۾ وسرگ آوز اُچاريا ويندا آهن، سي ڌار ڌار ماڻهو ڌار ڌار نموني پيا لکندا آهن. اهڙن لفظن جون جدا جدا صورتون نصابي ڪتابن ۾ عام طور ڏنيون وَئيون آهن: مثال طور:

گهگُهي، گهگي، گگهي
جهجهو، جهجو،ججهو
ڀميور، ڀمبور، ٻميور
ڀاڀي، ٻاڀي، ڀاٻي
ڀڀ، ڀب، ٻڀ
گهگهن، گهگن، گگهن

انهن مثالن ۾ [جهہ]، [گهہ] ۽ [ڀ] آواز [ج]، [گ] ۽ [ب] ڄڻن اوسرگ آوازن جون وسرگ صورتون آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ وسرگ آوازن جي سکڻ ۾ اهو مسئلو فقط [جهہ، گهہ ۽ ڀ] جي اُچارن سبب پيدا ٿيو آهي. هن ڏس ۾ لسانيت جي هڪ ماهر، مسٽر گراسمئن (Grassman) هڪ قانون ٺاهي، هن مسئلي جو حل ڳولي لڌو هو، پر جيئن تہ اسان کي گراسمئن جي ٺاهيل انهن قانون جي اڳ ڄاڻ ڪانہ هئي، تنهن ڪري هي مسئلو، مسئلو ئي رهيو. گراسمئن فرمايو آهي تہ:

”جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي اُچارڻ مهل، اُن لفظ جي مُنڍ، يعني لفظ ۽ پهرئين پد جي منڍ ۾ ۽ ان کان پوءِ فوراً ٻئي پد جي منڍ ۾ (يعني لفظ جي وچ ۾ ٻئي پد ۾) وسرگ آواز اچن، تہ اُن لفظ جي اُچارڻ ۾ پهرئين پد جي منڍ وارو وسرگ آواز، پنهنجي وسرگائي وڃائي، اوسرگ ٿي ويندو.“

مثال طور هڪ لفظ جي اصلي صورت آهي 'گهگهي'. هي لفظ ٻن پدن وارو آهي، يعني [گهہ + اَ ۽ گهہ + اي]. هاڻ گراسمئن جي قانون موجب پهرئين پد ۾ / گهہ + اُ/ وسرگ آواز اُچارڻ مهل، پنهنجي وسرگائي وڃائي، بدلجي اوسرگ آواز [گُ] ٿيندو، ۽ ٻئي پد وارو وسرگ آواز [گهہ] قائم رهندو، ۽ اُچار ٿيندو /گُگهي/. صوتيات جي علم جا شاگرد، پنهنجي نوٽس ۾ اهو ضرور ڄاڻائيندا تہ اصل لفظ [گُهگهي] آهي. انهيءَ ڪري گراسمئن جي قانون جي روشنيءَ ۾، اهڙن لفظن جي جدا جدا صورتن لاءِ هيٺ موجب هڪ صورت جي سفارش ڪجي ٿي:

| ڌار ڌار صورتون | مقرر صورت جي سفارش |
|---|---|
| گُهگهي، گُهگي، گُگهي | گُگهي |
| جهجهو، جهجو، ججهو | جَجهو |
| جهنجهٽو، جهنجٽو، جنجهٽو | جِنجهٽو |
| ڀميور، ڀنيور، ڀنبور، ٻنڀور، ٻنڀور | ٻنڀور |
| ڀيپ، ٻيپ، ڀيٻ | ٻيپ |
| ڀاڀي، ٻاڀي، ڀاٻي | ٻاڀي |

(هہ) سُرن جو گهڻن وينجنن کان متاثر ٿيڻ:

سنڌي صوتياتي سٽاءُ موجب، سُر، صاف (oral) بہ ٿيندا آهن تہ گهڻا (nasal) بہ: مثال طور:

| صاف سُر | گهڻا سُر |
|---|---|
| سا (س + آ) | سان (س + آن) |
| اَسي (اَ_ س + اِي) | اَسين (ا_س + اِين) |
| ڪَتون (ڪ _ ت + وُ) | (ڪَ _ ت + اُون) |
| آڏي (آ_ڏي) | (آن_ڏي) |

انهن مثالن ۾ [سا] ۾ [آ] سُر ۽ [اَسي] ۾ [اِي] سُر صاف سُر آهن، جڏهن تہ [سان] ۾ [آن] ۽ [اَسين] ۾ [اِين] سُرن کي گھڻا سُر يعني انوناسڪ سُر (nasal vowel) چئبو آهي.

پر سنڌي صوتيات ۾، ڪي صاف سُر، جڏهن ڪن گھڻن وينجنن جي اثر کان متاثر ٿي، اُچار ۾ گهڻا سر ٿي ويندا آهن، تڏهن اهڙن گهُڻن سُرن کي، انوسوار يعني گهُڻائڻ وارا سُر (nasalized vowels) چئبو آهي[1] مثال طور 'اجا'، 'اما' ۽ 'ماٺهو' وغيره لفظن جي آخر ۾ آيل سَر [آ ۽ اُو] جيڪي اصل ۾ صاف سَر هئا، پر گهڻن وينجنن [ج، م ۽ ٺهہ] جي اثر ڪري، [آ ۽ اُو]بدلجي 'گهڻا سُر' [آن ۽ اُون] اُچاريا آهن. اهوئي سبب اهي جو اهڙن ڪيترن ئي لفظن جي صورتخطين ۾، گهڻائڻ کان متاثر ٿيل سُر جي پويان 'ن' حرف لکيو ويندو آهي. اهڙن لفظن جون جدا جدا صورتون ڏيئي، انهن جي هڪ صورت مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي:

| لفظن جون جدا جدا صورتون | هڪ مقرر صورت لکڻ جي سفارش |
|---|---|
| اَجا، اجان | اجا |
| اما، امان | اما |
| آنو، آنون | آنو |
| ٻانهون، ٻانهو | ٻانهو |
| ياڱون، ياڱو | ياڱو |
| ٺاٺون، ٺاٺو | ٺاٺو |
| چڱون، چڱو | چڱو |
| راڱون، راڱو | راڱو |
| راٺون، راٺو | راٺو |

[1] انوناسڪ سُر (nasal vowels) صاف سرن وانگر صوتيہ طور بہ ڪم ايندا آهن، پر انوسوار سُر (nasalized vowels) صوتيہ طور ڪم نہ ايندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| سانان، سانا | سانا |
| ڪاٽون، ڪاٽو | ڪاٽو |
| گھاٽون، گھاٽو | گھاٽو |
| ماٽو، ماٽو | ماٽو |
| ماٽھون، ماٽھو | ماٽھو |
| مامون، مامو | مامو |
| ماٽان، ماٽا | ماٽا |
| نانون، نانو | نانو |

• هيٺ ڏنل لفظ هڪ ئي صورت ۾ لکيا ويندا آهن:

راٽي
ماني
پاٽي
ساٽي
هاٽي
ڳاني
ڄاڃي
ماڃي

پر جڏهن گھٽا وينجن، لفظ جي مُنڍ ۾ هوندا آهن، تڏهن اُنهن جو، پهرئين پد ۾ اينڊز صاف سرن تي، يعني پهرئين پد وارن صاف سرن تي، ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيندو آهي، تنهنڪري اُهي سُر، اُچار ۾ صاف سُر ئي رهندا آهن، ۽ اُنهن جي لکت ۾ ڪوبہ مسئلو پيدا نہ ٿيو آهي: مثال طور:

| لفظ جو اُچار | لکت |
|---|---|
| مُوري | موري |
| ماري | ماري |
| نورِي | نوري |
| ناري | ناري |
| مور | مور |
| نور | نور |

(و) گهُڻن سرن جي گهُڻائپ واري خاصيت جو، گهڻن وينجنن ۾ تبديل ٿيڻ:

سنڌي ٻوليءَ ۾، ڳالهائڻ جي حالت ۾، ڪن گهُڻن سرن جو اُچار هڪ طرح سان ٿيندو آهي، ته وري اهي لکيا ٻئي نموني ويندا آهن؛ جيئن هيٺيان مثال ڏسو:

| لفظن جو اُچار | لکت |
|---|---|
| اَنبُ [اَمب] | انبُ |
| لَنبو [لَمبو] | لنبو، لمبو |
| سُنبُ [سُمبُ] | سُنبُ، سُمبُ |
| رَنبو [رَمبو] | رنبو، رمبو |
| ڪَنبَلُ [ڪَمبَلُ] | ڪنبلُ، ڪمبلُ |
| ٻَنيور [ٻميور] | ٻَنيور، ٻميور |
| چَنبڙ [چَمبڙ] | چَنبڙ، چمبڙ |
| چنبرَ ڪاٽي [چَمبر ڪاٽي] | چمبر ڪاٽي، چمبر ڪاٽي |
| قنبرُ [قمبر] | قنبر، قمبر |
| گَنڀيرُ [گمڀير] | گنڀير، گمڀير |
| رنگَ [رَڱگ] | رَنگ، رڱ |

متي ڏنل لفظن ۾ جيڪڏهن ڏسبو ته پهرئين پد وارا چوٿا گهُٽا سُرَ سندن فوراً پويان ايندڙ ٻئي پد جي منڍ ۾ آيل وينجن کان متاثر ٿين ٿا، ۽ اِنهن چوٿن گهٽن سرن جي گهُٽائڻ، گهُٽي وينجن ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، ۽ گهٽا سر، صاف سُرن جي صورت ۾ اُچارجن ٿا. مثال طور 'انب' لفظ جي پهرئين پد ۾ [اَن] گهُٽو سر آهي. اُنَ سر کان پوءِ، ٻئي پد جي مُنڍ ۾، ٻن چپن وارو ڳرو ڏوڪٽو وينجن [ب] آيو آهي؛ هاڻي سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، ٻن چپن واري ڳري وينجن [ب] جي اثر کان، پهرئين پد واري چوٿي گهُٽي سر [اَن] جي گهُٽائڻ، ٻن چپن واري گهُٽي وينجن [م] ۾ تبديل ٿي وئي، ۽ گهُٽو سُر، صاف سُر [آ] ٿي ويو، ۽ [اَنبُ] لفظ جو اُچار ٿيو [اَمب].

اهڙي طرح 'گنڀير' لفظ جي پهرئين پد ۾ چوٿو گهُٽو سر [اَن] آيو آهي. ٻئي پد جي مُنڍ ۽ [اَن] کان هڪدم پوءِ، ٻن چپن وارو ڳرو وسرگ ڏوڪٽو وينجن [ڀ] اُچارجي ٿو. هاڻ ٻن چپن واري ڳري وسرگ ڏوڪٽي وينجن [ڀ] جي اثر کان، پهرئين پد واري گهُٽي سُر [اَن] جي گهُٽائڻ بدلجي صاف سر [اَ] ٿي وَئي، ۽ [گنڀير] جو اُچار ٿيو [گمڀير].

تازو وفاقي حڪومت جي سياحت واري شعبي جي هڪ آفيسر مون کي لکي موڪليو ته سسئيءَ واري شهر ۽ قديم آثارن جي هڪ مرڪز، 'ڀنڀور' جو نالو ڪي 'ڀمڀور' لکن ٿا ته ڪي 'ڀنڀور'. انهن ۾ صحيح لکت ڪهڙي آهي؟ مسئلو ظاهر آهي. اسان مان به ڪي 'ڀنڀور' لکن ٿا ته ڪي وري 'ڀمڀور'. انگريزي ۾ ته وري ڏار ڏار صورتخطيون ملن ٿيون. 'انب' لفظ جي صورتخطيءَ جي سمجهاڻيءَ کي سامهون رکي، هت به ائين چئبو ته، اُچارڻ مهل لفظ جي پهرئين پد 'ڀَنَ' ۾، [اَن] چوٿي گهٽي سَرَ واري گهٽائڻ، سُر جي پويان ايندڙ ٻن چپن واري ڳري ڏوڪٽي وينجن [ڀ] جي اثر کان بدلجي، ٻن چپن وارو گهٽو وينجن [م] ٿيو، ۽ اُچار ٿيو [ڀمڀور]. ساڳيءَ طرح تازو سنڌي ادبي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بورڊ جهڙي عالمي اداري جي معياري رسالي مهراڻ ۾، ’گنيپيرتا‘ لفظ کي [گمپيرتا] لکيو ويو آهي[1]. ساڳيءَ طرح اهڙن ٻين لفظن جي هڪ صورتخطي مقرر ڪرڻ گهرجي.

(ح) مشدد وينجن ۽ تشديد لاءِ قانون:

سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن ۾ ”شد“ جي استعمال ۾ به يڪسانيت ڪانهي. مثال طور 1962ع ۾ ڇپايل سنڌي پهرئين ڪتاب ۾ ’اَنَ‘ ۽ ’ڪَنَ‘ لفظن تي ’شَدَ‘ جو نشان نه ڏنو ويو آهي، پر اڳتي هلي ’پَنَ‘ لفظ ۾ ’نَ‘ مٿان شد جو نشان ڏيئي، ’پَنّ‘ لکيو ويو آهي[2].

عام طور سنڌي صورتخطيءَ ۾، حرفن مٿان شد جي نشاني ڪانه ڏني ويندي آهي، پر حقيقت ۾ سنڌي صوتياتي نظام موجب، سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لفظن جي اُچار ۾ آواز ضرور مشدد ٿين ٿا. اهڙن مشدد آوازن لاءِ به ڪي اصول ۽ قانون آهن.

سنڌي صوتياتي نظام موجب، ڏٺو ويو آهي ته نه فقط سنڌيءَ ۾، پر برصغير جي ٻين ڏيهي زبانن ۾ پڻ، مشدد آوازن لاءِ لڳ ڀڳ ساڳيا اصول ۽ قانون آهن. اهي قانون سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل لفظ ملاحظ فرمايو:

| سنڌي لفظن جي عام لکت | صحيح لکت |
| --- | --- |
| ٻُتِ | ٻُتّ |
| پَتِ | پَتّ |
| پَڪ | پَڪّ |

---

[1] ڏسو سماهي مهراڻ. جلد 27. نمبر 2. (ڄامشورو. سنڌي ادبي بورڊ. 1978ع. ص 234).

[2] محمد ابراهيم جويو: سنڌي پهريون ڪتاب. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. مارچ 1962ع. ص ص 6 ۽ 7.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| پَڪو | پَڪّو |
| سَٽِ | سَٽّ |
| سٽَ | سٽّ |
| سُٽَ | سُٽّ |
| سڪَ | سُڪّ |
| سُڪَ | سُڪّ |
| سُکَ | سُکّ |
| سَچُ | سَچّ |
| سِج | سُجّ |
| اَکَ | اَکّ |
| اَنَ | اَنّ |
| اُنَ | اُنّ |
| اَچو | اَچّو |

مٿي ڏنل لفظن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان ۾ ٻپدي (ٻن پدن واري) لفظ جي پهرئين پد ۾، جڏهن چوٽن (ننڍن) سرن [اَ، اِ ۽ اُ] مان ڪو بہ هڪ سُر هوندو آهي. تڏهن اُچارڻ مهل پهرئين پد واري چوٽي سر کان پوءِ ايندڙ وينجن، يعني ٻئي پد جي مُنڍ وارو وينجن، ’مشدد‘ يعني ٻٽو ٿي ويندو آهي. مثال طور ’ٻُتِ‘ لفظ جي پهرئين پد ۾ [اُ] سر آهي ۾ [اُ] سُر کان پوءِ، ٻئي پد جي مُنڍ ۾ [ت] وينجن آيو آهي. پهرئين پد ۾، چوٽي سر [اُ] جي اچڻ ڪري، ٻئي پد جي منڍ واري وينجن [ت] جو اُچار، خودبخود ’مشدد‘ يعني ’ٻٽو‘ ٿي ويو. اهڙيءَ طرح ’مَٽِ‘ لفظ جي، پهرئين پد ۾، [اَ] سُر جي اُچار ڪري، اُن جي پويان آيل [ٽ] وينجن ٻٽو يعني مشدد اُچاربو. ساڳيءَ طرح ’سٽَ‘ لفظ ۾، پهرئين پد ۾ [اِ] سر کان هڪدم پوءِ آيل وينجن [ٽ]، مشدد اُچاربو: پر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن حقيقت کان ڪوبہ شخص انڪار ڪري نہ سگھندو تہ عربي ۽ فارسي ٻولين سان سنڌ جو واسطو تمام قديم اهي. سنڌ عرب ۽ ايران جا ناتا اسلام کان بہ اڳ جا ثابت ٿيل آهن. 712ع ۾ جڏهن محمد بن قاسم، سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جو جهنڊو جهولايو. تڏهن سنڌ ۾ عربي زبان اسلام جي زبان جي حيثيت ۾، هرهنڌ تسليم ڪئي وئي. پر حقيقت ۾ سنڌ، عرب دنيا ۽ ايران جي پاڻ ۾ سماجي، ثقافتي، ۽ تجارتي ناتن هئڻ ڪري، عربي ۽ فارسيءَ جا هزارين لفظ، سنڌي زبان جي لغات ۽ ثقافت جو جُزبنيا، ۽ ڪيترائي سنڌي لفظ، عربي ۽ ايرانيءَ ۾ داخل ٿي ويا. اهو سرشتو هزارين سالن کان هلندو ٿو اچي. اُن ۾ ڪي لفظ جن کي گهٽو زمانو گذري چڪو آهي، اهڙيءَ طرح تہ سنڌي لغات ۾ گڏجي مسجي ويا آهن، جو اڄ ڪلهہ انهن کي سڃاڻي بہ نٿو سگهجي، پر ڪي لفظ پوئين ... ۾ يا گذريل سو کن سال اڳ، اسان جي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيا آهن، جيڪي ظاهريءَ طرح تہ سڃاڻي سگهجن ٿا، پر اهي لفظ بہ اسان جي لغات جو حصو ۽ ثقافت جو ورثو ۽ سرمايو بنجي چڪا آهن.

سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳ ۽ آزاديءَ ... پوء، ڪن دوستن انفرادي طور يا گڏيل نموني اها ڪوشش پئي ڪئي اهي تہ عربي ۽ فارسي ٻولين جي لفظن کي سنڌي ٻوليءَ مان ترڪ ڪيو وڃي، انهن لفظن کان جند ڇڏائي وڃي، ۽ انهن لفظن جي جاءِ تي نيٺ سنڌي يعني (هندي ۽ سنسڪرت وارا) لفظ ڪم آڻجن. هي هڪ جدا بحث آهي، جنهن تي روشني وجهڻ هن باب جي دائري کان ٻاهر آهي.

هن ڏس ۾ مالٽا جي هڪ مشهور لسانياتي ماهر مسٽر اَئڪلينا جي راءِ تي غور ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿو لڳي جنهن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو هو تہ ٻين ٻولين کان اُڌارا ورتل لفظ ۽ لغوي خزانو، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لغات ۽ ثقافت جو حصو بڻجي ويندا آهن. اهڙن لفظن کي ترڪ ڪرڻ يا انهن کي ٻوليءَ جي لغوي خزاني مان ڪڍي ڇڏڻ واري تحريڪ، اُن

ٻوليءَ کي تہ ڪوبہ نقصان پهچائي نٿي سگهي، جنهن مان اهي لفظ اُڌارا ورتا ويا آهن. پر دراصل اُن ٻوليءَ جي لغات ۽ لغوي خزاني ۽ ثقافتي سرمايي کي ضرور نقصان پهچندو، جنهن اهڙا لفظ اُڌارا ورتا، پنهنجي لغوي خزاني کي شاهوڪار بنايو آهي. مسٽر ائَڪلينا جي هن راءِ جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي زبان مان عربي ۽ فارسي ٻولين جي لفظن کي ڪڍي ڇڏڻ واري تحريڪ، سنڌي زبان لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندي، ڇو تہ عربي ۽ فارسيءَ مان اُڌارا ورتل هزارين لفظ، هاڻ اسان جي لغات، لغوي خزاني ۽ ثقافتي ورثي جو حصو بڻجي ويا آهن: مثال طور جيڪڏهن هاڻ اسين 'دل' لفظ ڪڍي ان جي جاءِ تي 'هردو' لفظ ڪم آڻينداسين، 'مرشد' لفظ ڪڍي ان جي جاءِ تي 'گرو' لفظ ڪم آڻينداسين تہ پوءِ ٻوليءَ کي فائدي جي بدران نقصان پهچائينداسين.

اهڙيءَ طرح ٻي جيڪا تحريڪ هلي رهي آهي، سا آهي عربي ۽ فارسي لفظن جي صورتخطين کي ڦيرائڻ. اُن ۾ هڪڙا دوست چون ٿا تہ هزارين سال اڳ جيڪي عربي ۽ فارسي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضم ٿي ويا آهن، ۽ اهي سنڌي صورتخطيءَ جو روپ وٺي، سنڌي ٿي چڪا آهن، انهن کي اصلوڪي زبان واري صورتخطيءَ واري روپ ۾ لکجي: تہ وري ٻيا دوست چون ٿا تہ جيڪي عربي ۽ فارسي لفظ، تازو سنڌيءَ ۾ آيا آهن، انهن کي اصلوڪي صورتخطيءَ ۾ نہ، پر سنڌي صورتخطيءَ جي اصولن موجب لکيو وڃي. مثال طور سنڌي اڪيڊميءَ طرفان 'نڪور ڪهاڻيون' نالي افسانن جو مجموعو شايع ٿيو هو. اُن ڪتاب ۾ ناشر صاحب، ڪن ليکڪن جي عربي نالن جي اصلي صورتخطي ڦيرائي، ان کي هيٺ موجب لکيو:

| اصل نالو | ڦيرائي لکيو ويو |
| --- | --- |
| نورالهديٰ | نورُل هدا |
| خيرالنساءَ | خيرُن نسا |

آءُ نٿو ڀانيان تہ انهن مان ڪنهن بہ ڪهاڻيڪار، پنهنجي نالي جي صورتخطي ڦيرائي لکڻ جي اجازت ڏني هوندي، يا اهڙيءَ ڦيرگهير تي انهن خوشيءَ جو اظهار ڪيو هوندو. جيڪي دست انهيءَ قسم جي ڦيرگهير يا تبديلي جا شوقين آهن، اهي اجازت ڏيندا تہ سندن نالن ۾ بہ ڦيرگهير ڪري، سندن نالا هن ريت لکيا وڃن:

| نالو | ڦريل صورتخطي |
|---|---|
| ظفر | جڦر |
| نثار | نسار |
| نصير | نسير |
| عبدالقادر | ادل ڪادر |
| بخش علي | بشڪلي |
| غلام علي | گلاملي |

هيٺ ڪي نالا ءِ ڪي لفظ ڏجن ٿا جيڪي جدا جدا طريقي سان پيا لکجن. انهن جي مقرر صورتخطيءَ جي پڻ سفارش ڪجي ٿي:

| لفظ جون جدا جدا صورتون | هڪ مقرر صورتخطيءَ جي سفارش |
|---|---|
| امينا، امينہ، امينه | امينه |
| زرينا، زرينہ زرينہ | زرينہ |
| خديجا، خديجہ، خديجة | خديجه |
| عائشيا، عائشيہ، عائشيه | عائشه |
| سعيدا، سعيده | سعيده |
| سڪينا، سڪينہ، سڪينه | سڪينه |
| روزينا، روزينہ | روزينہ |
| علاما، علامہ | علامہ |
| فتويٰ، فتويٰ | فتويٰ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| دعوا، دعويٰ | دعويٰ |
| معنيٰ، معنا | معنيٰ |
| عيوض، عِوض | عِوض |
| بالڪل، بلڪل | بلڪل |

(ل) سرائڪي ٻوليءَ جي اثر سبب اُچار ۽ لکت ۾ فرق:

سنڌ ۾ سرائڪي زبان ڳالهائيندڙ سوين سالن کان آباد آهن. اهي ماڻهو ثقافتي، سماجي ۽ معاشرتي طور سنڌ ۾ ضم ٿي چڪا آهن. هو ٻاهر روزانه وهنوار ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن. انهن جا ٻار اسڪولن ۾ سنڌي زبان، مادري زبان طور پڙهندا آهن، پر اُنهن مان اڪثريت گهرن ۾ سرائڪي ٻوليٰ قائم رکيو اچي، انهيءَ ڪري اُهي ماڻهو ڪيترائي سنڌي لفظ، سرائڪي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب اُچاريندا آهن: مثال طور:

(i) سرائڪي ڳالهائيندڙ اُنهن سنڌي لفظن، جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'اَ' اعراب هوندي آهي، تن جي 'اَ' اعراب کي، 'اِ' اعراب ۾ بدلائي اُچاريندا آهن: جيئن:

| سنڌي اُچار | سرائڪي اُچار |
|---|---|
| پَنجَ | پَنجِ |
| سَتَ | سَتِ |
| اَٺَ | اَٺِ |
| وَيَ | وَيِ |
| هَتَ | هَتِ |
| اُٺَ | اُٺِ |

(ii) اُهي سنڌي لفظ، جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'اِ' يا 'اُ' اعراب هوندي آهي. سرائڪي ڳالهائيندڙ، اهڙن لفظن جا اُچار ڪندي 'اِ' يا 'اُ' اعرابن کي 'اَ' اعراب ۾ بدلائي اُچار ڪندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن:

| سرائڪي اُچار | سنڌي اُچار | اعراب |
|---|---|---|
| سنڌَ | سنڌُ | اُ |
| سَيتَ | سَيتِ | اِ |
| راتَ | راتِ | اِ |

اهڙو فرق جملن ۾ ته تمام گهڻو نمايان هوندو آهي. مثال طور سنڌي وياڪرڻ جي قانون موجب. اهي اسم (مؤنث يا مذڪر) جن جي آخر ۾ 'اِي' اعراب هوندي اهي، اُنهن جي زمان حال مان، زمان ماضيءَ لاءِ يا تغيري صورت (حالت جري ۽ حالت اضافت وغيره) بنائڻ لاءِ جڏهن اُن اسم جي پنيان حرف جر ايندو آهي. تڏهن اُن اسم جي آخري اعراب 'اِي' پنيان 'ءَ' اعراب پڻ ايندي آهي، ۽ پوءِ حرف جر استعمال ٿيندو آهي:

مثال طور:

| سرائڪي اثر موجب اُچار | سنڌي اُچار | زمان |
|---|---|---|
| ڇوڪري ماني کائي ٿي. | ڇوڪري ماني کائي ٿي. | |
| ڇوڪرِ کي مَني کاراءِ. | ڇوڪريءَ کي ماني کاراءِ. | |
| ڇوڪري کي پاڻي پيئار. | ڇوڪريءَ کي پاڻي پيئار. | حال |
| هُو ويڇون کي ماري ٿو. | هُو ويڇونءَ کي ماري ٿو. | |
| ٻڪرِي کي پنجِ ڦَر آهن. | ٻڪريءَ کي پَنجَ ڦَر آهن. | |
| هُو سنڌَ ۾ رهنديَ آهي. | هوءَ سنڌ ۾ رهندي آهي. | |
| سانوڻِ جي رُتَ ۾. | سانوڻَ جي رُتِ ۾. | |
| سيتَ کي دعوت ڏي. | سيتِ کي دعوت ڏي. | |

ڏنو ويو آهي ته موجوده وقت اهو سرائڪي اثر نصابي ڪتابن ۾ معياري ادبي رسالن. بلڪ ريڊيو. ٽيليويزن ۽ اخبارن ۾ پڻ نظر اچي ٿو. نصابي ڪتابن ۾ 'ڇوڪريءَ' 'هاريءَ' ۽ 'ماڻهوءَ' وغيره صورتن جي پويان

استعمال ٿيندڙ اعراب 'ءُ'. هاڻ تمام گهٽ نظر اچي ٿي، ۽ سنڌي ٻوليءَ جا وڏا وڏا اديب بہ هن وهڪري ۾ وهي رهيا اهن. بهرحال هن موضوع تي هڪ ڌار مقالي لکڻ جي ضرورت آهي.

(م) لفظن جي صورتخطين ۾ عام ڦيرگهير:

سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي عام طور جدا جدا نموني لکجي رهيا آهن. اهڙا لفظ نہ فقط رسالن ۽ اخبارن ۾ جدا جدا نمونن ۾ پيا لکجن، پر درسي ڪتابن ۾ پڻ ليکڪ ۽ تعليمي ماهر انهن کي پنهنجيءَ پسند يا قابليت جي رعب ۾، جيئن وڻين تيئن لکندا رهندا آهن. اهڙن لفظن جو تعداد سون ڪان مٿي آهي. اهڙن سيني لفظن کي گڏ ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ پوءِ انهن لفظن جي هڪ صورتخطي مقرر ڪرڻ گهرجي. هيٺ اهڙن لفظن جون لڙهيون ڏجن ٿيون، ۽ انهن جي هڪ صورتخطي پڻ مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪجي ٿي:

| نمبر | لفظن جون ڌار ڌار صورتون | هڪ صورتخطيءَ لاءِ سفارش |
|---|---|---|
| (1) | اڄڪلهہ، اڄ ڪلهہ | اڄڪلهہ |
| (2) | اَڃان، اَڃا | اَڃا |
| (3) | اَسانکي، اَسان کي | اسان کي |
| (4) | اَسانوٽ، اسان وٽ | اسان وٽ |
| (5) | اَسانجو، اسان جو | اسان جو |
| (6) | اسينْ | اسين |
| (7) | الاجي، اَلائي | اَلاجي |
| (8) | املتاس، املداس، امِلڏاس | اَملتاس |
| (9) | امان، اما | اما |
| (10) | اڻپڙهيل، اڻ پڙهيل | اَڻپڙهيل |
| (11) | اَڻپور، اڻ پور | اَڻپور |

| | | |
|---|---|---|
| (12) | اَٽـتنندڙ، اڻ تنندڙ | اَٽـتُنندڙ |
| (13) | اَٽـچڙيل، اَڻ چڙيل | اَٽـچڙيل |
| (14) | اَٽـميا، اَڻ ميا | اَٽـمَيا |
| (15) | اَٽـهوند، اَڻ هوند | اَٽـهُوند |
| (16) | آبـهوا، آب هوا | آب هوا |
| (17) | آر تَوارُ، آرتوار | آر تَوار |
| (18) | آهَي، آئي، آه | آهي |
| (19) | آهيْن، آهين | آهين |
| (20) | آءُ، آئون | آءُ |
| (21) | اِئين، ايئن | اِئين |
| (22) | اُيْريو، اُيريو | اُيريو |
| (23) | بيْت، بيت | بَيت |
| (24) | ٻنئي، ٻنئي | ٻنَئي |
| (25) | بَابَا، بابا | بابا |
| (26) | بي اونا، بي اونا | بي اونا |
| (27) | بيحال، بي حال | بيحال |
| (28) | بيدرد، بي درد | بيدرد |
| (29) | بيوقوف، بي وقوف | بيوقوف |
| (30) | ٻُڪ، ٻُوڪ | ٻُڪ |
| (31) | ٻـَرَنْ، ٻـَرَنِ | ٻَرن |
| (32) | ٻَڪْري، ٻَڪِري | ٻَڪري |
| (33) | ٻَئي، ٻيئي | ٻئي |
| (34) | ٻيون، ٻيو | ٻيو |
| (35) | ٻيْر، ٻير | ٻير |
| (36) | ٻانهان، ٻانها | ٻانهًا |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| (37) | ٻانهون، ٻانهو | ٻانهو |
| (38) | پنيور، پميور، ٻنيور، پنبور | ٻنيور |
| (39) | پاڳون، پاڳو | پاڳو |
| (40) | پائڻ، پانئڻ | پائڻ |
| (41) | پائيندو، پانئيدو، پانئيندو | پائيندو |
| (42) | تَرسُ، تَرْس | ترس |
| (43) | تنهنجو، تنهن جو | تنهن جو |
| (44) | تُنهنجو، تنهن جو | تنهنجو |
| (45) | مُنهنجو، منهن جو | مُنهنجو |
| (46) | تُوريْ، توريْ | توري |
| (47) | • توهانکي، توهان کي | توهان کي |
| (48) | ٿين، ٿيئَن | ٿين |
| (49) | تْيلي، تيلي | تِيلي |
| (50) | تُوڪِڙ، تُوڪَڙ | توڪِڙ |
| (51) | ٿِيو، ٿِيون، ٿيون | ٿيو |
| (52) | ٿَئي، ٿيئي | ٿيئي |
| (53) | ٿِياڻ | ٿياڻ |
| (54) | پَڙِهيو، پڙِهيو، پَڙهيو | پَڙْهيو |
| (55) | پَنهنجو، پنهن جو | پنهنجو |
| (56) | پَنجون، پنجون | پنجون |
| (57) | پندرهن، پنڌرهن | پندرهن |
| (58) | پَهِريون، پهْرُيون | پَهرِيُون |
| (59) | پئسو، پَيسو | پيَسو |
| (60) | پئدائش، پئدايش، پَيدائش | پَيدائِش |
| (61) | پئدا، پيَدا، پيدا | پَيدا |

| | | |
|---|---|---|
| (62) | پٽي، پوي | پَوي |
| (63) | پاڙيوارن، پاڙي وارن | پاڙي وارن |
| (64) | پرٻُر | پْرٻُر |
| (65) | پيار | پْيار |
| (66) | پَٽي، پيئي | پيئي |
| (67) | پئيون، پيئيون، پييون | پيئيون |
| (68) | پَھتيون، پُھتيون، پُھتيون | پُھتيون |
| (69) | پيڻ، پيئڻ، پٽڻ | پيئڻ |
| (70) | پيئار، پيار | پيئار |
| (71) | پيئاريو، پياريو | پِياريو |
| (72) | پيئندا، پيندا، پئندا | پيئندا |
| (73) | پوڄڻ، پوڄڻ | پوڄڻ |
| (74) | ڦوڪڻ، ڦوڪِڻ | ڦوڪِڻ |
| (75) | جھجَھو، جھَجو، جَجھو | جَجھو |
| (76) | جَڏھن، جَڏِھن، جَڏَھين، جَڏِھين | جَڏَھن |
| (77) | جَنھن، جِنھن | جَنھن |
| (78) | جيئن، جِئَن | جيئَن |
| (79) | جُوار، جُوئار | جُوئار |
| (80) | جُواري، جُوئاري | جُوئاري |
| (81) | جيتريقدر، جيتري قدر | جيتري قدر |
| (82) | جيتوٽيڪ، جيتوڙيڪ | جيتوٽيڪ |
| (83) | جيڪڏھن، جيڪڏھين | جيڪڏھن |
| (84) | ڄٽان، ڄٽا | ڄٽا |
| (85) | ڄٽون، ڄٽو | ڄٽو |
| (86) | ڇرچو، ڇَرْچو | ڇَرْچو |

| | | |
|---|---|---|
| (87) | ڄَوي، ڄَئي | ڄَوي |
| (88) | ڇهَبُڪَ، ڇهْبُڪَ | ڇهْبُڪَ |
| (89) | چاڪ، چاق | چاق |
| (90) | چاقُوْ، چاقو | چاقو |
| (91) | ڇُهنب، ڇهنبَ | ڇُهنبَ |
| (92) | ڇُڪَ، ڇوڪَ | ڇُڪَ |
| (93) | چوٽُوْن، چوٽون | چوٽُون |
| (94) | ڄَوڏيل، ڄَوڏول | ڄَوڏول |
| (95) | ڃَہ، ڃهَ | ڃهَ |
| (96) | ڃَنْڃَر، ڃَنڃَر | ڃَنْڃَر |
| (97) | خَيرُ، خيْرُ | خيرُ |
| (98) | دريا، درياهه، درياء | درياء |
| (99) | دُوڪان، دُڪان | دُڪان |
| (100) | ڏِيان، ڏِيَان | ڏْيان |
| (101) | ڏُئَڻ، ڏوئَڻ، ڏوئِڻ | ڏوئَڻ |
| (102) | ڏوڪڻ، ڏوڪِڻ | ڏُوڪِڻ |
| (103) | ڏاڙُهون، ڏاڙهون | ڏاڙهُون |
| (104) | ڏِسبا، ڏِسْبا | ڏِسبا |
| (105) | ڏِنَّمر، ڏنَمر، ڏِنمر | ڏِنَّمَر |
| (106) | ڏِهاڙيْ، ڏيهاڙي، ڏِهاٽي | ڏِهاڙي |
| (107) | ڏِياري، ڏِياريْ | ڏيري |
| (108) | ڏيئي، ڏَئي | ڏيئي |
| (109) | رَڏَڻ، رَڏِڻ | رَڏِڻ |
| (110) | رِڪْجي، رَڪِجي | رَڪِجي |
| (111) | رَهجي، رَهِجي | رَهِجي |

| | | |
|---|---|---|
| (112) | رَنگ، رڱ، رنڱ | رڱ |
| (113) | رُوئڻ، روئِڻ، رُئَڻ | رُئَڻ |
| (114) | روئَندي، روئيندي، رُئندي | رُئندي |
| (115) | رؤنشو، رَئُنشو | رؤنشو |
| (116) | رَوشن، روشن | روشَن |
| (117) | ريڊئي، ريڊيي | ريڊئي |
| (118) | رنگيندو، رڱيندو | رڱيندو |
| (119) | زِيان، زيان | زْيان |
| (120) | زَيتوْنُ | زيَتونُ |
| (121) | سپْ، سَپْ، سَپ | سَپ |
| (122) | سَيْکو، سَيکو | سيکو |
| (123) | سيَئي، سَييئي | سَيَئي |
| (124) | سَجِيوْنُ، سَڄون | سَڄيُون |
| (125) | سَمونڊ، سَمُنڊ، سموندر | سَمنڊ |
| (126) | سَنهون، سَنهو | سَنهون |
| (127) | سَنهي، سَنهي | سَنهي |
| (128) | سهي، صحيح | صحيح |
| (129) | ساراهيُون، ساراهيُون | ساراهيُون |
| (130) | سگِري، سگِڙي | سگڙي |
| (131) | سَرنهن، سَرهن، سَره | سَرنهه |
| (132) | سَياڻي، صُبحاڻي | سياڻي |
| (133) | سُٽِيون، سُٽون | سُٽيون |
| (134) | سُمُهار، سُمهار | سُمهارُ |
| (135) | سُمهي، سمهِي | سُمهي |
| (136) | سُهْٽو، سهِٽو | سُهِٽو |

| | | |
|---|---|---|
| (137) | سُهْڻا، سُهِڻا، سُنهڻا | سُهِڻا |
| (138) | سيجَ، سيج | سيجَ |
| (139) | سَير، سَئُر | سَير |
| (140) | شيءَ، شيءِ، شئي | شيءِ |
| (141) | عيوض، عوض | عِوض |
| (142) | غَلطُ، غلط | غَلَطُ |
| (143) | فُوت، فت | فُت |
| (144) | فَوْجَ | فوَجَ |
| (145) | قومَ | قوَمَ |
| (146) | ڪَڏهين، ڪَڏِهن | ڪَڏَهن |
| (147) | ڪَنبل، ڪَمبل | ڪَنبِلَ |
| (148) | ڪَهڙو، ڪَهْڙو | ڪَهِڙو |
| (149) | ڪنهِن کي، ڪنهن کي | ڪنهِن کي |
| (150) | ڪَئنچي، قئنچي | قَئنچي |
| (151) | ڪاتيَر، ڪاتِر، ڪاتيارُ | ڪاتِيرُ |
| (152) | ڪچرو، ڪچْرو | ڪِچرو |
| (153) | ڪُلْفَ، ڪُرف، قفل | ڪُلْفَ |
| (154) | ڪُئو، ڪُوْئو | ڪوُئو |
| (155) | ڪُئا، ڪُوئا | ڪُوئا |
| (156) | ڪُئَن، ڪوُئَن | ڪُوئَن |
| (157) | ڪُنوار، ڪونئار | ڪُونئار |
| (158) | ڪُنيِر، ڪُنيارَ | ڪُنيار |
| (159) | ڪوڙڻ، ڪوڙڻ | ڪُوڙڻَ |
| (160) | ڪيڏهن، ڪيڏانهن | ڪيڏانهن |
| (161) | ڪاڙِم، ڪاڙِيَم | ڪاڙِيَم |

| | | |
|---|---|---|
| (162) | کاڏُم، کاڏُم | کاڏُم |
| (163) | گَجَر، گَجَرُون | گَجَر |
| (164) | گَڏْلي، گَدِلِي | گَدلِي |
| (165) | گَڏِجيْ | گَڏِجي |
| (166) | گَهَگهو، گَهَگو، گَگهو | گَگهو |
| (167) | گهاتوْ | گهاتو |
| (168) | گِيان | گُيان |
| (169) | گُهُگهي، گَهَگي، گُگهي | گُگهي |
| (170) | گيْت، گيتِ | گِيتُ |
| (171) | لَغَز، لَغزْ | لَغزَ |
| (172) | لَهرُون، لَهرؤن، لَهَرُون | لَهرُون |
| (173) | لِکيل، لِکيل | لِکيَل |
| (174) | لوهَر، لوهار | لوهار |
| (175) | مَجُوْن، مجيُون | مَجيُون |
| (176) | مَچون، مَچيُون | مَچيُون |
| (177) | مَحنَت، محنَت | مَحنَت |
| (178) | مَنَ مُهِٺُون، مَنَ مُهِٺو | مَنَ مُهِٺو |
| (179) | مَهربان، مهربان | مهربان |
| (180) | مَتانهُون، مَتاهون | مَتانهون |
| (181) | مَهلَ، مَهَلَ | مَهلَ |
| (182) | مَلْهُون، مَلهُون | مَلهُون |
| (183) | مَکِين، مَکْيُن | مَکيُن |
| (184) | مَهِينو، مَهِنوُ | مَهينوُ |
| (185) | مَهينَن، مَهينن | مَهينَن |
| (186) | ماٺهون، ماٺهو | ماٺهوُ |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| (187) | ماٺُهوءَ، ماٺُهو | ماٺُهوءَ |
| (188) | مُلِڪ، مُلْڪُ | مُلْڪَ |
| (189) | مُنهِنجو، مُنهُنْجو، منهن جو | مُنهِنجو |
| (190) | مينهنيُون، مينهِيون، مينهُون | مينهنيُون |
| (191) | مُوْرِيْ | مُوري |
| (192) | مُونْکي، مون کي | مون کي |
| (193) | نَنَهَن، نُنهَن، نُنْهَن | نَنهَن |
| (194) | نِڪِرو، نِڪْرو | نِڪِرو |
| (195) | نيئي، نَئي | نيئي |
| (196) | واتَهْڙُو، واتَهَڙؤ | واتَهڙُو |
| (197) | وهاريو، ويهاريو | ويهاريو |
| (198) | وَهَڻ، ويهَڻ | ويهَڻ |
| (199) | وَئي، ويئي | وَئي |
| (200) | وَئيُون، ويئيون | وئيون |
| (201) | هڪ ٻئي، هڪٻئي | هڪَ ٻئي |
| (202) | هڪ جهڙو، هڪجهڙو | هڪجهڙو |
| (203) | هن کي، هنکي | هن کي |
| (204) | هِيْ، هِي | هِي |
| (205) | هيينْ، هئين، هِيْئين | هئين |
| (206) | هوس، هُئَس | هوس |
| (207) | هُئا، هُوا، هُوئا | هُئا |

## عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ

| | | |
|---|---|---|
| (208) | حقيقتاً، حقيقتن | حقيقتاً |
| (209) | عموماً، عمومن | عموماً |

| | | |
|---|---|---|
| (210) | فوراً، فورن | فوراً |
| (211) | مثلاً، مثلن | مثلاً |
| (212) | بلفعل، بالفعل | بالفعل |
| (213) | بالڪل، بلڪل | بلڪل |
| (214) | يادداشت، ياداشت | ياداشت |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٻبليوگرافي


1. ابراهيم جويو: سنڌي پرائمر، حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. 1962ع

2. ڀيرومل آڏواڻي، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو 2، ڪراچي، هندو پريس، 1926

3. غلام علي الانا، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون حيدرآباد. سنڌي ٻولي جو بااختيار ادارو، 1993ع

4. ايضاً، سنڌي صوتيات، حيدرآباد. ادبيات پبليڪيشنس، 1967ع

5. ايضاً، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيو، ڪراچي، سنڌيڪا اڪيڊمي، 2004ع

6. لوڪناٿ: سنڌي ٻوليءَ جي لپي، بمبئي، مساني روڊ، 1959ع

7. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، 1992ع

8. واحد بخش شيخ: سنڌي صرف و نحو، حيدرآباد، آر_ ايچ_ احمد ائنڊ برادرس، 1956ع

9. Bartil Malmberg, Phonetics, New York, Dover Publications, INC. 1963.

# باب پنجون

- سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ تاريخي حيثيت جو اڀياس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پنجون

## سنڌي ٻوليءَ جي قديم ۽ تاريخي حيثيت جو اڀياس

### 1. سنڌي ٻوليءَ جي قدامت:

"سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" ڪتاب ۾، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي باري ۾ ڪافي دليل ڏنيئي، ان جي ساخت، سٽاءُ ۽ وياڪرڻي جوڙجڪ جا مثال ڏنيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جا ابتدائي اُهڃاڻ، موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ ملن ٿا. جنهن تي پوءِ اڳتي هلي پهرين آرين جي پراڪرتن، پوءِ سنسڪرت، پالي، قديم ايراني، يوناني، عربي، جديد فارسي ۽ ٻين ٻولين جو اثر ٿيو. انهيءَ ڪري سنڌي زبان جو صوتياتي، صرفي ۽ نحوي مطالعو ڏاڍو دلچسپ آهي. هن قسم واري مطالعي جا گهٽائي مثال "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ ڏنا ويا آهن.

هيٺ انهن لفظن جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت واريءَ حيثيت جي ساک ڀرين ٿا.

### 2. رگ ويد ۾ سنڌي لفظ:

رگ ويد جيتوڻيڪ آرين جو هڪ پراڻو ڌرمي ڪتاب آهي، پر جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي، ۽ جيئن "سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد" ڪتاب ۾ بہ چيو ويو آهي تہ آرين جي اچڻ کان اڳ، سنڌو ماتر هڪ شاهوڪار تهذيب جي مالڪڻ هئي. هن تهذيب جي ڏٽين کي پنهنجي زبان بہ هئي. جڏهن آرين سنڌو ماتر تي قبضو ڪيو، تڏهن آرين جي ٻوليءَ، تهذيب ۽ ڌرم جو سنڌو — ماتر جي ماڻهن جي ٻوليءَ ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تهذيب تي ضرور اثر ٿيو هوندو؛ سنڌو– ماتر جي قديم رهاڪن، آرين جي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ اُڌارا ورتا هوندا. پر ائين ناممڪن آهي تہ قديم سنڌو – ماتر جي ماڻهن، پنهنجي سڌريل ۽ مهذب ٻوليءَ کي بلڪل ڇڏي ڏنو هوندو؛ البت حاڪمن جي زبان جي اثر ڪري، سنڌو– ماتر جي ٻوليءَ جو لفظي ذخيرو گاڏڙ ٻڻجي ويو هوندو. انهيءَ جو ثبوت اهو آهي جو رگ ويد ۾ بہ ڪيترائي اهڙا لفظ ملن ٿا جيڪي آريائي نہ آهن، پر اُهي سنڌو – ماتر جي قديم رهاڪن جي زبان جا آهن. اهڙن لفظن جي هڪ لڙهي هيٺ ڏجي ٿي، انهن لفظن جي صوتياتي جائزي ۽ تقابلي مطالعي جي مدد سان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ اِهي لفظ آريائي نسل جا نہ آهن؛ مثال طور:

| رگ ويدڪ لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|
| وَسْتي | ٻَسْتي، وسْتي (وَسڻُبن ﹤ وَسي) |
| ديوَرَم | ڏير |
| پَڪْوَ قَلَم | پڪو قل، پڪل قل |
| مانَ | ماڻ |
| ڪْشير | کِير (ڪش ﹤ ک) |
| چَر | چَروڙي، چوئري |
| مُنجَ | مُجَ |
| کُنب | کُنبي (وڏو پيالو) |
| چَڪَر | چَڪَرو، چڪَر |
| پْرتوي | پرٿوي |
| داس | ڌَاس |
| رَتَ | رَتُ |
| آپو | آب |
| يوڪْترَ | جوٽو |

| | |
|---|---|
| سنيهه | سنيهَ، (نيهَ، نينهن) |
| وڏَ ويوَ | وڏوا |
| مَامْس | مَاس |
| ڪانچي | ڪچ (سنڄ) |
| ڪَنْڪَتَ | ڪنگي (ڦڻي) |
| يَوَ | جَوَ |
| گڻو | ڳڻون |
| سَمُندرَ | سمونڊ، سمنڊ |
| سَتْيَ | سَچ |
| آرْتَ | اَرت |
| جِهوَ | ڇپَ |

سنڌي زبان جي اصلي بنياد وارن لفظن جي فهرست ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ صفحي 46 کان 49 تائين ڏني وئي آهي.

## 3. جپسن جي ٻوليءَ ۾ سنڌي لفظن جا اُهڃاڻ:[1]

جپسين جي باري ۾ جدا جدا ماهرن، جدا جدا رايا ڏنا آهن. جپسين کي بنجارا بہ چوندا آهن. بنجارا لفظ، سنڌي لفظ 'وڻجارا' جي بدليل صورت آهي. ماهرن جو رايو آهي تہ اها جپسي ٻڻجارا (وڻجارا) قوم، اوائل ۾ برصغير جي اُترـ اولهہ (پنجاب – سنڌ) واري حصي جي رهاڪو هئي، ۽ اُتان لڏي پهرين ايران ۽ ميسوپوٽيميا واري ايراضيءَ ۾ وڃي رهي، جتان پوءِ مصر ڏانهن لڏي وئي.

---

[1] هن مواد جو مدار شري ليلي رچندائيءَ جي اُن مقالي تي آهي جيڪو سماهي مهراڻ، نمبر3، سال 1967ع ۾ 39 صفحي کان 44 صفحي تائين ڇپيل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسي ٻوليءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي هڪجهڙايون ثابت ٿيون آهن، تن مان ظاهر آهي تہ هيءَ قوم اصل قديم سنڌ جي رهاڪو هئي. هن ڏس ۾ ليلو رچنداڻي لکي ٿو تہ: ”هيءَ قوم يورپ جي ڪن حصن ۾ پاڻ کي ’زنگلي‘ تہ ڪٿي ”رومي“ تہ ڪٿي وري ’سنتي‘ سڏائيندي آهي. سنتي، ’سنڌيءَ‘، جي بدليل صورت آهي. خود جپسي بہ هڪٻئي کي مخاطب ٿيڻ وقت هڪٻئي کي ’سنتي‘ چوندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي ”ساٿي“. ليلو ’رچنداڻي‘ پنهنجيءَ دعويٰ جي ثبوت لاءِ ’هيروڊوٽس‘ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

”سنڌي نالي هڪ ننڍڙي قوم، ڪاري سمنڊ جي ويجهو، تامن نالي بيٽ ۾ رهندي هئي. اهو سمو عيسوي صديءَ کان ڇهہ — اٺ سو ورهيہ اڳ جو آهي.“

چمن لال جو حوالو ڏيندي ليلو لکي ٿو:

”پنجاب جي هڪ ايراضيءَ ۾، جنگر[1] نالي هڪ پنتي پيل قوم، هن وقت بہ رهندي آهي، جا هڪ ’سنڌوئي‘[2] قوم جو جزو آهي، ۽ جنهن جي ٻولي ”سنڌي ٻوليءَ“ سان رشتو رکندڙ آهي. اها قوم ايران جي اندروني ايراضين تائين ويل ٿي ڏسجي.“

هن ساري بيان جو مول مقصد هي آهي تہ جپسي قوم، اصل ۾ واديءِ سنڌ جي وڻجارا قوم هئي، جا عيسوي سن کان ڇهہ — اٺ صديون، اڳ، ڪاري سمنڊ تائين پهچي چڪي هئي.

حاصل مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ۽ آثار 800_600 ق_م ۾ بہ ملن ٿا، جيڪي جپسي ٻوليءَ ۾ بہ ملن ٿا. هيٺ اهڙن لفظن

---

[1] پنجاب (پاڪستان) ۾، ’ڏني خطي‘ ۾ هڪ قوم هن وقت بہ رهي ٿي. جنهن کي ’جانگلي‘ سڏيندا آهن. هنن جي پنهنجي ٻولي آهي، جنهن کي ’جانگلي ٻولي‘ ڪوٺيندا آهن.

[2] ممڪن آهي تہ سنڌي لفظ: سُنڌوئي ⟵ سُنڌئي ⟵ سنڌوئي ⟵ سنڌي ٿيو هجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون لڙهيون ڏجن ٿيون جيڪي سنڌي ۽ جپسي لفظن جي هڪجهڙائي ثابت ڪن ٿيون:

(i) عام لفظ:

| جپسي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|
| آنگر | آڱر |
| آرو | اَٽو |
| اوتيہ | اُتي |
| اوچو | اوچو، اُچو |
| بال | وار |
| ڇُري | ڇُري |
| درياو | درياءُ |
| رُت | رَت |
| راني | راڻي |
| راءِ | راءِ |
| ٻڪرو | ٻڪرو، ٻڪر |
| بَرو | بَڙو (وڏو) |
| ٻُڙهو | ٻڍو |
| بينگ | ڀينگ |
| تتو | تتو |
| تون | تون |
| تُد | ڏُڌ |
| تر | دونهون |
| ٿانِ | ٿانِ |
| پاني | پاڻي |

| | |
|---|---|
| پَت | پَت، ڪپڙا |
| پير ننگو | پير ننگو (پيرين اگهاڙو) |
| پُس | پُوسو |
| جَوَ | جَوَ |
| جِوو | جون |
| چور | چور |
| چوري | چوري |
| چِڪَ | چِڪَ |
| ميل | ميل، مٽي |
| مڙس | مڙس، مرد |
| نُئہ | نُنهن |
| سَت | ست، سار |
| سنگ | سڱ |
| سگو | سگهو |
| سَوتو | سَتو، سُتل |
| سوانگ | سانگ (ٻهروپي) |
| شُڪو | سُڪو، سڪل |
| شنو | سڻ، ٻڏڻ |
| ڪِن | ڪِن |
| ڪارو (ڪالو) | ڪارو |
| ڪندو | ڪُندو |
| ڪير | ڪولي |
| ڪوو | ڪوهه |
| ڪر | ڪر |
| لوو | لوپ |

| مَتو | مَتو، ست |
|---|---|
| مارو | ماڙهو |
| مانس | ماڻهو |
| ماس | ماس |
| ميلالو | ميرو |
| نڪ | نڪ |
| يڪ | اڪ |

(ii) متن مائتن جا نالا

| جپسي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|
| سالو | سالو |
| سسئہ | سس |
| سسرو | سهرو |
| فرَل | پاءُ |
| فين | پيڻ |
| ڪاڪ | ڪاڪو، چاچو |

## 4. البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جا ثبوت:

عرب سياحن مان هونئن تہ هرهڪ سياح سنڌي زبان جي باري ۾ جيڪي بيان ڏنا ويا آهن، اُهي سنڌي ٻوليءَ جي قدامت ۽ تاريخ واري باب ۾ وڏي اهميت رکن ٿا، پر اُنهن سيني ۾، البيرونيءَ جي ڪتابن مان جيڪو مواد ملي ٿو تنهن مان سنڌي ٻوليءَ جي شاهوڪاريءَ، وسعت ۽ قدامت کان سواءِ، سنڌي عالمن ۽ ودوانن جي ذهانت، ڄاڻ ۽ قابيلت جي باري ۾ وڏا تاريخي ثبوت ملن ٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڀور مان لڌل ٺڪرين جي پڙهڻ کان پوءِ ۽ عرب سياحن جي بيانن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان بہ اڳ، روزمره جي زبان هئي. اها زبان باقاعدي لکي بہ ويندي هئي: اُن کي پنهنجا ڌار ڌار رسم الخط هئا، جيڪي ڌار ڌار ايراضين ۽ علائقن ۾، ڌار ڌار قومن ۾ رائج هئا.

هن سلسلي ۾ البيروني هڪ اهو ماهر هو جنهن پنهنجي مشهور ڪتاب 'ڪتاب الهند' ۾ اهڙا بيشمار لفظ ڏنا آهن، جيڪي سنڌ ۾ قيام دوران ڪيس ٻڌڻ ۾ آيا هئا، ۽ جيڪي رومزه جي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندا هئا. هن اهي لفظ ڌار ڌار بابن ۾، ڌار ڌار عنوانن هيٺ ڏنا آهن. انهن لفظن جي اڀياس مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان ان وقت بہ هڪ شاهوڪار ۽ وسيع زبان هئي، جنهن ۾ هرقسم جي لفظن جو ذخيرو موجود هو. البيرونيءَ اهو ڪتاب (ڪتاب الهند) 1017ع کان 1031ع ڌاري لکيو هو. انهيءَ لحاظ سان البيْرونيءَ اڄ کان ساڍا نو سو سال اڳ، سنڌي زبان، اُن جي تاريخ، لسانياتي جاگرافي وغيره جو رڪارڊ بيان ڪيو آهي، جيڪو ان وقت جي روزانہ وهنوار ۾ ڪم ايندو هو. مذڪوره ڪتاب (ڪتاب الهند) مان ڪي لفظ مثال طور هيٺ ڏجن ٿا:

| ڪتاب الهند (ڀاڱو پهريون) جو صفحو[1] | البيرونيءَ جا لفظ | موجوده سنڌي لفظ |
|---|---|---|
| 19 | مليڇ | مَليڇ |
| 31 | ايَشْوَر | ايشوَر |

[1] Edward C., Sachau Dr., Alberuni's India London. Kegan Paul and Trench. Trubner. 1910.

مون پنهنجي ڪتاب 'سنڌي صورتخطي' جي ڇاپي چوٿين ۾، صفحي 65 کان 73 تائين انهن لفظن جون لڙهيون ڏنيون هيون.. ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ" ڇاپي ٽئين (1992ع) ۾ صفحي 67 کان 75 تائين البيرونيءَ جي ساڳئيءَ ڪتاب (ڪتاب الهند) تان اُهي لفظ حوالي طور ڪٺي، بيان ڪيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 40 | پُرش | پُرش، پُرس |
| 40 | ڌَرْمَ | ڌَرْم |
| 40 | ٻڌ | ٻڌ |
| 42 | وِدْيَت | وِڄ |
| 42 | شَبد | شَبَد |
| 42 | پَنچ ماتْـرَسَ | پنج مائرون |
| 42 | پوٿي | پوٿي |
| 42 | روپَ | روپَ |
| 42 | رَسَ | رَسُ |
| 42 | گَنڌَ | گند |
| 52 | واسُو ديوَ | واسُوْ ديوَ |
| 54 | اَمْرتِ | اَمْرت |
| 54 | اُماديوي | اُماد يوي |
| 54 | مهاديو | مهاديو |
| 54 | ڪَلپَ | ڪَلپ |
| 59 | لوڪَ | لوڪَ |
| 59 | سْوَرلوڪَ | – |
| 59 | ناگ لوڪ | نانگ لوڪ |
| 59 | پاتال | پاتال |
| 59 | مڌيہ لوڪَ | – |
| 69 | شْواسَ | ساهه |
| 70 | موڪْشَ . | موڪش موک |
| 70 | وويڪ | وويڪ (ضمير) |
| 89 | رَاَڪْشَسَ | رَاَڪاس |
| 89 | پشاچَ | پَشاچَ |

| | | |
|---|---|---|
| 89 | يوت | يوت |
| 89 | اَشُورَ | اَشورَ |
| 89 | ديوَ | ديوَ |
| 100 | وَرڻَ | وَرڻ (colour) |
| 101 | ڪْشتَري | ڪَتري |
| 101 | شودْرَ | شودر |
| 101 | چَنڊال | چنڊال |
| 101 | پَدْمَ | پَدَم |
| 120 | ڪْتارَ | ڪُھاڙي |
| 135 | وْياڪَرڻ | وْياڪرڻ |
| 136 | چَندَسَ | چند |
| 138 | لَگھُ | هلڪو |
| 138 | گُرُ | ڳَرو |
| 139 | ماترا | ماترا |
| 140 | ڪَرْتَڪَسَ | ڪُڙتو |
| 140 | جْوَلَنَ | چورَ (جُوَلن ← جَولَ ← جُورَ ← چورَ) |
| 140 | پْرَوَتَ | پَربَت |
| 219 | ڪَنْيا | ڪَنْيا |
| 219 | ڪامَ | ڪامَ |
| 156 | لَوَڻ مُشْٽي . | لوڻ مُٺ |
| 160 | سُوَرَڻَ = $1\frac{1}{3}$ تولا | – |
| 127 | شْلوڪَ | شِلوڪَ/ سلوڪ |
| 160 | ماشا | ماسا/ماسَو |
| 165 | 16 ماشا = هڪ سُوَرَڻَ | – |
| 165 | تـُلا | تورَ |

| | | |
|---|---|---|
| 165 | پاوَڪَ | پاوڪ |
| 165 | دَهَنَ | ڏَوَڻُ |
| 165 | تپڻ | تپڻ |
| 165 | اَگني | اگني (باهہ) |
| 165 | ماش | ماس ← ماهہ (مهينو) |
| 165 | وِسَرْگَ | وِسَرْگ |
| 165 | سِمونڊرَ | سِمونڊ/سمنڊ |
| 165 | ساگر | ساگر |
| 172 | اَڪْشَرَ | اَکر |
| 173 | سَئنڌْوَ (لکت جو نمونو) | سئنڌوْ ← سئنڌوي ← سنڌي |
| 173 | مَلواڙي (لکت جو نمونو) | مَلواڙي |
| 173 | لاڙي (لکت جو نمونو) | لاڙي (لاڙ ديس ۾ ڪم ايندڙ لکت جو نمونو) |
| 173 | اوم | اوم |
| 174 | آڱڪَ | اَنڪ |

علم هَيئت جا لفظ

| | | |
|---|---|---|
| 178 | گَگَن | گگن |
| 174 | آڪاش | آڪاش |
| 178 | اَمْبَرَ | اَمبر |
| 178 | اَپْسَرَ | — |
| 178 | چَندْرَ | چَنڊُ |
| 178 | لوچَنَ | چَندر |
| 178 | لَڪْشَ | لڪَ |

مهينن جا نالا:

| | | |
|---|---|---|
| 217 | چيتَر | چيٽ |
| 217 | وَيشاکَ | ويساک/ ويساک |
| 217 | جييشٽُ | جيٺ |
| 217 | آشاد | آکاڙ |
| 217 | شراوَڻ | ساوڻ |
| 217 | ڀادُرَ پَدَ | ڀَدو |
| 217 | اَشوَيجَ/ اَشوج | اَسو |
| 217 | ڪارُتَڪَ | ڪَتِي |
| 217 | مارگَ شِيرشَ | ناهري |
| 217 | پوشَ | پوهه |
| 217 | ماگهَ | مانگهه/ ماگهه |
| 217 | ڦالگنَ | ڦڳڻ |

ڏينهن جا نالا:

| | | |
|---|---|---|
| 213 | ادِ تِيَ بَارَ | آرت وار/ آچر |
| 213 | سوم بار | سومار/ سومر (سوم بار ← سوم وار ← سومار) |
| 213 | مڱگل بَار | منگل (مڱگل بار ← مڱگل وار ← منگل) اڱارو |
| 213 | ٻُڌَ بارَ | ٻڌر (ٻڌبار ← ٻڌوار ← ٻڌر) ٻڌوار |
| 213 | بُرهسپتي بار | وسپت (برهسپتي بار ← برهسپتي وار ← وسپت) |

| | | |
|---|---|---|
| 213 | شُڪُرَ بار | شڪروار |
| 213 | شئنشچَر بار | ڇنڇر (شئنشچر < ڇنڇر) |

**گرهن ۽ سيارن جا نالا:**

| | | |
|---|---|---|
| 215 | اَدِتيَ (sun) | _ |
| 215 | شورْيَہ | سوريہ، سورج، سج |
| 215 | اَرڪ يان | _ |
| 215 | سومَ (moon) | سوم |
| 215 | اندُ | _ |
| 215 | مڱگلَ | منگل |
| 215 | يوميَ | يومي، يُون |
| 215 | ڪُج | _ |
| 215 | آرَ | _ |
| 215 | وَرڪَ (Mais) | _ |
| 215 | بُدَ | _ |
| 215 | شومْيَ | _ |
| 215 | چاندرَ (Mercury) | _ |
| 215 | ورْهَسپَتْي | وسپت |
| 215 | گُر | _ |
| 215 | جوَ (Jupiter) | _ |
| 215 | شُڪرَ (Venns) | _ |
| 215 | سومَ گرهَ everything (which is unlucky) | _ |
| 215 | پاپَ گرهَ (everything which is unlucky) | _ |

طرفن ۽ ڏسين جا نالا:

| | | |
|---|---|---|
| 290 | دَڪشِڻ | ڏکڻ |
| 290 | اُتـَر | اُتر |
| 290 | پَشچِم | پَڇم |
| 290 | پوروَ | پورب |
| 290 | اُپَر | مٿي |
| 290 | تَل | تَر، هيٺ |

مَهل ۽ گهڙيون:

| | | |
|---|---|---|
| 334 | پراڻَ | پراڻ |
| 334 | ڪُشَڻَ | کَن |
| 357 | رُتُ | رُتَ |
| 359 | راتري | راتڙي/ رات |
| 359 | ماس | ماس، ماهه |
| 359 | پَڪشَ | پَک |
| 359 | بَرش/ برهَ | ورهه |

ڪتاب الهند (پاڱو پهريون):

| | | |
|---|---|---|
| 20 | ادر | اَڌڙ، اَڌَڪ |
| 20 | يُگ | يُگ، جُڳ |
| 20 | ڪَلپ | ڪَلپ |
| 107 | چَڪرَ | چَڪر |

جَدولون:

161 هڪ ماش (ماسو) = اَندي (اندي وڻ جو ٻج آهي)

هڪ آندي = 4 يَوَ (جَوَ)

هڪ يَوَ = 4 ڪَلا

هڪ ڪَلا = 4 پاد

| | | |
|---|---|---|
| | هڪ پاد | = 4 مڌري |
| 163 | 4 انڊي | = هڪ ماش (ماسو) |
| | 8 ماش | = هڪ چٽو |
| | 2 چٽا | = هڪ ڪرش، سوَرْنَ |
| 163 | 4 سُورڻ | = هڪ پَلَ |
| | 4 پَلَ | = هڪ ڪُڊْوَ (ڪوڏي) |
| | 4 ڪُڊْوَ | هڪ پْرشْتَ |
| | 4 پْرَشتَ | = هڪ آڍَڪَ |
| | 4 آڍَڪَ | = هڪ ڍْروَڻ |
| | 2 ڍْورڻ | = هڪ شورپَ |
| | 2 شورپ | = هڪ چٽو |
| | 2000 پَلَ | = هڪ ڀارَ |
| | 2000 پَلَ | = هڪ ڏِڳو |

مفاصلي جي ماپ جي جدول:

| | | |
|---|---|---|
| 166 | 8 جَوَ | = هڪ اڱگلَ (آڱر) |
| | 4 اڱگل | = هڪ لامَ |
| | 24 اڱگل | = هڪ هَٿُ |
| | 4 هَٿَ | = هڪ ڏَنُ |
| | 40 ڏن | = هڪ نَلوَ (نري) |

25 نَلوَ = هڪ ڪُروش (ڪروش < ڪروهه < ڪوهه)

هڪ ڪروش = 4000 هَٿَ

آڱوٺي جي چوٽيءَ کان چيچ تائين ماپ = وتَسْتي (وتي)

آڱوٺي ۽ ڏسٽي آڱرجي وچ واري وٿي = گوڪَرَڻ/ گوڪَلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڱوٺي ۽ ٻاچ آڱرجي وچواري وٿي = ڪَرِيَ

آڱوٺي ۽ وچين آڱرجي وچ واري وٿي = تال/ٻال/ٻالو

البيرونيءَ ٻيو ڪتاب 1050ع ڌاري لکيو هو. اهو ڪتاب دوائن جي باري ۾ هو. هن ڪتاب ۾ اهڙا بيشمار لفظ ڏنل آهن. جن ۾ سنڌ جي جڙين ٻوٽين، وڻن ٽڻن جا ڪافي نالا ڏنا ويا آهن. هي ڪتاب طب متعلق سنڌي زبان جي شاهوڪاريءَ جي ساک ڀري ٿو. هن ڪتاب ۾ ڏنل بيشمار لفظن مان ڪي هي آهن[1]:

| البيرونيءَ جا لفظ | موجوده سنڌي لفظ |
|---|---|
| توهَر | ٿوهر |
| رَمر | رَمڙ |
| درب | ڏُرَبِ (ڏڀ) |
| سمندر پين | سمنڊ ڦيڻ |
| ڪتوري / ڪستوري | ڪٿوري |
| اَرڪ | ادرڪ |
| سُند | سُنڍ |
| جاماها، ڊراماها، ڊراماهو | ڏاماهو |
| جيره | جيرو |
| لم | لِم، نم |

چچنامي ۾ آيل سنڌي لفظ:

چچ نامو سنڌ جي اُها پهرين تاريخ آهي جنهن ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ تي فتح جي باري ۾ تفصيل وار ۽ مڪمل احوال ڏنل آهي. هن

[1] Baloch, N.A; Dr. The Historical Development of the Sindhi Language an article published in Sind Quarterly, Vlo: I, No. I. Karachi, Shah Abdul Latif Cultural Society, 1975, PP. 13-16.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ۾ ڪيترائي اهڙا نالا آيل آهن جيڪي عربن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت، سنڌي زبان ۾ عام طور استعمال ۾ هئا. هت انهن لفظن جون ڪي لڙهيون انهيءَ لاءِ ڏنيون ويون آهن تہ جيئن سنڌ جا ماڻهو، سنڌ جي اُن وقت جي جاگرافيائي حدن، واهڻ وسين، ڳوٺن، شهرن، ماڳن، واهن، دريائن، ڍنڍن ۽ ماڻهن جي، نہ فقط نالن کان واقف ٿين، پر وياڪرڻي لحاظ کان انهن نالن جي ڇنڊڇاڻ بہ ڪري سگهن.

وياڪرڻ جا ڄاڻو انهن لفظن ۾ فقرن جي اڀياس کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ان وقت جي وياڪرڻ، ساخت ۽ سناءُ جي باري ۾ پنهنجي راءِ قائم ڪري سگهن ٿا. اهي نالا ۽ فقرا هيٺ ڏجن ٿا:

(i) ذاتين جا نالا:

ڪاڪا، لاکا، نَڪر، ڄَتَ، سما، سَهتا، نگامرا، جوٽا،ڀٽي، لوهاڻا، هالا، ڀاٽيا، چنا ۽ برهمڻ. اهي ذاتيون اڄ بہ سنڌ ۾ ساڳين نالن سان رهن ٿيون.

(ii) ماڻهن جا نالا:

اگهم، چندر (چنڊ)، چچ، ڏاهر، ڏاهرسين، راءِ سيهرس، ساهسي راءِ، موک (موکيو)، مَتو، پيمن، ڪرهل، راسل، چندرام، سونهن ديوي، سُندر، ڍول، لاڏي، وياسو، وڪيو ۽ چگي. چچ، ڏاهرسين ۽ ڏاهر کان سواءِ باقي سڀ نالا اڄ بہ سنڌ جي ماڻهن جا دلپسند نالا آهن.

(iii) ماڳن، مڪانن ۽ شهرن جا نالا

برهمڻ آباد، چچ پور، هالا، اروڙ، ديبل، نيرون ڪوٽ، ڪڇ، اشبهار، ساڪره، جيوَر، جهم، راوڙ، وجوٽو، ولهار ۽ ساوندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(iv) دريائن ۽ واهن جا نالا:

مهراڻ، جلوالي. ڪُنڪو، موج، اڙل، ڪُنپ، ڍنڍ، ٻيٺ، سيم ۽ سانودي.

(v) مرڪب لفظ

ڍنڍ وڪربهار، ڪاڪاراج، نيرون ڪوٽ، ڪارمتي، ندمتي، ٻُدَرَ ڪو.

مٿين لفظن جو علم صرف جي روشنيءَ ۾ جڏهن جائزو ونجي ٿو تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ چچنامي ۾ ڏنل سنڌي مرڪب لفظن جي ساخت ۾، مرڪب لفظ جي پهرئين جُز جي اعراب، علم صرف جي اصولن موجب بدلجي ٿي. هت هي نقطو بيان ڪرڻ بلڪل ضروري آهي تہ فارسي ٻوليءَ واريءَ زير اضافت وارو ڪارج، سنڌيءَ ٻوليءَ جي قديم توڙي جديد مرڪب لفظن ۾ . پهرئين جُز واري اعراب، يعني 'آ' يا 'اَ' ادا ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ فارسيءَ جي زير اضافت جي بدران سنڌي ٻوليءَ ۾ "زبر اضافت" يا "مد (آ) اضافت" ڪم اچن ٿا؛ جيئن:

| فارسي | سنڌي |
|---|---|
| مالکِ خانہ | گهَرَ ڌڻي (گهَرَ+ڌڻي:اُ ← اَ= جو) |
| | لَکَ پتي (لک + پتي: اُ ← اَ = جو) |
| | ڪوٽا مار. |

انهن جي ترڪيب جي روشنيءَ ۾، چچنامي ۾ ڏنل مرڪب لفظن جي ڀيٽ ڪجي ٿي:

| چچنامي ۾ ڏنل مرڪب لفظ | عام سنڌي لفظ |
|---|---|
| ڪاڪا راج | ملڪ راج، ڪوٽا مار |
| ڍنڍ و ڪربهار | ڇڇ جهان خان، ٽنڊو محمد خان، |
| ڪارمتي | ڪارَ لاٿي، مٿيءَ ڪَٽَ، ڪاري ڪيڙائو |
| نيرون ڪوٽ | نندڪوٽ، رني ڪوٽ، پيـرَ گوٺ |
| ٻُدَرَ ڪو | منهن جوت، منهن صفا، منهن ڦوٽ |

# ببليوگرافي


سنڌي ڪتاب:

(1) ليلو رچنداڻي: مقالو: جيسين جي ٻولي، سماهي مهراڻ نمبر3، 1967ع

انگريزي ڪتاب ۽ مضمون

(2) Baloch N.A, Dr., the historical development of the Sindhi Language, Sindh Quarterly, Vol: 1, No. 1 Karachi, Shah Abdul Latif Cultural Society, 1935, P.P 13_16

(3) Edward Sachan, C., Alberuni of India, London, Kegan Powl, Trench, & Tribner, 1910.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون

- سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام،
اُن جو مستقبل ۽ اُن جي ترقيءَ
لاءِ تجويزون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جو موجوده مقام، اُن جو مستقبل ۽ اُن جي ترقيءَ لاءِ تجويزون

1. انسان ذات جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ خزانو، هر دؤر ۾ ٻولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو رهندو آهي، تيئن تيئن انهيءَ ترقيءَ ۽ تبديل جو، اُن قوم جي ٻوليءَ تي پڻ اثر ٿيندو آهي؛ اُن ۾ پڻ تبديلي ۽ ترقي ايندي آهي ۽ اُن ۾ پڻ اضافو ٿيندو آهي. دنيا جو اهو وهنوار، هر دؤر ۾ جاري رهيو آهي، ۽ تاقيامت جاري رهندو.

محترم ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، بلڪل درست لکيو آهي تہ:

> ”هر ڪا ٻولي، پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ گوناگون گنج ۽ عجب اسرار آهي. ٻولي، عقل ۽ علم جو وڏو وسيلو آهي[1]. ٻولي، انساني عمل جو هڪ نمونو آهي. ٻولي، ماڻهن جي ثقافتي ڪارڪردگيءَ جو حصو آهي.“

ٻوليءَ جو علم، علم الانسان سان واسطو رکي ٿو. ٻوليءَ جو مطالعو ڪنهن قوم، ڪنهن سماج، ڪنهن تهذيب ۽ ڪنهن تمدن جو مطالعو آهي، ڇو تہ ٻولي، انساني عمل جي پيداوار آهي. ٻوليون مٿل

---

[1] الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج. ڄامشورو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1978ع. ص 133

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهن جي هڏين مان نہ، پر زنده ماڻهن جي روزمره جي زندگيءَ مان اڀريون ۽ اُسريون آهن. انهيءَ ڪري هيئن چئبو تہ ٻولي قومن جي زندگيءَ، ثقافت، رهڻي ۽ ڪهڻيءَ جو آئينو آهي. ٻوليءَ جي تاريخ ۾، قومن جي زندگيءَ جي تاريخ لڪل ۽ سمايل هوندي آهي.

ڊاڪٽر ٻوهيي، پورٽر جي حوالي سان لکيو آهي تہ:

> ”انساني ٻولي، عوامي پيداوار آهي. اها نہ ڪن عالمن جي جوڙيل آهي ۽ نہ ئي وري ڪن اُستادن جي. عالم ۽ استاد ٻوليءَ کي شاهوڪار ضرور بنائين ٿا؛ اُن کي سينگاري، سنواري، ڇاهي، جوڙي، ادبي ٻوليءَ جي حسن جو گل ضرور بنائين ٿا، پر ٻوليءَ جون اهم ترين مکڙيون دراصل انهيءَ ڌاريءَ تي پيدا ٿين ٿيون، جيڪا پنهنجو پاڻ اُپري ۽ اُسري آهي، وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ ان جون پاڙون زمين ۾ کتل آهن؛ يعني ٻوليءَ جو اُسرڻ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي محنت جو نتيجو نہ آهي. اُها زمين ئي آهي جنهن مان ٻوليءَ کي پنهنجي تازگي ۽ غذا ملي ٿي.“[1]

حقيقت ۾، ٻوليءَ جو اڀياس انسان ذات ۽ علم الانسان جو اڀياس آهي. پورٽر جي راءِ موجب: ”بهترين اُها زبان آهي جنهن جو بنياد ڪنهن سماج ۽ سماجي قدرن ۽ روايتن تي رکيل هجي.“[2]

ٻولي، پنهنجو پاڻ ئي، زندگيءَ جي هڪ نئين معيار کي ممڪن بڻائي ٿي. ٻوليءَ جي مدد سان ئي انسان پنهنجي وسيع ترين دنيا جي

---

① الهداد ٻوهيو. حوالو ڏنو ويو آهي. ص 43

② ايضاً

جدا جدا علائقن ۾ داخل ٿئي ٿو. ٻوليءَ جي متينءَ عام وصف جي اڀياس جي روشنيءَ ۾، جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو جائزو وٺجي ٿو تڏهن چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي به هڪ سماجي قوت، علم ۽ عقل جو اٿاهه مها ساگر، لغت، معنيٰ، علم ادب، خيال ۽ اظهار جو هڪ گنج آهي. هيءَ ٻولي، ڪنهن هڪ ماڻهوءَ، ڪنهن هڪ عالم يا ڪنهن هڪ استاد ويهي ڪانه ٺاهي آهي، پر هيءَ ٻولي سنڌ جي ڌرتيءَ سان گڏوگڏ وجود ۾ آئي آهي، ۽ هن جون پاڙون، سنڌي سماج ۽ ان جي ڌرتيءَ ۾ گهٽيون اونهيون کتل آهن، جن کي اکوڙڻ يا پٽڻ ناممڪن آهي. اهوئي سبب آهي جو هيءَ ٻولي، هر زماني ۾، عوامي ٻولي رهي آهي، ۽ روزمره جي ماحول ۾ سدائين مروج، سدائين استعمال واري ۽ سندس حيثيت ۽ مقام، هر زماني ۾ مجيل ۽ مؤثر رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته سنڌي ٻوليءَ جو سرچشمو سدائين عوام رهيو آهي. هن ٻولي جي عوامي ۽ سماجي حيثيت، هميشه ۽ هر دور ۾ نمايان رهي آهي، انهيءَ ڪري هيءَ ٻولي، ابتدا کان وٺي اڄ تائين امر رهندي اچي، ۽ انشاءَ الله امر رهندي ايندي. هن کي نه ڪو چيهو رسائي سگهيو آهي ۽ نه ئي وري ڪو آئينده به چيهو رسائي سگهندو.

سنڌي ٻوليءَ اسان جي تهذيب ۽ تمدن جي حفاظت جو ڪم ڪيو آهي ۽ اسان جي قومي، وطني ۽ سماجي حيثيت کي هميشه برقرار رکيو آهي. ڊاڪٽر سورلي بلڪل درست لکيو آهي ته:

> "سنڌي ٻوليءَ جي لغات تي اسان جي سماج،
> اسان جي معاشري، اسان جي معاش ۽ معاشي
> حالتن جو وڏو اثر آهي، ۽ ٻيو ته سنڌي ٻوليءَ
> جهڙي ٻولي، انهيءَ سماج ۾ ڪم ڪري ٿي،
> جهڙو سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج آهي."①.

① Sorley, H.T. Shah Abdul Latif of Bhit.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي وطن تي وهي رهيو آهي. ان کي ڏسي، آءٌ
هوند ڏهي، ٻنهه پَٽ اچي پوان. پر ڪو آخر ڪيئن ٿو
مڃي سگهي تہ ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان
گهٽ، ڪنهن قوم کي مليل هوندي!"[1]

ڄويو صاحب هن مثال کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ بابت پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

"اسين بہ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ چئي سگهون ٿا
تہ اها اُسان جو ڏڄ آهي، آتت آهي، ۽ اسان جا شڪ ۽
نراسايون دور ڪري ٿي، ۽ جيڪا ٻولي اسان
کي 'سنڌي ذات هنجن' جهڙو نثر ڏيئي سگهي ٿي، ۽
اُن جهڙي پرڪ ڏيئي سگهي ٿي، اها ٻولي ڪيئن نہ
عظيم هوندي!. ۽ نيٺ ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ
ههڙي عظيم ٻولي، عظيم قوم کان گهٽ، ڪنهن
قوم کي ملي هجي!"[2]

هن مثال کان پوءِ هيئن چئي سگهجي ٿو تہ هرڪا ٻولي پنهنجيءَ قوم جو آب حيات آهي. انساني روح جو سدا تازو، پريو پاڳيو پاڪ چشمو آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو ماضي گڏ ڪري رکن ٿا، ۽ پنهنجن تمنائن جو، پنهنجيءَ ڄاڻ جو، تجربي جو ۽ اڳ – ويچار ۽ پروڙ جو عڪس ڏسن ٿا، ۽ اهو سڄو ڪم سندن سگهڙ، اديب ۽ شاعر ڪن ٿا[3].

سنڌي زبان کي الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان هر دور ۾ اهڙا اديب ۽ شاعر مليا، جن جي ڪلام، قوم ۾ نئون خون ۽ نئون جذبو پيدا

---

[1] رسول بخش پليجو. سنڌي ذات هنجن. ص 8
[2] ايضاً
[3] ايضاً

ڪيو: جيڪي نہ فقط پنهنجي دور ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي زبان جا ترجمان رهيا، پر انهن مان شاهہ ڪريم، شاهہ لطيف، سچل سرمست، شاهہ عنايت صوفي، سامي، قليچ، مصري شاهہ، طالب المولىٰ ۽ شيخ اياز پنهنجي پنهنجي دور جا ترجمان رهيا.

سنڌي ٻولي هر دور ۾ ارتقا پذير رهي آهي. ان جو خاص سبب هي بہ آهي تہ سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن، پنهنجي پنهنجي ماحول ۽ معاشري جو هميشه گهرو مطالعو پيش ڪيو آهي. هر دور جي ماحول ۽ معاشري جي تبديل جو اثر، ٻوليءَ تي ضرور ٿيندو رهيو آهي. اديب ۽ شاعر لاشعوري طور ان جو رڪارڊ پنهنجي لکڻين ۾ رکندا آيا آهن، جنهن جو پتو وقت جي نقادن ۽ ماهرن جي تجزئي مان پوي ٿو.

'سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا' – 'ابتي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج' واري اڳ ۾ ڏنل باب ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ:

"سومرن جي دور کان وٺي، موجوده وقت تائين، نظمي توڙي نثري صنفن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو تہ ڏهن محسوس ٿو ٿئي تہ اسان جو ادب، هر دور ۾، عوامي ادب رهيو آهي ۽ معاشري کي متاثر ڪندڙ تبديليون هميشه، سنڌي ادب ۽ ان دور جي ٻوليءَ کي بہ متاثر ڪنديون رهن ٿيون، جنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ ۽ ان جي ادب ۾ هميشه وقت جي رفتار سان گڏ نوان تجربا ڪيا ويا اهن، اُن کي نئون موڙ ڏنو ويو آهي، ۽ ان ۾ هرقسم جي نواڻ آندي وئي آهي."

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو:

> "ادب جو سماجي ڪارج وارو اڀياس، افاديت جي خيال کان اسان لاءِ ٻوليءَ، سماج، ڪلچر ۽ ادب جي باري ۾ ڪئين نقطا واضح ڪري ٿو، ڪئين مسئلا حل ڪري ٿو، ڪئين راهون کولي ٿو ۽ ڪئين سوال اُڀاري ٿو. هن طرح اسان، هن قسم جي اڀياس مان سنڌي ٻوليءَ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جي باري ۾ وڌيڪ ڪم
ڪرڻ لاءِ وڏو مواد حاصل ڪري سگهون ٿا.[1]

هنن مثالن مان ائين واضح ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي موجود حيثيت ۽ موجوده مقام، ماهرن وٽ مڃيل آهي. اُن جي هر دور ۾ لسانياتي، علمي ۽ ادبي حيثيت تسليم شده آهي.

## 2_ سنڌي قديم ۽ تاريخي زبان آهي:

سنڌي زبان هڪ نهايت قديم ۽ تاريخي زبان اهي. برصغير پاڪ – هند جي تمام جهونين زبانن ۾، هن زبان جو شمار ٿئي ٿو. سنڌي زبان هڪ علمي ۽ سرمايدار زبان آهي، جنهن کي پنهنجي لغات، پنهنجو لوڪ ورثو، پنهنجو علم ادب ۽ پنهنجو ادبي خزانو آهي: منجهس اصطلاحن، پهاڪن، چوڻين ۽ محاورن جو وڏو ذخيرو موجود آهي. هن ٻوليءَ کي پنهنجو هڪ معياري رسم الخط آهي، جنهن کي عربي – سنڌي رسم الخط چيو وڃي ٿو. اهو رسم الخط پوري اسلامي دنيا جي ٻولين ۽ انهن جي رسم الخط کان تاريخي طور قديم رسم الخط آهي، جو خالص عربي رسم الخط تان ورتل آهي. ان جي مقابلي ۾ فارسي ۽ اردو، پشتو ۽ بلوچي زبان جي رسم الخطن ۾ وڏو فرق آهي. فارسي زبان جو رسم الخط نستعليق آهي ۽ اردو زبان وارو رسم الخط فارسيءَ جي نستعليق تان ورتل آهي. گويا پوري اسلامي دنيا ۾، عربي رسم الخط وانگر، محفوظ ۽ علمي رسم الخط فقط سنڌي زبان کي عطا ٿيل آهي، جنهن ۾ لکن جي تعداد ۾ ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون لکجي ۽ ڇپجي چڪيون آهن.

هت اهو به واضح ڪرڻ ضروري آهي ته برصغير پاڪ – هند جي تهذيبي ۽ تعليمي تاريخ ۾، اهو عربي – سنڌي پهريون رسم الخط آهي

---

[1] الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ص 105

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو ديوناگري رسم الخط جي جاءِ تي، خالص ديني ۽ قومي اثرن کي قبول ڪندي، بحال ڪيو ويو ۽ جيڪو سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان وٺي هلندو ٿو اچي. سنڌي ٻوليءَ کي پنهنجو شاهوڪار گرامر آهي، جو هر حيثيت سان مستقل ۽ سائنسي آهي. جو سنسڪرت ۽ عربي گرامي وانگر مڪمل بہ آهي.

### 3_ سنڌي ٻوليءَ جي ماضيءَ ۾ حيثيت:

سنڌي ٻولي، جيتري آهي قديم، اوتري ئي آهي سندس علمي، ادبي ۽ خانگي يا دفتري حيثيت قديم. موهن جي دڙي جي مهرن پڙهڻ ۾ ڪن ماهرن کي ڪجهہ قدر ڪاميابي حاصل ٿيڻ کان پوءِ، اهو بہ چئي سگهجي ٿو تہ هرڪا ٻولي پنهنجي گهرو ماحول ۽ پاڙي ۾ ڳالهائڻ سان سکجي ٿي، پر ٻوليءَ جي لکت سکڻ لاءِ ضرور ڪي اهتمام ڪيا ويا هوندا: ڪي بندوبست ڪيا ويا هوندا. اُن زماني ۾ ڪي پاٺشالائون بہ هونديون، جتي لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريو ويندو هوندو: مهرن ٺاهڻ لاءِ ڪي ڪاريگر هوندا، جن ڪن اُستادن ۽ ڪاريگرن وٽ تربيت ورتي هوندي، بلڪل ائين جيئن اڄ ڄُر جا پورا ٺاهبا آهن، اڄ بہ اُستاد ڪاريگرن وٽ ٻالڪا يا شاگرد ڪم سکندا آهن.

سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ قديم زماني ۾ ڪهڙو بندوبست هو، تنهن جي اسلام جي آمد کان اڳ جي خبر فقط تکش شِلا واري وديا آليہ مان پوي ٿي. ۽ ائين چئي سگهجي ٿو تہ اُن دور ۾ بہ ودوان درس و تدريس جو ڪم ڪندا هئا. ۽ هو پنهنجن چيلن ۽ شاگردن کي باقاعدگيءَ سان پاڙهيندا هئا.

عرب سياحن جي سفرنامن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جا عالم علم جوتش، علم نجوم، علم رياضي، علم طب ۽ ٻين علمن ۾ مهارت رکندا هئا. سنڌ ۾ انهن علمن جا ڄاڻو، وڏا وڏا ودوان ۽ پنڊت هوندا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مان اهو به اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته انهن علمن جي سکڻ ۽ سيکارڻ لاءِ به ڪي پاٺ شالائون به هونديون، جتي ودوان ۽ پنڊت باقاعدي تربيت ڏيندا هئا.

سنڌ جا واپاري ۽ خاص ڪري هٽائي، پنهجن ٻارن کي، ان وقت پاٺ شالائن ۾ موڪلڻ جي بدران، پنهنجن هٽن تي ويهاري، پٽيءَ تي پڙهائيندا هئا. اُهي ٻار، پيءُ کي دوڪان تي به مدد ڪندا هئا ۽ ساڳئي وقت پنهنجي پيءُ کان لکڻ ۽ پڙهڻ جي تعليم پڻ وٺندا هئا. جنهن ۾ انهن کي پنهنجي ٻوليءَ جي صورتخطيءَ کان واقف هجن، لکڻ ۽ پڙهڻ، شين جا نالا وغيره لکڻ سکڻ، انگ ۽ ڪوڙا سکڻ، حساب ڪتاب رکڻ، جوڙ ڪٽ، ونڊ، ضرب، ڏيهي حساب، نرو وياج، گڏيل وياج، نفعي نقصان وارا حساب سکڻ کان سواءِ، هنديون لکڻ، ڪاٻارو لکڻ، سال جي اُپت ۽ کپت جو پوتاميل ناهڻ وغيره، سکندا هئا. مطلب ته اهي ٻار، سماجي اڀياس وارن مضمونن کان سواءِ، باقي سڄو نصاب پنهنجي ڏاڏي، پيءُ، چاچي يا وڏي ڀاءُ کان دوڪان تي پڙهندا هئا.

سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان پوءِ، اسلامي تعليم لاءِ خاص جتن ٿيا. مدرسا کليا، هت ڪيترائي عالم ۽ فاضل هوندا هئا، جن مان ڪن وڃي عرب دنيا کي آباد ڪيو[1]. اهڙيءَ طرح عرب دنيا کان ڪيترائي عالم، فاضل ۽ درويش سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا،[2] جن پنهنجيءَ رواداريءَ ۽ علمي ڄاڻ سان سنڌ کي نوازيو ۽ سيراب ڪيو. هنن عربيءَ سان گڏ، سنڌي ٻوليءَ کي به زور وٺايو. ۽ سنڌي زبان جي عالمن، ادبين ۽ شاعرن کي عرب دنيا سان واقف ڪرايو.

عرب حاڪمن، سنڌي عالمن، طبيبن ۽ ودوانن کي بغداد گهرايو، جتي انهن جي ڏاڍي قدرداني ٿي، سنڌي عالمن، مترجمن جي مدد

---

① Elliot. H., History of Sind, Vol: I, P. 379

② علامہ عبدالڪريم بن محمد سمعاني: الانساب، ليڊن 1912ع ص 237

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

... علم طب، علم نجوم، علم جوتش، علم رياضي ۽ ٻين علمن تي ڪتاب ۽ ڄاڻ کي عربيءَ ۾ ترجمو ڪرايو.①

سومرن جو دؤر سنڌ ۾ سنڌي زبان لاءِ جاڳرتا ۽ تبليغ جو دؤر هو. هن دؤر ۾ سنڌ ۾ سنڌي زبان کي اسلام جي تعليم ۽ تبيلغ جو ذريعو بنايو ويو. اسلام جي ٻين فرقن جي مبلغن کان سواءِ، اسماعيلي فڪر ۽ فرقي جا داعي به سنڌ ۾ پکڙجي چڪا هئا. انهن مان سيد نورالدين به هڪ هو، جو 1079ع ۾، سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾، اسماعيلي تبليغ لاءِ آيو هو. هن کان سواءِ ملتان ۽ اُچ واري خطي ۾ ٻيا داعي پڻ آيا. اسماعيلي داعين، نون اسماعيلي مسلمانن کي اسلام جا اصول آسانيءَ سان سمجهائڻ لاءِ، مقامي ٻولين جو سهارو ورتو، ۽ انهن ٻولين ۾ نظم يا مقفيٰ ۽ مسجع نثر ۾، اسلام جا اصول ۽ عقيدا، اسلامي تعليم جا سبق پنهنجن نون مريدن کي سمجهايا. هنن شريعت جا مسئلا، روحاني علمن جا راز، تصوف ۽ ويدانت جا ڦرق، سنڌي، ڪڇي، گجراتي، سرائڪي، پنجابي، پوربي ۽ هندي ٻولين ۾ سمجهايائون.②

هنن پنهنجن خيالن کي لکت ۾ آڻڻ لاءِ، ديسي رسم الخط ڪم آندو. ان رسم الخط کي 'چاليهه اکري يا خواجڪي سنڌي' سڏيو ويو. هن رسم الخط ۾ نه فقط اسلامي تعليم ۽ تبليغ تي ڪتاب لکيا ويا پر هن ۾ اسماعيلي داعين، مبلغن ۽ پيرن جو ڪلام گنان ۽ درسي ڪتاب پڻ لکيا ويا، جن ۾ ٻاراڻ ٻوڌ (Primer)، ڪوڙن جون چوپڙيون، رياضي، تاريخ، جاگرافي، اسلامي تاريخ، ملڪي تاريخ، اخلاقيات، شعر و شاعري وغيره درجيوار يعني ٻاراڻي درجي جي سطح کان وٺي ڇهين

---

① هن دعوي: لاءِ ڏسو عرب سياحن ... اصطخ... مسعودي، بشاري مقدسي، ابن نديم، البيروني، جاحظ ۽ بزرگ بن شهريار جا سفرناما.

② Dele... O' Leary. A Short History of the Fatmid Caliphate. London. Keg... Paul. Trench & Tribner & Co.. 1923. P. 208

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درجي تائين هوندا هئا. انهن مان ڪي هن وقت بہ برٽش ميوزيئم جي لائبريريءَ ۽ انسٽيٽيوٽ آف اسماعيلي اسٽڊيز لنڊن ۾ موجود آهن.

هن راءِ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان ٻارهين صدي عيسويءَ کان وٺي ذريعہ تعليم ۽ تدريس رهي آهي، ۽ ان وقت بہ ان جي حيثيت علمي، ادبي ۽ رومزه جي استعمال واري ۽ تجارتي وهنوار واري هئي.

سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ اسلامي علمن جي گهڻي ترقي ٿي. جيتوڻيڪ سومرن جي دور ۾ بہ اسلاميات جي تعليم مدرسن ۾ ڏني ويندي هئي، پر هن دور ۾ مدرسن لاءِ جدا عمارتون پڻ ٺهيون، جن ۾ وڏا وڏا محدث، عالم ۽ فاضل تعليم ڏيندا هئا. ٺٽي، سيوهڻ، درٻيلي، ٺلتيءَ، ٻبرلوءِ، هالاڪنڊي، نصرپور، اگهاماڻي ۽ ٻين شهرن ۾ جيئن پوءِ تيئن مدرسن جو تعداد وڌندو ويو، جن ۾ قرآن، حديث، تفسير ۽ فقه جي تعليم ڏني ويندي هئي[1]. اسلامي دنيا ۾ اسلاميات جي درس و تدريس ۾ ٺٽي دارالعلوم جي حيثيت اختيار ڪئي هئي. ٺٽي جي عالمن ۽ فاضلن جي علم جي هاڪ ٻڌي ايران، افغانستان، خراسان ۽ ٻين هنڌان ڪيترائي عالم ۽ فاضل لڏي اچي ٺٽي ۾ ويٺا.[2]

مذهبي تعليم ۽ تدريس وارن مدرسن ۽ دانشگاهن سنڌي علم ادب جي ترقي ۽ سنڌي زبان جي واڌاري لاءِ اهم ڪم ڪيو. هن دور جا وڏا وڏا عالم سنڌي زبان جا نامور شاعر پڻ هئا.[3]. انهن مان قاضي قاضن، اسحاق آهنگر، مخدوم احمد ڀٽي ۽ ٻين جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا. ساڳئي وقت مذهبي پرچار ۽ سمجهاڻيون، بيان العارفين جي صورت ۾ هن دعوا جو دليل آهن.

---

[1] مو ـثي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ. حيدرآباد. سنڌ يونيورسٽي. 1959ع، ص 413

[2] مد ـثي سيدائي: جنت السنڌ. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. 1958ع، ص 359

[3] ـبي ـحس خان بلوچ. ڊاڪٽر: شاهه لطف الله قادريءَ جو رسالو. جام شورو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1970ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارغونن ۽ ترخانن جي ڏينهن ۾ بہ سنڌي زبان جو چرچو عام هو. شاهہ ڪريم. شاهہ لطف الله قادري. مخدوم نوح ۽ ٻين بزرگن سنڌي زبان ۾ لافاني ڪلام چيو. بيان العارفين جهڙا ڪتاب هن دور ۾ لکيا ويا. هن دور ۾ سنڌي ٻولي، عربيءَ جي نسخ ۽ نستعليق رسم الخطن ۾ لکجڻ جا ثبوت مليا آهن.

مغلن جي راڄ جو آخري عرصو ۽ ڪلهوڙن جو ابتدائي دور سنڌي زبان لاءِ نوان نياپا، نوان موڙ، نئيون ڏارائون ۽ نوان ماپا کڻي آيو. هڪ طرف مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءالدين، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، شاهہ عنايت شهيد، مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ شاهہ لطيف سنڌي زبان ۾ نئون روح ڦوڪي، ان کي تاحيات ۽ زنده جاويد بڻائي ڇڏيو. ٻئائيءَ جو سنڌ تي وڏو احسان آهي. هن سنڌي زبان کي لازوال بڻائي ڇڏيو ۽ اهڙي عام فهم ٻوليءَ ۾ صوفياڻو پيغام سنڌ وارن کي ڏنو جنهن نہ صرف سڄيءَ سنڌ پر سنڌي زبان کي امر بڻائي ڇڏيو آهي. هونئن تہ "بيان العارفين" ڪتاب مان ظاهر آهي تہ ارغونن ۽ ترخانن جي زماني ۾ بہ سنڌي زبان ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان نستعليق يا نسخ خط ۾ پيئي لکبي هئي، پر نسخ خط ۾ پهريون پهريون معياري ڪتاب "مقدمة الصلواة" لکيو ويو هو. جو "ابو الحسن جي سنڌيءَ" جي نالي سان بہ مشهور ٿيو. 'مقدمة الصلواة' جي لکجڻ مان ٻن ڳالهين کي اهميت ملي: هڪ تہ سنڌي زبان مدرسن ۾ باقاعدي نصابي حيثيت ورتي، جنهن کي سڄيءَ سنڌ جي عالمن تسليم ڪيو: ۽ ٻيو تہ سنڌي زبان لاءِ سنڌ جي سڀني مدرسن لاءِ اصولي طور هڪ صورتخطي منظور ڪئي وئي: جيتوڻيڪ اهي بزرگ جيڪي نستعليق رسم الخط تي هريل هئا سي ان ساڳئي رسم الخط ۾ پيا لکندا هئا. پر سنڌ جي اڪثر عالمن جهڙوڪ: مخدوم ضياء الدين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله ۽ ٻين عالمن پنهنجن پنهنجن مدرسن ۾ نسخ رسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الحظ اختيار ڪيو. اچ بہ انهن جون "سنڌيون" انهيءَ دعويٰ جو دليل آهن تہ ڪلهوڙن جي دور (1700 – 1782ع) جي شروعات واري زماني ۾ بہ سنڌي سرڪاري طور يا عوام جي پسند موجب مدرسن ۾ ذريعہ تعليم طور استعمال ٿيندي هئي. انهن مدرسن ۾ سنڌي زبان جي صورتخطيءَ وارو مسئلو هيڪر حل ٿي ويو هو. هن ڪان پوءِ مدرسن ۾ ڪم ايندڙ نصابي ڪتاب گھڻو ڪري هن رسم الخط ۾ لکجڻ لڳا. ڪلهوڙن جي دور ۾ لکيل درسي ڪتاب ۽ ٻين موضوعن تي موجود قلمي نسخا گھڻو ڪري نسخ رسم الخط ۾ ملن ٿا. پر ان جي باوجود نستعليق خط لکڻ جو رواج بہ عام هو. هن دور ۾ جيڪي سنڌي ڪتاب مدرسن ۾ درس و تدريس ۾ ڪم ايندا هئا، انهن مان ڪن جا نالا هي آهن:

| ڪتاب جو نالو | مصنف جو نالو |
|---|---|
| مقدمة الصلواة | مخدوم ابوالحسن |
| چو علمي | ايضاً |
| مخدوم ضياءَ الدين جي سنڌي | مخدوم ضياءَالدين |
| فرائض الاسلام | مخدوم محمد هاشم ٺٽوي |
| وصيت نامه | ايضاً |
| ذبح شڪار عرف راحة المومنين | ايضاً |
| زادالفقير | ايضاً |
| مطلوب المومنين | مخدوم عبدالخالق ٺٽوي |
| ڪنزالعبرت (2 جلد) | مخدوم عبدالله نريي وارو |
| بدرالمنير | ايضاً |
| نورالابصار | ايضاً |
| هفت بهشت | ايضاً |
| قمرالمنير | ايضاً |
| ستگ نامو | ايضاً |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مخدوم محمد ابراهيم جي سنڌي　　　مخدوم محمد ابراهيم ٽِني

## هالائي

ٽالپرن جي دور ۾ بہ مدرسن ۾ تعليم، عربيءَ سان گڏ، سنڌي زبان ۾ پڻ ڏني ويندي هئي. اعليٰ تعليم لاءِ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم جو رواج هو. ان وقت سنڌي ٻوليءَ جو نصاب هن ريت هوندو هو[1]:

"مڪتب ۾ پهرئين سال کان پوءِ جڏهن ٻار لکڻ ۽ پڙهڻ شروع ڪندو هو، تڏهن هن کي پهرين پهرين قرآن شر [illegible] سواءِ معنيٰ جي) سيکاريو ويندو هو. هن عمر ۾ ٻار جي تربيت اهستي آهستي ٿيندي هئي، جڏهن هو نون سالن جو ٿيندو هو، تڏهن هن کي مادري زبان يعني سنڌيءَ جي اڀياس لاءِ هڪ ڏاڪو اڳتي ٿپايو ويندو هو. ان لاءِ هيٺيون نصاب پڙهايو ويندو هو:

1. **نور نامو** – هي هڪ آسان ۽ مختصر منظوم ڪتاب آهي جنهن ۾ انسان ذات جي پيدائش کان اڳ جي تاريخ بيان ٿيل آهي. هي ڪتاب عبدالرحمان جو جوڙيل آهي. هن ۾ ڏار ڏار پيغمبرن جون ڳوٺيون ۽ اسلام جي پيغمبر ﷺ جن جي مختلف حديثن کي گڏ ڪيو ويو آهي.
2. **مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جون تصنيفون ۽ تفسير جي شروعات:** مخدوم صاحب جا ڪتاب جهڙوڪ فرائض الاسلام، وصيت نامو، ذبح شڪار عرف راحة المومنين، بياض هاشمي، تفسير تبارڪ، تفسير عم، زادالفقير، تهذيب الاصلاح، فتح الڪلام ۽ حيات القلوب.
3. **نظم ۽ نثر ۾ آکاڻيون** – جهڙوڪ: سيف الملوڪ ۽ ليليٰ مجنو وغيره سڀ کان اهم ڪتاب حڪايات الصالحين آهي، جيڪو

---

[1] Burton, R.F. Sind & Races that inhabit the valley of the Indus. 1851 P.89

www.sindhsalamat.com　books.sindhsalamat.com

عبدالحڪيم نالي ڪنهن عالم عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. هن ڪتاب ۾ جيڪي مضمون آيل آهن، اهي هي آهن: سوانح عمريون ۽ اسلامي دور جي مشهور درويشن جون چوٽيون وغيره.

4. لاڏائو – هن ڪتاب ۾ پاڻ سڳورن جي وفات جو بيان آهي. هي ڪتاب ميان حبيب الله جي ڪتاب "حبيب سيار" جو ترجمو آهي.

5. معراجنامو – هن ڪتاب ۾ نبي ڪريم ﷺ جن جي معراج تي وڃڻ واريءَ حقيقت جو ذڪر آهي.

6. سؤ مسئلا – هي هڪ ننڍو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪيئن عبدالحڪيم نالي هڪ فقير، روم جي بادشاه جي ڌيءَ سان، سؤ سوالن جي جواب ڏيڻ واري شرط ڪٽڻ ڪري، شادي ڪئي.

حاصل مطلب ته انگريزي راڄ جي شروعات کان اڳ، سنڌي زبان نه صرف تعليمي ۽ تدريسي زبان طور ڪم ايندي هئي، نه فقط مدرسن ۾ ذريعه تعليم طور ڪم ايندي هئي پر هن زبان ۾ تمام وڏا وڏا اديب، عالم ۽ شاعر موجود هئا جن پنهنجي ڪلام ذريعي، جن پنهنجن عالمانه شهپارن ذريعي، سنڌي زبان کي علمي ۽ ادبي زبان جي مقام ۽ معيار تي پهچائي ڇڏيو هو. انهن ۾ سچل سرمست، ميان سرفراز خان، ثابت علي شاهه، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي، سامي، دلپت ۽ روحل جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا. نه فقط ايترو پر سنڌي زبان رومزه جي وهنوار کان سواءِ واپاري ڏيتي ليتيءَ واري لکت جو ذريعو پڻ هئي. خواجه، ميمڻ ۽ هندو واپاري هن زبان کي پنهنجي پنهنجي رسم الخط جي مدد سان واپاري لکپڙهه ۽ ڏي – وٺ ۾ روزانو ڪم آڻيندا هئا.

سنڌي زبان جي مٿي بيان ڪيل خوبين ۽ مقام کي انگريز حڪمرانن پڻ قبول ڪيو ۽ هن زبان کي سنڌ صوبي جي سرڪاري، علمي، ادبي ۽ ڪورٽ جي ڪاروبار لاءِ استعمال ڪرڻ جو درجو ڏنو. 1848ع ۾ بمبئي صوبي جي گورنر سرجارج ڪلرڪ هڪ حڪم نامو ڪڍيو، جنهن ۾

ڄاڻايو ويو هو ته سنڌي ٻوليءَ کي دفتري ۽ سرڪاري ٻولي بنايو وڃي[1].
هن حڪم نامي ۾ ڄاڻايل هو:

"اسان کي ملڪي ٻوليءَ (سنڌي) کي دفتري ٻولي بنائڻ گهرجي. مون کي خبر نه پئي پوي ته اسان جا روينيو ۽ عدالتي کاتن جا عملدار، فارسي ۽ انگريزيءَ جهڙين غير ملڪي ٻولين ذريعي ڪيئن ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري سگهندا هوندا. انهيءَ سلسلي ۾ سيني سول ڪامورن کي ارڙهن مهينن جو مدو ڏنو وڃي، جنهن ۾ هو سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان پاس ڪن. اهڙن ڪامورن کي ليفٽيننٽ اسٽئڪ جي ڊڪشنري وڏي مدد ڏيئي سگهي ٿي، جنهن جي ڇپائڻ جي هُن کي اجازت ڏني وڃي[2]."

انگريزي دور ۾ سنڌي زبان لاءِ سرڪاري طور هڪ صورتخطي مقرر ٿيڻ ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي وڏو فائدو رسيو. سنڌ ۾ ڇاپخانا نڪتا، جنهن ڪري سنڌي زبان ۾ رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب گهڻي تعداد ۾ ڇپجي ظـ ـر ٿيا. جن ۾ نثر توڙي نظم جي گهڻو ڪري هر صنف اچي ٿي وئي.

هن دور ۾ سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ عالمن، دنيا جي بهترين تصنيفن ۽ اعليٰ معيار وارن مصنفن کي، سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪيو. هنن انگريزيءَ، فرينچ، جرمن، روسيءَ، عربي، فارسي، ترڪيءَ، هنديءَ، بنگاليءَ، سنسڪرت، گجراتيءَ، اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ لکيل اعليٰ پايه جا ڪتاب، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا. انهن ۾ مهاڀارت، راماين، گيتا، انجيل،

---

[1] Aitken. E.H. Gazetteer of the Province of Sindh. Karachi. Mercantile Steam Press. 1907. P. 472.

[2] James. C. Melvill. Scinde. a copy of a report of Sir George Clerk. Governor of Bombay. 1848. Administration of Scinde. East India House 1854. P. 15. Paras 68 and 69. under the heading Sir George Clerks; minutes on Scinde.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبور، توريت ۽ قرآن پاڪ جھڙن ديني، ڌرمي ۽ مقدس ڪتابن کي سنڌي زبان جو ويس ورنايو. دنيا جي مشهور مفڪرن، اديبن ۽ عالمن جھڙوڪ ٽالسٽاءِ، رومي، ڪاليداس، ٽئگور، حافظ شيرازي، خليل جبران، سعدي، خيام، شيڪسپيئر، ڊانٽي، والٽر اسڪاٽ، ڪانن ڊائيل، ڊڪنس، ڪارلائل، ابسن، بيڪن، ميڪاولي ۽ ٻين عظيم مغربي ۽ مشرقي دانشورن، اديبن، عالمن، فاضلن جا فلسفيانہ خيال ۽ ويچار، ۽ ناول نويسن ۽ ڊرامانگارن جا ناول ۽ ڊراما، افسانہ نگارن جا افسانا ۽ ٻين طرح مضمون، شعر ۽ ٻيو مواد سنڌيءَ ۾ آندو ويو. اهڙيءَ طرح پيغمبر ﷺ اسلام کان وٺي حضرت عيسيٰ عليه السلام، حضرت موسيٰ عليه السلام، حضرت ابراهيم عليه السلام توڙي ٻين پيغمبرن کان سواءِ خلفاءِ راشدين، امامن، اصحابن، ولين ۽ درويشن جا احوال بہ سنڌي زبان ۾ ڇپايا ويا. مطلب تہ سنڌي نثر ۾ شري ڪرشن، شري رامچندر، مهاتما گوتم ٻڌ، گرو ناڪ، ڪبير، ميرا ٻائي، ابن خلدون، بو علي سينا، امام غزالي، توڙي ٻين فيلسوفن، حڪيمن، عالمن ۽ سالڪن جي حياتين جا ڪارناما پڻ ڇپايا ويا آهن.

حاصل مطلب تہ انگريزي دور ۾ دنيا جي مشهور ٻولين ۽ نامور اديبن ۽ شاعرن جون نامور تصنيفون سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جو حصو بڻجي ويئون.

آزاديءَ کان پوءِ تہ سنڌي زبان ۾ هيڪاري وڌيڪ ترقي آئي آهي، ۽ موجوده وقت جي ادب کي ڏسندي لئين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي دنيا جي ڪنهن بہ ترقي يافتہ ٻوليءَ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي سگهي ٿي. هن زبان ۾ هرقسم، هر مضمون ۽ هر موضوع تي مواد ميسر آهي. ٻوليءَ ۾ وسعت سبب اُن جي شاعرن، اديبن، عالمن ۽ فاضلن ان کي موجوده وقت هر علم ۽ فن ۾ پنهنجي اظهار جو وسيلو بنايو آهي. موجوده وقت دنيا جي بين الاقوامي مسئلن کي بہ سنڌي زبان

۾ پيش ڪيو ويو آهي. سنڌي شاعرن جو ڪلام، سنڌي ناول ۽ افسانا، ايشيا، يورپ، آفريڪا ۽ آمريڪا جي سڌريل ٻولين جهڙوڪ: انگريزي، جرمن، اطالوي، روسي، چيني، هندي ۽ اردو وغيره ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن.

هلندڙ دور ۾ شاعرن ۽ اديبن مختلف موضوعن ۽ مضمونن آهر سنڌيءَ ۾ نوان نوان لفظ گهڙيا ۽ جوڙيا آهن. مختلف شعبن ۾ ماهرن فني اطلاعن کي سنڌي ويس وٺايو آهي. زراعت، اقتصاديات، علم طبعي، علم ڪيميا، علم ارضيات، علم الانسان توڙي اهڙن ٻين مضمونن جا فني اصطلاح سنڌي ٻوليءَ جو روپ وٺي چڪا آهن.

انهن سڀني خوبين ۽ خصوصيتن جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جو ماضي شاندار، حال ترقي پذير ۽ مستقبل وڏيڪ روشن نظر اچي ٿو. هن سلسلي ۾ پير علي محمد شاهه راشديءَ جي راءِ تجربي واري ۽ معلوماتي آهي. پير صاحب لکي ٿو:

”سنڌيءَ ۾ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم اهڙي زور شور سان، اسان جي ڏسندي ڏسندي شروع ٿيو ۽ جيڪي ڪجهه اڄ تائين ٿي چڪو آهي، سو حيرت ۾ وجهندڙ آهي. جيتري قدر منهنجو خيال آهي ته آزاد پاڪستان اندر جيترو علمي ۽ ادبي ڪم سنڌي ٻوليءَ ۾ ٿيو آهي، اوترو ٻيءَ ڪنهن ٻه مقامي زبان ۾ ڪونه ٿيو آهي. زيور هرڪا پائي پر ڪا زيور نمڪائي ٻه ته ڏيکاري! سنڌي اهل قلم حضرات بلڪل ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي. خدا کين نظر بد کان بچائي ۽ سندن هستيون بلند ڪري. هنن ملڪ جي وڏي علمي خدمت ڪئي آهي. جڏهن ميان محمد حنيف صديقي

يا ڊاڪٽر دائودپوٽو يا آءِ ڏڪا ٽاپا کائيندا، ڪتاب ڳولهيندا، ڳنهندا، ڇپائيندا، اوڌر تي وٺندا پئي وياسين، تڏهن اسان کي هي خواب خيال بہ ڪونہ هو تہ اسان جن پنهنجن مان ڪو اهڙو نسل پيدا ٿيندو جو سمورو اباڻو، لساني ورثو ۽ خزانو ڳولهي ڦولهي، هٿ ڪري، هميشہ لاءِ محفوظ ڪري وٺندو. اسان جي ابتدائي ڏينهن ۾ اڪثر ماڻهن کي ناٽڪي ڳانن جو شوق هوندو هو. ڪنهن کي اها اميد هئي تہ اهي ساڳيا ماڻهو، چچ نامو، معصومي، طاهري، تحفة الڪرام، بيگلار نامو ۽ مڪلي نامو، وغيره جهڙن خشڪ ڪتابن ڏانهن مڙي پوندا، يا پنهنجن زنده جاويد املهہ ماڻڪ شاعرن کي ڳولهي، انهن جي ٻولي ٻولڻ لڳندا؟. شاعرن جو ذڪر ڇڙيو آهي تہ منهنجي هيءَ ڳالهہ ٻڌي ڇڏيو تہ مان هن زماني ۾ اهڙا شاعر بہ ڏسان ٿو، جن جو ڪلام ڪنهن ڏينهن سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام سان ڪلهو ڳسائيندو نظر ايندو.“

سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ۽ اهيمت کي سمجهي، جيئن انگريز اديبن، انگريز حڪومت جي ابتدائي دور کان وٺي، ان کي پڙهڻ، ان تي تحقيق ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرائڻ شروع ڪئي، تيئن آزاديءَ کان اڳ يا ان کان پوءِ امريڪا، يورپ ۽ روس جي عالمن، اديبن ۽ محققن، جديد علم جي روشنيءَ ۾، ان جو مطالعو ڪرڻ شروع ڪيو. برطانيہ جي لنڊن يونيورسٽيءَ جي اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز، فرانس جي

پئرس واري سوربو يونيورسٽيءَ، امريڪا جي پينسلوانيا، ٽيڪساس ۽ هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ۽ اُن کان پوءِ فنلئنڊ جي شهر هيلسنڪيءَ ۾ سنڌي زبان تي لسانيات جي جديد علم جا ماهر تحقيق ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ طرح جرمنيءَ جي بان (Bon) يونيورسٽيءَ جي مشهور ماهر، فاضل ڊاڪٽر ائنيمري شمل نہ صرف سنڌي زبان تي مهارت رکندي هئي، پر هن لطيف ۽ سچل تي بيشمار مقالا ۽ ڪتاب لکيا. اهڙيءَ طرح اٽليءَ ۾ ڊاڪٽر تربياني، ماسڪو ۾ رايا ايگوراوا ۽ پروفيسر گنڪو وسڪي، سنڌي زبان جا ماهر ليکجن ٿا. اهي حقيقتون ۽ نقطا ثابت ٿا ڪن تہ سنڌي زبان جي علمي، ادبي ۽ لسانياتي حيثيت دنيا ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري چڪي آهي، ۽ هن زبان جو مستقبل گهڻو روشن آهي. هن ڳالهہ لاءِ هي بہ بيان ڪرڻ ضروري آهي تہ سنڌي زبان جي تخليقي ۽ تحقيقي ادب ۾ غير ملڪي اديبن ۽ ماهرن پڻ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي آهي. بان، لنڊن، واشنگٽن، هونولولو، هارورڊ، ماسڪو، ٽوڪيو، بيجينگ، فرئنڪ فرٽ، هيلسنڪي وغيره ۾ انهن ملڪن ۽ شهرن جي اديبن ۽ شاعرن سنڌي زبان ۾ لکيل افسانن ۽ شاعري جو ترجمو ڪيو آهي.

موجوده دور جو افسانو، ناول، ڊرامو، مضمون، گيت توڙي نظم، دوها، وائيون، ڪافيون ۽ غزل سنڌ ۽ سنڌي زبان جي روشن مستقبل جي بشارت ڏين ٿا. موجوده دؤر ۾ لکيل ادبي صنفون انگريزي، فرينچ، جرمن ۽ يورپ جي ٻين ترقي يافتہ زبانن ۾ لکيل صنفن وانگر معياري آهن. انهيءَ ڪري ايندڙ زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي روشن مستقبل لاءِ وڏيون اميدون رکي سگهجن ٿيون.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پنهجي ڌرتيءَ جون، پنهنجن بزرگن، نيڪ مردن، سياڻن ۽ سروبچن، اديبن ۽ عالمن، اُنهن جي سوچ ۽ ساڃاهہ جون، سندن آسن ۽ اُميدن، سندن اُمنگن ۽ جذبن، سندن ڪوشش ۽ ڪاوشن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڳالهيون بيان ٿيل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾، سنڌ شناسيءَ جي سلسلي ۾ سوين مضمون، مقالا ۽ نوان ڪتابڙا ۽ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. انهن سنڌي ادب ۾ مختلف صنفن ۾ نون موضوعن ۽ مضمونن، بلند تخيل، ٻوليءَ ۾ پختگي، لفظن جي فراواني ۽ وسعت آهي. اڄ جو نثر توڙي نظم دلپسند آهي. اڄ جو پڙهندڙ اُنهن ۾ پنهنجي پسند ۽ پنهنجي دور ۽ ماحول جون ڳالهيون ڏسي ٿو . هر پڙهندڙ اڄ جي ادب ۾ بيان ڪيل موضوع يا مضمون، ڇيڙيل ڳالهين ۽ نڪتن کي پنهنجون ڳالهيون ۽ پنهنجا نڪتا، پنهنجي دور جون ڳالهيون ۽ حقيقتون، پنهنجي ماحول ۽ سماج جون ڳالهيون، پنهنجن سهيوڳين ۽ همعصر ماڻهن جون ڳالهيون سمجهي، گهڻي چاهه سان انهن کي پڙهي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هر طبقي ۾ هاڻ سنڌي زبان ۾ ڇپيل مواد جي مطالعي جو شوق وڌيل آهي.

هن زبان ۾ وقت جي گهرجن ۽ ضرورتن کي سامهون رکندي، سماجي علمن ۽ ٻين موضوعن طرف ڌيان ڏنو ويو آهي. هن سلسلي ۾ علم اقتصاديات، علم سياسيات، علم تاريخ، علم سماجيات ۽ ٻين علمن تي اصلوڪن ڪتابن لکڻ ۽ ٻين زبانن ۾ ڇپيل معياري ڪتابن جي ترجمي جو ڪم جاري آهي.

سنڌ جي تاريخ تي بهترين ڪم ٿيو آهي ۽ اجا بہ ٿي رهيو آهي. ڪيترائي اعليٰ معيار وارا تاريخي مقالا ۽ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. ٻين سائنسي علمن کان سواءِ لسانيات جي علم تي بہ اطمينان بخش ڪم ٿيو آهي.

حاصل مطلب تہ هن وقت تائين سنڌي زبان پنهنجو اعليٰ مقام حاصل ڪري چڪي آهي. هن ٻوليءَ ۾ نظم توڙي نثر ۾ گهڻو ڪري هر موضوع ۽ مضمون تي لکيو ويو آهي. منجهس هرقسم جو مواد ملي ٿو. غزل، ڪافيون، نظم، گيت، وائيون، دوها ۽ بيتن کان سواءِ افسانا، ناول، ڊراما، قصا، ڪهاڻيون، سائنسي علوم، حڪمت، فلسفي، تاريخ جا جلد،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شلوڪ ۽ معرفت جا بيان، لغت ۽ لسانيات، انشاءَ پردازيءَ جا شاهڪار، واپاري قبوليتون، قانوني دستاويز، هنر ۽ حرفت، تعليم ۽ تربيت، تحقيق ۽ معلومات جا تفصيل. مطلب ته موجوده وقت سنڌي زبان ۾ هرصنف تي مواد موجود آهي ۽ هر صنف تي لکي سگهجي ٿو ۽ هر صنف تي لکجي رهيو آهي.

هن زبان ۾ جديد ادب جي روشنيءَ ۾ ماحول ۽ معاشري جو گهرو مطالعو پيش ڪيو ويو آهي. اديبن ۽ شاعرن حقيقت پسندانه انداز ۾ معاشري جو اونهو احساس ڪري، حالات جي ترجماني ڪئي آهي. سنڌ، سنڌي زبان، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت سان جيڪي زيادتيون ٿيون آهن، انهن جي رد عمل ۾ وطن دوستي، سنڌي زبان ۽ ادب جي تحفظ ۽ بچاءُ جو جيڪو جذبو پيدا ٿيو، تن اديبن ۽ شاعرن کي متاثر ڪيو، هنن ان سلسلي ۾ گهڻو ئي ڪجهه لکيو ويو آهي، جيڪو سڀ ڪجهه سنڌي ٻوليءَ جي موجوده ادب ۾ ملي ٿو.

سنڌي اديبن ۽ شاعرن پرڏيهي صنفن کان سواءِ سنڌ کان ٻاهر پاڪستان جي ٻين صوبن جي لوڪ ادب وارين صنفن تي سنڌي زبان ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. ڪلاسيڪي ادب ۾ وائي، ڪافي، دوهي ۽ سورٺي جو نه فقط موضوع ۽ مضمون بدلايو ويو آهي، پر انهن صنفن جي 'سٽاءُ' تي نوان تجربا ڪيا ويا آهن ۽ انهن ۾ عروضي بحر ۽ وزن کي ملائي، نئيون هيئتون پيدا ڪيون آهن[1]. غزل جو فارسيءَ وارو ڪلاسيڪي رنگ، لب ۽ لهجو ۽ ماحول مٽائي، ان کي ٺيٺ سنڌي ماحول ۽ اسلوب ڏنو ويو آهي[2]. هر صنف ۾ صنعت ترصيع ۽ صنعت مقفيٰ موجب، لفظن جو ترنم ۽ موسيقيت آندي وئي آهي.[3]

---

① تنوير عباسي: مقالو. ادبي اوسر. مرتب غلام علي الانا ۽ زيب شيخ. زيب ادبي مرڪز. حيدرآباد.
② عبدالجبار جوڻيجو. ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ. حيدرآباد. زيب ادبي مرڪز. 1983ع. ص 272.
③ ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجوده سنڌي أدب ۾، شاعريءَ جي مزاج ۾ فرق آندو ويو آهي. ٻوليءَ ۾ رس ڀريا لفظ ڪم آڻي، ان ۾ نفاست، نزاڪت، نرملتا، ڪوملتا، رس، ڀاو، لذت ۽ لَي پيدا ڪئي وئي آهي. مه جبين، مه لقا ۽ ماه وش جهڙن اوپرن ۽ اُڌارن لفظن جي بدران منڙا، بانورا، سانورا ۽ سائين جهڙا لفظ ڪم آندا ويا آهن، جن ۾ پنهنجائپ وڌيڪ اهي. شاهه ڪريم، شاهه لطيف ۽ مخدوم نوح وانگر موجوده دور جي شاعرن بہ تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين لاءِ مقامي ٻولي مقامي ماحول ۽ رنگ وارا لفظ ڪم آندا آهن، جنهن ڪري سندن ٻولي وڌيڪ رس ڀري لڳي ٿي. مثال طور لطيف جو هي بيت ڏسو:

سـرلـوهـيـڙا ڳـيـيـا، ڪُـسـرَ نـسـريـا،

آن ڪيـئـن وسريا، ڍوليا ڏينهن اچڻ جا.

يا مخدوم نوح جو هي بيت:

پيئي جا پريات سا ماڪ نہ پانيو ماڻهوئا،

روئي چـوي رات، ڏکـي ڏکـويـن کـي.

موجوده شاعرن پڻ مقامي ماحول ۽ منظر جي عڪاسي ديسي لفظن ذريعي هن ريت ڪئي آهي:

ڦٽڻ لڳي آ مهندي منڙا، نمن جهليو آ ٻور

ڪيسين رهندين دور

يا:

او سانوري

او بانوري

سانوڻ جي ڪڪري هيڪلي

ڪـِ خـبـرچـو ٿـي روئين

چو ٿي روئين ڇاجي ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ صرف موضوعن جي لحاظ کان سنڌي زبان، سنڌي ادب ماندار ۽ مايدار نظر اچي ٿو، پر ادبي صنفن ۽ انهن لاءِ مناسب فن ۽ ٽيڪنڪ جي لحاظ کان بہ سنڌي زبان پنهنجو مقام حاصل ڪري چڪي آهي. اُسلوب بيان، ماحول جو مطالعو، حقيقت نگاري، منظرن جي عڪاسي، ٻوليءَ جو استعمال ۽ اهڙيون ٻيون خوبيون سنڌي زبان جي اعليٰ مقام ۽ معيار لاءِ پختا دليل آهن. هن سلسلي ۾ سيد حسام الدين راشديءَ بلڪل درست لکيو آهي تہ:

”سنڌ جو فڪر، سنڌ جي تعليم ۽ سنڌي ذهن جي جيڪڏهن تلاش ۽ تحقيق ڪرڻي هجي تہ اها غزل گو شاعرن جي ديوانن مان نٿي ڪري سگهجي، بلڪ ڪافين، ڏوهڙن ۽ ٻين ٺيٺ سنڌي صنفن جي ڪاڻ مان، مٽين ۽ هيرن کي ڪڍي، پروڙي ۽ پرکي سگهجي ٿو.

سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن، هر دور ۾ ان دور جي مسئلن، طبقاتي ظلمن ۽ سماجي بيرحمين کان متاثر ٿي، ان لاءِ جدوجهد ڪئي آهي. هر دور جو ادب زماني جي سنڌ جي چشم ديد ۽ حقيقت پري تاريخ آهي. هر دور جو ادب بامقصد ادب آهي.

سنڌ جي جديد شاعرن نہ فقط سنڌي شعر کي بامقصد بنايو آهي، ليڪن زبان کي جيڪي ڏاج ۽ ڏيوڻ ڏنا اٿن، سي پڻ اچرج ۾ وجهندڙ آهن“.[1]

حاصل مطلب تہ سنڌي زبان موجوده وقت تعليم ۽ تدريس، علم ۽ ادب، نشر و اشاعت، اخبار، ريڊيو، ٽي - وي، فلم ۽ ٻين ذريعن لاءِ بہ بهترين طور ڪم اچي رهي آهي، ۽ اُن لاءِ بهترين صلاحيتون رکي ٿي. هيءَ زبان هن وقت وسيع، مالدار، شاهوڪار، لغوي خزاني سان ڀرپور ٻولي آهي، جنهن ۾ ترقي يافتہ ٻولين وانگر گهڻو ئي خزانو موجود آهي. هن ۾ هڪ شاهوڪار، سرمايدار ۽ مايدار ٻوليءَ وانگر لغت جو اٿاهہ خزانو آهي.

[1] سيد حسام الدين راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون. ڪراچي. حيدرآباد. انجمن تاريخ سنڌ. 1981ع. ص ص 676 ۽ 679.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ۾ هڪ لفظ لاءِ، ساڳي معنيٰ رکندڙ ڪيترائي لفظ ۽ هڪ لفظ جون ڪيتريون ئي معنائون رکندڙ لفظ ميسر آهن. هيءَ زبان تحرير توڙي تقرير لاءِ، روزمره جي ڪاروبار ۽ واپاري ڏيتي ليتيءَ لاءِ، انشاءَ پردازي، اشاعت ۽ ابلاغ جي ذريعن لاءِ، تعليم ۽ تدريس لاءِ ۽ علم ادب لاءِ هڪ معياري زبان طور ڪم اچي رهي آهي. مطلب ته سنڌي ٻولي هاڻ دنيا جي ترقي يافته زبانن جهڙي حيثيت ۽ مقام حاصل ڪري چڪي آهي. هن وقت هن ٻوليءَ جي اديبن، شاعرن، ليکڪن، مقررن ۽ مترجمن وٽ نئون ذهن، نوان خيال، نوان جذبا، نوان امنگ، نوان لاڙا ۽ ٻوليءَ جو اڻ کٽ خزانو موجود آهي، جيڪو هن زبان جي شاندار مستقبل جي ضمانت ڏئي ٿو.

4_ سنڌي زبان جو مستقبل ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزون:

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته سنڌي زبان جو مستقبل روشن آهي: جيڪي ڪجهه ماضيءَ ۾ ٿيو آهي، يا جيڪي ڪجهه حال ۾ ڪيو ويو آهي، ان جو جڏهن پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين شاهه راشدي، ڪاڪي ڀيرومل، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مرزا قليچ بيگ ۽ علامه آءِ آءِ قاضيءَ جي تنقيد ۽ تجزين جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪجي ٿو تڏهن محسوس ٿو ٿئي ته سنڌي زبان جو آئيندو گهڻو بهتر نظر اچي ٿو. ان سلسلي ۾ علامه آءِ آءِ قاضي صاحب فرمايو هو ته:

”سنڌي زبان جي بقا جو هڪ مؤثر طريقو هي آهي ته سنڌين ۾ قوت فڪر پيدا ٿئي، جيئن اهي نئين خيال ۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلم بند ڪن، ائين ڪرڻ سان زبان جي زندگي ۽ بقا جو سوال پاڻ ئي حل ٿي سگهي ٿو.“

سيد حسام الدين شاهه راشدي، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۽ ان جي ترقيءَ لاءِ تجويزون ڏيندي لکيو آهي ته:

”شعر، افسانيءَ ڊرامي کان سواءِ ٻيا بہ اهم موضوع آهن، جن تي نئين نسل کي فوري توجهہ ڏيڻ کپي. ڪابہ قوم فقط شعر، افسانيءَ ڊرامي جي سهاري جيئري رهي نہ سگهندي. سنڌ جي تاريخ بہ هڪ اهم موضوع آهي، جيڪو هن وقت تائين اڪين کان تريل رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ طرف ڌيان ڏيڻ سان، سنڌن ادبي تخليقات ۾ نئون رنگ ۽ رس پرجي ويندو، نوان موضوع ملندا ۽ نرالا عنوان قائم ٿيندا، ۽ پنهنجن خواهہ پروان جون اکيون کلي پونديون.

سيد صاحب اڳتي لکي ٿو:

هن جدوجهد ۽ هلوتاڻيءَ جي زماني ۾ اهائي قوم قائم رهي سگهندي جيڪا ترقي يافتہ قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي، هلڻ جي ڪوشش ڪندي. هن خطرناڪ ۽ عجيب دور ۾ اها قوم جيئري رهندي ۽ اهوئي ماڻهو آبرومند مقام حاصل ڪري سگهندو، جيڪو زماني جي رفتار سان ڳنڍوڳنڍ پنهنجي رفتار قائم رکندو ايندو“[1]

حقيقت ۾ ٻنهي بزرگن يعني علامہ آءِ آءِ قاضي ۽ سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ، جن ڳالهين ۽ اهم نقطن طرف اسان کي خبردار ڪيو آهي، تن تي فوراً ڌيان ڏيڻ جي ضروت آهي. سنڌ ۽ سنڌي زبان فقط افسانوي ادب جي گهڻي ۾ گهڻي مواد پيش ڪرڻ سان ترقي يافتہ زبانن جي دائري ۾ داخل ٿي نہ سگهندي. 1982ع ۾ مرزا مراد علي. سنڌ يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ هڪ سيمينار ۾ پڙهيل مقالي ۾ اسان سيني کي خبردار ڪيو هو. مرزا صاحب اهو چئلينج ڏنو هو تہ سنڌي زبان ۾ سائنسي علمن تي ڪوبہ ڪم نہ ٿيو آهي، ڪنهن بہ قسم جو اهڙو

---

[1] سيد حسام الدين راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون. ص 681

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مواد پيش نہ ٿيو آهي جنهن کي اسين سائنسي علمن واريءَ فئڪلٽيءَ ۾ شامل ڪري سگهون. مرزا صاحب اهو خدشو ظاهر ڪندي فرمايو هو تہ جيڪڏهن اسان جي عالمن، استادن ۽ ليکڪن جديد فني علمن جهڙوڪ انجنيئرنگ، اليڪٽرانڪ، ڪمپيوٽر، علم طبعي، علم ڪيميا، علم ارضيات، علم حياتيات، علم طب ۽ اهڙن ٻين علمن تي سنڌي زبان ۾ مواد پيش نہ ڪيو تہ سنڌي زبان اڳتي وڌي نہ سگهندي ۽ اسان فقط شاعري ۽ افسانوي ادب تي لکيل چند ڪتابن کي زبان جي ترقي سمجهي خوش فهميءَ ۾ رهجي ويندا سين. سنڌ ۾ سون جي تعداد ۾ سنڌيدان، انهن موضوعن جي استادن جي حيثيت ۾ ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ مقرر ٿيل آهن. اهو انهن سنڌيدان استادن جو فرض آهي تہ پنهنجي روزمره جي مشغولين مان ڪجهہ وقت هن طرف صرف ڪن ۽ مٿي بيان ڪيل علمن تي، سنڌي زبان ۾ مقالا، مضمون ۽ ڪتاب لکن.

سنڌي زبان جي ترقيءَ لاءِ ضروري آهي تہ هر فن جو ڄاڻو پنهنجي پنهنجي موضوع تي سنڌيءَ ۾ ڪتاب لکي. هن سلسلي ۾ لائبريري سائنس جي استادن جو فرض آهي تہ سنڌي زبان ۾ هر موضوع تي documentation واريون رپورٽون ۽ تفصيل تيار ڪرائين. اديبن ۽ شاعرن جي ڪلام جون ڊڪشنريون ۽ concordance تيار ڪرائين.

سنڌي زبان ۾ تحقيق لاءِ سنڌ يونيورسٽي ۽، ڪراچي يونيورسٽيءَ ۽ شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبن کي مالي مدد ڏني وڃي. سنڌي زبان ۾ ٻارن جي ادب جي فروغ لاءِ جتن ڪيا وڃن. ان کان سواءِ سنڌي زبان ۾ ديني ادب جي ترقيءَ لاءِ ڪو ادارو قائم ڪيو وڃي. هي ادارو نہ فقط نوان ڪتاب تيار ڪرائي ڇپائي، پر اڳ ڇپايل ناياب ڪتابن کي ٻيهر ڇپرائڻ جو بندوبست ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائنسي علمن تي سنڌي زبان ۾ مواد مهيا ڪرڻ لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ تحقيقي ادارو قائم ڪيو وڃي. سائنس جي موضوعن تي سائنس جي اُستادن کي ڪتاب لکڻ ۽ تحقيق ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي.

انهن تجويزن تي عمل ڪرڻ سان سنڌي زبان جي ترقي ۽ فروغ لاءِ نوان دروازا کلي پوندا آهن ۽ هيءَ زبان ترقي ڪري ٻين ترقي يافته زبانن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهي سگهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي


سنڌي ڪتاب:

1. الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 978 ع
2. تنوير عباسي: مقالو، جديد سنڌي ادب، ادبي اوسر ۾ ڇپيل
3. رسول بخش پليجو: سنڌي ذات هنجن، حيدرآباد، 1983 ع
4. سيد حسام الدين شاهه راشدي: ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، ڪراچي – حيدرآباد، انجمن تاريخ سنڌ، 1981 ع
5. عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي ادب جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1983 ع
6. الانا غلام علي ، ڊاڪٽر: مقالو، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جا تجربا، اُبتي ٻولي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو مزاج، سماهي مهراڻ
7. محمد ابراهيم جويو: مهاڳ، سنڌي ذات هنجن، 1983 ع
8. مولائي شيدائي: جنت السنڌ، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1958 ع
9. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: شاهه لطف الله قادريءَ جو رسالو ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1970

sعربي ڪتاب:

علام عبدالڪريم بن محمد سمعاني: الانساب، ليدن 1912 ع

انگريزي ڪتاب:

1. Aitken, E.H., *Gazetteer of the Province of Sind*, Karachi, Mercantile Steam Press, 1907.
2. Burton, R.F., Sind and Races that inhabit the valley of the Indus, 1851.
3. Delacy, O' Leary, *A Short History of the Fatmid Caliphate*, London, Kegan Paul, Trench & Trbner & Co., 1923.
4. Elliot, H. History of Sindh, vol. 1
5. James, C. Melvill, *Scinde*, a copy of a report of Sir George Clerk, Governor of Bombay, 1848, Administration Sinde, East India House, 1854.
6. Sorley, *H.T. ,Shah Abdul Lateef of Bhit.*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ستون

- رسم الخط جي ابتدا ۽ اوسر ۽
  قديم سنڌ جو رسم الخط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رسم الخط جي ابتدا ۽ اوسر ۽ سنڌ جو قديم رسم الخط

هن کان اڳ وارن صفحن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌي ٻولي اينتري ئي قديم آهي، جيترو خود سنڌي سماج ۽ سنڌ جو معاشرو. ان جي مقابلي ۾ تحرير جي تاريخ تڏهن کان شروع ٿئي ٿي، جڏهن کان انسان لکڻ جو فن سکيو ۽ لکڻ شروع ڪيائين. پر اهو چوڻ ضروري آهي تہ تحرير جو فن، ٻوليءَ جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، گهڻو دير سان شروع ٿيو هوندو.

## 1. رسم الخط جي ابتدا:

دنيا ۾ تحرير جو فن ڪڏهن وجود ۾ آيو، ڪيئن وجود ۾ آيو، ان لاءِ ماهرن پنهنجا پنهنجا رايا ڏنا آهن. عربي لسانيت جي، حيدرآباد سنڌ جي مشهور ماهر، پروفيسر طاهر عليءَ جو رايو آهي تہ:

”رسم الخط جا اصل موجد اهل مصر ئي آهن. جنهن کي اهل فنيشيا، چندي چاٽي، سڌي رستي تي آندو.“①

مصر وارا جيئن تہ جانورن جي پوڄا ڪندا هئا، انهيءَ ڪري انهن حيوانن جي تصويرن کي اظهار جو ذريعو بنايو. ڪن هنڌن تي جتي جانورن سان ڪم نٿي هلي سگهيو، اتي اهڙين شين جي تصويرن کي پڻ اختيار ڪيو ويو، جيڪي عام طرح سان ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. اهڙيءَ

① طاهر علي واءِ ايس. پروفيسر: ”رسم الخط جي تاريخ“. مقالو. سماهي مهراڻ، 3_4، حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. 1966ع. ص 99

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرح هنن مڪمل الف ـ بي بنائي، انهيءَ جو نالو ”مقدس حروف“ رکيائون. انهن ئي، انهيءَ ”مقدس حروف“ کي يوناني زبان ۾ ”هيرا گلفي“ سڏيو.

هيرا گلفڪ خط ۾ جيئن تہ تصويرون ئي تصويرون هيون، ۽ ان جو جلد سهولت سان لکڻ بہ ممڪن نہ هو، تنهن ڪري ان جا ٻہ قسم ڪيا ويا: هڪ ”هيراٽڪ“ رسم الخط، جو صرف مذهبي ڪمن لاءِ مخصوص هو. ۽ ٻيو ”ڊيماٽڪ“، جو عام ڪمن لاءِ استعمال ٿيندو هو. ”هيراٽڪ“ ۽ ”ڊيماٽڪ“ حروف، معنيٰ جي لحاظ کان ٻن قسمن جا هئا. هڪڙا ’آئڊيو گرافڪ‘ (ideographic) ۽ ٻيا ’فونڪ‘ (phonic). اڳتي هلي ’آئڊيو گرافڪ‘ حرفن جو. هڪ حصو اهڙي قسم جي تصوير نما حرفن تي مشتمل هو، جيڪي جسم جون هوبهو اهي ئي شيون معلوم ٿي سگهيون ٿي، مثلاً تارا ☼ وغيره ٻئي حصي ۾ اهڙي قسم جا نشان رکيا ويا، جن مان صرف مشابهت جو اظهار مقصود ٿي سگهيو ٿي. مثلاً ☼ نشان مان مطلب رات ورتائون ٿي، يعني آسمان ۽ ان جي هيٺان تارو، ڇاڪاڻ تہ تارو آسمان ۾ رات جو ئي نظر ايندو آهي.

سڀ کان اول جن ماڻهن مصري حرفن کي سکيو ۽ انهن ۾ ڦيرڦار ڪئي، اهي اهلِ فنيشيا ئي هئا، ڇاڪاڻ تہ هيءَ قوم مصرين سان تجارتي تعلقات رکندي هئي، تنهن ڪري هي قومون هڪٻئي جي تمدن ۽ تهذيب کان واقف ٿي چڪيون هيون. هنن ئي ان کي اختيار ڪري، ان ۾ ڦيرڦار آندي.

حضرت عيسيٰ عليه السلام کان تقريباً ڏيڍ سو سال اڳ، اهي حروف اهل ارم کان، عبرانين ورتا. هن خط جون ٻہ شاخون ٿيون: هڪ مشرقي ۽

ٻي مغربي. مشرقي شاخ جون ٻه وڏيڪ شاخون ٿيون: هڪ عرب پهتي ۽ ٻي ايران."[1]

هن ڏس ۾ پروفيسر محبوب علي چنا مرحوم جي ڪتاب جي اڳين صفحن ۾ دنيا جي مختلف رسم الخطن جي باري ۾ ذڪر ٿيل آهي. اها حقيقت آهي تہ ٻوليون انسان سان گڏ وجود ۾ آيون، ۽ تحرير جو هنر گهڻو دير سان وجود ۾ آيو.

سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ موجوده سنڌي ٻوليءَ لاءِ لکت جي ابتدا ڪڏهن ٿي ۽ ڪنهن ڪئي؟، يا سنڌي ٻوليءَ جي قديم ترين لکت، ڪهڙي قديم رسم الخط سان واسطو رکي ٿي؟ مرحوم چنا صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي 36 تي بيان ڪيو آهي تہ "هزارين سالن وارين حالتن پٽاندر، الف_ب جي جن پنجن مکيہ شاخن ترقيءَ جي راهہ ورتي، اهي هيون: (1) ڪنعاني (The Cananite)، (2) فنيقي (Phoenician)، (3) آرامي (The Aramaic)، (4) جنوبي سامي (The South Semitic) ۽ (5) يوناني (The Greek). مرحوم چنا صاحب انهن مان هرهڪ جو تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. پڙهندڙن جو ڌيان انهن پنجن ئي رسم الخطن مان، آرامي الف_ب ڏانهن ڇڪائجي ٿو، جنهن لاءِ مرحوم چنا صاحب صفحي 41 تي تفصيل سان بحث ڪيو آهي. سندس لفظن کي پڙهندڙن جي لاءِ هوبهو دهرائجي ٿو (ڏسو صفحو 41):

"آرامي (Aramaic) قوم، آرام ملڪ يا آراميا ۾ ساڪن هئي. هي ملڪ دمشق جي اُتر– اولهہ ۽ فلسطين جي اُتر ۽ اُتر_اوير ۾، يونوج سمنڊ کان وٺي ميسوپوٽيميا جي اڌ تي ڇانيل هو. آرامي قوم پنهنجي هم نسل متقدم قوم، 'فنيقيءَ' جي حروف تهجيءَ کي هئين سان لڳائي، ايشيا جي ٻين ٻولين ڏي منتقل ڪيو. اسرائيلين، آثوريتا (الف_ب) آرامين کان

---

[1] طاهر علي واءِ ايس، پروفيسر: "رسم الخط جي تاريخ"، مقالو، سماهي مهراڻ، 3_4، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع، ص 99

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇهين صديءَ ۽ چوٿين صدي ق – م جي دوران ورتي. ان کان اڳ اسرائيلي فنيقي الف – ب استعمال ڪندا هئا. جي – وائل (G. Weil) ۽ جي.ايس.ڪولن (G.S Colin) جي تحقيقات جو تت مرحوم محمد شفيع ڪديو آهي، ان ۾ هن طرح آيل آهي ته: هن ابجدي (alphabet) ترتيب جو ڪم از ڪم ڪنعاني الاصل (فنيقي) هئڻ يقيني آهي ۽ اها به حقيقت آهي ته عبراني ۽ آراميءَ جي حروف تهجيءَ ۾ هيءَ ساڳي ترتيب قائم رکي وئي."

مرحوم چنا صاحب جي راءِ موجب "يهودين جي پاڪ ڪتابن ۾ جا چورس قسم جي لپي ڪتب ايندي وَئي آهي، سا آرامي لپيءَ مان نڪتل آهي. شمالي عربن جي ابجدي تحرير، جنهن ۾ قرآن شريف لکيل اهي، ان آراميءَ ٻوليءَ تان ورتل آهي. آرمينين (روس ملڪ وارا)، ايرانين ۽ هندستانين، پنهنجا حروف تهجي، آرامي ذريعن مان حاصل ڪيا. پهلوي ۽ سنسڪرت جا خط ٻئي آرامي النسل آهن. ٽئڪسيلا جي کوٽائي ڪندي، اتان آرامي خط جا ڪتبا به هٿ آيا آهن."

مرحوم چنا صاحب جي هن ساري بيان جو لب لباب هي آهي ته عربي ٻوليءَ لاءِ عربي ۽ سنسڪرت لاءِ ڪم آندل ديوناگري رسم الخط جو اصل نسل آرامي رسم الخط آهي.

## 2. برهمي رسم الخط:

ماهرن جي راءِ موجب قديم زماني ۾ موهن جي دڙي واري تحرير کان پوءِ، برصغير ۾ ٻن قسمن جا رسم الخط رائج هئا. انهن مان هڪ کاٻي کان ساڄي طرف لکيو ويندو هو ۽ ٻيو، ان جي ابتڙ يعني ساڄي کان کاٻي لکيو ويندو هو. اهو برصغير جي اتر_اولهه واري خطي ۾، اٽڪل ٽين صدي ق_م کان وٺي، ٽين_چوٿين صدي عيسويءَ تائين جاري هو. انهن مان پهرئين رسم الخط کي، جيڪو کاٻي کان ساڄي لکيو ويند، هو "برهمي خط" نالو ڏنو ويو هو. برصغير جي ودوانن جي راءِ ۾ برصغير

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا سيئي رسم الخط. برهميءَ رسم الخط مان نڪتيا آهن[1]. ٻيو رسم الخط جيڪو ساڄي کان کاٻي لکيو ويندو هو، تنهن کي ”کروشٽي“ سڏيندا هئا.

ٻولين جا ماهر، کروشٽيءَ کي تہ آسانيءَ سان سامي شاخ سان ملائين ٿا ڇو تہ اهو رسم الخط، جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي، ساڄي کان کاٻي لکيو ويندو هو. مسٽر پرنسيپ (Mr. Prinsep) ۽ ٻيا ماهر هن راءِ جا هئا تہ برهمي خط، گريڪ تان ورتو ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو کاٻي کان ساڄي لکبو هو[2]. پر سر وليئم جونز، پرنسيپ جي دعويٰ کي رد ڪندي لکيو تہ ”برهمي لپيءَ جو لاڳاپو سامي رسم الخط سان آهي.“ انهن رسم الخطن جو مطالعو ماهرن لاءِ دلچسپيءَ وارو بڻجي ويو. سن 1877ع ۾، ڪننگهام، اشوڪا جي ڪتبن جي باري ۾ لکيو. 1888ع ۾ جي-ايف-فليٽ (J.F. Fleet)، گپتا دور جي ڪتبن تي لکيو. انهيءَ ساري مواد کي 1894ع ۾، مسٽر گوڙيشنڪر هيرانند اوجها، پنهنجي هندي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب، ”پراچين لپيمالا“ ۾ سهيڙيو آهي.

مسٽر بوهلر (Mr. Buhler) هندستان جي برهمي رسم الخط جي باري ۾ ڪافي دليلن سان لکيو آهي. هن جي راءِ موجب برهمي رسم الخط اتر – سامي (North Semitic) رسم الخط جي شاخ آهي[3]، پر مسٽر اوجها، مسٽر بوهلر سان اختلاف راءِ رکي ٿو ۽ چوي ٿو تہ: ”برهمي خط، اتر-سامي رسم الخط جي شاخ نہ آهي ۽ نہ وري ڪو اهو خط، سامي خط جي اوت تي ٺاهيو ويو آهي“[4].

---

[1] John Marshal, Mohen Jo Daro and the Indus Civilization Loc Cit. P 431

[2] James Prinsep, Essay on Indian Antiquities, ed. By E. Thomas, London, 185-8 P. 42

[3] Buhler, See Basham A.L. Op. Cit., P. 394, London, Sidgwick and Jackson, 1961, P. 394.

[4] Ojha Gaurishanka Hiranand, Bharatiya Prachina Lipimala, pp. 17-31.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ڏس ۾ ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ برهمي رسم الخط ديسي آهي ۽ وادي سنڌ ۾ مروج رسم الخط، خاص ڪري هڙپا واري رسم الخط مان جنم ورتو اٿس①.

ڊاڪٽر احمد حسين دانيءَ جي راءِ موجب ”برهمي رسم الخط جو اصل نسل يا بڻ بنياد اها قديم تهذيب آهي، جنهن جو برصغير پڻ حصو رهيو آهي.“ وادي سنڌ جي تصويري (Pictographic) رسم الخط ۽ آئڊيو گراف (Ideographic) خط جي ايجاد مان ڪافي ثبوت ملن ٿا، جن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ واديءِ سنڌ جي تهذيب ۽ مغربي ايشيا جي تهذيب جي وچ ۾ گهاٽا تعلقات قائم هئا. هند_ آرين جي اچڻ سان هي رشتا ۽ تعلقات وڌيڪ مضبوط ٿيا. هند_ آريا پڙهيل هئا يا نہ، اهو هڪ الڳ سوال آهي. پر اها حقيقت آهي تہ هو جن ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ هئا، اهي رسم الخط جي فن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. پر اهڙو ڪو ثبوت نٿو ملي جنهن مان معلوم ٿي سگهي تہ هند_آرين ڪي ڪو پنهنجو رسم الخط هو. يا هو ڪو پنهنجو رسم الخط ڪٺي آيا هئا②. جيتوڻيڪ اوجها، اهڙي ثبوت ڏيڻ ۽ تجزيو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن جو رايو آهي تہ آريا جڏهن واديءِ سنڌ ۾ پهتا هئا تڏهن ڪين پنهنجو رسم الخط هو. هن هند_آرين طرفان ڪم ايندڙ اکرن، سُرن، وينجنن، وينجنن جي ميلن، مورڏني ۽ ڏندن وارن آوازن لاءِ ڪم ايندڙ اکرن جا، اپنشدن مان حوالا ڏنا آهن، پر ڊاڪٽر احمد حسين داني، اوجها جي هن راءِ کي قبول نٿو ڪري. داني صاحب جي راءِ مطابق: ”اشوڪا جي دور (272 ق.م کان 231 ق.م تائين) کان اڳ، هندستان ۾ ديسي رسم الخط جي وجود جو ڪوبہ پڪو ثبوت نٿو ملي“③، پر جيڪڏهن داني صاحب جي اها راءِ

① Basham, A.L., Dr., *The Wonder that was India*, London, Sidgwick and Jackson, 1961, P. 394

② Dani Ahmed Hussain, *Indian Paleography*, p. 12

③ Dani Ahmed Hussain, Indian Paleography, P. 12.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وزندار سمجهي وڃي ته پوءِ هي سوال ذهن تي تري ٿو اچي ته ويد کهڙي لپيءَ ۾ لکيا ويا هئا؟ سنسڪرت جو اوائلي ادب کهڙي رسم الخط ۾ لکيو ويو هو؟ تڪش شلا جا ودوان کهڙو رسم الخط ڪم آڻيندا هئا، ۽ پندت پاڻيني پنهنجو وياڪرڻ کهڙيءَ لپيءَ ۾ لکيو هو؟ اهي سوال تمام اهم آهن، جن جا جواب ضروري آهن.

ڪن ماهرن جي خيال موجب ويدن جا منتر، اوائلي برهمي لپيءَ ۾ لکيا ويندا هئا. جنهن لپيءَ پوءِ وياڪرڻين جي هٿ هيٺ پختگي حاصل ڪئي، پر ڪن جو خيال آهي ته ان وقت برصغير ۾ مغربي ايشيائي رسم الخط جو ڪو نمونو استعمال ٿيندو هو.

ڊاڪٽر دانيءَ پنهنجي مذڪور ڪتاب ۾، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته برهمي رسم الخط جي اکرن ۽ هينين اکرن ۾ ڪانه ڪا هڪجهڙائي آهي؛ اهي اکر آهن:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪ | ک | گ | گھ | ڱ |
| چ | ڇ | ج | جھ | ڃ |
| ٽ | ٺ | ڊ | ڍ | ڻ |
| ت | ٿ | د | ڌ | ن |
| پ | ڦ | ب | ڀ | م |
| ي | ر | ل | و | ھ |

داني صاحب جي راءِ موجب: "برهمي رسم الخط هندستاني وياڪرڻين جي ايجاد آهي، ۽ نه وري مٿي ڏنل الف_ب ڪا برهمي لپيءَ مان اُسري آهي". پر (بوهلر جي حوالي سان) هن جي چوڻ موجب اسان کي تي سر اَ، اِ ۽ اُ ۽ ٻاويهن وينجنن مان اوڻيهه وينجن / ڪ، ک، گ، چ، ج، ٽ، ٿ، د، ن، پ، ب، م، ي، ر، ل، و، س، ش ۽ ھ / اترين سامي (north Semitic) يا آرامي (Aramaic) رسم الخط ۾ ملن ٿا. هيٺ ڏنل

چارٽ ۾ انهن اکرن جي هڪجهڙائي ثابت ٿئي ٿي[①]




ڪن ماهرن جي راءِ موجب، برهمي لپي، اترين – سامي، خاص ڪري آرامي ۽ فنيقي رسم الخط مان اُسري ۽ اڀري آهي.[②]

[①] Dani, Ahemd Hussain, Dr., Op. Cit., P. 28
[②] Dani A., Op. Cit., P. 29

ڊرنگر (Dringer) جي راءِ مطابق آرامي رسم الخط ئي برهمي رسم الخط جو اصل نسل آهي، جو تہ آرامي رسم الخط، هندستان جي سرحد تائين، ساڄي کان کاٻي طرف لکيو ويندو هو[1].

پر ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ برهمي لپي ڏاکڻين – سامي رسم الخط مان نهي آهي. مثي داني صاحب طرفان ڏنل چارٽ جي اڀياس کان پوءِ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ برهمي لپي ۽ اُترين –سامي لپيءَ جي وچ ۾ گهٽي هڪجهڙائي ڪانهي.

ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ برهمي لپي، واديءِ سنڌ جي ودوانن جي ذهني ايجاد آهي، جن اُن کي ديسي طرز تي جوڙيو هو. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر دانيءَ طرفان مٿئين چارٽ ۾ شامل ڪيل اکرن جي تقابلي مطالعي ۽ گهري اڀياس مان نتيجو هي ٿو نڪري تہ برهمي لپي، اُترين – سامي لپيءَ جو هوبهو نقل نہ آهي.

هن ڏس ۾ برطانيہ جي جڳ مشهور تاريخدانن پروفيسر بئشم ۽ جڳ مشهور آرڪيالاجسٽ سر جان مارشل جا رايا وڏيڪ وزندار ۽ حقيقتن تي مبني معلوم ٿين ٿا. پروفيسر بئشم لکي ٿو:

”ڪن ماهرن جو خيال آهي تہ برهمي رسم الخط، ديسي آهي ۽ واديءِ سنڌ ۾ مروج رسم الخط مان جنم ورتو اٿس.“[2].

انهيءَ سلسلي ۾ سر جان مارشل جي دعويٰ گهٽي اهميت واري آهي. هن پنهنجيءَ تحقيقي رپورٽ ۾، Indus script واري عنوان هيٺ لکيو آهي تہ ”واديءِ سنڌ جي موهن جي دڙي وارو رسم الخط، قديم هندستان جي برهمي رسم الخط جو بڻ بنياد يعني ماخذ آهي، يعني تہ برهمي رسم الخط، واديءِ سنڌ جي موهن جي دڙي واري تصويري

---

[1] Dani Ahmed Hussain. Op.Cit. P. 29

[2] Basham A.L., The *Wonder that was India*, London. Sidgwick and Jackson. 1961. P. 394.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Pictographic) رسم الخط مان جڙيو ۽ اُسريو آهي." هن جو چوڻ آهي تہ "مون وڏي اعتماد سان برهمي رسم الخط جي ڪيترن ئي اکرن کي پرکيو آهي ۽ انهن جي ڀيٽ ڪئي آهي."①.

سر جان مارشل جو رايو تہ موهن جي دڙي وارو رسم الخط، مصر جي هيروگلفي رسم الخط سان ملي جلي ٿو، پر صفحي 431 تي سندس راءِ مان ظاهر آهي تہ موهن جي دڙي واري رسم الخط جو بنياد، فينيقي رسم الخط تي ٻڌل هو.

سر جان مارشل جي راءِ ڪان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ برهمي رسْم الخط جو ڪنهن بہ طرح سان سڌو سنئون آرامي يا اُترين — سامي رسم الخط سان ڪوبہ واسطو ناهي②، پر ان (برهمي خط) جي صورت، ديسي طريقي جي آهي. جان مارشل لکي ٿو تہ "مون کي يقين اهي تہ برهمي رسمِ الخط کي سامي رسم الخط مان جُڙيل سمجهڻ وارن جي راءِ هر طرح سان غلط آهي"③.

سر جان مارشل پنهنجي هن دعويٰ جي دليل لاءِ برهمي رسم الخط ۽ موهن جي دڙي واري رسم الخط جي ڀيٽ چارٽن وسيلي ڪئي آهي. انهن چارٽن ذريعي جڏهن برهمي رسم الخط جي اکرن ۽ موهن جي دڙي واري رسم الخط وارن اکرن جي ڀيٽ ڪجي ٿي، تڏهن اهو بلڪل ظاهر ٿيو پوي تہ موهن جي دڙي واري رسم الخط جي اکرن جي برهمي لپيءَ جي اکرن سان تمام گهڻي مشابهت ملي ٿي.

سر جان مارشل پنهنجي چارٽ ۾، موهن جي دڙي واري لکت ۾، اکرن جي سامهون نمبر لڳايا آهن. اهڙيءَ طرح ٻنهي لپين جا اکر آسانيءَ سان ڀيٽي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

---

① John Marshal. Mohen-jo-Daro and the Indus Civilization. London. Arthur Probsthin. 1931. p. 423. Vol: II.

② Ibid. Op. cit. Vol: II. p. 423.

③ Ibid. Op. cit. Vol: II p. 431

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي تہ موهن جي دڙي واري لپي، ساڃي کان کاٻي لکي ويندي هئي پر برهمي کاٻي کان ساڃي لکڻ ۾ آئي. ان جو سبب هي ٿي سگهي ٿو تہ جان مارشل جي راءِ مطابق گريڪ رسم الخط، 'فنيقي' (Phoenician) لپيءَ مان جوڙيو ويو، پر ان جي لکت جو طرف ساڃي کان کاٻي جي بدران مقامي حالتن ۽ ٻوليءَ جي مزاج مطابق، کاٻي کان ساڃي ڦيرايو ويو[1]؛ تيئن برهمي لپيءَ جو رخ بہ مقامي حالتن ۽ ٻوليءَ جي صوتي ۽ اصواتي مزاج جي ڪري کاٻي کان ساڃي اختيار ڪيو ويو.

بهرحال هي سوال بہ اهم آهي تہ برهمي رسم الخط ڪڏهن جوڙيو ويو، ڪهڙي زماني کان مروج ٿيو؟ انهن سوالن جا جواب اڃا ملي نہ سگهيا آهن. البت ايترو معلوم ٿيو آهي تہ اشوڪا جا ڪتبا اوائلي برهمي لپيءَ ۾ لکيل آهن[2]. هن سلسلي ۾ پروفيسر بئشم لکي ٿو تہ:

"هندستاني واپاري جيڪي ميسوپوٽيميا طرف ويا، يا جيڪي سامي واپاري هندستان طرف آيا. سي پاڻ سان هڪڙو رسم الخط کڻي آيا، جيڪو ودوانن ۽ فاضلن اختيار ڪيو. جو موريا گهراڻي جي زماني ۾ برهميءَ جي نالي سان مشهور هو ۽ اَشوڪا جي زماني (272 ق.م کان 231 ق.م تائين) تائين هي خط دنيا جو هڪ سڌريل (Scientific) رسم الخط بنجي ويو هو"[3].

بهرحال ايترو چئي سگهجي ٿو تہ برهمي رسم الخط، اشوڪا جي زماني کان ڪافي اڳ، جوڙيو ويو هوندو، جيڪو مختلف مرحلا طي ڪري، اشوڪا جي زماني تائين سڌريل رسم الخط بنجي چڪو هو.

---

[1] John Marshal, Op. cit, Vol: II, p. 423
[2] Basham A.C. Op. cit. P. 43
[3] Basham. A.L.. Op. Cit.. 396

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهر انهيءَ راءِ جا بہ آهن تہ برهمي لپيءَ جو هڪڙو روپ يا هڪڙو نمونو نہ هو. پر ان جا ڌار ڌار روپ ۽ نمونا هئا. جن مان هڪ نمونې کي اشوڪي برهمي روپ ۽ ٻئي کي پرانتي يا صوبائي برهمي روپ سڏي سگهجي ٿو[1]؛ جيئن هيٺ ڏنل تفصيل مان معلوم ٿيندو.

### برهمي رسم الخط جا قسم:

(i) اَشوڪي (Asokan) برهمي:

برصغير جا ابتدائي ڪتبا، ٻن رسم الخطن ۾ لکيل ملن ٿا. انهن مان هڪ برهمي رسم الخط آهي جنهن جو ذڪر مٿي اچي چڪو آهي ۽ ٻيو 'کروشٽي رسم الخط'. اهي ٻئي رسم الخط "ديوانم پيا پياد سي" لقب واري مگڌ يعني ڏکڻ بهار جي بادشاهہ، پنهنجن ڪتبن ۾ استعمال ڪرايا هئا. هن بادشاهہ جي حڪومت جو تخت گاهہ، پاٽليپترا (هاڻوڪو پٽنا) هو. هن جو نالو ٻن رڪارڊن ۾ اُشوڪا ڄاڻايل آهي. هن جو واسطو موريا خاندان سان ڏيکاريل آهي، جنهن 272ق.م کان 231 ق.م تائين حڪومت ڪئي. هنن ڪتبن ۾ هن جي حڪومت جون سرحدون پڻ ڄاڻايل آهن، جن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هن جي حڪومت برصغير ۾ وسيع ايراضيءَ ۾ پکڙيل هئي. انهيءَ سڄي ايراضيءَ ۾، وادي سنڌ ۾ کروشٽي لپي ۽ باقي ايراضيءَ ۾ برهمي لپيءَ ۾ ڪتبا اُڪريل هئا. جنهن برهمي لپيءَ ۾ اهي ڪتبا لکيل ملن ٿا تنهن کي 'اشوڪي برهمي' سڏيو وڃي ٿو.

[1] Dani Op. Cit. P. 31. Also see Basham. Op. Cit P. 396

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) **پرانتڪ يا صوبائي لپي:**

اشوڪي برهمي لپي، ڪنهن مقصد ڪاڻ استعمال ۾ آئي هئي ۽ جنهن آخرڪار هڪ رسم الخط جي صورت اختيار ڪئي، پر اهو رسم الخط سڄي برصغير ۾ يڪسان صورت ۾ اختيار نه ڪيوويو هو، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي. اَشوڪي برهمي رسم الخط جيتوڻيڪ شاهي دربار جي ڪاتبن ايجاد ڪيو هو، پر برصغير جي ڌار ڌار صوبن يا پرانتن ۾ ان رسم الخط کي هوبهو سرڪاري طور اختيار نه ڪيو ويو هو، پر ڌار ڌار صوبن ۾، ۽ هر صوبي جي حالتن پٽاندر، ان کي ڌار ڌار شڪل ڏني وئي؛ البت اهو قبول ڪري سگهجي ٿو ته صوبائي يا پرانتي براهمي لپيءَ جا اکر، اشوڪي برهمي لپيءَ جي اکرن جي اوٽ تي جوڙيا ويا هئا؛ يعني ته اشوڪي برهمي لپي، پرانتي يا صوبائي برهمي لپيءَ کان اڳاتي آهي، ۽ انهن جو 'اصل' يا 'بنياد' آهي.

(iii) **صوبائي يا پرانتي برهمي لپيءَ کي ماهرن هيٺين چئن علائقائي صورتن ۾ ورهايو آهي:**

(a) **مشرقي هند:** هن علائقي جو مرڪز مگڌ هو. هن جون حدون گنگا نديءَ جي ڏکڻ ۾، ڪوشاجي تائين هيون. هن جو اُتر، ڏکڻ — اولهه ڀارهٽ (Bharhut) تائين ۽ اوڀر ۾ 'بوڌ گيَ' (Bodhagaya) کان به اڳتي، اوڙيسا ۾ هٿيگمڦا (Hathigmupha) تائين، ۽ گنگا نديءَ جي اتر ۾ ايوڌيا تائين پهتو.[1]

(b) **اتر — اولهه هند:** هن علائقي جو مرڪز ٽئڪسيلا هو. مٿرا ۽ مالوا وارين حدن ۾ دکن تائين هي علائقائي رسم الخط پکڙيو.

(c) **اتر_اولهه دکن:** هيءَ ايراضي تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز رهي.

[1] Dani. Op. Cit. P. 53

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(d) **ڏکڻ هند:** مشرقي دکن هن علائقي ۾ شامل هو. مٿي بيان ڪيل علائقن جي علاقائي لپين جي اُسرڻ ۽ انهن جي ارتقا جو مطالعو ضروري آهي.

مشرقي هند علائقي ۾ مختلف قسمن جا پنج ڪتبا لڌا ويا آهن، جيڪي دور دراز ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن. انهن مان هڪ بهار ۽ ناگر جوني (Nagar Juni) غارن جي، تن ڪتبن جو سلسلو آهي. هي ڪتبا انهن غارن کان پري نہ آهن. انهن ۾ اشوڪا پنهنجا ڪتبا لکرايا هئا. هي ڪتبا اَشوڪا جي پوٽي، ”ديوانم پيا دسرت“ جي دور حڪومت طرف نشاندهي ڪن ٿا. ڊاڪٽر دانيءَ جي راءِ موجب اَشوڪا ۽ دسرت جي ڪتبن ۾ گهٽي هڪجهڙائي آهي.

برهمي لپيءَ جو اثر پهرين صديءَ عيسويءَ کان وٺي، چوٿين صدي عيسويءَ تائين معلوم ٿئي ٿو. اَشوڪا جي وقت ۾ تہ سياسي اثر هو پر هن لپيءَ جو ڦهلاءَ، سماجي ۽ مذهبي اثر جي ڪري بہ ٿيو. ڪُشان خاندان جي قبضي کان پوءِ، برهميءَ لپيءَ جو سياسي ۽ سماجي اثر گهٽجڻ لڳو هو. هن دور ۾ مقامي ۽ علاقائي لپيون اُسرڻ ۽ زور وٺڻ لڳيون، جن جا اوائلي اُهڃاڻ لڳ ڀڳ پنجين صدي عيسويءَ ڌاري معلوم ٿين ٿا[1]. اهي مقامي يا علاقائي رسم الخط، انهن مختلف لپين مان اُسريا جيڪي ان زماني ۾ اثرانداز هئا.

3. صوبائي رسم الخط:

رسم الخطن جي علم جي ماهرن 'برجز' (Bridges)، 'فليٽ' (Fleet)، 'برنيل' (Burneil)، 'بوهلر' (Buhler) ۽ ٻين، اُتر ڏکڻ علائقن جي رسم الخطن جي تاريخ 350 ق-م کان بيان ڪئي آهي. 'بوهلر' اترين علائقن جا 9 رسم الخط ۽ ڏکڻ وارن علائقن جا 5

[1] Dani, Op. Cit., P. 77

رسم الخط ڏسيا آهن. هن جي راءِ موجب انهن ۾ ڏاڪڻو رسم الخط، مالوا، ونڌيا جي اُترئين پاڱي ۽ راشٽرڪُوتا (Rashtrakuta) ۾ قديم ديوناگري (Proto_Nagari) رسم الخط جا نالا مشهور آهن. گجرات ۽ ڪاٺياواڙ وارا علائقا، جن جو ڏاکڻين قسم جي رسم الخط سان گهڻو واسطو رهيو هو، تن هن رسم الخط ۾ تبديليون آنديون، ۽ هرعلائقي ۾ پنهنجو پنهنجو رسم الخط اُسريو. انهن مقامي لپين ۾ اڃا بہ گهڻو فرق ۽ ڦير اچي ها پر ٻن خاص سببن جي ڪري اهي اثر وڌي نہ سگهيا. انهن مان هڪ سبب هو، سنسڪرت جو عام استعمال. سنسڪرت علمي ۽ ادبي زبان هجڻ جي ڪري، اديب ۽ عالم، پنڊت ۽ ودوان توڙي ڪاتب هڪ علائقي کان ٻئي علائقي تائين، بنا ڪنهن رنڊڪ ۽ رڪاوٽ جي، اچي وڃي سگهيا ٿي. ٻيو سبب هو عظيم شهنشاهت جو قائم هجڻ. انهن ٻنهي سببن، يڪساني رسم الخط کي فروغ ڏنو. هنن سبب جي ڪري رسم الخط جو 'ڪوشامبي نمونو' (Koushambi style of writing) ٻين ۽ ٽينءَ صدي عيسويءَ ۾ 'واديءَ گنگا' جي وچين علائقن ۾، ۽ ان کان بہ اڳتي بنگال تائين ڦهليو. جيڪو پوءِ گپتا گهراڻي جي ابتدائي دور ۾ بہ رائج رهيو، پر اڳتي هلي ڇهين ۽ ستين صدي عيسويءَ ۾، قنوج ۾ حڪومت جي اثر سبب 'ڪوشامبي لپيءَ' جي بدران، مغربي علائقن ۾ مروج رسم الخط ڪم اچڻ لڳو. انهن ۽ اهڙن ٻين سياسي اثرن، علاقائي ثقافتن کي جنم ڏنو. جن جو اثر وري مقامي لکيتن تي پڻ ٿيو. علاقائي ثقافتن ۽ علاقائي يا قومي حڪومتن جي برسراقتدار اچڻ سبب، مقامي يا علاقائي لکيتون يا لپيون، پڻ اُسريون. اهڙيون علاقائي ۽ مقامي لپيون، لڳ ڀڳ اٺين صديءَ عيسويءَ ڌاري عروج تي هيون. انهن مقامي لپين ۽ انهن جي مختلف قسمن ۽ نمونن کي، داني صاحب، آڳاٽا رسم الخط سڏيو آهي. انهن علاقائي لپين جي سڃاڻپ وسيع جاگرافيائي تقسيم جي بنياد تي نہ، پر علاقائي ثقافتن جي بنياد تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهبي. انهن جي مطالعي لاءِ برصغير جي علاقائي تقسيم هيٺئين موجب ڪئي ويئي آهي:

i. اتر هندستان: هن حصي ۾ اکرن جي صورت ۽ وچئين سُر جي استعمال ۾ هڪجهڙائي آهي.

ii. گجرات، راجستان ۽ وچ هندستان: هن حصي ۾، ڏاکڻئين علائقي جي اثر گهٽجڻ سبب، اترئين علائقي جو اثر ڪجهه قدر ٿيو، پر ساڳئي وقت هن حصي ۾ هڪ ڏار رسم الخط وجود ۾ آيو.

iii. دکني لپي: هي نالو ان رسم الخط کي ڏنو ويو آهي جنهن کي بنيادي چورس نشان (sqauare head marks) ڏنا ويندا آهن. هي رسم الخط، مالوا ۽ ڏاکڻي حڪومت ۾ عام طور استعمال ٿيندو هو.

iv. ڏکڻ هندستان وارو رسم الخط: هن علائقي ۾ پڻ رسم الخط ۾ يڪسانيت رهي آهي. اکرن ۽ وچين سُرن جون صورتون ساڳيءَ طرز جون رهيون آهن.

انهن چئن عام عنوانن کي نون جاگرافيائي حصن ۾ ورهايو ويو آهي. اهي هي آهن:

(الف) وچ – گنگا ماتر: هن حصي ۾ بهار جو اڪثر حصو، اتر پرديش جو (مترا سان سرحدي علائقي کان سواءِ) ياڳو اچي وڃي ٿو. هن جو اثر اوڙيسا ۽ ونڌيا جي ٻيلي واري سائي پٽيءَ تائين پهتو. گپتا گهراڻي جي راڄ ۾ هي رسم الخط گهڻو اثرانداز رهيو ۽ انهيءَ ڪري اوڀر طرف بنگال تائين ۽ اتر طرف نيپال تائين ڦهليو، ۽ مغربي علائقن ۾ مروج لپين تي بہ هن جو اثر غالب رهيو. چندر گپت اول جي زماني ۾ 'مهرائولي' (Mehrauli) لوهي ٿنڀي تي، هن ئي رسم الخط ۾ ڪتبا لکيا ويا، ۽ چندر گپت ثانيءَ جي زماني ۾ 'اُدياگيري' (Udayagiri) غارن تي بہ هن رسم الخط ۾ ڪتبا لکرايا ويا. گپتا دور کان پوءِ، مغربي رسم

الخط جو هن علائقي تي اثر ٿيو، ۽ اڳتي ان رسم الخط، ناگري لپيءَ لاءِ راهه هموار ڪئي.

(ب) متڙا ۽ اتر – اولهه وارا علائقا: متڙا وارو علائقو پهرين اترئين ڪُشَتراپَس (Kshatrapas) ۽ پوءِ ڪُشانن جو مرڪز رهيو آهي. متڙا جو ڪُشانن وارو نمونو، گپتا دور تائين رهيو. ان جو اثر 'ڪمار گپتا' اول جي 'ڪرنمَندَدَ' (Karanmandada) ڪتبن ۽ 'اسڪنده گپتا' (Skanda Gupta) جي 'پتاري تنيي' تي بہ نظر اچي ٿو. 'هرش وردن' (Harshavardana) جي زماني ۾، رسم الخط جو هي نمونو، راجستاني نموني ۾ ضم ٿي ويو، ۽ اتر جمنا واري ايراضيءَ ۾ 'لک منڊل' (Lakhamandala) ڪتبن ۾ هن جا اهڃاڻ ملن ٿا. هن رسم الخط جو سڌاريل نمونو، ايرنديئين علائقي واري رسم الخط تان ورتل ٿو ڀانئجي، پر هيءُ رسم الخط گنگا نديءَ جي سڄيءَ واديءَ ۾ پکڙيو، جتي اتر – اولهه وارين گنگا نديءَ جي ڪوهستاني ايراضين ۾، خاص طور ڪشمير ۽ چمب ايراضين ۾ چالو ٿيو، جتي پوءِ شاردا لپيءَ پنهنجا اثر ڄمايا.

(ت) راجستاني نمونو: راجستان وارو علائقو، پنهنجي جاگرافيائي بيهڪ سبب، هر علائقي جي اثر لاءِ کليل رهيو آهي. هي علائقو ناگري رسم الخطَ جو بنيادي گهر هو. هي ئي ماخذ هو جنهن تان 'راشٽر ڪوتاس' (Rashtra Kutas) پنهنجو قديم ناگري (Proto_Nagari) رسم الخط جوڙيو.

(ث) ڪاٺياواڙي نمونو: هي اهو رسم الخط آهي جنهن جي معلومات 'ڪُشتراپس' (Kshatrapas) ڪتبن مان ملي ٿي. هي رسم الخط 'مئتريڪا' (Maitraka) رڪارڊ مان آسانيءَ سان هٿ اچي سگهي ٿو. هي رسم الخط، ڀڙوچ جي 'گُجرن' ۽ 'ترائڪوتڪس' (Traikutakas) وارن ڪتبن سان نسبت رکي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ج) سنڌي ۽ ياتيا نمونو: قديم زماني ۾ سنڌ ۾ ڪهڙو خط ڪم ايندو هو، تنهن جي باري ۾ عرب سياحن جي سفرنامن کان اڳ، ڪتي به رپورٽ نٿي ملي. جيڪڏهن ڪنهن صاحب هن موضوع تي اسلام جي دور کان اڳ وارين لکيتن جو ذڪر ڪيو آهي ته اهو احوال اجا قديم مندرن ۽ مٺن ۾ محفوظ هوندو، پر اهو اجا منظرعام تي آيو نه آهي. سنڌ ۾ قديم زماني ۾، يعني اسلام کان اڳ، موهن جي دڙي وارين لکيتن، برهمي ۽ کروشٽي رسم الخط کان سواءِ ديسي رسم الخط جي استعمال جي باري ۾، سڀ کان اول ابن نديم ۽ البيرونيءَ لکيو آهي: يعني هي ٻئي بزرگ ٻهريان ئي شخص هئا، جن سنڌ ۾ مروج ديسي رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ جاحظ به اشارا ڏنا آهن. انهن ٽنهي بزرگن جا حوالا 'سنڌي صورتخطي' ڪتاب ۾ ڏنا ويا آهن، پر اهي هت پڙهندڙن جي ياد ڏهانيءَ لاءِ ڏهرائجن ٿا.

جاحظ (863 ع) لکي ٿو:

"سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ اڳتي ڏٺو. هنن جو هڪ خاص سنڌي (هندي) خط آهي"[1] ..... (الخ)

ابن نديم (995 ع کان پوءِ) لکي ٿو:

"سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن ۽ رسم الخط متعدد آهن. هنن جا تقريباً به سؤ رسم الخط آهن ۽ سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم الخط رائج آهن"[2] .... (الخ) البيروني سنڌ ۾ مروج ٻارهن رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

"ڏکڻ سنڌ ۾، ڪاري واري خطي تائين، 'مالوشائو' (Malawashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي 'ملواڙي' به

---

[1] جاحظ: رساله فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو. هندستان عربون کي نظرمين. جلد اول. اعظم گڙه. دارالمصنفين. 1960 ع، ص ص 4، 7

[2] ابن نديم: الفهرست، ايضاً، جلد دوم. 1962 ع، ص ص 3، 4

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چئبو آهي. 'ٻهمنوا' (منصوره) ۾ 'سَئنڌوَ رسم الخط' ڪم ايندو هو. "لاڙي" خط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو هو. ارڌناگري رسم الخط، پاٽيا (پنجاب) ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو"[①].

البيرونيءَ جي مٿينءَ لکت مان ظاهر آهي ته ارڌناگري، ملواڙي ۽ سَئنڌوَ رسم الخط، پاٽيا ۽ سنڌ ۾ چالو هئا. جن بابت ماهرن کي اڳ کان ڄاڻ ڪانه هئي، ڇو ته اسلامي دور کان اڳ وارن آباد شهرن جي کوٽائيءَ يا غارن مان مقامي رسم الخط جا اهي نمونا حاصل ڪونه ٿيا هئا. پوءِ ڀنڀور ۽ منصوره جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان، سنڌ ۾ اسلامي دور کان اڳ، رائج لپين جي ثبوت ملڻ کان پوء، نه فقط عرب سياحن جي بيانن جي تصديق ٿئي ٿي، پر اهو پڻ ثابت ٿئي ٿو ته برصغير جي ٻين علائقن وانگر سنڌ کي پڻ پنهنجو مقامي رسم الخطّ هو. ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل اکرن جي باري ۾ آثار قديمه جي تذهوڪي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ايف-اي خان جو رايو آهي ته:

"اهي اکر جيڪي رواجي ڪاريءَ مس (ڪلڪ) سان لکيل آهن، سي ثابت ٿا ڪن ته مٽيءَ جي برتنن جون اهي ٺڪريون ٻاهران هرگز گهرايون ڪونه ويون هونديون، يعني ته اهي ديسي ٺهيل آهن"[②].

هن راءِ مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته سنڌ ۾، اسلام جي آمد کان اڳ، سنڌي ٻولي، ديسي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي، جنهن جا هڪ کان وڌيڪ رسم الخط هئا؛ يعني ته سنڌ ۾ گهڻو ڪري هر قوم کي پنهنجو پنهنجو رسمَ الخط هو. ٻولي اهائي ساڳي سنڌي هئي، پر رسم الخط ڌار ڌار هئا، يعني ته لوهاڻا پنهنجي سر پنهنجو رسم الخط ڪم آڻيندا هئا ته ڀاٽيا وري پنهنجو رسم الخط استعمال ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح ڌار

① Edward, C. Sachau, Alberuni's, India; London, Kegam Paul Trench Truibner, 1910 p. 173

② Khan. F.A., Bhambore Excavations, revised ed. Karachi, Department of Archaeology. Government of Pakistan. 1963 PP.. 29 & 30.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌار شهرن ۾ پڻ ڌار ڌار رسم الخط استعمال ٿيندو هو. مثلاً ننڍائي پاتين ۽ سيوهاڻي پاتين جو الڳ الڳ رسم الخط هوندو هو. انهيءَ قسم جو تفصيلي احوال سنڌي صورتخطي ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

ڊاڪٽر داني پڻ پنيور مان لڌل نڪرين تي لکيل لپيءَ کي، ارڌنا ناگري لپي ٿو تسليم ڪري[1]. رسم الخط جو اهو نمونو جنهن کي البيرونيءَ 'پئڪشوڪي' نالو ڏنو آهي، جيڪو 'پور وَديش ادنپور' (Udunpur) ۾ استعمال ٿيندو هو. جتي ٻڌ ڌرم وارن جون خانقاهون هيون. هي رسم الخط شايد ٻڌ مت وارن جو خاص رسم الخط هو. البيرونيءَ جي لکت موجب ٻيا رسم الخط هي هئا: 'سڌَماتريڪا'، 'ناگر گوڙي'، 'دروازي' يعني دراوڙي. انهن ۾ 'سڌُ ماتريڪا' ۽ 'ناگر' جي وچ ۾ ڪجهه قدر مونجهارو آهي. پر پوئين لفظ يقيناً 'ورڻ ناگ' تان ورتو ويو آهي. اهو نالو رسم الخط جي ان نموني تي رکيو ويو آهي، جيڪو مالوا ۾ عام طور هلندو هو. البيرونيءَ جي راءِ موجب 'سڌ ماتريڪا' رسم الخط ڪشمير، 'مڌيه ديش' (قنوج جي چوڌاري) ۽ 'وارنسي' (بنارس) ۾ چالو هو. ڏهين صدي عيسويءَ ڌاري، هن رسم الخط جي جاءِ تي گنگا ماتر ۾ ناگر رسم الخط ۽ ڪشمير ۾ 'شارڌا' رسم الخط ڪم اچڻ لڳا.

(د) گجرات ۽ ڪاٺياواڙ: هي اهو علائقو هو جتي مغربي 'ڪشترپس' (Kashatrapas) شروع ۾ حڪومت ڪندا هئا. انهن جون ڪڏهن ڪڏهن 'شاتا وهانس' (Shata Vahanas) سان جنگيون هلنديون هيون. هن ايراضيءَ ۾ ڪنهن رسم الخط پنهنجو اثر قائم ڪيو. سو انهن ٻنهي جي باهمي اثر ڪري هو. انهن جا اثر گجرن ۽ مئترڪس (Maitrakas) جي 'ترئڪوٽڪ' (Traikutaka) ڪتبن ۾ ڏسي سگهجن ٿا. انهن اثرن جي مطالعي مان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته ڏاکڻيون اثر

[1] Dani, Dr., Op. Cit. P. 112

گهڙيو ويو ۽ هن علائقي پنهنجي رسم الخط جو آسان نمونو ايجاد ڪيو. جنهن گجراتي رسم الخط لاءِ ڏڳ گهڙيو.

هن سموري بيان مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ 'برهمي لپي' موهن جي دڙي واري رسم الخط، جي اکرن جي اوٽ تي، ملڪي حالتن پٽاندر ان (برهمي) ۾ ڦيرگهير ڪري ناهي وئي. ان (برهمي لپيءَ) مان هر علائقي پنهنجي پنهنجي مقامي ماحول ۽ ٻوليءَ جي مزاج مطابق، پنهنجا پنهنجا رسم الخط جوڙيا، جن کي 'علاقائي رسم الخط' سڏيو ويو آهي. سنڌ ۾ پڻ ڌار ڌار علاقائي رسم الخط ناهيا ويا، جيڪي سنڌي زبان جي لکت لاءِ ڪم ايندا هئا. انهن ۾ آڳاٽي ۾ آڳاٽا اُهي هئا جن جا حوالا مٿي ڏنا ويا آهن.

**ڪروشٺي رسم الخط:**

مٿي چيو ويو آهي تہ قديم زماني ۾، برصغير ۾ ٻہ مکيہ رسم الخط رائج هئا: هڪ برهمي ۽ ٻيو ڪروشٺي. مٿي ڪروشٺيءَ جي باري ۾ ڪافي معلومات ڏني وئي آهي. برصغير جو هي اهو قديم رسم الخط آهي جيڪو ساڄي کان کاٻي لکيو ويندو هو. هي خط سڀ کان اول يونان جي بختر (Bactrian) بادشاهن جي سڪن تي ڏٺو ويو[1]. انهيءَ ڪري هن رسم الخط کي پهرين بئڪترين خط سمجهيو ويندو هو؛ پر اهي حڪمران هندستان سان واسطو هجڻ سبب، ڪڏهن ڪڏهن انڊو-بئڪترين (Indo_Bactrian) بہ سڏيا هئا. بهرحال اڳتي هلي، اها پڪ ٿي تہ هن رسم الخط جو هڪ بہ نمونو، هندوڪش جبلن جي اتر طرف ملي نہ سگهيو آهي هن رسم الخط جو گهڻو استعمال سنڌو نديءَ جي اولهہ طرف 'آريانا' (Ariana) ۽ اوپر طر پنجاب ۾ هوندو هو. لئسن (Lasson) تنهنڪري، هن رسم الخط کي 'ڪابلي' (Kabulian) رسم

---

[1] سنڌ جو نوجوان محقق، محترم عبدالله ورياہ سڪن تي تحقيق ڪري رهيو هو. ممڪن آهي تہ سنڌس تحقيق هن ڏس ۾ وڌيڪ رهنمائي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الخط سڏيو آهي[1]. پر ولسن (Wilson) ان کي آريانا (Ariana) رسم الخط نالو ڏنو آهي[2]. جاگرافيائي بنياد تي ڪننگهام انهن ٻنهي نالن تي اختلاف ڪيو[3]. هن، هن رسم الخط کي گنڌاري (Gandhrian) سڏيو، انهيءَ لاءِ تہ سنڌو نديءَ جي مشرقي ۽ مغربي ڪنارن وارا علائقا، جن ۾ هي رسم الخط رائج هو، هن نالي جي دائري ۾ اچي سگهن ٿا[4]. هن رسم الخط ۾ پالي يا پراڪرت ٻوليون لکيون وينديون هيون ۽ هي رسم الخط "بئڪٽرو_پالي (Bactro_Pali) يا 'آريانو – پالي' (Ariano_Pali) سڏجڻ لڳو[5]. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڪنشڪ جي دور ۾، پالي عبارت ۾ لکيل هڪ ڪتبي جو ذڪر ڪيو آهي جيڪو هڪ ٽامي جي ٿالهيءَ تي اڪريل آهي. اها ٿالهي بهاولپور کان سورهن ميل ڏکڻ – اولهہ طرف، ٻڌ ڌرم جي جهوني مندر "سئي وهار" جي کنڊرن مان هٿ آئي هئي[6]. ڊاڪٽر صاحب ان جي پڙهڻيءَ ۾ ڪم آندل رسم الخط کي، ماهرن جي حوالي سان "بختي –پالي" (Bactro_Pali) رسم الخط سڏيو آهي[7]. ڊاڪٽر صاحب حاشئي ۾ لکي ٿو تہ "بهاولپور گزيٽيئر" ۾، هن ڪتبي کي "بختي پاليءَ جو ڪتبو" تسليم ڪيو ويو آهي[8].

موجوده نالو، ڪروشتي ٻوهلر رکيو، جنهن Lalita_Vistora ڪتاب ۾ هن نالي لاءِ جواز پيش ڪيو. اهو ڪتاب (Lalita Vistara) ٽين صديءَ عيسويءَ ۾ مرتب ٿيو[9]

---

[1] Dani. A. Op. Cit. p. 251

[2] Ibid.

[3] Cunningham, Coins of India. London. 1891. p. 37

[4] Ibid.

[5] Ibid.

[6] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ. حيدرآباد. 1980ع، ص 8.

[7] ايضاً

[8] ايضاً ۽ پڻ ڏسو بهاولپور رياست جو گزيٽيئر: پنجاب جي رياستن جي گزيٽيئر جو سلسلو. جلد 6 الف. لاهور. 1908ع. ص 384

[9] Dani. A. Op. Cit. p. 251.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪروشٺي رسم الخط. پنجاب ۾ برهميءَ سان گڏوگڏ استعمال ٿيندو هو. هن (ڪروشٺي) رسم الخط ۾ لکيل سڪا، سيستان ۽ قنڌار مان بہ مليا آهن. مغرب ۾ ڪروشٺي ڪتبا، افغانستان ۾، 'خوات' (Khawat) مان هٿ آيا آهن. بلوچستان جي 'ٿال واديءَ' مان پڻ برهميءَ سان گڏ، ڪروشٺيءَ ۾ لکيل ڪتبا حاصل ٿيا آهن. اهو پڻ اندازو لڳايو ويو آهي تہ انهن خطن ۾ ڪروشٺي رسم الخط جا نمونا مشرق ڪان لڏي آيلن ٿي آندا هوندا. ڇو تہ ايراني ٻولين لاءِ اهو رسم الخط گهڻو مناسب ڪونہ هو[1]. اتر طرف ڏوراهن ايراضين ۾، ڪروشٺيءَ ۾ لکيل رڪارڊ سوات ۾ تيرث (Tirth) کان ۽ 'خلتسي' (Kalatase) کان لداخ پهتا. ڏکڻ ۾ موهن جي دڙي مان پڻ هن رسم الخط جا نمونا هٿ آيا آهن[2].

هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڪروشٺي رسم الخط جي نسبت ڪهڙي قديم لکت سان آهي؟ مٿي اهو وضاحت ۽ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي تہ ڪروشٺي رسم الخط ساڄي کان کاٻي لکيو ويندو هو. انهيءَ لحاظ سان هن جو لاڳاپو آرامي يعني اترين سامي رسم الخط سان معلوم ٿئي ٿو[3]

آئزڪ ٽيلر (Isaec Taylor)، اشوڪا جي ڪتبن جي مدد سان اهي حالتون ۽ ڪارڻ بيان ڪيا آهن، جن 'هخامنشين' (Achaemenians) کي ڪروشٺي رسم الخط ايجاد ڪرڻ ۽ ان کي ترقي وٺائڻ لاءِ مجبور ڪيو. پر ڪننگهام،[4] ٽيلر سان اختلاف راءِ ٿو رکي. هن جي راءِ موجب هن

---

[1] Dani. A. Op. Cit. 252
[2] John Marshol, Op. Cit. Vol I. p. 116
Also see Dani. Op. Cit. o. 252
[3] Basharm A.L., Op. Cit., P. 398
[4] Cunnigham. Coins of India. London 1891. P. 33

رسم الخط جي ترقيءَ ۽ واڌاري جو ڪارڻ اهو هو جو ان جو هندستان جي سنڌريل رسم الخط جي طريقي سان واسطو پيو.

بهرحال ماهرن جي خيال موجب ڪروشٽي رسم الخط، انهيءَ لاءِ جوڙيو ويو ته مقامي زبانون هن رسم الخط ۾ لکيون وڃن. ته جيئن غير مقامي حڪمران پنهنجي مقامي رعيت سان لهه وچڙ ۾ اچي سگهن. ته جيئن هو پنهنجي رعيت کي ۽ انهن جي مسئلن کي سمجهي سگهن. بهرحال ڊاڪٽر دانيءَ جي راءِ موجب هي رسم الخط غير ملڪي حڪمرانن جي آسانيءَ لاءِ ۽ سندن رڪارڊ رکڻ لاءِ وجود ۾ آيو.

جيئن ته آرامي خط فقط آرامي ٻولين لاءِ ئي مناسب هو، تنهن ڪري مقامي ٻولين کي لکڻ لاءِ ۽ انهن کي موزون بنائڻ لاءِ برصغير ۾ آرامي رسم الخط ۾ تبديليون آنديون ويون ته جيئن آرامي لکت جا تبديل ٿيل اکر، مقامي ٻولين جي آوازن جي لکت ۾ صحيح ۽ درست نمائندگي ڪري سگهن. اهو به ممڪن ٿئي ها ته آرامي رسم الخط جي اکرن ۾ ڪي نشانيون ڏيئي، انهن کي مقامي ٻولين جي آوازن کي لکڻ لائق بنايو وڃي ها، پر ائين ڪرڻ سان، ماهرن جي خيال موجب، وڏيڪ مونجهارا ٿين ها.

ڪروشٽي رسم الخط آرامي خط، جي طرز تي ٺهيل رسم الخط آهي. هن جي اکرن جي آرامي اکرن سان هڪجهڙائي آهي. ٻنهي ۾ تفاوت فقط 'فونالاجي' ۽ گرامر جو آهي. جنهن ڪري آرامي خط اصلي حالت ۾ اختيار نه ڪيو ويو، پر ان جي جاءِ تي ان مان ئي ديسي زبان جي لکت لاءِ رسم الخط جوڙيو ويو ۽ جيڪي اکر آرامي ۾ موجود نه هئا ۽ ديسي زبان ۾ موجود هئا، اهي هن ۾ وڌايا ويا. ڪروشٽي رسم الخط لاءِ حرفن جي شڪلين ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي. پر لکت جو طرف ساڄيو ساڄي کان کاٻي قائم رکيو ويو.

هن ساري بحث مان نتيجو هي ٿو نڪري تہ لکت جا اصلي باني مصري هئا. جن کان فنيقين هي فن سکيو. فنيقين کان آرامين هي فن حاصل ڪيو. آرامي رسم الخط جي اوٽ تي ڪروشٽي رسم الخط ٺهيو. فنيقي رسم الخط جي اوٽ تي موهن جي دڙي جو رسم الخط ٺهيو. جنهن تان برهمي خط جڙيو. جنهن تان وري برصغير جي ڌار ڌار علا قائي تهذيبن ۽ زبانن لاءِ ڌار ڌار رسم الخط ٺهيا. سنڌي زبان لاءِ بہ برهميءَ جي اوٽ تي ڌار ڌار لپيون ٺهيون جن جو ذڪر مٿي اچي ويو آهي.

اهڙيءَ طرح برصغير جي اولهہ واري حصي ۾ ٻيو رسم الخط ڪروشٽي ڪم ايندو هو. اهو رسم الخط پڻ آرامي خط جي اوٽ تي جوڙيو ويو. هي خط موهن جي دڙي کان مٿي. واديءِ سنڌ ۾ چالو هو.

بهرحال سنڌي زبان. سنڌ ۾. اسلام جي آمد کان اڳ. هڪ ترقي يافتہ. سڌريل ۽ روزمره واري ٻولي هئي. جا نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي پر پنهنجي لکي بہ ويندي هئي.

# ببليوگرافي

1. ابن نديم: الفهرست، اردو ترجمو هندوستان عربون کي نظر مين، جلد دوم، 1962ع

2. جاحظ: رسالہ فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو، هندوستان عربون کي نظر مين، جلد دوم، 1962ع

3. طاهر علي وائي ،ايس، پروفيسر: رسم الخط جي تاريخ، مقالو، سماهي مهراڻ، جلد 3_4، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع

4. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1980ع

## انگريزي ڪتاب

5. Cunningham, Coins of India, London, 1891

6. Basham A.L., The Wonder that was India, London, Sidgwick and Jackson, 1961, P. 394

7. Dani Ahemd Hussain, Indian Palaeography

8. James Prinsep, Essay on Indian Antiquities, ed. Thamas E. London

9. John Marshal, Mohen_jo_Daro and Indus Civilization, Arthur Probsthin, 1931

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

10. Khan, F.A., Bhambore Excavations, revised ed. Karachi, Department of Archaeology, Govt. Pakistan, 1963.
11. Ojha Gauri Shankar Hiranand, Bharatiya Prachina Lipimala,
12. Sachau Edward, C., Al_beruni's India, London, Kegan Paul Trehach Truber, 1910.
13. Gazetteer of Bahawalpur State, VIA, Lahore, 1908.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب اٺون

- سنڌي لپي / رسم الخط جي قدامت جا اُهڃاڻ:
- لوهاڻڪو. ا. ڏ – ناگري ۽ پنيور وارو رسم الخط

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سنڌي لپي/ رسم الخط جي قدامت جا اُهڃاڻ:

## لوهاڻڪو، ارڌ- ناگري ۽ ٻنيور وارو رسم الخط

متي سنڌ ۾ رسم الخط جي ابتدا ۽ ارتقا واري باب ۾، رسم الخط جي استعمال جي باري ۾ ڪي حقيقتون بيان ڪيون ويئون آهن. ان ڏس ۾ سڀ کان جيڪي اوائلي اُهڃاڻ عرب سياحن جي سفرنامن مان مليا آهن، تن جو تفصيلي احوال ”سنڌي صورتخطي“ ڪتاب ۾ ڏنو ويو آهي.

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

> ”چوٿين صدي هجريءَ (ڏهين صدي عيسوي) جي وچ ڌاري، يعني ته عربي حڪومت جي قائم ٿيڻ بعد ٻن اڍائن سون سالن واري عرصي ۾، سنڌي ۽ عربي ٻنهي ٻولين کي اهميت حاصل هئي. هن دور ۾ جڏهن عرب جاگرافيدان ۽ سياح سنڌ ۾ آيا ته هنن سنڌي ۽ عربي ٻئي ٻوليون سنڌ ۾ عام رائج ڏٺيون، يعني ته ماڻهو، ٻئي ٻوليون ڳالهائيندا هئا. جاگرافيءَ جي ٻن محققن، اصطخري ۽ ابن حوقل، جن 345هه/ 956ع ڌاري سنڌ ۽ بلوچستان ۾ اچي تحقيق ڪئي، تن هتان جي ٻولين بابت اکين ڏٺا معلومات قلمبند ڪيا هئا.“[1]

بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ. حوالو ڏنو ويو آهي. ص 20

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”متين محققن کان ٽيهه ٻٽيهه سال ڪن پوءِ، سن 377هه. 987ع ۾، ابن النديم نالي بغداد جي مشهور دانشور ۽ ڪتب فروش، مختلف ڪتابن جي مطالعي ( ۽ پڻ غالباً بغداد ۾ رهندڙ ۽ ايندڙ سنڌي عالمن کان پڇا جي بنياد تي) سنڌين جي ٻولي توڙي صورتخطيءَ بابت تفصيلي معلومات جمع ڪيا. هو پنهنجي مشهور محققانه تصنيف ”ڪتاب الفهرست“ ۾ لکي ٿو:

”سنڌ وارن ڪي مختلف ٻوليون (لغات) ۽ مختلف مذهب آهن. ڪين ڪيترن ئي قسمن جا رسم الخط آهن. هڪ شخص جيڪو سنڌن ملڪ گهمي آيو آهي، تنهن مون کي ٻڌايو ته ڪين تقريباً هڪ سؤ رسم الخط آهن“[1]

بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

”ابن النديم جو بيان ته سنڌ ۾ ڪيئي رسم الخط رائج آهن، تنهن جي بيرونيءَ جي تحقيق مان پڻ پوري تصديق ٿئي ٿي. بيروني لکي ٿو:

”مالوا ۾ ’ناگري‘ الف — ب هلي ٿي. ان بعد اردناگري (=اَڌناگري يعني اڌ اڪري ناگري) ڀاٽيه ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾ رائج آهي، ڏکڻ سنڌ ۾ سامونڊي ڪناري لڳ ’مَلقشو‘ علائقي ۾، ’ملقاري‘ الف_ب هلي ٿي، ۽ ٻهمنوا يعني منصوره ۾ ’سَيندِبَ‘ هلي ٿي.“[2]

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

”پنهنجي هن بيان ۾ بيروني ڪم از ڪم ٽن صورتخطين جو پتو ڏنو آهي، جيڪي 1020_1030ع واري عرصي ۾ سنڌ اندر رائج هيون. ’ڀاٽيه‘ (جيسلمير) ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن، يعني

---

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ. ص 70

[2] ايضاً ص 71

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسلمير واري سرحد لڳ سنڌ جي اُپرندي ڀاڱن ۾ 'اڌ اکري' هلندڙ هئي. انهيءَ مان ڀائنجي ٿو ته اندازاً موجوده سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعي ۾، اُپرندين ڀاڱن ۾، اڌ_اکري ناگري هلندڙ هئي. ساموندي ڪناري، يعني موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻين ڀاڱي ۾ 'ملقاري' رسم الخط رائج هئي. تاريخي اعتبار سان درياءَ جي اولهه طرف ميرپور ساڪري واري علائقي ۾ آڳاٽي وقت کان 'نگامرا' قوم آباد هئي ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهن جي صورتخطي "نگامري" ڏانهن اشارو هجي. وچ سنڌ واري علائقي ۾ گاديءَ جي شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾ 'سيندب' يعني 'سيندؤ' يا سنڌي صورتخطي هلندڙ هئي اها 'عربي_سنڌي' صورخطي هئي. جيڪا پهريائين منصوره واري علائقي ۾ استعمال ٿي ۽ اُتان سڄيءَ سنڌ ۾ رائج ٿي"[①]

انهن بيانن ۽ ثبوتن جي مطالعي کان پوءِ اهو دعويٰ سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ باقاعدگيءَ سان لکي ويندي هئي، هيءَ ٻولي سنڌ جا ماڻهو پنهنجي روزمره جي وهنوار، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ، وڻج واپار، ڪرت ۽ ڌنڌن ۾ ڪم آڻيندا هئا.

ڀنڀور جي کنڊرن جي تازي کوٽائيءَ، اُن مان حاصل ٿيل ٺڪرين تي لکيل اکرن جي اڀياس، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ ۾ نون بابن جا اضافا ڪيا آهن. هن کوٽائيءَ مان لڌل ٺڪرين تي لکيل اکرَ اٺين صديءَ عيسويءَ جي 'آڳاٽي – ناگري' (Proto Nagari) نموني جا آهن جن کي ٻن قسطن ۾ پڙهيو ويو آهي. جنهن مان پهرينءَ قسط ۾

① نبي بخش خان بلوچ. ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ ادب جي مختصر تاريخ. ص 74

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏيل نتيجن جو تفصيلي ذڪر "سنڌي صورتخطي" ڪتاب ۾ پڙهي سگهجي ٿو. ٻيءَ قسط ۾ ڪڏيل نتيجا هن باب ۾ اڳتي ڌار عنوان هيٺ شامل ڪيا ويا آهن.

پهرين قسط موجب آثار قديمہ کاتي طرفان ڀنڀور جي کوٽائيءَ جي باري ۾ شايع ڪيل خبرنامي ۾، ٺن ٺڪرين جون تصويرون ڏنل آهن[1] صفحي 30 تي ڏنل تصويرن مان نمبر 9، 10 ۽ 11 مان، 9 ۽ 11 نمبر وارين ٺڪرين تي هڪجهڙو رسم الخط، يعني ارڌ_ناگري رسم الخط لکيل آهي، جيڪو ڀنڀور واريءَ ڪانفرنس لاءِ ٻيءَ قسط ۾ پڙهيو ويو، ۽ اُن مان ڪڏيل نتيجن تي ڌار مقالو پيش ڪيو ويو. جيڪو هن باب سان اڳتي ملايو ويو آهي. نمبر10 واريءَ تصوير يعني وچ ۾ ڏنل تصوير تي لکيل اکر ارڌ_ناگري رسم الخط جا نہ، پر لوهاڻڪي يا لاڙيءَ رسم الخط جا معلوم ٿين ٿا. هن نموني جي رسمِ الخط يعني لوهاڻڪي يا لاڙيءَ تي لکيل اکر ارڌ_ناگري رسم الخط جا نہ، پر لوهاڻڪي يا لاڙي رسم الخط جا ڪي نمونا، منصوره (برهمڻ آباد) واريءَ کوٽائيءَ (1982ع) مان هٿ آيا آهن، جن جي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي.

ڀنڀور ۽ منصوره مان مليل ٺڪرين تي لکيل رسم الخط جي اڀياس کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي رسم الخط، سنڌ ۾ اسلام جي آمد (712ع) کان اڳ واريءَ سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ڏين ٿا. انهن لکيتن جي اڀياس کان پوءِ اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان نہ اڳ لکي ويندي هئي، جنهن لاءِ عرب سياحن جي راءِ مطابق، هڪ کان وڌيڪ لپيون موجود هيون. اهي لپيون سنڌ جي معاشي ۽ معاشرتي تاريخ جا نوان باب کولڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون آهن.

---

[1] Khan F. A., Bhambore Excavation, Revised Edition, Karachi Department of Archaeology, Government of Pakistan, 1963, P.P. 29 & 30.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اڀياس مان اهو ظاهر ٿيو آهي تہ سنڌ ۾ هر قوم ۽ خطي کي پنهنجو پنهنجو رسم الخط هوندو هو. ٻولي ساڳي سنڌي هئي، پر لوهاڻا اُن کي پنهنجي نموني سان ڀيا لکندا هئا. ڀاٽيا پنهنجو رسم الخط ڀيا ڪم آڻيندا هئا، ۽ واڻيا ڌار لپيءَ ۾ لکندا هئا. اهڙيءَ طرح ٺٽائي ڀاٽين ۽ سيوهاڻي ڀاٽين جو رسم الخط الڳ الڳ هوندو هو. بلڪل ساڳيءَ طرح راڄائي ۽ ونگائي بہ رسم الخطن جا نالا هئا. جيڪي ڪي قومون پنهنجي وڻج واپار ۽ روزانہ وهنوار ۾ ڪم آڻينديون هيون.

## 2_ ڀنڀور جا آثار— سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو:

ڀنڀور جي کنڊرن ۽ قديم آثارن پنهنجي سيني ۾ واديءِ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، ثقافتي ۽ سماجي تاريخ جا دفتر سانڍي رکيا آهن. جيتوڻيڪ آثار قديم جي ماهرن طرفان، هنن آثارن کي ديبل بندر جا آثار ثابت ڪيو ويو آهي، پر اجا بہ ڪي عالم ۽ سڄاڻ، انهيءَ راءِ کي غور طلب راءِ سمجهن ٿا ۽ انهيءَ راءِ کي قطعي ۽ آخري راءِ تسليم نٿا ڪن.

57_1956ع ۾ پنهنجي پي.ايچ.ڊي واريءَ ٿيسز تي تحقيق جي سلسلي ۾، مون ٺٽي طرف واري ساري سامونڊي ساحل جو سفر ڪيو هو. اُن زماني ۾ ڀنڀور جي اجا کوٽائي بہ ڪانہ ٿي هئي. اها سڄي ايراضي ان وقت دڙن جي صورت ۾ هئي، البت قلعي واري ديوار جا ڪي آثار نظر اچي رهيا هئا. ان وقت جنهن جهوني مرد مون کي اهي دڙا گهمايا هئا، ان جي چوڻ موجب هنن آثارن کان سواءِ سمنڊ اندر ٻيا بہ ڪيترائي آثار موجود هئا، جن مان 'رتو ڪوٽ'، 'جاکي بندر' ۽ 'ڏبو'، 'وتيجي' ۽ 'ٻوهارن' وٺان، مون ڪارين ڏريعي، هُڙن تي چڙهي گهمي ڏٺا هئا ۽ سر زمين تان سڪا ۽ ٻيو بہ ڪجهہ سامان هٿ ڪيو هئم.

ڀنڀور جي کوٽائيءَ، سنڌ جي قديم تاريخ جا اهم باب کوليا آهن. هن کوٽائيءَ مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ هت اسلامي دور کان بہ اڳ،

ڪيترن ئي خاندانن جي حڪومت رهي آهي. هنن ڏڙن کي کوٽائيءَ مان اهو پڻ ثابت ٿيو آهي ته هن شهر ۾ مسلمانن اٺين صديءَ کان وٺي رهڻ شروع ڪيو هو. ۽ سڀ کان اول جن مسلمانن هت رهڻ شروع ڪيو هو، سي عرب هئا، جيڪي تيرهين صديءَ عيسويءَ تائين هت رهيا. انهن حقيقتن جو ثبوت اُموي دور جا اُهي سڪا آهن، جيڪي آرڪيالاجي کاتي جي ماهرن کي کوٽائيءَ مان هٿ آيا هئا.

پر حقيقت هيءَ آهي ته هي شهر مسلمانن جي سنڌ تي فتح کان به گهڻو اڳ آباد هو. ان سلسلي ۾ جيڪي ثبوت مليا آهن، اُنهن ۾ اهم ثبوت هڪ ته اُهي سڪا آهن، جيڪي اسلامي دور کان اڳ جا آهن ۽ ٻيا اُهي برتن آهن، جن تي ارڏناگري ۽ لاڙي يعني لوهاڻڪي رسم الخط ۾، ان وقت جي رائج ٻوليءَ جا لکت ۾ نشان ۽ آثار ملن ٿا[1]. هتان جيڪي بُت لڌا ويا هئا، تن مان هڪ تي هڪ عورت جي چهري جا سڀ نقش چڱيءَ طرح اُبريل آهن ۽ اُن جي مٿي تي خاص قسم جو لباس آهي. ان کان سواءِ هڪ برتن تي هڪ نچندڙ جوڙي ۽ سورج مکيءَ جون تصويرون پڻ اُڪريل آهن.

انهن کان سواءِ هتان مليل ٿانون تي جاميٽريءَ جي ڊزائين جون شڪليون، نقش، چٽ، گل، انساني ۽ حيواني شڪليون، جن ۾ دريائي پکي، مڇي، نانگ، مور، هاٿي، هرڻ ۽ ڪن گلن ۽ ٻوٽن جون شڪليون ڏنل آهن، جن ۾ سورج مکيءَ جي گل ۽ ڪنول جي گل ۽ اُن کان سواءِ، سج اڀرڻ وغيره جا نشان اُڪريل نظر اچن ٿا. ان کان سواءِ مٽيءَ جا برتن، رانديڪا، جانورن ۽ انسانن جون مورتيون، هتي جي فن ۽ فنڪاريءَ جو ثبوت ڏين ٿيون.[2]

---

[1] Khan F.A., Bhambore Excavations, Karachi, 4th edition, Department of Archaeology, Govt. Pakistan, 1976. P. 15

[2] Khan F.A. Op. Cit, P. 15

پنڀور مان لڌل سامان نہ فقط هن شهر جي مطالعي جي مدد سان، وادي سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت جي تاريخ تي چڙهيل پڙدا هٽي وڃن ٿا ۽ ائين ٿو معلوم ٿئي تہ هن تهذيب جي تاريخ، آمري، ڪوٽ ڏيجي، موهن جي دڙي کان هلندي، مختلف تهذيبن جا اثر تسليم ڪندي، ماضيءَ ۽ حال جي وچ ۾ رابطو رکندي، پنڀور واريءَ تهذيب سان پنهنجا ناتا جوڙيندي، اڳتي سفر جاري رکندي هلي رهي آهي.

آرڪيالاجي کاتي جي ماهرن کي پنڀور مان جيڪي ڀاڱا برتن مليا آهن، سي پنهنجي کهاڻي ٻڌائيندي چون ٿا تہ اهي ٿانوَ ڪاري سمنڊ جي اتر ۽ اوير واريءَ قديم تهذيب سان واسطو رکن ٿا. انهيءَ تهذيب جو زمانو هڪ صدي ق-م کان شروع ٿئي ٿو ۽ هڪ صدي عيسوي ۾ ختم ٿئي ٿو. ڪاري سمنڊ جي اتر ۽ اوير جي قديم رهاڪن کي 'ساڪ يا ستيا' سڏيو ويو آهي. ساڪ يا ستيا قوم هڪ صدي ق-م ڌاري قديم ايران کان هت آئي.

ماهرن جو خيال آهي تہ هن واديءَ ۾، هڪ صدي عيسوي ڌاري، 'پارٿيا' قوم جي ماڻهن، ساڪن (ستين) جي جاءِ والاري. هن قوم، ٻڌ ڌرم اختيار ڪيو هو، پر سندن تهذيب يوناني هئي. ڪاري سمنڊ جي اوير ۾، اتر جي انهن قديم قومن يعني ستين ۽ پارٿين جي تهذيب ۽ ثقافت جو جيڪو سامان پنڀور مان لڌو ويو آهي، تنهن واديءِ سنڌ جي ثقافت جي تاريخ ۾ هڪ نئون ۽ اهم باب کوليو آهي[1].

پر هن ڏس ۾ پنڀور جي کوٽائيءَ واريءَ رپورٽ ۾ ڄاڻايل مواد کان اڳتي ڪابہ تحقيق ڪانہ ٿي آهي. خبر نہ آهي تہ اسان جي ماهرن ۽ مورخن پنڀور جي کوٽائيءَ واريءَ رپورٽ کي آخري رپورٽ يا آخري تحقيق سمجهي، هن ڏس ۾ پنهنجو قلم ڇو روڪي ڇڏيو آهي ۽ اڳتي سوچڻ لاءِ ڇو نہ ويچار ڪيو اٿن؟ ٿيڻ تہ هيئن کپندو هو تہ پنڀور واريءَ

[1] Ibid., PP. 11 & 12

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رپورٽ ۾، جن جن پهلوئن طرف ڊاڪٽر ايف.اي خان طرفان اشارا ڪيا ويا آهن ۽ جن جن نقطن طرف هن صاحب نشاندهي ڪئي هئي، تن تي وڏيڪ سوچ ويچار، غور ۽ فڪر ۽ تحقيق ڪئي وڃي ها. هن ڏس ۾ آرڪيالاجيءَ جي ماهرن، فنون لطيفہ جي ڄاڻن، فن تعميرات جي فاضلن، مختلف هنرن تي ڄاڻ رکندڙن، رياضيدانن، علم الانسان (anthropology) جي اڪابرن ۽ لسانيات جي ماهرن ۽ مورخن توڙي جاگرافيءَ جي استادن کي پنهنجن پنهنجن مضمونن جي لحاظ کان سوچڻ گهرجي ۽ تحقيق ڪرڻ گهرجي.

هن وقت تائين ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان مليل مواد تي فقط ٻن نقطن جي لحاظ کان سوچيو ويو آهي، ۽ ان سلسلي ۾ کوجنا ڪري نتيجا ڪڍيا ويا آهن. انهن مان هڪ نقطو هي آهي تہ اهي آثار، سنڌ جي قديم ۽ تاريخي شهر ديبل بندر جي قتل شهر جا کنڊر آهن. ٻيو نقطو هي آهي تہ ڀنڀور واري مسجد، برصغير جي سڀ کان پهرين مسجد آهي، جيڪا هن شهر جي فتح کان پوءِ فوراً جوڙائي ويئي هئي. هن سلسلي ۾ هن عمارت وٽان حاصل ٿيل پٿر تي اڪريل ڪتبا، هن دعويٰ لاءِ آخري دليل سمجهيا وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح هنن آثارن مان، سنڌ ۾ اسلامي دؤر ۽ اسلام کان اڳ واري دؤر جا سڪا پڻ هٿ آيا آهن، پر انهن تي بہ اڃا تائين ڪا تفصيلي تحقيق ڪانہ ڪئي وئي آهي.

مٿي ڄاڻايل ٻئي نقطا، ڀنڀور واريءَ تهذيب لاءِ واقعي اهم نقطا آهن. ان ڳالهہ کان ڪوبہ انڪاري نہ آهي تہ جنهن جاءِ وٽان اهي ڪتبا لڌا ويا هئا سا ڪا مسجد نہ آهي. ڪنهن کي بہ اعتراض نہ آهي تہ ڪو ڀنڀور واريءَ تهذيب تي اسلامي تهذيب ۽ ثقافت جو اثر نمايان نہ آهي؛ ڪوبہ عالم انڪار نٿو ڪري تہ هت عرب مسلمان اٺين صديءَ کان تيرهين صديءَ تائين آباد هئا. پر سوال هي آهي تہ آرڪيالاجي کاتي جي ماهرن، مورخن، علم الانسان جي فاضلن ۽ علم اللسان جي شاگردن کي اها تہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي تہ هن شهر جي آباد هجڻ جا ثبوت، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان ڪافي اڳ٘اتا. يعني هڪ صدي ق-م ۾ ملن ٿا. هتان لڌل سڪا، برتن ۽ ٻيو سامان، اهڙي گواهي ڏين ٿا. هت ٻڌمت، هندو مت، شو پنٿ ۽ انهن کان بہ اڳ جي انسانن جي آباد هجڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا، پر ماهرن هنن آثارن جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل مواد کي مختلف دؤرن ۾ ورهائڻ جي باوجود ۽ سڀني دورن کي اهميت ڏيڻ جي بدران، فقط هڪ دؤر کي وڌيڪ اهميت ڏيئي، ان جي وڌيڪ اُپٽار ڪئي ۽ واديءِ سنڌ جي تاريخ جي پهلوئن تي لکڻ تہ پري رهيو، پر انهن کي ڇُهڻ بہ مناسب نہ سمجهيو. هن ڏس ۾ ماهرن جي مراد فقط هيءَ هئي تہ هت عربن جي آمد ۽ عربي تهذيب جي اثرن جا اهڃاڻ ڳولي، ثابت ڪري، انهن جي نشاندهي ڪئي وڃي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر فضل احمد خان پنهنجيءَ رپورٽ ۾ لکي ٿو:

”ڀنڀور جي کنڊرن تي هن وقت جيڪا تحقيق ٿي رهي آهي، ان جو بنيادي مقصد آهي هن بستيءَ جي آغاز ۽ اٺين صديءَ جي اوائل ۾، سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ مسلمانن جي بودوباش جي طريقي ۽ ان دور جي تهذيب ۽ ثقافت جو پتو لڳائڻ[1]

واديءِ سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن سان محبت رکندڙن کي عربي دؤر جي تهذيب ۽ تمدن، سنڌ جي معاشري ۽ معاشرتي تاريخ تي ان (اسلامي) دور جي اثر ۽ ڇاپ لاءِ قدر ۽ احساس آهي. تهذيبون هڪ ٻئي تي اثر ڪنديون آهن، اها هڪ مڃيل حقيقت آهي. سنڌي تهذيب تي عربي ۽ اسلامي تهذيب جي اثر کان سنڌ جو ڪوبہ ماڻهو انڪار نٿو ڪري، پر ڀنڀور مان مليل سامان جي اڀياس مان ائين بہ ظاهر ٿئي ٿو تہ

---

[1] Khan F.A Bhambore Excavations Karachi. Deptt: of Archaeology. Govt of Paksitan 4th, edition. 1976. P.9

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هت ٻين تهذيبن جا بہ نشان ۽ اُهڃاڻ ملن ٿا. جن تي اڃا تائين قلم نہ کنيو ويو آهي.

ڊاڪٽر فضل احمد خان جي مٿي بيان ڪيل راءِ مان اهو بلڪل واضح آهي تہ سندس سامهون فقط هڪ مقصد هو ۽ اهو هو 'انين صديءَ جي شروعات ۾ سنڌ ۾ آباد ٿيندڙ عربن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي طريقي ۽ عربي دور جي تهذيب ۽ ثقافت جي باري ۾ کوجنا ڪرڻ'. ڊاڪٽر صاحب جي راءِ مان اهو چٽي طرح ظاهر آهي تہ سندس دلچسپي هن قديم شهر ۾ رهندڙ ٻين قومن يا تهذيبن سان ڪانہ هئي. انهيءَ سوچ جو نتيجو اهو نڪتو جو سواءِ مرحوم مسٽر عبدالغفور ۽ شيخ خورشيد حسن جي، آرڪيالاجي کاتي جي ٻئي ڪنهن بہ ماهر هنن آثارن جي حوالي سان اڳتي ڪا بہ کوجنا ڪانہ ڪئي.

ڊاڪٽر فضل احمد خان جي نظريي ۽ راءِ جو ثبوت هن حوالي مان بہ ملي ٿو، جنهن ۾ هو صاحب لکي ٿو:

"انهن کوٽاين مان هتان نہ صرف هڪ وسيع ساحلي قلعبند شهر جا آثار مليا آهن، پر هتان ان ابتدائي زماني جي فن تعمير ۽ ٻين لطيف فنن متعلق تمام گهڻيون شيون پڻ هٿ آيون آهن. هتان مٽيءَ جي برتنن جو جيڪو وڏي ۾ وڏو تعداد هٿ آيو آهي، ان جي مدد سان محقق کي پهريون دفعو مسلمانن جي اوائلي دور جي برتنن جي مطالعي جو موقعو مليو آهي. اميد آهي تہ هي مطالعو وڌيڪ تحقيقات لاءِ بنيادي حيثيت رکندو[1]".

ڊاڪٽر صاحب اڳتي هلي لکي ٿو تہ:

---

[1] Khan F.A., Op. Cit, P. 17

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پنجن ڇهن جڳهين تي جيڪا گهري کوٽائي ٿي آهي، ان جي مدد سان انهن دڙن جي هر تهه جي خبر پئجي سگهي آهي. انهن هيٺين تهن کان مٿين تهن تائين، ’ساڪ‘ گهراٽي، ايرانين (ساسانين)، هندو، ٻڌمت ۽ اسلام جي ابتدائي ٽن دورن جا آثار معلوم ٿين ٿا، جيڪي پهرين صدي قبل مسيح کان وٺي تيرهين صدي عيسويءَ تائين هڪ ڊگهي زماني تي حاوي آهن[1].“

هاڻ سوال هي ٿو پيدا ٿئي تہ سٿين ۽ پارٿين، ايرانين ۽ ٻڌمت ۽ هندو دؤر واري هن قديم تهذيب متعلق اسان جا مورخ ۽ ماهر خاموش ڇو رهيا آهن؟ پنيور واري تهذيب جي ملڪ ۾ پچار ڇو نہ آهي؟ ڇا انهن جا برتن، رانديڪا، روزانہ زندگيءَ جو سامان، سڪا، اُن قديم تهذيب ۽ ثقافت جي باري ۾ ڪجهہ بہ نٿا بيان ڪن؟ اهو سامان پنهنجي دؤر جي معاشري ۽ معاشرتي زندگيءَ تي ڪابہ روشني نٿو وجهي؟ جيڪڏهن انهيءَ سرمايي ۽ مواد جي مطالعي جي مدد سان اسان جي ملڪ جي قديم تاريخ، قديم تهذيب ۽ قديم ثقافت جي باري ۾ معلومات ملي ٿي تہ پوءِ انهن جي باري ۾ اسان جا ماهر خاموش ڇو رهيا آهن ۽ انهيءَ دؤر کي اهميت ڇو نہ ڏني اٿن؟

پنيور جي کوٽائيءَ مان مليل سامان جي اڀياس مان ظاهر ٿو ٿئي تہ هن ۾ ڌار ڌار مذهبن جا ماڻهو رهندا هئا. سڀ کان اهم نقطو هي آهي تہ هتان مليل مواد تي جيڪي چٽ، گل، نقش، ڊزائينون ۽ جاندار جون شڪليون وغيره آهن. انهن مان هن تهذيب جي رهاڪن، ماڻهن جي روزانہ زندگيءَ، زندگيءَ جي فلسفي، سوچ، فڪر، مذهب، فن، هنرن ۽ ڪاريگرن ۾ ذوق ۽ نفسيات جي خبر پوي ٿي.

[1] Khan F.A; Op. Cit., P. 15.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماهرن کي اها خبر آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ جي ٻولي، اُن ملڪ جي سماجي، ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي آئينہ دار هوندي آهي؛ ڪنهن بہ قوم جي ٻوليءَ جي مطالعي مان اُن قوم جي معاشي ۽ معاشرتي قدرن، سوچ ۽ فڪر جي ارتقا، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي خبر پوندي آهي. ڀنڀور جي آثارن مان مليل مواد جو مطالعو، هت رهندڙ ماڻهن جي ذهني ارتقا، معاشي ۽ معاشرتي حيثيت، فن ۽ فنڪارانہ قابليت، مذهب ۽ مذهبي اصولن وغيره جو املهہ مواد سامهون آڻي ٿو، جنهن جي ڏسڻ سان علم الانسان جا ماهر هتي جي ماڻهن کي وڏي قدر ۽ احترام جي نگاهہ سان ڏسن ٿا.

هن ڏس ۾ مٿي بيان ڪيل نقطن ۽ هتي جي ماڻهن جي اخلاقي ۽ اقتصادي تاريخ متعلق گهڻي ۾ گهڻي ۽ مفيد معلومات انهن ٺڪرين جي ذريعي ملي ٿي، جن تي 'ڪلڪ' سان، اُن زماني جي ٻوليءَ جا ڪجهہ اکر لکيل مليا آهن، جن کي ڊاڪٽر خان "ProtoNagari" اکر ٿو سڏي[1].

انهن ٺڪرين تي لکيل لفظ ثابت ڪن ٿا تہ هن شهر جا ماڻهو نہ فقط هڪ پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جا ڌڻي هئا، پر هو پنهنجي روزانہ زندگيءَ ۽ وهنوار، اُٿڻيءَ ويهڻيءَ ۾ بہ پنهنجي ٻولي ڪم آڻيندا هئا، جيڪا هو نہ فقط ڳالهائي سگهندا هئا، پر هو اُها ٻولي باقاعدگيءَ سان لکي بہ سگهندا هئا. انهن ٺڪرين تي لکيل اکرن مان ائين پڻ واضح ٿئي ٿو تہ هن شهر جا ماڻهو، هڪ کان وڌيڪ رسم الخط لکي سگهندا هئا. هن مان اها بہ دعويٰ ڪري سگهجي ٿي تہ هت رهندڙ ڌار ڌار قومن جو ڌار ڌار رسم الخط هوندو هو، يعني لوهاڻا پنهنجو لوهاڻڪو يا لاڙي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا، تہ ٻيا هندو ارڌناگري رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. اهڙيءَ طرح هت 'مالوشائو' يا 'مالوالي' رسم الخط پڻ رائج هو.

---

[1] Khan F.A. Op. Cit P. 101

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



ٻولي، قومن جي زندگي، ثقافت ۽ تمدن جو آئينو آهي. سنڌي ٻوليءَ سان دلچسپي رکندڙ دوستن کي اها تہ خبر آهي تہ انهن ٺن ٺڪرين مان هڪ، جنهن تي لوهاڻڪي[1] يا لاڙي رسم الخط ۾ ڪجھ اکر لکيل آهن، اُن ٺڪريءَ واريءَ لکت، مون، سال 1968ع ۾ پڙهي، اُن جا نتيجا نئين زندگي رسالي ۾، مضمون جي صورت ۾ شايع ڪرايا هئا. وري اُن تي وڌيڪ اڀياس ڪري، 1979ع ۾ پنهنجي ڪتاب ”سنڌي صورتخطيءَ“ ۾، اُن جي باري ۾ تفصيلي بحث ڪيو هئم. ان ٺڪريءَ تي لکيل اکرن جي پڙهڻ کان پوءِ مون جيڪي نتيجا ڪڍيا هئا، انهن کي هت دهرائڻ مناسب ٿو سمجهان. اهي نتيجا هي آهن:

(الف) ”ٻنڀور واري لکت مان هڪ يعني تصوير نمبر 10 واري لکت پڙهي وئي آهي. اُن لکت جي پڙهڻي آهي: لفظ ’ٻجُر هيدر‘. پهرينءَ سٽ ۾ لکيل لفظ آهي ’ٻجُر‘ ۽ ٻيءَ سٽ ۾ لکيل آهي ’هيدر‘. انهيءَ ٺڪريءَ ٽوڙي ٻين ٺڪرين تي لکيل لفظ، سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان اڳ جي زماني جي سنڌي ٻوليءَ جي لکيل صورت جي املھ نشاني آهن.

(ب) اسلام جي آمد کان اڳ، سنڌي ٻولي ديسي رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي، جنهن جا هڪ کان وڌيڪ رسم الخط هئا. يعني هر قوم کي پنهنجو پنهنجو رسم الخط هو. ٻولي اهائي ساڳي

---

[1] الانا غلام علي. ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون. حيدرآباد. سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. 1993. ص 31 ۽ 32

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يعني سنڌي هئي، پر لوهاڻا ان کي پنهنجي نموني پيا لکندا هئا ته ڀاٽيا پنهنجو رسم الخط پيا ڪم آڻيندا هئا.

(ت) اهو به ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي، واپاري ڏي – وٺ ۽ عام استعمال واري ٻولي هئي. اُن ۾ نجوم، هيئت، رياضي، طب ۽ ٻين علمن توڙي واپار، تجارت، روزانه استعمال جي شين، مختلف قسمن جي ڪپڙن، دوائن وغيره لاءِ لغوي خزانو موجود هو.

(ج) 'ٻُجر هيدرُ' لفظ، ويا ڪرڻ جي لحاظ کان توڙي نحوي نقط نگاهه کان نهايت ئي دلچسپيءَ وارو لفظ آهي. هن لفظ جي ڇنڊڇاڻ کان پوءِ ڇٽي سگهجي ٿو ته اڄ کان ڇوڏهن سؤ اناويهه سال اڳ به، سنڌي ٻوليءَ جي صفتي فقرن جي ساخت ۽ ستاءَ ساڳي هئي.

پنيور واريءَ لکت جي مطالعي کان پوءِ انهيءَ نتيجي تي پهچجي ٿو ته هتي لوهاڻڪو يا لاڙي رسم الخط، ارڙناگري رسم الخط ۽ مالوالي رسم الخط رائج هئا، جنهن جو ثبوت عرب سياحن جاحظ، ابن النديم ۽ البيرونيءَ جي بيان مان ملي ٿو. هن سلسلي ۾ جاحظ (864 ع) لکي ٿو:

"سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو، انهن جو هڪ خاص سنڌي (هندي) خط آهي (الخ)."[1] مسودي (957 ع) لکي ٿو:

"سنڌ جي زبان هندستان کان مختلف آهي. سنڌ اسلامي ملڪن سان قريب تر آهي. مهانگر يعني وليراءِ جي سلطنت جي تختگاهه جي ٻولي 'ڪتري' آهي. هيءَ اُنهيءَ طرف ۽ پسگردائيءَ جي زبان آهي، مگر

---

[1] جاحظ: رساله فخرالسودان علي البيضان. اردو، ترجمو. هندوستان عربون کي نظر ۾ اعظم ڳڙهه. دارالمضنفين، 1960 ع، ص 72.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ثقيل آهي. سامونڊي ساحل، چيمور، سوپاره ۽ ٺاڻي وغيره ساحلي شهرن جي زبان ”لاڙي“ آهي.“①

ساڳيءَ طرح بشاري مقدسي (تصنيف 985) لکي ٿو:

”ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي. هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن. سمنڊ جو پاڻي طغيانيءَ جي وقت شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشندا واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي زبانون ڳالهائين ٿا.“②

اهڙيءَ طرح ابن النديم (995) جو رايو آهي:

”سنڌ جي ماڻهن جون زبانون ۽ مذهب باهم مختلف آهن، ۽ رسم الخط متعدد آهن. هن جا تقريباً ٻه سؤ رسم الخط آهن. سنڌ جي ماڻهن وٽ 9 رسم الخط رائج آهن.....الخ“③

بلڪل ساڳيءَ طرح البيروني لکي ٿو:

”ڏکڻ سنڌ ۾ ڪاري واري خطي ٺائين، ’مالوشائو‘ (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي ’مالوالي‘ به چئبو آهي. بهمنوا (منصوره) ۾ ’سئندو‘ رسم الخط ڪم ايندو هو. لاڙي خط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو هو. اردناگري رسم الخط ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو هو.“④

عرب سياحن جا مٿي جيڪي رايا ڏنا ويا آهن، تن مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ جي نه فقط ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ ثبوت طور پيش ڪيو ويو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻوليءَ ۽ ان لاءِ ڪم ايندڙ لکت ۽ انهن جي ڏار ڏار نمونن بابت به پتو

---

① ابوالحسن مسعودي: مروج الذهب و معاون الجوهر اردو ترجمو، حوالو ڏنو ويو آهي. ص 288_289.

② بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفيته. ايضا. ص 385_386

③ ابن النديم: الفهرست. ايضاً. جلد دوم، 1962ع. ص 3_4.

④ Edward C.Sachau. Alberuni's India. London. Kegan Paul Trench Trubner. 1910. R. 173

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوي ٿو. جاحظ، ابن النديم ۽ البيرونيءَ جي احوالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌ ۾ اسلام جي آمد وقت سنڌي ٻولي نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اها روزمره جي استعمال واري ٻولي هئي. هيءَ ٻولي ماڻهن جي خيال جي اظهار جو ذريعو هئي ۽ اها ڌار ڌار رسم الخطن ۾ لکي بہ ويندي هئي، ۽ اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي تہ ان وقت جي ٻولي ان وقت جي تهذيب، ثقافت ۽ ان جي قدرن کي اجاگر ڪري ٿي.

ڀنڀور جي کوٽائيءَ مان مليل ٺڪرين تي لکيل اکرن جي وڌيڪ اڀياس کان پوءِ هن نتيجي تي پهچجي ٿو تہ ابن النديم ۽ البيرونيءَ جيڪا راءِ ڏني هئي، سا سچي ۽ صحيح هئي. ان سلسلي ۾ پهرين 1968ع ۾، پوءِ 1976ع ۾ ۽ ان کان پوءِ 1979ع ۾ ۽ پوءِ 1993ع ۾ ڪڍيل نتيجن ۾ اهو عرض ڪيو ويو هو تہ هتان لاڙي يا لوهاڻڪي ۽ ارڌناگري رسم الخط جا ثبوت ۽ نمونا مليا آهن.

قديم آثارن جو جڳ مشهور ماهر ڊاڪٽر داني پنهنجي ڪتاب Indian Paleography ۾، برصغير جي هندستان واري اڪثر حصن ۾ رسم الخط جي مختلف نمونن جو مطالعو ڪيو آهي ۽ ان سلسلي ۾ حوالا بہ ڏنا آهن، جن جو ذڪر هن واري باب کان اڳ باب ۾ ڪيو ويو آهي؛ پر ڊاڪٽر صاحب کي سنڌ جي باري ۾ شايد ڪا معلومات ملي ڪانہ سگهي، جيتوڻيڪ عرب سياحن، سنڌي رسم الخط ۽ سنڌ ۾ مروج رسم الخط طرف واضح طور اشارا ڪيا هئا، ۽ انهن ۾، هندستان جي مشرقي، مغربي، اتر_اولهہ، ڏکڻ وارن صوبن جي لپين جو بہ وستار ڪيو آهي، پر ڊاڪٽر داني صاحب جو ڪتاب، صرف سنڌ جي ذڪر کان خالي آهي. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ XVIa ۽ XVIb تختين تي "ملوالي" رسم الخط جا مثال ۽ حوالا ڏنا آهن. پر هن خط کي سنڌ ۾ ڳولڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي اٿن.

منهنجي خيال ۾، جنهن رسم الخط کي سر گريئر سن، ڪراچي ضلعي جو رسم الخط ٿو سڏي، سو اصل ۾ 'لاڙي يا لوهاڻو رسم الخط' آهي.

مٿي عرض ڪيو ويو آهي ته هن ڪان اڳ، هڪ نڪريءَ تي لکيل لاڙي يا لوهاڻڪي اکرن جي پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، ۽ باقي رهيل ٻن نڪرين تي لکيل اکرن جي پڙهڻيءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻي هئي. ڀنڀور سيمينار 1983ع ۾ ڀنڀور وارين انهن باقي ٻن نڪرين جي پڙهڻيءَ جي باري ۾ ڪجهه عرض ڪيو ويو هو. اڳ ۾ جاحظ جي حوالي سان بيان ڪيو ويو آهي ته سنڌ جا ماڻهو علم رياضي، علم نجوم ۽ حسابن ۾ ڪافي اڳتي هئا. جاحظ جي هن دعويٰ جو دليل ڀنڀور مان لڌل هڪ نڪريءَ تي لکيل اکرن مان چٽيءَ طرح ملي ٿو.

هن نڪريءَ جي اڀياس مان هڪ ته ان دور جي انگن لکڻ جي خبر پوي ٿي، ۽ ٻيو ته انهن انگن جي لکيل صورت مان پتو پوي ٿو ۽ ابن النديم جي راءِ جي تصديق ٿئي ٿي ته ان زماني ۾ به سنڌ ۾ علم رياضيءَ جو عام رواج هو. ماڻهن کي انگن ۽ انهن جي ڳاڻيٽن ۽ حساب ڪتاب رکڻ جي پوري ڄاڻ هئي. هو نه فقط انگن جي سڄي صورت مان واقف هئا ۽ ان جي لکڻ جو وٽن رواج هو، پر ماپ ۽ تور ۾ به وڌيڪ آسانيءَ لاءِ، ڪين نه فقط انگن جي پاڱن ۽ جزن جي به زباني طور ڄاڻ ۽ خبر هئي، پر ان جو لکت ۾ به اظهار ڪري سگهندا هئا. ڪنهن به قوم وٽ اهڙي ترقي يافته طريقي جو هجڻ، ان قوم جي ذهانت جو ثبوت آهي. هن نڪريءَ (نمبر پهرين ص 9) جي ٻي سٽ ۾ . . .....، دراصل سڄي لفظ جي 'لُنڊي'، چوٿي يا مخفف صورت آهي، جنهن جي مراد آهي 'ماپ'. سنڌ ۾ اڄ به واپارين وٽ ائين لکڻ جو رواج آهي. هن سٽ ۾ .......... اکر مان مراد آهي 'سوا هڪ پاءُ'. سڄيءَ سٽ جي پڙهڻي ٿيندي 'ماپ سوا هڪ پاءُ'. هن مان هي ٿو اندازو لڳائي سگهجي ته دڪاندار پنهنجي وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻچائڻ لاءِ ڪنهن شيءِ جون، سوا هڪ هڪ پاءُ جي تور جيتريون پڙيون يا ويڙهيون اڳواٽ ئي ٻڌي، تيار ڪري رکندا هئا ته جيئن دڪاندار ۽ خريدار جو وقت ضايع نه ٿئي.

علم رياضيءَ سان دلچسپي رکندڙ ماهرن لاءِ وڏيڪ دلچسپيءَ وارو نقطو هي به آهي ته پنيور جا ماڻهو ڪنهن به شيءِ جي ننڍن جزن مان به چڱيءَ طرح واقف هئا. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته سجو، اڌ، پاءُ ۽ منو وغيره جهڙا هڪ سڄي انگ جا جزا، ان وقت به سنڌ ۾ روزمره جي زندگيءَ ۽ واپار ۾ استعمال ٿيندا هئا.

هن لفظ کان هيٺ، ٽينءَ سٽ ۾ لکيل آهي . . . ..... جنهن جي پڙهڻي آهي 'سوا ٻه'. يعني ته پنيور جا رهاڪو نه فقط انگ اکر لکي سگهندا هئا، پر جزن جي ڄاڻ کان سواءِ، انهن جزن جي لکڻ جو به وڏن رواج هو: يعني ته هو وڏا حسابدان ۽ رياضيدان هئا، جنهن جو ذڪر جاحظ پڻ ڪيو آهي.

اهڙي نموني ساڳئي صفحي 30 تي، شڪل نمبر11 ۾ ڏنل ٺڪريءَ تي جيڪي اکر لکيل آهن تن جي پڙهڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيتوڻيڪ انهيءَ ٺڪريءَ جي پڙهڻيءَ مان، آءٌ اڃا مطمئن نه آهيان، اها دعويٰ نٿو ڪريان ته جيڪا پڙهڻي مون مقرر ڪئي آهي اها آخري ۽ بلڪل درست آهي، پر ماهرن جي ڌيان ۽ سوچ لاءِ، آءٌ پنهنجا رايا پيش ڪريان ٿو، ۽ ٻين ماهرن کي پڻ دعوت ٿو ڏيان ته هو به هن ڏس ۾ ڪوشش ڪن. انهيءَ ٺڪريءَ تي پهرين سٽ ۾ جيڪي اکر لکيل آهن، اُهي هيٺ ڏجن ٿا:




ان جي پڙهٽي آهي: 'رمدريها پٽ'. 'پٽ' مان مراد ته ريشم آهي، پر "رمدريها" ڇا آهي، ان تي سوچڻو پوندو. ممڪن آهي ته اهو ڪو ريشم جو قسم هجي.

ٻيءَ سٽ جي پڙهٽي آهي: 'ڍيرو هڏبرو'، يعني 'هڏبي رنگ جو ڍيرو'، ۽ ٽينءَ سٽ جي پڙهٽي آهي: 'ٺنڊو'.

انهن ٺڪرين جي پڙهٽيءَ مان خبر پوي ٿي، ته ان وقت ڪهڙي قسم جو ڪپڙو يا ٻيو سامان عام طور وڪامندو هو؛ ڪهڙين ڪهڙين شين جو واپار هلندو هو، ۽ سنڌي سماج ۾ ڪهڙا ڪهڙا رنگ استعمال ٿيندا هئا. انهن ٺڪرين جي اڀياس کان پوءِ، سنڌ جي معاشي ۽ سماجي حالتن ۽ ماڻهن جي نفسيات، سندن طبيعت جي لاڙن، تهذيب ۽ تمدن جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چئي سگهجي ٿو.[1]

[1] Khan F. A., Op. Cit. P. 15.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي

1. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي چوٿون ڇاپو، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، 1993ع
2. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ حيدرآباد، پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي، 1993ع
3. Khan, F.A., Bhambore Excavations Revised Edition, Karachi, Department of Archaeology, Government of Pakistan, 1963
4. ابن النديم: الفهرست، اردو ترجمه، هندوستان عربون کي نظر ۾، جلد دوم، 1962ع
5. بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفة، اردو ترجمه، هندوستان عربون کي نظر ۾، ايضاً
6. جاحظ: رساله فخرالسودان علي البيضان، اردو ترجمو ايضاً، 1960ع
7. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صورتخطي، ڏسو حوالو پهريون
8. مسعودي: مروج الذهب و معاون الجوهر، اردو ترجمو، هندوستان عربون کي نظر ۾

9. Khan, F.A. Bhambore Excavations Revised Edition, Karachi, Department of Archacology, Gov. of Pakistan, 1963.

10. Sachau, E.C., Al_beruni's India, London, Kegan Paul, Trench Trubner, 1910

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب نائون

- سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب تي
ٻين ٻولين ۽ تهذيبن جو اثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ ۽ تهذيب تي ٻين ٻولين ۽ تهذيبن جو اثر

انسان ذات جي تهذيب ۽ تمدن جو سڀ کان اعليٰ خزانو ٻولي ئي رهي آهي. دنيا ۾ ڪابه اهڙي قوم نه آهي جيڪا ٻين قومن جي تهذيب ۽ تمدن کان متاثر نه ٿي هجي، اهڙيءَ طرح دنيا ۾ ڪابه اهڙي ٻولي نه آهي جيڪا پنهنجي پاڙي وارين ٻولين کان اثرانداز نه ٿي هجي؛ ان کان ڪجهه ورتو نه هجيس، يا ان تي پنهنجي لساني ورثي جا اثر نه ڇڏيا هجنس، ۽ ان کي ڪجهه ڏنو نه هجيس.

دنيا جي مختلف قومن ۽ انهن جي تهذيبن جا هڪٻئي تي مٿي بيان ڪيل اثرن لاءِ ڪيترا ئي سبب ۽ ڪارڻ آهن. اهڙيءَ طرح ٻولين جي لغوي خزاني جي، هڪٻئي کي ڏي ـ وٺ جا ڪيترائي سبب آهن. انهن سببن مان هڪ سبب آهي: 'ڪنهن ملڪ کي فتح ڪري، اُن تي پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ کي رائج ڪرڻ' يا مفتوح قوم مٿان پنهنجي تهذيب، تمدن ۽ ٻوليءَ کي مسلط ڪرڻ. انهيءَ سبب جي ڪري فاتح قوم جي ٻوليءَ، تهذيب، تمدن ۽ رسم ۽ رواج جو اثر، مفتوح قوم ۽ ان جي تهذيب، تمدن ۽ رسم و رواج ۽ ٻوليءَ تي ضرور ٿيندو آهي. فاتح قوم جي تهذيب ۽ تمدن ۽ ٻوليءَ کي ان ڪري به اهميت ملندي آهي جو اها حڪمران طبقي جي ٻولي هوندي آهي. اهڙيءَ طرح فاتح قوم جي ٻولي يا ته مفتوح قوم جا ٻوليءَ تي سراسر غالب پئجي ويندي آهي، يا فاتح قوم کي ٻوليءَ جي هزارين لفظ، مفتوح قوم جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويندا آهن. پر اُن جي ساخت ۽ سٽاءُ تي اُن جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر جو ٻيو ڪارڻ، قومن ۽ آبادين جو باهمي ميل جول آهي. جڏهن ڪي ٻه ٻوليون، هڪ اهڙي ملڪ ۾ ڳالهايون وينديون آهن، جو (ملڪ)، سياسي طور هڪ نظام هيٺ هوندو هجي، تڏهن اهي ٻئي ٻوليون هڪ ٻئي تي اثر ڪنديون آهن، ۽ هڪ ٻئي کان ڪجهه وٺنديون آهن ۽ هڪ ٻئي کي ڪجهه ڏينديون آهن.

ٻولين جي هڪ ٻئي تي اثر جو ٽيون ڪارڻ، پاڙيسري هجڻ آهي، ۽ پاڙي وارن ملڪن جي ماڻهن جي لڏپلاڻ، اُن جو هڪ خاص سبب هوندو آهي. جڏهن ڪي ماڻهو، گهڻي تعداد ۾، هڪ ملڪ کان لڏي، پير واري ملڪ ۾ وڃي رهندا آهن، تڏهن نئين ملڪ ۾ رهي، لڏي ايندڙن طرفان اُن ملڪ جي اصلي رهاڪن سان ميل جول قائم رکڻ سان، ٻنهي گروهن جون ٻوليون هڪ ٻئي سان ٽڪر کائينديون آهن، ۽ هڪ ٻئي کي لفظن ۽ لغوي خزاني جو ذخيرو ڏينديون ۽ وٺنديون آهن.

اهڙيءَ طرح ٻولين جي هڪ ٻئي تي اثر جا، ماهرن جيڪي ڪارڻ ۽ سبب مقرر ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

(1) تجارتي ۽ واپاري ناتا
(2) سماجي ۽ ثقافتي ناتا
(3) باهمي شاديون ۽ ميل جول
(4) ساڳيو مذهب، مذهبي تبليغ ۽ ميل جول
(5) آباديءَ جي لڏپلاڻ

مٿي بيان ڪيل سببن ۽ ڪارڻن جي روشنيءَ ۾، سنڌي زبان جو، سنڌ جي پير وارن ملڪن ۾ پکڙجڻ ۽ اُتي جي ٻوليءَ تي پنهنجا صوتي، صوتياتي، صرفي، نحوي، معنوي ۽ لُغوي اثر ڇڏڻ ۽ اُنهن ٻولين جي صوتي، صوتياتي، صرفي، نحوي ۽ لغوي اثر قبول ڪرڻ هڪ لازمي امر آهي. سنڌي ٻوليءَ طرفان سرحد پار، ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات ۽ راجستان ۾ پنهنجا لسانياتي اثر ڇڏڻ ۽ سنڌ اندر اُتي جي ٻولين کان

اثرانداز ٿيڻ، لازمي امر هو. اهڙيءَ طرح قديم سنڌ اندر، بلوچستان جي سبي، ڪڇي، قلات، مڪران ۽ لسٻيلي واريءَ ايراضيءَ ۾ اثرانداز ٿيڻ ۽ اُتي جي مقامي ٻوليءَ جا اثر قبول ڪرڻ به هڪ زنده ٻوليءَ لاءِ صحتمند نشاني آهي. ساڳيءَ طرح سرائڪي ٻوليءَ جي خطي ۾، بهاولپور، ملتان، ڪيتران، ديره جات، ٻکر، مظفر ڳڙهه، ليه ۽ ميانواليءَ تائين پنهنجا اثر قائم ڪرڻ ۽ سرائڪيءَ جي لب و لهجي، صوتيات، صرف ونحو، معنوي ۽ لغوي خزاني کان اثرانداز ٿيڻ لاءِ جيڪي ڪارڻ ۽ سبب ٿي سگهن ٿا، اهي مٿي بيان ڪيل ڪسوٽيءَ سان ٺي پرکي سگهجن ٿا.

سنڌي لسانيات جو هيءُ باب فقط انهن حدن تائين محدود نٿو ڪري سگهجي، پر انهيءَ سلسلي ۾ فارسي ۽ سنڌيءَ جو هڪ ٻئي تي اثر ڪرڻ، ۽ عربي ۽ سنڌيءَ جو هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيڻ، هن مطالعي جي سلسلي ۾ هڪ اهم باب جو اضافو آهي.

مٿي بيان ڪيل ٻولين، ماڻهن ۽ ملڪن سان، سنڌ جا تهذيبي ۽ تمدني رشتا ۽ سنڌي ٻوليءَ جا لسانياتي رابطا، ڪنهن هڪ سال، ڪنهن هڪ عرصي يا هڪ دور ۾ نه ٿيا آهن، پر هر تهذيب ۽ تمدن، هر ٻوليءَ جا رابطا ۽ رشتا، ڌار ڌار زمانن ۾، ڌار ڌار عرصي ۾ ۽ ڌار ڌار دورن ۾ قائم ٿيا، وڌيا ۽ ويجهيا آهن. انهيءَ ڪري هن باب ۾، ڪوشش ڪري، هر لساني گروهه جو، ڌار ڌار ذڪر ڪبو ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جو هي باب مطالعي کان رهجي نه وڃي.

## 2 ـ عرب ۽ سنڌ جا تعلقات:

سڀ کان پهرين عرب دنيا سان ماضيءَ ۾، سنڌ جا جيڪي ناتا رهيا، ۽ سنڌي زبان تي عربي زبان جو جيڪو اثر ٿيو، تنهن جو وستار ڪبو، ۽ پوءِ هن ڏس ۾، اُن سلسلي جا تفصيل بيان ڪبا.

712ع ۾ عربن جي سنڌ تي فتح کان پوءِ، عربي زبان جو، سڄيءَ سنڌ ۾ اثر پکڙجڻ لڳو. نون حڪمرانن (عربن)، سنڌ ۾ نئين تهذيب ۽ نئون مذهب آندو. ماڻهن، دين اسلام کي خوشيءَ سان قبول ڪيو. سنڌ وارن عربي تهذيب ۽ عربي ٻوليءَ کي، اسلامي تهذيب ۽ قرآن پاڪ جي زبان سمجهي، اُن کي جيءَ ۾ جاءِ ڏني. مذهبي حيثيت ملڻ ڪري، سنڌ ۾ عربي ٻوليءَ کي هر هنڌ عزت ۽ احترام جي نگاهن سان ڏٺو ويو. عربي زبان هرهنڌ ۽ هر ماحول ۾، پنهنجو مقام قائم ڪرڻ لڳي. اُن جو، سنڌي زبان تي، تمام گهڻو اثر ٿيو. سنڌيءَ جي لفظي ۽ لغوي خزاني ۾ اضافو ٿيو. عام گفتگو، محفلن ۽ معرڪن ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ عربي ٻوليءَ جي لغوي خزاني جو عربي ٻوليءَ جا نوان نوان لفظ ڪم اچڻ لڳا، انهيءَ ڪري سنڌي زبان جو روپ ئي بدلجي ويو.

## 3_ ٻولين جا هڪ ٻئي تي اثر:

ٻولين جا هڪ ٻئي تي اثرن جا مٿي جيڪي اصول، ڪارڻ ۽ سبب بيان ڪيا ويا آهن، اُنهن مان هڪ اصول اهو بہ آهي تہ جڏهن ڪو بہ ملڪ يا ڪا بہ قوم، ڪنهن اهڙي ملڪ يا اهڙيءَ قوم جي تسلط هيٺ ايندي آهي، جنهن جي زبان مفتوح قوم جي زبان کان مختلف هوندي آهي، تڏهن ٻئي ٻوليون (فاتح قوم جي ٻولي ۽ مفتوح قوم جي ٻولي) ڪجهہ وقت تائين، گڏوگڏ قائم رهنديون آهن، ۽ ڪجهہ عرصي کان پوءِ يا تہ فاتح قوم جي ٻولي، مفتوح قوم جي ٻوليءَ تي غالب پئجي ويندي آهي ۽ اها (مفتوح قوم جي ٻولي) آهستي آهستي فاتح قوم جي ٻوليءَ تي پنهنجا ڪجهہ نشان ڇڏي، پاڻ متجي ويندي آهي، بلڪل ائين جيئن آرين جي ٻوليون، برصغير پاڪ هند ۾، مقامي ٻولين تي غالب پئجي ٿيون: اهڙيءَ طرح قصو ان حقيقت جي ابتڙ بہ ٿي ويندو آهي: يعني مفتوح قوم جي ٻولي، ٻوليون، پاهران آيل فاتح قوم جي ٻوليءَ تي

غالب پئجي ويندي آهي. ٻنهي حالتن ۾، جيڪا به ٻولي غالب پوندي آهي، سا نئون روپ اختيار ڪندي آهي. ۽ نئين صورت وٺي بيهندي آهي، يعني اُن ۾ ٻنهي ٻولين جا عنصر موجود هوندا آهن. انهيءَ دعويٰ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت سنڌي زبان آهي.

سنڌ ۾ آيل عرب سياحن جي سفرنامن ۾ ڏنل حوالن مان ثابت ٿو ٿئي ته عربي دور ۾ سنڌ جا ماڻهو ڪافي عرصي تائين، ٻئي ٻوليون يعني عربي ۽ سنڌي ڳالهائيندا هئا. اُن جو نتيجو اهو نڪتو جو هزارن جي تعداد ۾ عربي لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا، ۽ ڪيترائي سنڌي لفظ عربي زبان جي لغت جو حصو بڻيا.

اسلام جي اثر، سنڌ جي ماڻهن جي ذهنيت، سوچ ويچار ۽ فڪر جي ارتقا ۾، تازي خون مثل ڪم ڪيو. نئين مذهب جي ڪري نئين زندگيءَ ۽ نئين معاشري جنم ورتو. سنڌ جي نون مسلم ماڻهن پاڻ تي اسلامي نالا رکيا. اسلامي نالن کان سواءِ روزانه استعمال جا ڪيترائي مذهبي لفظ، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪدم داخل ٿي ويا. مذهبي لفظن کان سواءِ انتظاميه، سياسيات، ۽ معاشرتي علمن جا هزارين لفظ، سنڌي زبان ۾ ڪم اچڻ لڳا①. عربي زبان جي اثر ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ وڌيڪ گهرائي، وسعت ۽ مرڪزيت پيدا ٿي②. زبان جي نفسياتي ڪيفيت بدلي ۽ زبان جي تمدني سرمايي ۾ اضافو ٿيو. ان کان علاوه حديث، فقه ۽ ٻين اسلامي علمن جا بيشمار لفظ، سنڌي عالم ۽ فاضل پنهنجي ٻوليءَ ۾ عام جام ڪم آڻڻ لڳا. اهڙيءَ طرح ادبيات، ثقافت، دينيات، عمرانيات، فلسفي، سائنس، تاريخ، جغرافيه، فنون لطيفه ۽ ٻين علمن جا انيڪ عربي اصطلاح ۽ فني لفظ، سنڌي زبان ۾ داخل ٿي ويا. نه فقط علمي، فني ۽

---

① سيد سليمان ندوي: عربون کي جهاز راني. بمبئي. اسلامڪ ريسرچ ائسوسيئيشن. 1935ع. ص ص 17_24

② نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ. ٽيون ڇاپو. حيدرآباد. ڄامشورو. پاڪستان اسٽڊي سينٽر. سنڌ يونيورسٽي 1993. ص 42 ۽ پڻ ڏسو: ميمڻ عبدالمجيد سنڌي. ڊاڪٽر: سندهي ادب کي مختصر تاريخ. ڄام شورو. انسٽيٽيوٽ آ سنڌالاجي. 1983ع. ص 10

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهبي قسم جا لفظ سنڌي زبان جي لغوي خزاني جو حصو بڻيا، پر روزمره جي زندگيءَ، کاڌي خوراڪ، لباس ۽ رهائش وغيره جا به ڪيترائي نوان لفظ، عربيءَ مان سنڌيءَ ۾ آيا، ۽ اُهي شهرن توڙي ڳوٺن ۾ عام جام ڪم اچڻ لڳا.

سنڌ جي فتح کان پوءِ، عرب سپاهي، جيڪي خاص ڪري شام، عراق، عمان ۽ ميسوپوٽيميا جا هئا، سنڌ ۾ رهي پيا، ۽ سنڌ ۾ شاديون ڪيائون. انهيءَ کان سواءِ بغداد، بصري، مصر، عدن ۽ يمن کان ڪيترائي مهاجر، درويش، عالم ۽ مذهبي داعي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا[1]. انهن سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو.

ساڳيءَ طرح خشڪي ۽ سمنڊ رستي، عدن، مسقط، عمان، يمن، بصري، بغداد، بندر عباس ۽ شام سان دائمي واپار ۽ تجارتي ڏي-وٺ جي ڪري، عربي ۽ سنڌي زبانن جو گهاٽو ۽ گهرو ميل جول وڌيو.

عربي ۽ سنڌي زبانن وارو اهو دور، جنهن ۾ ٻئي زبانون ملتان، منصوره، ديبل ۽ ٻين شهرن ۾ ڳالهايون وينديون هيون.[2] اهو سلسلو عربن جي حڪومت جي خاتمي تائين جاري رهيو، پر آخرڪار روزمره جي وهنوار ۾ سنڌي زبان، عربي زبان تي غالب پئجي وئي، پر انهيءَ هوندي به عربيءَ جو اثر ختم ڪونه ٿيو هو، سڌي طرح نه، ته اڻسڌيءَ طرح عربيءَ جو اثر جاري رهيو.

سنڌي ٻولي ۽ عربيءَ جو هڪٻئي سان سڌو واسطو 1026ع تائين جاري رهيو. اهو واسطو فارسي زبان ذريعي به رهيو، ڇو جو عربي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ فارسي زبان سنڌ جي سرڪاري زبان رهي، پر عام ماڻهن جي زبان سنڌي هئي.

---

[1] علي شير قانع: تحفة الڪرام، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص ص 318، 327 ۽ 355 ۽ پڻ ڏسو علامه عبدالڪريم بن محمد سمعاني: الانساب، ليڊن، 1912ع، ص 237.

[2] بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفة، اردو ترجمو، هندوستان عربون کي نظر مين، حصول اول، 1960ع ص ص 3.. ۽ 386

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربي حڪومت جي خاتمي کان پوءِ، عربي زبان جا ڪيترائي لفظ فارسي زبان جي معرفت سنڌيءَ ۾ داخل ٿيا[1].

اهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسي زبانن جو. سنڌ سان 1100 سئو سال تعلق رهيو. انهيءَ عرصي ۾ هزارن جي تعداد ۾ عربي ۽ فارسي لفظ، جن جا هم معنيٰ لفظ سنڌيءَ ۾ موجود نہ هئا، سنڌيءَ ۾ شامل ٿي ويا.

انهن لفظن جي اپياس کان پوءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني کي، عربي زبان شاهوڪار بنائي ڇڏيو هو. انهن لفظن جي ڇنڊڇاڻ مان ائين بہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان جي صوتي، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ تي عربي زبان جو ڪو گهڻو اثر ڪونہ ٿيو هو، پر سنڌي زبان جي صوتي، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي تشڪيل تي عربيءَ جو ڪجهہ اثر ضرور ٿيو هو. انهن اثرن جا ڪجهہ حوالا ۽ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**(الف) سنڌي صوتيات تي اثر:**

(i) <u>عربي آواز:</u> سنڌي صوتيات جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان جي صوتياتي نظام ۾ پنج آواز عربي صوتيات جا شامل ٿي ويا آهن، اُهي آواز آهن: [ف، ز، ق، خ ۽ غ]. جيتوڻيڪ [ق، خ ۽ غ]، سنڌي ٻوليءَ ۾ ائين بلڪل ڪونہ ٿا اُچارجن جيئن اهي عربي صوتيات موجب اُچاريا آهن، پر سنڌي ڳالهائيندڙ [ق ۽ ڪ، خ ۽ ک ۽ غ ۽ گ] آوازن ۾ فرق يليءَ يت محسوس ڪن ٿا ۽ ڪين اها خبر آهي تہ اهي ٻئي ڌار ڌار آواز آهن.[2]

---

[1] Goldsmid. F.J.. an article published in J.R A.S of Great Britain and Irelacd Vol (1) Ns. 1892. 23-33.

[2] الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي صوتيات. حيدرآباد. ادبيات. 1967ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) لفظ جي آخر ۾ ساڪن وينجنن جو اُچار: سنڌي صوتياتي نظام موجب، هر سنڌي لفظ جي آخر ۾ هميشه، ڪو نه ڪو سر (vowed) اُچاربو آهي، يعني سنڌي ٻوليءَ ۾، لفظ جي آخر ۾ ساڪن وينجن جو اُچار ممڪن نه آهي، پر ڪي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو، عالم ۽ فاضل، عربي ۽ فارسي مان آيل، ڪن لفظن جي اُچارڻ مهل، انهن لفظن جي آخر واري وينجن کي، متحرڪ اُچارڻ جي بدران ساڪن ڪري اُچاريندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام تي، عربي صوتيات جو اثر قبول ڪرڻو پوندو. اهو اثر شاعريءَ ۾ خصوصاً، سنڌي ٻوليءَ جي ديوانن ۾ ته بلڪل نمايان هوندو آهي. هيٺ ڪي اهڙا لفظ مثال طور ڏجن ٿا[1]:

| عربي لفظ | سنڌي لفظ | عربي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|---|---|
| عَذابو | عَذابْ | دفتر | دفترْ |
| مَنزلْ | مَنزلْ | علم | علمْ |
| اديبْ | اديبْ | | |
| صاحبْ | صاحبْ | ڪاذب | ڪاذِبْ |

(iii) يڪپدا دُهرا سر (diphthongs): سنڌي صوتيات جي ڇنڊڇاڻ مان ائين پڻ معلوم ٿيو آهي ته سنڌيءَ ۾ يڪپدا دهرا سر (diphthongs) گهڻو ڪري انهن عربي يا فارسي لفظن ۾ ڪم آڻيا آهن جيڪي سنڌيءَ ۾ اُڌارا ورتا ويا آهن، پر ديسي سنڌي سُرن جي تقسيم ۾، يڪپداد دهرا سر (diphthongs) نظر نٿا اچن. هيٺ مثال طور اهڙا عربي ۽ فارسي لفظ ڏجن ٿا جن ۾ اهڙا سر موجود آهن:

[1] Alana Ghulam Ali, The Arbic Element in Sindhi, M.A Thesis, submitted to the SOAS, University of London, 1963, P. 97

لاثاني، لاحاصل
لا علاج.

| | | |
|---|---|---|
| غير ـ | واقف، آباد | غير واقف، غير آباد |
| بالا ـ | دست، تنگ | بالادست، بالاتنگ |

اهڙيءَ طرح ڪيترين ئي ديسي اڳياڙين ۽ پڇاڙين، عربي ڌاتن سان ملي، سنڌي مرتب لفظ ٺاهين ٿيون، جيئن:

| ديسي اڳياڙي | + | عربي ڌاتو | = | مرتب لفظ |
|---|---|---|---|---|
| اَڻ | | لائق | | اڻ لائق/ اڻواقف |

| عربي ڌاتو | + | ديسي پڇاڙي | = | مرتب لفظ |
|---|---|---|---|---|
| عيب | | ـ آئتو | | عيبائتو |
| حاڪم، غريب، فقير | | آڻو | | حاڪماڻو، غريباڻو، فقيراڻو |
| رئيس | | ـ ڪو | | رئيسڪو |

(vi) **فعل:** عربي زبان مان سنڌيءَ ۾ آيل لفظن مان، سنڌي وياڪرڻ جي ڏانچي موجب ڪي اسم آهن، ڪي ظرف، ڪي حرف جر ۽ ڪي حرف ندا آهن. ڏيان طلب نقطو هي آهي ته ڪيترائي سنڌي فعل، عربيءَ جي اسمن مان ٺاهيا ويا آهن ۽ عربي اسمي صورتن جي پويان – اَڻ يا – اِڻ پڇاڙيون ملائڻ سان ٺهندا آهن: مثال طور:

| عربي اسم | سنڌي فعل |
|---|---|
| ضرب | ضربڻ، ضربجڻ |
| قبول | قبولڻ، قبولجڻ |
| دفن | دفنڻ، دفنجڻ |

اهڙيءَ طرح ڪن مؤنث عربي اسم خاص ۽ اسم عام ۾، نالن جي پڇاڙيءَ ۾ عربيءَ جي 'ة' کي سنڌي صوتياتي نظام موجب 'ا' يا 'ه' ۾ بدلايو ويندو آهي؛ جيئن:

| عربي اسم | سنڌي لفظ | عربي اسم | سنڌي اسم |
|---|---|---|---|
| سعيدة | سعيدا | صالحة | صالحا، صالحه |
| امينة | امينا، امينه | فريدة | فريدا، فريده |
| طالبة | طالبا، طالبه | ساجدة | ساجدا، ساجده |
| معلمة | معلما، معلمه | فاطمة | فاطما، فاطمه |

(xi) **عربي پهاڪا:** سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته ڪيترائي عربي پهاڪا يا ته هوبهو سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن، يا ته ڪي ترجمو ٿيل حالت ۾ سنڌي ثقافت ۽ لوڪ ادب جو حصو بنجي ويا آهن. اهڙن پهاڪن مان هڪ هي آهي:

العتجيل فعل الشيطان يعني تڪڙ ڪم شيطان جو.

## سنڌي زبان جي تشڪيل ۾ فارسي زبان جو اثر:

1. فارسي زبان سنڌ ۾ عربي حڪومت جي دور ۾ ئي، پير کوڙيا هئا[①]. مشهور عرب سياح بشاري مقدسي (985ع) لکي ٿو:

"ملتان ۾ اڪثر ماڻهو عرب آهن. هت فارسي زبان به سمجهي وڃي ٿي."[②]

عرب سياحن جي احوالن مان اهو به ظاهر آهي ته مشهور پنڊت ماڻڪ، سنڌي، فارسي ۽ عربي ٻولين جو ڄاڻو هو. هو خليفي هارون

---

[①] ڊاڪٽر سدا رنگاڻيءَ جي راءِ موجب فارسي زبان سنڌ ۾ محمود غزنويءَ جي زماني (998ع -- 1030ع) ۾ آئي. پر عرب سياحن جي راءِ موجب فارسي ٻوليءَ جا سنڌ ۾ آثار آڳاٽا ملن ٿا. البت سدا رنگاڻي صاحب جي هيءَ دعويٰ صحيح آهي ته غزنوي حڪمرانن جي دور ۾ فارسي زبان سنڌ ۾ گهڻي ترقي ڪئي. ڏسو:
Sadarangani. H. I.. Dr.. Persian Poets of Sind. Hyderabad. Sindhi Adabi Board. 1956. Introduction. P. XI.

[②] بشاوري مقدسي: احسن التقاسم في معرفة. ص ص 331 ۽ 386.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الرشيد (وفات 813 ع) جي زماني ۾، خليفي موصوف جي علاج لاءِ سند مان گهرايو ويو هو. هو سنڌيءَ مان فارسي ۽ عربي ٻولين ۾ ڪتاب ترجمو ڪرڻ ۾ مدد ڪندو هو[1]. هن مان ثابت ٿو ٿئي ته سنڌ ۾ فارسي زبان جا اهڃاڻ محمود غزنويءَ جي آمد کان ٻه سو سال اڳ ملن ٿا.

ان کان سواءِ فارسي، قديم سنڌ جي پاڙي واري ملڪ جي زبان هجڻ جي حيثيت ۾، ۽ سنڌ ۽ ايران جي بندرگاهن ۽ خشڪي رستن جي ڪري واپاري ڏي — وٺ جي سبب، انهن ٻنهي زبانن جو هڪ ٻئي سان گهرو ۽ گهاٽو سنٻنڌ رهيو آهي. قديم زماني ۾ راءِ گهراڻي جي حڪومت (492 ع — 641 ع) ۾، سنڌ جون سرحون ڪرمان تائين هجڻ جي ڪري ٻنهي ٻولين جا هڪ ٻئي سان قديم رشتا ۽ ناتا رهيا آهن[2].

سومرن جي زماني (1010 ع — 1351 ع) ۾، 1186 ع ڌاري، سنڌ جو اُترين خطو، ملتان ۽ اُچ جي ماتحت هو[3]، انهيءَ ڪري اهو خطو ملتان جي حڪومت جي معرفت دهليءَ جي تسلط هيٺ هو. دهليءَ جي حڪومت جي سرڪاري زبان فارسي هئي، انهيءَ ڪري پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته اُتر سنڌ واري خطي ۾، سرڪاري لکپڙهه فارسي ٻولي ۾ ئي هلي هوندي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر سدا رنگاڻي لکي ٿو:

> "تيرهين صدي عيسويءَ ۾، سومرن جي حڪومت ۾، فارسيدان عالم ۽ درويش، سنڌ لڏي آيا، جن مان ڪن فارسي ٻوليءَ ۾ شاعري پڻ ڪئي. انهيءَ شاعريءَ مان ڪجهه مثال نورالدين 'ڪوفيءَ' جي هم عمر، علي بن حامد ڪوفيءَ، چچنامي جي مصنف، جي ڪلام مان ملن ٿا. هي بزرگ 1216 ع

---

[1] ابن اصيبه: اردو ترجمو، هندوستان عربون ڪي نظر ۾، جلد اول، ص 341
[2] الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ٻيو ڇاپو، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1993 ص 138.
[3] ظفر ندوي: تاريخ سنده، اعظم گڑه، ص 296.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سنڌ ۾ لڌي آيو. اهڙيءَ طرح لال شهباز قلندر
جي فارسي ڪلام جا پاڻ مثال ملن ٿا" ①.

هن راءِ مان ظاهر آهي تہ فارسي ٻولي سومرن جي دور کان ئي دفتري ۽ سرڪاري ٻوليءَ جي حيثيت وٺي چڪي هئي، پر عام ماڻهن جي روزمره جي زبان سنڌي هئي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي:

"سمن جي دور کان بہ سؤ ورهيہ اڳ، سنڌ ۾، فارسيءَ جو دخل شروع ٿي چڪو هو، چاڪاڻ تہ صوبائي گورنرن جي دفتري ٻولي ۽ عام ڪاروباري ٻوليءَ جي حيثيت ۾، فارسي رائج ٿي چڪي هئي" ② ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

"سمن جي طاقت اُسرڻ وقت سنڌ جا پاڙيسري پرڳڻا، گجرات توڙي ملتان، سڌو سنئون دهليءَ جي ماتحت هئا، ۽ اُتي جا گورنر سنڌ جي سياسي انقلاب کي غور سان ڏسي رهيا هئا. ملتان جي گورنر عين الملڪ ماهرو، جام ٻانڀڻيي کي پٺي چتايو ۽ هيسايو. هن سنڌ جي ڪن سربراهن ۽ بااثر شخصيتن ڏانهن خط لکيا. اها خط و ڪتابت فارسي ٻوليءَ ۾ آهي. اها آڳاٽي ۾ آڳاٽي فارسي زبان ۾ خط و ڪتابت آهي، جا دهليءَ جي مرڪزي حڪومت جي گورنر ۽ سنڌ جي طاقتور سمن سردارن ۽ ٻين سربراهن جي وچ ۾ ٿي، جنهن جو پڪو ۽ پختو تاريخي رڪارڊ موجود آهي" ③

① Sadarangani, H.I., Dr., Persian Poets of Sind, Introduction Op. Cit. P. XI

② نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٽيون، 1993ع، ص 163.

③ نبي بخش خان بلوچ، حوالو ڏنل آهي، ص 163

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح سما دور جي ابتدائي زماني ۾، فارسي زبان ۾ لکيل هڪ اهڙو ڪتبو موجود آهي. جيڪو آڳاٽي ۾ آڳاٽو، فارسي زبان ۽ رسم الخط ۾، سنڌ ۾ لکيل ڪتبو آهي، جيڪو ٺٽي ضلعي ۾، گُجي شهر جي ويجهو، شيخ ترابيءَ جي مزار تي لڳل هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"جام جوڻي، باالقاب سلطان فيروز شاهه، پنهنجي دور حڪومت (1375ع/777هه) کان 1388ع/790هه) ۾، ٺٽي ضلعي ۾، ٽرڙي جي هڪ آڳاٽي بزرگ شيخ حاجي ترابيءَ جي مزار تي 782هه/1380ع ۾ گنبذ ٺهرايو، ۽ اُن تي فارسي زبان ۾ ڪتبو هڻايو هئائين. جنهن جي شروع ۾ سلطان فيروز شاهه جو نالو، آداب ۽ القاب سان ڏنل آهي، ۽ ان بعد خود علاؤالدين جام جونا (جوڻو) جو نالو ڏنل آهي"[1]

ڪتبي جا لفظ هي آهن:

بعهدِ شهريارِ دهر سلطان داور دوران
شه فيروز منصور و مظفر در صَف شاهان
بامَر سرفرازِ سنڌ خاص، حضرتِ عالي
ڪہ پَاي قدرِ او اعليٰ زفَر فرقدِ تابان

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ موجب:

"هي ڪتبو سمن حاڪمن جي دور جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو ڪتبو آهي. هن شاهي ڪتبي مان ظاهر آهي تہ سمن جي حڪومت جي شروعات کان وٺي، سرڪاري لکيتن ۽ يادگارن ۾ فارسي استعمال

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: ايضاً ڇاپو ٽيون، ص 166.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيئن لڳي ٿو ته فارسيءَ کي سرڪاري حيثيت ۾ ملڪ
جي ڪاروبار ۾ دخل شروع ٿيو.[1]

پروفيسر اياز قادري لکي ٿو:

”712ع ۾ جڏهن عربن سنڌ تي حملو ڪيو ته انهن
جي فوجن ۾ ايراني به ضرور موجود هئا.[2]

پر قادري صاحب جو خيال آهي ته:

”جيڪڏهن عربن جي فوج سان گڏ ايران وارن به
سنڌ ۾ قدم رکيو هو ته ان مان اهو انومان ڪڍي
ٿو سگهجي ته پارسي زبان عربيءَ سان گڏ سنڌ
جي ڌرتيءَ تي وک وڌائي هئي.“

قادري صاحب، احمد ميان اختر جهونا ڳڙهيءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:
”انهن ۾ ڪيترائي شيرازي به هوندا جن جي مادري زبان فارسي هئي. ان ڪري اهو قياس ڪري سگهجي ٿو ته فارسي زبان هتي ايرانين بدولت پهتي هوندي جيڪي محمد بن قاسم جي فوج ۾ شريڪ هئا“[3].

2. سنڌ ۾ فارسي زبان جو اثر انگريزن جي حڪومت جي اوائلي دور تائين رهيو. هزارن جي تعداد ۾ عالم ۽ فاضل سنڌ ۾ فارسي زبان ۾ لکندا هئا. سون جي تعداد ۾ فارسي زبان جا شاعر هئا. انهيءَ ڪري فارسي زبان ۾ ادبيات، تاريخ، فقه ۽ حديث کان سواءِ ٻين بيشمار موضوعن تي ڪتاب لکجي چڪا هئا. ۽ سنڌ ۾ فارسي ادبيات جو چالامان هو. خود وقت جا حاڪم به شاعر هئا ۽ فارسي علم ادب ۾ دلچسپي رکندا هئا. اُنهن ۾ سما حاڪمن ۾ وقت جا حاڪم جهڙوڪ: جام نندو (وفات 1508ع / 914هه) خود به هڪ برک عالم، فاضل ۽

---

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: ايضاً، ص 166
[2] اياز قادري: سنڌي غزل جي اوسر، پاڳو پهريون، جام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع، ص 29
[3] ايضاً، ص 30

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علم پرور حاڪم هو. اهڙيءَ طرح عالمن ۾ قاضي قاضن (1465ع – 1551ع)، شيخ عيسيٰ لنگوٽي، مخدوم بلاول (وفات 1523ع – 929هه)، قاضي شيخ محمد اُچي، مولانا ضياءُالدين راهوٽي، مولانا مصلح الدين لاڙي، سيد مراد شاهه شيرازي (1407ع–1487ع) ۽ سيد علي شيرازي (1486ع – 1522ع) وڏا وڏا بزرگ ۽ عالم ٿي گذريا آهن.

ارغونن ۽ ترخانن جي زماني (1521ع – 1592ع) ۾، ٺٽي ۾، شڪرالاهي سادات، مازنداني سادات، ميرڪ سبزواري سادات ۽ حسني سادات، قنڌار، شيراز ۽ هرات مان اچي، سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪئي ①. ارغون حاڪمن ۾ مرزا شاهه حسن (1555ع/ 962هه) شاعر هو ۽ "سپاهي" تخلص رکندو هو. مرزا جاني بيگ (1599ع / 1008هه) به شاعر هو ۽ "حليمي" تخلص هوس؛ مرزا غازي بيگ (1612ع /1021) به شاعر هو ۽ "وقاري" تخلص هوس. اهڙيءَ طرح اميرن ۽ نوابن ۾، امير ابوالقاسم سلطان بيگلار، مصنف بيگلار نامه، ملا عبدالحڪيم "عطا" وغيره فارسي زبان جا نامور شاعر ۽ اديب هئا.

اهڙيءَ طرح مغلن جي دور (1592ع – 1700ع) ۽ ڪلهوڙن جي راڄ (1700ع/ 1783ع) ۾ مخدوم محمد معين ٺٽوي، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُالدين، مولانا غلام علي "مداح" (ولادت 1733ع 1145هه)، مير علي شير قانع (1727ع – 1140هه)، ۽ مير محمد جلال ٺٽويءَ (1789ع – 1203ع) جهڙا فارسي زبان جا ناميارا شاعر، اديب ۽ مؤرخ پيدا ٿيا.

اڳتي ٽالپرن جي حڪومت جي زماني (1083ع – 1843ع) تائين، سنڌ ۾ دفتري زبان فارسي رهي. انهيءَ ڪري فارسي زبان جو نه فقط سنڌي علم ادب، موضوعن ۽ مضمونن تي اثر ٿيو، پر هن دور ۾

① علي شير قانع: تحفة الڪرام، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1957، ص ص 482، 494، 496 ۽ 520

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچل سرمست ۽ ثابت علي شاهه جهڙن شاعرن، فارسيءَ کان سواءِ سنڌي زبان ۾ به شاعري ڪري، سنڌي زبان جي ڪايائي پلٽي ڇڏي. جيتوڻيڪ ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهه لطيف جهڙو همه گير عظيم شاعر پيدا ٿيو، جنهن سنڌي زبان کي نئون روح بخشيو هو. شاهه صاحب جي ڪلام جي موضوعن ۽ مضمونن تي مولانا روميءَ جي تصوف جو ضرور اثر ٿيو، شاهه جي ٻوليءَ تي فارسي ٻوليءَ جو گهٽ اثر محسوس ٿئي ٿو: البت پر سچل ۽ ثابت علي شاهه جي شاعريءَ، سنڌي زبان، اُن جي هيئت، ساخت ۽ ترڪيب تي انقلابي اثر ڪيا. فارسي ادبيات جا بيشمار لفظ سنڌي ادب ۾ داخل ٿي ويا. عروضي شاعريءَ ۾ اُن جي صنفن – غزل، قصيدو، مثنوي، رباعي ۽ مرثيو – سنڌي شاعري ۾ به روپ ورتو.

3. سنڌ تي فارسي زبان جي 800 سالن واري عرصي ۾، فارسي زبان جا نه فقط بيشمار لفظ سنڌي زبان ۾ داخل ٿيا، پر فارسي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي سٽاءُ جو، سنڌي زبان جي صرفي ۾ نحوي سٽاءُ تي به گهڻو اثر ٿيو. فقرن ۽ لفظن ٺاهڻ ۾ فارسي ٻوليءَ جون اڪيچار اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون، زير اضافت، شهرن ۽ ڳوٺن جي نالن جي سٽاءُ، فارسي زبان جا اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون، سنڌي زبان ۾ يا ته هوبهو اصلوڪي صورت ۾ شامل ٿيون، يا ترجمي جي صورت ۾ سنڌي ويس ورتائون. سنڌي تهذيب ۽ تمدن، فن تعميرات، هنر ۽ ڪاريگريون ۽ روزانه زندگيءَ تي ايراني تهذيب ۽ تمدن جو اثر به، ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ هڪ وسيلو بڻيو.

فارسي زبان جي مسلسل ۽ لڳاتار تسلط سبب ڪيترن ئي ڳوٺن ۽ شهرن تي اهڙا نالا رکيا ويا جن جي نحوي سٽاءَ، فارسي زبان جي نحوي سٽاءَ موجب جڙيل آهي، گويا اُهي شهر يا ڳوٺ يا انهن شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا، سنڌي زبان تي فارسي زبان جي اثر جو اُهڃاڻ آهن. اهڙن ڳوٺن، واهڻن ۽ شهرن جي نالن جي نحوي بناوت بلڪل فارسي ٻوليءَ جي ڳوٺن، واهڻن ۽ شهرن جي نالن جي نحوي بناوت سان مشابهت رکي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال طور:

| فارسي نحوي بناوت موجب سنڌي نالا | سنڌي نحوي بناوت موجب ساڳيا نالا |
|---|---|
| علي بندر | عليءَ جو بندر |
| وسي ملوڪ شاھ | ملوڪ شاھ جي وسي |
| دَرَ ملوڪ شاھ | ملوڪ شاھ جا در |
| ڪوٽ عالم | عالم جو ڪوٽ |
| ٽنڊو (ٽنڊہ) آدم | آدم جو ٽنڊو |
| ٽنڊو محمد خان | محمد خان جو ٽنڊو |
| غلام علي | عليءَ جو غلام |
| چڇ جھان خان | جھان خان جو چڇ |

سنڌي ٻوليءَ ۾، دفتري ٻوليءَ جي لحاظ کان جيڪي جاگرافيائي ۽ انتظامي نالا ملن ٿا، اُهي هي آهن:

| لفظ | انتظامي |
|---|---|
| محال | محال ڪوھستان، محال ڪيٽي بندر<br>محال ڪاري |
| سرڪار | ٺٽي جي سرڪار، بکر جي سرڪار،<br>سيوھڻ جي سرڪار |
| پرڳڻو | چاچڪان پرڳڻو، ڪڪرالا پرڳڻو |

اهڙن قريبي ناتن ۽ رشتن جي باوجود فارسي زبان، سنڌي زبان جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي ساخت تي ايتري قدر اثرانداز نہ رهي سگهي. ان جي اثرن جو دائرو، لفظن جي ترڪيب ۽ ساخت تائين ئي محدود هو. لفظن جو بيشمار ذخيرو سنڌيءَ ۾ داخل ٿيو، پر عام گفتگو ۽ روزمره واريءَ ٻوليءَ تي فارسيءَ جو ڪو خاص اثر ڪونہ ٿيو. هن ڏس ۾ شايد ڪي عالم ائين چون تہ سنڌيءَ ۾ ضميري پڇاڙيون ۽ متصل ضمير فارسي ٻوليءَ جي اثر جو نتيجو آهن. پر 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ

بنياد' ڪتاب ۾ انهن نڪتن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي ۽ نتيجا ڪڍيا ويا آهن ۽ ثابت ڪيو ويو آهي ته اهي خوبيون سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون اصلوڪيون ۽ نجي خوبيون آهن[1].

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي ڪتاب 'سنڌي شاعريءَ تي فارسيءَ جو اثر' ۾ ڪن اهڙن فارسي لفظن جي لڙهي ڏني آهي جيڪي سنڌي زبان ۾ ڪم ته اچڻ لڳا، پر انهن جي اُصلوڪي تلفظ ۽ سنڌي تلفظ ۾ گهڻو فرق آهي[2]. اهڙيءَ فهرست مان ڪي لفظ نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

| فارسي لفظ | سنڌي ۾ اُچار |
|---|---|
| پالان | پلاڻ |
| شگون | سڳڻ |
| پيرهن | پهراڻ |
| ڪانَ | ڪاڻ |
| نيام | مياڻ |
| پنجه | چنبو |
| جوجه | چوزو |
| مرهم | ملم |

اهڙيءَ طرح ڪن ڳوٺن ۽ شهرن تي اهڙا نالا به رکيا ويا جن جي سناءَ ۾ پهريون جُز ايراني شهرن جي نالن وارن سناءَ جو آهي ته وري پويون جُز سنڌي يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو آهي: مثال طور:

| اسم | پڇاڙي | لفظ |
|---|---|---|
| حيدر | _ آباد | حيدرآباد، برهمڻ آباد، خدا آباد، محمد آباد، شاهه آباد، سلطان آباد، اسلام آباد. |

---

① غلام علي الانا: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد. ڇاپو ٻيو. ڪراچي. سنڌيڪا اڪيڊمي 2004

② عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر. ڄامشورو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1980ع. ص 41

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خير ـ پور خيرپور، ميرپور، ميران پور، قبول پور،
نصرپور، محراب پور، رسال پور، شڪارپور

ٻڍو ـ پور ٻڍاپور

بهمن ـ وا بهمن وا

اهي پڇاڙيون يا شهرن ۽ ڳوٺن جا نالا، جهڙوڪ ٽنڊو قيصر وغيره مختلف تاريخي دورن جي مطالعي لاءِ هڪ ڏار موضوع آهن.

سنڌي وياڪرڻ تي اثر:

سنڌي وياڪرڻ تي، فارسي وياڪرڻ جو جيڪو اثر ٿيو، اُن مان ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(1) فعل: سنڌي ٻوليءَ ۾ فارسي ٻوليءَ جي امر جي پويان اَڻ يا اِڻ ملائي، سنڌي ٻوليءَ جا حاصل مصدر ٺاهيا ويا آهن. مثال طور:

| فارسي مصدر | فارسي امر | سنڌي حاصل مصدر |
|---|---|---|
| آزمودن | آزماءِ | آزمائڻ |
| بخشيدن | بخش | بخشڻ |
| فرمودن | فرماءِ | فرمائڻ |

(2) اسم ٺاهڻ: فارسي زبان جي ڪيترن ئي امرن جي پويان، — ش پڇاڙي ملائي سنڌيءَ ۾ اسم ٺاهيا ويا آهن؛ جيئن[1]:

| فارسي امر | سنڌي فعل | سنڌي اسم |
|---|---|---|
| آزماءِ | آزماءِ | آزمائش |
| فرماءِ | فرماءِ | فرمائش |
| بخش | بخش | بخشش |

[1] عبدالجبار جوڻيجو: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 43.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(3) حرف جملو: فارسيءَ جي لغوي خزاني مان سنڌيءَ ۾ اهڙا لفظ بہ شامل ٿيا آهن، جيڪي حرف جملي طور سنڌيءَ ۾ ڪم اچن ٿا: مثال طور:

اگرچ مگر

(4) مرڪب لفظ: سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا مرڪب لفظ آهن جيڪي فارسي ٻوليءَ جو اثر ظاهر ڪن ٿا. هيٺ اُهي تفصيل سان بيان ڪجن ٿا.

'و' جو استعمال: فارسيءَ جي اثر ڪان سنڌي ۾ مرڪب لفظن ۾ 'و' وچياڙيءَ (Infix) طور استعمال ٿي آهي. هيٺ اهڙا لفظ مثال طور ڏجن ٿا:

روز و شب، صبح و شام، بحر و بر، آمد و رفت،

گفت و شنيد، نشست و برخاست.

'ب' وچياڙيءَ جو استعمال: سنڌي ۾ فارسي زبان جا اهڙا ڪيترائي لفظ ڪم اچن ٿا، جن ۾ 'ب' وچياڙيءَ طور ڪم آئي آهي: مثلاً:

درجہ بدرجہ، سال بسال، وقت بوقت، در بدر،

روز بروز.

فارسي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون: سنڌي ٻوليءَ جي علم صرف جي اصولن موجب، هزارن جي تعداد ۾ نوان لفظ، مفرد يا مرتب ذاتن جي اڳيان يا پويان ملائي، ٺاهيا ويندا آهن. ان سلسلي ۾ ڌيان جوڳو نقطو هي آهي تہ ڪيترائي اهڙا مرتب ۽ مرڪب لفظ ملن ٿا، جن جو بنياد يا تہ عربي لفظ آهي، جنهن جي اڳيان يا پويان، اڳياڙيون يا پڇاڙيون ملائي، نوان لفظ جوڙي، سنڌي علم صرف جي باب ۾، نوان موضوع شامل ڪيا ويا آهن:

مثال طور:

فارسي زبان جون اڳياڙيون: هيٺ جيڪي بہ مثال ڏجن ٿا، اُنهن ۾ اڳياڙيون فارسي زبان جون آهن ۽ ڌاتو عربي زبان آهن: جيئن:

| اڳياڙي | + | ڌاتو | = | نئون لفظ |
|---|---|---|---|---|
| در_ | | اصل | | دراصل |
| بي_ | | وقوف، وقت | | بيوقوف، بي وقت |
| با_ | | وفا، عزت | | باوفا، باعزت |
| نا_ | | لائق | | نالائق |
| بد_ | | بخت، نصيب | | بدبخت، |
| | | بدنصيب، | | بدصورت |
| بر_ | | وقت، طرف | | بروقت، برطرف |
| ڪم_ | | بخت، فهم | | ڪم بخت، ڪم فهم |

ڪي سنڌي لفظ، سنڌي ڌاتن اڳيان، فارسي اڳياڙيون ملائي ٺاهيا ويندا آهن: مثال طور:

| اڳياڙي | + | ڌاتو | = | نئون لفظ |
|---|---|---|---|---|
| بي | | لڄ، وَڙُ، نڪ | | بي لڄو، بيوڙو، بي نڪو |

فارسي پڇاڙيون: هيٺ اهڙا مثال ڏجن ٿا جن ۾ پڇاڙيون، فارسي ٻوليءَ جون آهن ۽ ڌاتو عربي ٻوليءَ جا آهن: جيئن:

| پڇاڙي | ڌاتو | + | پڇاڙي | نئون لفظ |
|---|---|---|---|---|
| _ باز | دغا | | باز | دغاباز |
| _ دان | قلم | | دان | قلمدان، شمعدان |
| | شمع | | | |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| _ گار | خدمت | گار | خدمتگار، پرهيزگار، |
| | پرهيز، آباد | | آبادگار |
| _ انداز | نظر | انداز | نظرانداز |
| _ آويز | دل | آويز | دل آويز |
| _ مند | ضرورت | مند | ضرورتمند، صحتمند |
| _ آر | گفت | آر | گفتار، رفتار، ديدار |
| | رفت | | |
| | ديد | | |
| _ دار | جواب | دار | جوابدار، عهديدار، |
| | | عهدو | مالدار |
| | | مال | |
| _ سار | ڪوهه | سار | ڪوهسار، خاڪسار |
| | خاڪ | | |
| _ گي | شرمندو | | شرمندگي، آسودگي |
| | آسودو | | |

سنڌي علم صرف جو هڪ دلچسپ نقطو هي ٻه آهي ته نون لفظن ناهڻ لاءِ، ڪٿي ڪٿي فارسي ٻوليءَ جي ڌاتن جي پويان، سنڌي ٻوليءَ جون پڇاڙيون ملايون ويندڙيون آهن: جيئن:

| فارسي ڌاتو | سنڌي پڇاڙي | نئون لفظ |
|---|---|---|
| ڪار | آئتو | ڪارائتو |
| آب | آئتو | آبائتو |
| شان | آئتو | شانائتو |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي زبان جي مرڪب لفظن جي مطالعي مان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته ڪن سنڌي هندن جا نالا، عربي ۽ فارسي زبانن جي مفرد لفظن ۽ ديسي لفظن جي ملائڻ سان ٺاهيا ويا آهن:

مثال طور:

| | |
|---|---|
| صاحب + چند = صاحبچند | حشمت + راءِ = حشمتراءِ |
| لال/لعل + چند = لالچند/لعلچند | سلامت + راءِ = سلامتراءِ |
| خان + چند = خانچند | چين + راءِ = چين راءِ |
| فتح + چند = فتحچند | دولت + رام = دولترام |
| مهر + چند = مهرچند | وطڻ + مل= وطڻمل |
| لال/لعل + سنگهه = لال/ لعلسنگهه | گر + بخشاڻي = گربخشاڻي |
| صاحب + سنگهه = صاحبسنگهه | مها + راج = مهاراج |
| | مها +ديو = مهاديو |
| دولت + راءِ = دولتراءِ | مها + آتما مهاتما |

زير اضافت: سنڌي وياڪرڻ تي فارسي وياڪرڻ جو نمايان اثر زير اضافت جو استعمال آهي. جيتوڻيڪ هر اديب يا شاعر ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان هن ترڪيب يعني زير اضافت کان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي آهي، پر تنهن هوندي به سو في سيڪڙو جند ڇڏائڻ آسان نه آهي. زير اضافت جو گهٽي ۾ گهٽ استعمال عروضي شاعري ۽ اخباري ٻوليءَ ۾ ٿيندو آهي پر تنهن هوندي ته تحقيقي مقالن، مضمونن، افسانن ۽ ڊرامن ۾ هن جو استعمال ٿيندو رهندو آهي. هيٺ هن ترڪيب جا ڪي ٿورا مثال ڏجن ٿا:

| فارسي ترڪيب (زير اضافت) | سنڌي ترڪيب (زير اضافت کانسواءِ) |
|---|---|
| قابلِ ذڪر | ذڪر جي لائق |
| قابلِ توجهه | توجهه جي لائق |
| دُخترانِ وطن | وطن جون ڌيئر، دُخترون، نياڻيون |

اهڙيءَ طرح صورتِ حال، قابلِ رحم، زير اهتمام، نظر ثاني ۽ پيش نظر، وغيره صورتون، غير سنڌي ترڪيبون يعني فارسي ترڪيبون آهن، جيڪي فارسي زبان کان اُڌاريون ورتيون وئيون آهن. هيٺ سنڌي شعر مان ڪي مثال ڏجن ٿا:

تيغ ابروئِي بُتانِ مه جبين
عاشقن جي سر تي آهي دم بدم (گدا)

—

نثار عارضِ، زيبائي جانان
گلَ و لالئہ نسرين و سمن آهہ (گدا)
ڪاڪل خمدار جو سودا جنونِ عشق ۾
آهہ، تنهن لئہ حلقه زنجير خود چڪر ۾ آهہ
(محمود خادم)

حرف ندا: فارسي ٻوليءَ ۾ حرف ندا جو اضافي حرف 'الف' هوندو آهي. اها ترڪيب سنڌي عروضي شاعريءَ ۾ عام نظر اچي ٿي، مثال طور:

حسرتا
فريدا! ڪک بہ نہ نند جي، ڪک بہ وڏي وت
اهڙيءَ طرح هيٺيان حروف ندا جا مثال ڏسو:

ڪاش!
شاباس!

عدد جمع: فارسي ٻوليءَ ۾ عدد جمع ٺاهڻ لاءِ، اسم جي پويان 'ها' يا 'آن' پڇاڙيون ملائيبون آهن، مثلاً:

| فارسي واحد | فارسي جمع | فارسي واحد | فارسي جمع |
|---|---|---|---|
| گل | گلها | پسر | پسران |

| | | | |
|---|---|---|---|
| بچہ | بچها | دختر | دُختران |
| اسپ | اسپها | دانشمند | دانشمندان |
| | | بزرگ | بزرگان |

سنڌي ٻولي ۾ فارسيءَ جا ڪي اسم، جمع جي حالت ۾ ساڳيءَ طرح ڪم ايندا آهن. پر اها ترڪيب گهٽ ڪري يا تہ عروضي شاعريءَ ۾ ڪم ايندي آهي ۽ يا اخباري ۽ تقريري ٻوليءَ ۾: جيئن مٿي زير اضافت جا ڪي مثال ڏنا ويا آهن. انهن مثالن ۾ فارسيءَ جا جمع ڪم آندا ويا آهن: مثال طور:

برادرانِ اسلام

دُخترانِ پاڪستان

بزرگانِ دين

دانشمندانِ قوم

اسم مفعول: مطالعي مان اهو پڻ معلوم ٿيو آهي تہ فارسي ٻوليءَ جا اسم مفعول، ساڳيءَ ترڪيب سان سنڌي وياڪرڻ ۾ ڪم اچن ٿا: جيئن:

گفتہ، فرموده، ديده، دانستہ، آزموده، رفتہ وغيره

## فارسي تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين جو استعمال:

سنڌي ٻولي جي شاعريءَ، افسانوي ادب ۽ درامن ۾، فارسي ٻوليءَ جي تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين جو استعمال گهڻو آهي. ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| لفظ | سنڌي ترجمو |
|---|---|
| ماه وش | چند جهڙي |
| ماه رو | چند جهڙو منهن |
| ماه لقا | چند جهڙو منظر |

| | |
|---|---|
| ماهتاب | چنڊ وانگر چمڪندڙ |
| پري وش | پريءَ جهڙي |

<u>فارسي پهاڪا، چوڻيون ۽ اصطلاح:</u>

سنڌي ۽ فارسيءَ جي اٺ سو سالن واري ڏگهي ساٿ جي ڪري، فارسي زبان جون بيشمار چوڻيون، پهاڪا ۽ اصطلاح سنڌيءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن،[1] ۽ اهي هاڻ سنڌي لغات ۽ سنڌي ثقافت جو حصو بڻجي ويا آهن. اُنهن مان ڪي هوبهو اصلوڪي حالت ۾، يعني فارسي زبان ۾ ڪم اچن ٿا، ۽ ڪي ترجمي جي صورت ۾، سنڌي زبان جي ڍانچي ۾ سمائجي ويا آهن. هيٺ ڪي نمونی طور ڏجن ٿا:

(1) فارسي اصطلاح:

| فارسي | سنڌي |
|---|---|
| انگشت بدندان | ڏندين آڱريون اچڻ |
| دندان نمودن | ڏند ڏيکارڻ |
| دل دادن | دل ڏيڻ |
| چشم دوپاره شدن | اکيون چار ٿيڻ |
| ڪمر بستن | سندرو ٻڌڻ، همت ڪرڻ |

پروفيسر اياز قادري لکي ٿو ته:

”سنڌيءَ جي غزل گو شاعرن جي پارسي زبان سان ايتري قربت ۽ ويجهڙائي ٿي ڏسجي جو هنن نه صرف پارسي لفظ پنهنجن خيالن کي بيان ڪرڻ لاءِ، عام جام استعمال ڪيا آهن، پر فارسي اصطلاح، محاورا، چوڻيون ۽ زبان زد مصرعون به، پنهنجن غزلن ۾ اهڙي رواني‍ءَ سان استعمال ڪيون آهن: مثال طور:

رام ٿيڻ = راضي ٿيڻ

رام جڏهن ٿئي گلبدن، تنهن جي تڏهن اچان ڪتب،

[1] عبدالجبار جوڻيجو ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، ص 47.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توسان هجان اي من موهن. سينه بہ سينه لب بہ لب.
(سانگي)

دل دهي = دل ڏيڻ
دلستاني ڪرڻ = دل وٺڻ
ٻن ڪمن مان تہ هڪڙو ڪر دلبر
دل دهي يا دل ســتـانـي ڪـر.
(سانگي)

چوٽيون:
آفتاب آمد دليلِ آفتاب
تنهنجو دل افروز جوبن تنهنجو شهرو ٿو ڪري،
سچ چيو ڪنهن آفتاب آهي دليلِ آفتاب."[1] (فقير)

(2) فارسي زبان جا اصلي حالت ۾ مروج پهاڪا:

اول خويش بعد درويش
آه غريبان قهر خدائي
يک تندرستي هزار نعمت
يک انار سؤ بيمار
پنج انگشت برابر نيست
هنوز دلي دور است
يک نہ شد دو شد

(3) فارسي زبان جا سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيل پهاڪا:

| فارسي پهاڪو | سنڌي پهاڪو |
|---|---|
| آمدن بہ ارادت [illegible] بہ اجازت | اچڻ پنهنجي خوشيءَ، وڃڻ پرائي وس |
| آمد براي اخگرچون [illegible] نشست | آئي ٽانڊي ڪاڻ، [illegible] چياڻي |

[1] ايازقادري: سنڌي غزل جي [illegible] ڇاپو پهريون، چار شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ [illegible] ص 28

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| اگر راستي، ڪارت آراستي | سچ تہ بينو نچ |
| ديوار هم گوش دارد | ڀتين کي بہ ڪَن آهن |
| دو برادر سويم حساب | ڀاءُ ڀائر ٿيون ليکو |
| دشمن دانا به از دوست نادان | نادان دوست کان دانا دشمن چڱو |
| گندم از گندم برويد جو از جو | ڪڻڪ پوکي ڪڻڪ لڻبي جوَ پوکي جوَ لڻبا. |
| خود کرده را علاج نيست | هٿ جي وڍيءَ جو نہ ويج نہ طبيب |
| خوءِ بد را بهانہ بسيار | دل کوٽي عذر گهڻا |
| صدا از يک دست نمي آيد | هڪ هٿ جي تاڙي نہ وڄندي |
| جوينده يابنده | جو ڳوليندو سو لهندو. |

**لفظن جي معنوي حيثيت:**

فارسي زبان جي سنڌيءَ ۾ آيل ڪن لفظن جي معنوي حيثيت (semantics) جو مطالعو ڏاڍو دلچسپ آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر جوٽيجي ڪن فارسي لفظن جي اصلوڪي معنيٰ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ سندن معنوي حيثيت تي روشني وڌي آهي.

هو لکي ٿو:

”ڪن لفظن جو اڀياس نهايت دلچسپ آهي. لفظ ’ترس‘ جون سنڌيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ معنائون آهن. هڪ معنيٰ اٿس انتظار ڪر (ترسڻ)، ٻي معنيٰ اٿس ’رحم‘ (mercy). فارسي مصدر ۾ ’ترسيدن‘ جي معنيٰ ’ڊڄڻ‘ آهي. سنڌي زبان ۾ اسين ’خدا ترس‘ لفظ جڏهن فارسيءَ جي اصل مفهوم موجب ڪم آڻيون ٿا. ’خدا ترس‘ لفظ جي سنڌيءَ ۾ معنيٰ آهي ’رحمدل‘. خدا ترس بہ اهو چئبو جيڪو خدا کان ڊڄندو هوندو، ۽ ماڻهن سان رحمدل ٿي هلندو هوندو“[1]

---

[1] عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، ص 47

## اردو ٻوليءَ جو اثر:

اردو ٻوليءَ جو، سنڌي ٻوليءَ تي اثر قيام پاڪستان کان پوءِ ٿيو آهي. پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان پوءِ، آباديءَ جي لڏپلاڻ جو جيڪو سلسلو شروع ٿيو، ۽ لکن جي تعداد ۾ اُهي هندستاني مسلمان جن جي مادري زبان اردو هئي، هندستان جي ڌار ڌار علائقن مان لڏي، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. اُهي گهڻو ڪري سنڌ جي وڏن وڏن شهرن ۾ ڪيا ويا. اهڙي آباديءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص، سکر ۽ نواب شاهه جهڙن وڏن شهرن ۾، اڪثريت جي زبان اردو بنجي وئي، ويتر جو پاڪستان جي پنجاب، سرحد صوبن ۽ اُترين علائقن جا ماڻهو، روزگار خاطر، سنڌ جي مٿي بيان ڪيل وڏن شهرن ڏانهن جوق درجوق اچڻ لڳا، ۽ انهن شهرن ۾ آباد ٿيڻ لڳا، اهي به اردوءَ کي پنهنجي رابطي جي زبان طور ڪم آڻڻ لڳا. انهي ڪري مقامي ٻولي يعني سنڌي انهن شهرن ۾ اقليت جي زبان بنجي ويئي[1].

مهاجرن ۽ مقامي ماڻهن يعني سنڌين جي گڏ رهڻ ڪري، ۽ باهمي ذريعه گفتگو اردو هجڻ ڪري، سنڌي زبان تي، اردو زبان جو ڪجهه قدر اثر ٿيڻ لڳو ۽ سنڌيءَ زبان ۾ اردوءَ جي لفظن جو ذخيرو شامل ٿيڻ لڳو.

ٻوٽن ۽ ننڍن شهرن ۾، جتي اڪثريت جي زبان سنڌي هئي، اتي اردودانن، پٺاڻن ۽ پنجابين جي ٻوليءَ تي سنڌي ٻولي اثرانداز ٿيڻ لڳي. اهڙين ٻنهي حالتن ۾ سنڌي ۽ اردوءَ جي صورت، ڪجهه قدر اثرانداز ٿيڻ لڳي.

گفتگو واري ٻوليءَ کان سواءِ، ادبي سطح تي به سنڌي ادب تي، اردو ادب جو اثر ٿيو. سنڌي زبان جي ممتاز اديبن ۽ شاعرن، اردو زبان ۾

---

[1] اصلاحي شرف الدين: سنڌي اردو ڪي لساني روابط. لاهور، مرڪزي اردو بورڊ. 1970ع. ص 93

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ لکڻ شروع ڪيو. انهن ۾ سيد حسام الدين راشدي شاهه، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، شيخ اياز، ڊاڪٽر محمد ابراهيم ”خليل“، پروفيسر لطف الله بدوي، شيخ عبدالرزاق ’راز‘، مولانا غلام محمد گرامي، سيده نورالهديٰ شاهه، عبدالقادر جوڻيجو، امر جليل ۽ ٻين جا نالا فخر سان وٺي سگهجن ٿا.

قومي زبان بڻجڻ سبب ۽ سنڌ ۾ اردو زبان کي اسڪولن ۾ لازمي قرار ڏنو ويو. ان کان علاوه رابطي جي زبان هجڻ سبب ۽ اردو سنڌ ۾ عموماً ۽ سڄي پاڪستان ۾ اڳ ئي مقبوليت حاصل ڪري چڪي هئي. انهيءَ ڪري هيءَ زبان پاڪستان ۾، هر صوبي ۾، صوبائي زبان سان هم آهنگ نظر آئي؛ ويتر فلمن، ڊرامن، ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي ڪري ۽ اردوءَ کي پاڪستان جي دور دراز علائقن تائين رسائي حاصل ٿي. هوندن ۾ برصغير جي آزاديءَ جي هلچل دوران اردو ٻين صوبن سان گڏ سنڌ ۾ به باهمي اظهار ۽ رابطي جو ذريعو هئي. انهيءَ ڪري وڏن وڏن شهرن ۾ قيام پاڪستان کان اڳ ئي اردو زبان سمجهي، پڙهي ۽ لکي ويندي هئي.

معياري سنڌي ۽ اردوءَ جو بيشمار لغوي خزانو عربي ۽ فارسيءَ وارو ساڳيو آهي، پر انهيءَ هوندي به ڪيترائي اردو مصدر، اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون، پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ، سنڌي لغات جو حصو بڻيا آهن. ڪيترائي هندي پهاڪا اڳ ئي سنڌيءَ ۾ استعمال ۾ هئا.

شهرن تي اردوءَ جي غلبي، اديبن ۽ شاعرن تي اردو ادبيات جي اثر ۽ ڪن فئملين طرفان گهرن ۾ اردوءَ کي مادري زبان طور استعمال ڪرڻ سبب، سنڌي ٻوليءَ تي، اردو صرف و نحو جو اثر ۽ واضح نظر اچي ٿو. هيٺ اهڙن اثرن مان ڪي مثال طور بيان ڪجن ٿا:

جنس جو استعمال:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا اسم آهن جيڪي جنس مؤنث طور استعمال ٿيندا آهن. پر اردو ٻوليءَ جي اثر ڪان پوءِ، اُهي لفظ ڪن شهرين جي استعمال موجب، جنس مؤنث جي بدران جنس مذڪر طور اُچاريا ويندا آهن؛ جيئن:

'موسم' لفظ سنڌيءَ ۾، جنس مؤنث طور استعمال ڪبو آهي پر ڪي ماڻهو ان کي 'جنس مذڪر' ۾ ڪم آڻيندا آهن؛

مثال طور:

| عام سنڌي | اردوءَ جي اثر ڪان |
|---|---|
| اڄ موسم سٺي آهي | اڄ موسم سٺو آهي. |
| اڄ موسم سُهڻي آهي. | اڄ موسم سهڻو آهي. |

اهڙيءَ طرح ٻيا مثال هي آهن:

| لفظ | عام سنڌي فقرو | اردو فقرو | اردوءَ جي اثر ڪان پوءِ سنڌي فقرو |
|---|---|---|---|
| دل | منهنجي دل | ميرا دل | منهنجو دل |
| ڪتاب | منهنجو ڪتاب | ميري ڪتاب | منهنجي ڪتاب |
| ڪتابَ | منهنجا ڪتاب | ميري ڪتابين | منهنجون ڪتابون |

مٿي 'ڪتاب' لفظ جو جمع ڪيترا شهري ۽ پڙهيل ڳهڻ جا ٻار ۽ خاص ڪري ڇوڪريون، 'ڪتاب' جي بدران 'ڪتابون' استعمال ڪندا آهن. اهو سڌو سنئون اردوءَ جو اثر آهي.

اهڙيءَ طرح اردوءَ جي اثر جي ڪري 'غزل' ۽ 'نظم'، ڪي سنڌي شاعر مؤنث طور ڪم آڻيندا آهن: مثال طور:

| لفظ | عام سنڌي | اردو | اردوءَ جي اثر ڪان پوءِ سنڌي اُچار |
|---|---|---|---|
| غزل | تنهنجو غزل | تيري غزل | تنهنجي غزل |
| غزلَ | تنهنجا غزل | تيري غزلين | تنهنجون غزلون |
| | | | تنهنجون غزلون لاجواب آهن. |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| نَظم | منهنجو نظم | ميري نظم | منهنجي نظم |
| نظمَ | منهنجا نظم | ميري نظمين | منهنجون نظمون |

مصدر: مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ اردو ٻوليءَ جا ڪيترائي مصدر سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا آهن؛ مثلاً

| اردو مصدر | سنڌي مصدر | اردو مصدر | سنڌي مصدر |
|---|---|---|---|
| پهلا نا | ڦهلائڻ | اپنانا | اپنائڻ |
| ٹهلانا | ڏلڻ | | |

حرف اضافت: ڪيترائي شهري سنڌي نوجوان، اسڪولن ۾ ذريعہ تعليم اردو اختيار ڪرڻ جي ڪري يا اردودان اڪثريت واري پاڙي ۾ رهڻ جي ڪري ۽ يا اهڙين فئملين سان اُٿ – ويهہ جي ڪري، پنهنجي روز مره جي گفتگو ۾، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ ۾ فرق ڪندا آهن؛ مثال طور:

| اردو فقرو | اردوءَ جي اثر ڪان سنڌي فقرو | عام طور سنڌي فقرو |
|---|---|---|
| ڪونسي والي ڪتاب | ڪنـڙي واري ڪتاب | ڪهڙو ڪتاب |
| پهلي والي ڪتاب | پهرين واري ڪتاب | پهريون ڪتاب |

پهاڪا: اردو ۽ سنڌيءَ جي لڳ ڀڳ ستر_اسي سالن جي ساٿ جي ڪري، اردو زبان جي لفظن سان گڏ ڪيترائي اردو پهاڪا بہ سنڌي زبان پنهنجا ڪري ورتا آهن. پر هت ايترو بيان ڪرڻ مناسب آهي تہ ڪيترائي هندي پهاڪا، ادبي ڪتابن، خصوصاً ڊرامن، ناولن ۽ افسانن جي هنديءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمي سان سنڌي گڏ ٻوليءَ شامل ٿي ويا[1]. اهڙن پهاڪن مان ڪي نمونې طور هيٺ ڏجن ٿا:

اردو / هندي پهاڪا:

آپ سُکهي تو جگ سکهي

آپ گهاتي مها پاپي

[1] ڀيرومل اڏواڻي: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص 195

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ایک پنتھ دو کاج
بڑا کھاون بڑا دُکھ پاون چھوٹي کا دکھ دور
آسمان کا تھوکا منہ مین آتا ھي
اونٹ کي منھ مين زيره
آٹي مين نمک
تم بھي راني مين بھي راني کون بھريگا پاني
دودھ کا دودھ پاني کا پاني
پئسا پھينک تماشا ديکھ

•

## گجراتي ٻولي جو اثر:

سنڌ جي لسانياتي جاگرافيءَ جي اونهي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان جي ڪڇي، لاڙي، ٿري ۽ پارڪري لهجن تي، گجراتي زبان جو اثر گهڻو رهيو آهي. ڪڇ ۽ ٿر جا پارڪر وارا حصا، گجرات جا پاڙيسري علائقا آهن. اُن کان سواءِ ڪڇ جو وڻج واپار سجو گجرات جي اثر هيٺ رهيو آهي. گجرات ۽ سنڌ جا سياسي ۽ سماجي ناتا، سومرن جي زماني کان بہ آڳاٽا رهيا آهن. اهڙن ناتن ۽ رشتن جو تفصيلي احوال سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ڪتاب ۾ ڏنل آهي[1].

انگريزن جي حڪومت جي شروعات ۾، 1847ع ۾، سنڌ کي بمبئيءَ سان ملائي، بمبئي پريزيڊنسي قائم ڪئي وئي. انهيءَ ڪري هزارن جي تعداد ۾ گجراتي ۽ ڪاٺياواڙي سنڌ ۾ اچي وينا، ۽ گجرات ۽ سنڌ جي وچ ۾ وڻج واپار وڌيو. سنڌ ۾ اسڪولن ۾ سنڌيءَ سان گڏ گجراتي ٻولي پڻ رائج هئي. خوجا، ميمڻ، بوهره، ڪڇي، پارسي ۽ گجرات کان آيل ٻيون قومون، پنهنجي روزمره جي وهنوار ۾ گجراتي

---

[1] غلام علي الانا: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. ڇاپو ٻيو. ڄامشورو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1983ع. ص ص 59-86

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻولي استعمال ڪنديون هيون. انهيءَ ڪري سنڌ ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور ۽ سکر ۾ ڪجهه قدر گجراتيءَ جو اثر رهيو.

آباديءَ جي تبديلي[1]، سماجي ۽ سياسي ناتن، مذهبي پرچار، واپاري ڏي وٺ سبب سنڌي ۽ گجراتيءَ جو هڪ ٻئي تي اثر ٿيو آهي.

اڳ ۾ اچي چڪو آهي تہ آباديءَ جي لڏپلاڻ تي، عام ماڻهن، اميرن ۽ حاڪمن ۾ سڱابنديون ۽ مائٽيون ٿيون. هنرمندن، فنڪارن، عالمن فاضلن ۽ ديني مبلغن جي اچ وڃ ٻنهي ٻولين تي بہ اثر ڪيو. هن سلسلي ۾ مشرا لکي ٿو:

"سنڌي ماڻهو ٻڙودي ۾ گهٽي تعداد ۾ آباد آهن. جتي هو رياست جي پوليس ۽ فوج ۾ گهٽي قدر پرتي ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح اُتر گجرات ۽ پالنپور طرف پڻ، پوليس ۽ ٻين سرڪاري نوڪرين ۾ سنڌي ماڻهو گهٽي تعداد ۾ آهن. ڪي سنڌي ساموندي ساحل تي ٻيڙين جا ناکٺا ۽ ميربحر پڻ آهن"[2]

انهن ۽ اهڙن ٻين رشتن جي ڪري جٿين سنڌيءَ جو گجراتيءَ اثر ٿيو، تيئن گجراتي ٻوليءَ سنڌيءَ کي متاثر ڪيو. هيٺ گجراتي ٻوليءَ جي سنڌيءَ تي اثرن مان ڪي نقطا مثالن سان پيش ڪجن ٿا.

سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي لهجي تي تہ گجراتيءَ جو تمام گهڻو اثر آهي، پر لاڙي، ٿري ۽ پارڪري لهجا بہ انهن اثرن کان ڇٽل نہ آهن. مثال طور:

(الف) صوتياتي اثر:

(اَ) صوتياتي لحاظ کان سنڌيءَ جي ڪڇي، لاڙي ۽ پاڪري لهجن ۾ ڪوبہ خاص فرق ڪونهي، پر گجراتي ٻوليءَ جي اثرکان ڪڇي ۽ لاڙي

[1] Misra, S.C., Muslim Commuinties in Gujrat, New York, Asia Publishing House 1964, p. 71

[2] Misra, S.C., Op. Cit., P.71

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهجن ۾ ڪن لفظن [ز] کي [ج] ۽ [ج] کي [ز] ڪري اُچاريو ويندو آهي. مثال طور:

| اصل لفظ | گجراتي لفظ | ڪڇي | لاڙي |
|---|---|---|---|
| معجزو | موزجو | هاجر | هاجر |
| حاظر | هاجر | هاجر | هاجر |
| نظر | نجر | نجر | نجر |

(ii) اهڙيءَ طرح گجراتيءَ ۾ [ش] کي [س] ۽ [س] کي [ش] ڪري اچاريو ويندو آهي. ساڳيءَ طرح گجراتيءَ ۾ [ف] کي [ق]، [غ] کي [گ]، ۽ [خ] کي [ڪ] اُچاريندا آهن. جن جو اثر ڪڇي، لاڙي ۽ پاڪري لهجن ۾ بلڪل نمايا آهن.

## حرف جملو:

سنڌي ٻوليءَ جي مطالعي مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي ته گجراتي ٻوليءَ جو سنڌي صرف و نحو تي پڻ ڪجهه اثر ٿيو آهي. هيٺ حرف جملي، حرف جر ۽ حالت تغيريءَ (مڪاني) جي اثر جا ڪجهه مثال نموني طور ڏجن ٿا. جهڙوڪ:

| سنڌي | گجراتي | ڪڇي | فقري ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| ۽ | ني | ني | ڇوڪرو ني ڇوڪري |

حرف جر:

| سنڌي | گجراتي | ڪڇي | جملي / فقري ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| ۾ | مان (مانهه) | مان (مانهه) | شيرين ني فاطما چلي لئي هاٽ مان لتک پتک رمتي |

باجار مان

| وٽ | وَٽي | وَٽي | مون وٽي |
|---|---|---|---|

**حالت:**

سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت مڪاني يا حالت جريءَ جي حالت ۾ ا-
جي پويان آيل حرف جر استعمال ڪبو آهي، جيئن:

حالت جري / مڪاني

گهر ڏانهن

گهر ۾

گهر کي

حالت تغيريءَ ۾ انهن جو استعمال هيٺ موجب هوندو آهي:

| حالت جري / مڪاني | حالت تميزي |
|---|---|
| گهر ۾ | گهرِ |
| گهر ڏانهن } | |
| گهر مان | گهران |

گجراتي ٻوليءَ ۾ 'گهر ڏانهن' کي 'گرين / گري (گري)' ڪري اُچاريندا آهن. گجراتيءَ جو اهو اثر ڪڇي ۽ پاڪريءَ تي نظر اچي ٿو. مثال طور:

| سنڌي | گجراتي | ڪڇي | پاڪري |
|---|---|---|---|

گهر وڃان ٿو گرين/ گري جاؤن ڇون گرين/ گري گرين جاؤن ٿو
ونا ٿو

ظرف: سنڌيءَ ۾ گذري ويل ڏينهن کي 'ڪالهه' چيو ويندو آهي ۽ ايندڙ ڏينهن کي 'سڀاڻي' چئبو آهي، پر گجراتي ٻوليءَ ۾ ٻنهي حالتن

۾ 'ڪالهه' چون. پر اُن جو اُچار ڪن 'ڪالي'. ڪڇي ۽ پاڪريءَ ۾ بہ، گجراتيءَ جي اثر ڪان 'ڪالي' چون.

جيئن:

| سنڌي | گجراتي | ڪڇ | پارڪري |
|---|---|---|---|
| سياڻي ايندس | ڪالي آوِ سون | ڪالي آوِيس | |
| ڪالهه آيس | ڪالي آويو هتو | ڪالي آويو | |

حرفن (Particle) جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪنهن اسم يا ضمير تي زور ڏيڪارڻ/ ڏيڻ لاءِ 'ئي'، حرف (particle) ڪم آڻبو آهي، پر گجراتيءَ ۾ 'ئي' جي بدران 'ج' استعمال ڪيو ويندو آهي. ڪڇي ۽ پاڪريءَ ۾ بہ 'ج' ڪم آڻبو آهي، مثلا:

| سنڌي | گجراتي | ڪڇي | پاڪري |
|---|---|---|---|
| تون ئي وڃ | تو ج جاؤ | تُو ج وِ ڃ | تُو ج جاؤ |
| توهين/اوهين ئي وڃو | تمين ج جاؤ | آئين ج وِ ڃو | تمين ج جاؤ |

لفظن جو ذخيرو:

سنڌي ٻوليءَ جي لغات جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾، خاص طور تري، لاڙي، ڪڇي ۽ پاڪريءَ ۾ بيشمار گجراتي لفظ شامل ٿي ويا آهن. اُنهن ۾ ڊيان جوڳا اهي لفظ آهن جيڪي مٽي مائٽيءَ، ڏينهن وارن ۽ شين وغيره جي نالن متعلق آهن. هيٺ اهڙن لفظن جي فهرست ڏجي ٿي:

| سنڌي | گجراتي | لاڙي | ڪڇي | پارڪري |
|---|---|---|---|---|
| وڏو ڏير | جيٺ | جيٺ | جيٺ | جيٺ |
| وڏي ڏيراڻي | جيناڻي | جيناڻي | جيناڻي | جيناڻي |
| پير | پڳ | پڳ | پڳ | پڳ |

| اڌ | اردو | اد | اردو | اردو |
|---|---|---|---|---|
| مٿو | ماٿا | مٿو | ماٿو | ماٿو |

## سرائڪي ٻولي جو اثر:

سرائڪي ٻوليءَ جي باري ۾، ماهرن، ڍار ڍار ڪتابن، رسالن ۽ مضمونن ۾ گهڻو ئي ڪجهہ لکيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ڪتاب ۾ هن ڏس ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي.[1]

هن باب ۾ سرائڪي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڪابہ راءِ ڏيڻي نہ آهي، پر هت فقط اهو بيان ڪرڻو آهي تہ سرائڪي ۽ سنڌي جي قديم رشتن واري ڪري، ۽ ڪلهوڙن ۽ ٽالپر حاڪمن واري 150 سالن جي حڪومت جي زماني ۾، حاڪمن جي زبان سرائڪي هجڻ ڪري، ۽ اُن ڪان سواءِ ديره جات، ملتان، رحيم يارخان ۽ ٻين سرائڪي ڳالهائيندڙ علائقن مان لڏي آيلن جي مستقل قيام جي ڪري، سرائڪي ٻوليءَ جي ويا ڪرڻ جو سنڌي ويا ڪرڻ تي وڏي اثر ٿيو آهي.

سرائڪي ڳالهائيندڙ، سنڌ ۾ قديم زماني ڪان آباد آهن. اِهي ماڻهو سماجي، ثقافتي ۽ معاشرتي طور سنڌ ۾ ضم ٿي ويا آهن ۽ پاڻ کي سنڌ جا باشندا سمجهندا آهن. هنن سنڌ جي مسئلن کي پنهنجا مسئلا سمجهي، اُنهن لاءِ بي انتها قربانيون پڻ ڏنيون آهن. هو گهر کان ٻاهر پنهنجي روزانہ وهنوار ۾، سنڌي زبان کي پنهنجي مادري زبان طور ڪم آڻيندا آهن، پر پنهنجن گهرن اندر ۽ پنهنجي ماحول اندر، سرائڪي ٻولي ڳالهائين. انهيءَ ڪري انهن جي صوتياتي نظام، صرفي ۽ نحوي ترڪيب تي سرائڪي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۽ ويا ڪرڻ جو اثر ظاهر

---

[1] الانا غلام علي ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي. حوالو ڏنو ويو آهي. ص ص 129 — 246

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اهڙو اثر انهن جي سنڌيءَ تي بہ نمايان هوندو آهي، چاهي هو ڪو سياسي رهنما هجي، ملڪي مدبر هجي، اديب ۽ شاعر هجي، عالم ۽ فاضل هجي ۽ اُستاد وغيره هجي. اهڙو اثر هاڻ سنڌي زبان تي حاوي پئجي ويو آهي. اهڙي اثر ڪي مثالن سان بيان ڪجي ٿو.

__صوتي اثر:__

(1) سنڌي ٻوليءَ جي اُترادي لهجي (خصوصاً سکر ۽ اوٻاوڙي طرف)، [ٽ ۽ ٽر]، [ ڊ ۽ ڊر] آوازن ۾، [ٽر ۽ ڊر] اهڙا آواز آهن جيڪي سنڌيءَ جي فقط ڪڇي لهجي [ ڊر ۽ ٽر] ۾ ملن ٿا. پر ڪڇيءَ ۾ [ٽ ۽ ڊ] آواز موجود نہ آهن. ڪڇيءَ ۾ [ ٽر ۽ ڊر] جا نعم البدل [ ٽر ۽ ڊر] آهن، پر اُهي سنڌيءَ جي اُترادي لهجي وانگر ڏار ڏار صوتين [ٽ ۽ ٽر، ڊ ۽ ڊر] جي حيثيت ۾ نٿا اچارجن. سنڌيءَ جي اُترادي لهجي تي اهو، سرائڪيءَ جو اثر ٿو معلوم ٿئي.

(2) سنڌي ۽ سرائڪيءَ جا ڪي آواز هڪ ٻئي سان مٽبا آهن، جئين:

| سرائڪي آواز | سنڌي آواز | لفظ |
|---|---|---|
| ل | ر | ٻال> ٻار |

__صرفي اثر:__

سنڌي ٻولي جي اُترادي لهجي ۾ جنس مؤنث، عدد واحد کي جڏهن عدد جمع ۾ بدلائبو آهي تڏهن جيڪي جمع صورتون ملن ٿيون، انهن تي سرائڪيءَ ٻوليءَ جو اثر بلڪل ظاهر آهي، مثال طور:

| لفظ | عام سنڌي | | اُترادي سنڌي |
|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | جمع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪت | ڪت | ڪتون | ڪتان |
| ڪارڪَ | ڪارڪَ | ڪارڪون | ڪارڪان |
| چنگ/ٽنگ | چنگ/ٽنگ | ٽنگون/چنگون | چنگان/ٽنگان |

## اسم فاعل:

سرائڪي ٻوليءَ ۾ اسم فاعل جي نشاني ’وال‘ يا ’والا‘ پڇاڙيون آهن. ۽ سنڌيءَ ۾ ’وال‘ يا ’وارو‘ پڇاڙيون ملائبيون آهن. سرائڪيءَ وارو [ل] سنڌيءَ ۾ بدلجي [ر]ٿيو آهي، ۽ اُن جي پويان ’او‘ سر ملايو ويندو آهي، جيئن:

| اسم | علامت/ نشاني | اسم فاعل |
|---|---|---|
| ٻچو/ٻچا/ٻچڙا | وال | ٻچڙ وال/ٻچڙيوال |
| ڪوٽ | وال | ڪوٽوال |
| سرندي | وال | سرنديال |

## صفت:

سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن جي پڙهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌيءَ ۾ پهرئين ڪلاس جي ٻارن کي جيڪو ’ٻڪي جو ڪوڙو‘ سيکاريو ويندو آهي، اُن ۾ جيڪي انگ ڪم آندا ويندا آهن يا اُن ۾ جيڪو عدد شماري ڪم آڻبو آهي، اُهو هوبهو سرائڪي ٻوليءَ تان کنيو ويو آهي. مثال طور ’ٻڪي جو ڪوڙو‘ هيٺ سڄيءَ سنڌ جي ٻارن کي هن طرح سيکاريو ويندو آهي:

| ايڪ | ڏون | ڏون | سرائڪيءَ ۾ ڏون معنيٰ ٻه |
|---|---|---|---|
| ٻه | ڏون | چار | |
| ٽه | ڏون | ڇهه | |
| چار | ڏون | اَٺَ | |

| | | |
|---|---|---|
| پــج | ڏون | ڏهه |
| ڇهه | ڏون | ٻارنهن |
| ست | ڏون | چوڏهن |
| اَٺ | ڏون | سورهن |
| ناءِ | ڏون | ارڙهن |
| ڏهائي | ڏون | وِيهه |

## نحوي اثر:

سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس مان معلوم ٿيو آهي تہ اسم واحد صورت ۾، اهي سنڌي اِسم جن جي آخر ۾ 'اَ' اعراب هوندي آهي، سرائڪي ڳالهائيندڙ، اهڙن سنڌي لفظن جي اُچار ڪرڻ مهل، 'اَ' اعراب کي 'اِ' ۾ بدلائي اُچاريندا آهن. اهو سرائڪي ٻوليءَ جو اثر آهي، پر هن وقت ڪيترائي غير – سرائڪي ڳالهائيندڙ سنڌي ماڻهو بہ. اهڙن لفظن جو اُچار، سرائڪي اثرجي ڪري هيٺ موجب ڪندا آهن. مثال طور:

| سنڌي اُچار | سرائڪي اُچار |
|---|---|
| پنجَ | پنجِ |
| ستَ | ستِ |
| اَٺَ | اَٺِ |
| وَچَ | وَچِ |
| هَتَ | هَتِ |
| اُٺَ | اُٺِ |

انهن لفظن جي اچار ۾ فرق هيٺ ڏنل جملن ۾ واضح طور معلوم ڪري سگهجي ٿو:

| سنڌي اُچار | سرائڪي اُچار |
|---|---|

| | |
|---|---|
| اِهي پنج ٻڪريون آهن. | اهي پنج ٻڪريون آهن. |
| هي سَتَ پائر آهن. | هي سَتِ پائر آهن. |
| هن جي هَٿَ ۾ ڪتاب آهن. | هن جي هٿِ ڪتابِ آهن. |
| اُٺ کي مَهارَ وِجهه. | اُٺَ کي مهارِ وجهه. |
| هُو راتَ مون وٽِ آيو. | هُو راتِ مون وٽَ آيو. |

(3) اهي سنڌي لفظ جن جي آخر ۾ 'اِ' يا 'اُ' اعراب هوندي آهي، سرائڪي ڳالهائيندڙ سنڌي، اهڙن لفظن جي اُچار ڪرڻ مهل 'اِ' يا 'اُ' اعراب کي 'اَ' اعراب ۾ تبديل ڪندا آهن. سرائڪيءَ جو اهو اثر سنڌ جي ڪيترن ئي پڙهيل ڳڙهيل ماڻهن، خصوصاً اديبن ۽ شاعرن جي ٻوليءَ تي بلڪل چٽو نظر اچي ٿو. هيٺ ڪي لفظ نموني طور ڏجن ٿا:

| اعراب | سنڌي اُچار | سرائڪي اُچار |
|---|---|---|
| اِ | سيٺِ | سيٺَ |
| | راتِ | راتَ |
| اُ | سنڌُ | سنڌَ |

هيٺ جملن ۾ اهي لفظ ڏجن ٿا ته جيئن فرق نمايان طور محسوس ڪري سگهجي:

| سنڌي اُچار | سرائڪي اُچار |
|---|---|
| سيٺِ اڪبَر کي دعوتَ ڏيو | سيٺَ اڪبر کي دعوتِ ڏيو. |
| اَجُ راتِ جو ڪونڌَ ايندا سين. | اجَ راتَ جو ڪونڌِ ايندا سين. |
| سنڌُ ۾ راتِ ٿڌي ٿيندي آهي. | سنڌَ ۾ راتَ ٿڌي ٿيندي آهي. |

(4) سنڌي ويا ڪرڻ موجب اهي مؤنث يا مذڪر اسم جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'اِيِ' اعراب هوندي آهي، اُنهن جي زمان حال مان، زمان ماضيءَ ۾ ڦيري لاءِ يا انهن جي حالت تغيري (حالت جري، حالت اضافت ۽ حالت مڪاني وغيره) ۾ ڦيري لاءِ جڏهن اُن اسم جي پويان حرف جر استعمال ڪبو آهي تڏهن اُن اسم جي آخر واري 'اِيِ' اعراب.

ڪان هڪدم پوءِ، 'اَ' (ءَ) اعراب اچاربي آهي. ۽ 'اُ' (ءَ) جي اُچار ڪان پوءِ، حرف جر ڪم آڻبو آهي. مثال طور:

| زمان | اسم | حالت | سنڌي جملا | سرائڪي اثر ڪانپو. جملا |
|---|---|---|---|---|
| حال | ڇوڪري | فاعلي | ڇوڪري ماني ڪائي ٿي. | ڇوڪري ماني ڪائي ٿي، |
| " | " | جري | ڇوڪريءَ کي ماني ڏي. | ڇوڪري کي ماني ڏي، |
| " | " | اضافت | ڇوڪريءَ جو پيءُ آيو. | ڇوڪري جو پي آيو، |
| ماضي | " | مفعولي | ڇوڪريءَ ٻار کي ماريو. | ڇوڪري ٻارِ کي ماريو، |
| حال | ٻڪري | جري | ٻڪريءَ کي پنج ڦَرَ آهن. | ٻڪري کي پنجِ ڦَرِ آهن، |
| " | سنڌ | فاعلي | هُوءَ سنڌ ۾ اَٺ سال رَهي. | هُوسنڌَ ۾ اَٺِ سالِ رهي، |
| " | (هوءَ) | ضمير | | |
| " | رُتِ | " | سانوڻَ جي موسم ۾ رات جو رُتِ ٿڌي ٿيندي آهي. | سانوڻِ جي موسم ۾ راتَ جو رُتَ ٿڌي ٿيندي آهي، |
| | راتِ | | | |

سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ موجوده وقت سرائڪي زبان جو اهڙو اثر نصابي ڪتابن، ادبي رسالن، روزانہ اخبارن، شعر و شاعريءَ ۽ ادبي مقالن ۽ مضمونن ۾ بہ نظر اچي ٿو. نصابي ڪتابن ۾ 'هاريءَ'، 'ماڻهوءَ'، 'ڇوڪريءَ' وغيره اسمن جي پويان جملن ۾ ايندڙ اعراب 'ءَ' جو استعمال لڳ ڀڳ ختم ٿي ويو آهي. ۽ سنڌي ٻوليءَ جا وڏا وڏا عالم ۽ اديب بہ، هن وهڪري ۾ وهي رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جو موجود. وقت جو وڏي ۾ وڏو عالم، ڊاڪٽر نبي بخش خان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچ به هن اثر کان بچي نه سگهيو آهي. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر موصوف سنڌي زبان جو اثر بيان ڪندي، مثال طور هڪ جملو ڏنو آهي، جنهن مان ثابت ٿو ٿئي ته ڊاڪٽر صاحب به متي بيان ڪيل اسمن کان پوءِ ايندڙ 'ءَ' اعراب جي استعمال جي سلسلي ۾ غلطي ڪري ويو آهي. مثال طور ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

"عربي وانگر سنڌي ۾ پڻ زالن جا نالا 'مبني' آهن، يعني ته اُنهن جي اعراب ڪين ڦرندي، جيئن ته:

بانو جو پٽ

بانو کي چيم "[1]

حقيقت ۾ ڊاڪٽر صاحب جي اها راءِ درست ڪانهي. 'بانو' لفظ جي پويان 'ءَ' اعراب استعمال ٿئي ٿي پر جيئن ته ڊاڪٽر صاحب سرائڪي ٻولي ڳالهائيندڙ عالم آهي، انهيءَ ڪري ڊاڪٽر صاحب سمجهيو آهي ته 'سچي سنڌ' اهڙيءَ حالت ۾ 'ءَ' اعراب ڪم نه آڻيندي، پر حقيقت ان جي ابتڙ آهي. هيٺ سنڌي نحو جي قانونن موجب ٻئي مثال پيش خاطر ڏجن ٿا:

| سنڌي اُچار | سرائڪيءَ جي اثر کان پوءِ اُچار |
|---|---|
| بانوءَ جو پٽ | بانو جو پٽ |
| بانوءَ کي چيم | بانو کي چيم |
| جانوءَ جو اُٺ | جانو جو اُٺِ |
| جانوءَ کي موڪلَ ڏي | جانو کي موڪَلِ ڏي |

اهڙيءَ طرح اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال ملن ٿا جن جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ تي اهو اثر عربي جو نه پر سرائڪيءَ ٻوليءَ جو آهي.

[1] نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ص 55

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(5) فقرن جي ساخت ۾ نالا:

سنڌ ۾ سرائڪي خطن کان ايندڙ سرائڪي ڳالهائيندڙن پنهنجا ڳوٺ ۽ واهڻ ٻـ اڏيا ۽ انهن تي سرائڪي زبان جا نالا. يعني سرائڪيءَ جي نحوي سٽاءُ موجب نالا رکيائون. هيٺ اهڙا مثال ڏجن ٿا جن جي اڀياس مان ظاهر آهي تہ اها سٽاءُ، سنڌي زبان جي نحوي اصولن موجب ڪانہ ٿي لڳي، پر اها سرائڪي ٻوليءَ جو اثر ظاهر ڪري ٿي، مثال طور:

| سرائڪي ٻوليءَ وارن علائقن ۾ ڳوٺن جا نالا | سنڌي جي ڳوٺن جا نالا |
|---|---|
| علي شير واهڻ | خان واهڻ |
| آدم واهڻ | |
| پتافي واهڻ/ واهڻ پتافي | |
| ٿل وزير | ٿل مير رُڪن |
| | ٿل عاقل خان |
| نوان ڪوٽ | نئون ڪوٽ |
| شور ڪوٽ | ڪوٽ مير رستم |
| ڪوٽ سلطان | ڪوٽ عالم |
| ڪوٽ ادو | |

ڪوٽ جو سرائڪيءَ ۾ اسم تصغير 'ڪوٽلي' يا 'ڪوٽلہ' آهي، جيئن:

ڪوٽلي نجابت

ڪوٽلہ مغلان

سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ل' کي 'ڙ' ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جيئن:

ڪوٽڙي ڪبير

ڪوٽڙي الهہ رکيو شاهہ

مغلن جي ڪوٽڙي

### (6) پهاڪا ۽ چوڻيون:

سنڌي ٻوليءَ جي لغوي خزاني ۽ لوڪ ادب جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته سنڌيءَ ۾ سوَن جي تعداد ۾ سرائڪي ٻوليءَ مان چوڻيون ۽ پهاڪا ورتا ويا آهن، ۽ اُهي سنڌيءَ ٻولي ۽ ثقافت جو حصو بڻجي ويا آهن. انهن مان ڪي هوبهو اصلي حالت يعني سرائڪي ٻوليءَ ۾، سنڌ ۾ رائج آهن ۽ ڪي ترجمي جي صورت ۾ بتدريج سنڌيءَ ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري ويا آهن. هيٺ اُنهن مان ڪي نمونا خاطر ڏجن ٿا:

#### (الف) ترجمو ٿيل پهاڪا:

| سرائڪي پهاڪو | سنڌي ترجمو |
|---|---|
| اَبا هلي ڪُتي انڌي، گُلر ڄٽيندي هي | تڪڙي ڪُتيءَ انڌا گلر ڄڻي |
| بکا ڪِراڙ تي وَهيان پتي | ڪنل واڻيو اڳوڻيون وَهيون جاچي |
| ٻَتِ او سونا جيڙها ڪَن تروڙي | ٻَن پوي اهو سون جيڪو ڪَن ڇَني<br>اهو سون ٿي گهوريو جو ڪن ڇني |
| جتني سَوَڙ هوي اُتني پيرڊ ڊگهيرو | سوڙ آهر پير ڊگهير |
| جَمر نہ مُڪي ناني دي مهاندري | اَچا جائي ڪانهي ڇي نانيءَ جي مهاندي |
| ڄَج پرائي احمق نچي | پرائي ڌهلين احمق نچي |
| سَڪڙيا دُعائين پَلوتي دي جا | سڪٽي دعا پٽ جي برابر آهي |
| ڳوهه ڪُون موت چايان چوڙهي دا | ڳوهه کي ڪُتي ڪٽي موچين جا |
| گهر تڪيُس | گهر نهاري |
| گاهي گاهه مريندا تَڪا | گاهي ٻڪٽي جو ٻڪيو |
| دريب ساوي دا ساوا | ڊپ سائي جو سائو |
| نان ڄَڙهيا چور ڦاسي چڙهي | نالو ڄڙهيو چور ڦاسيءَ چڙهي |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نان چڙهيا وَپاري ڪَٽ ڪاوي نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي.

(ب) اُهي سرائڪي پهاڪا جيڪي سنڌيءَ ۾ هُوبهو استعمال ٿين ٿا:

اپڻا مال ھي روسون پيي ڪاسون پيي

اپڻا مال ھي روئسان پيي ڪائسان پيي

اپڻي گھوٽ تہ نشا تيوئي

بي شرمي دي سيري ڪَنون، ساڳ سرنهن دا چوڪا

ٻلي شير پڙهايا، ڦر ٻلي ڪون ڪاوڻ آيا

پينگان چيز ٻڏن، لنبي رووي ڪٽڪ ڪون

پارسي گھوڙي چاڙهسي

اَپڻا عرض ڏُنهان دي چُغلي

تيڏا سو مئڏا اور ميڏا سو هين هين

ڏيک موري دا توڙا

ڏيک ياران دي ڦيري

ماءُ تيري ڪن ميري

مروار، موت، ملوڪان شڪار،

اُنان مينهان دا ڪيها ميلا.

او چَرن پَٽ، او چَرن ٻيلا

انبان ٻور، ڪلالان لاها

زالان ڏاوڻ، مردان ڪاوڻ

سچ مرچان ڪوڙ ڳڙ. پير پئسا زال گُر

سُچا عاشق پيتو دي آچار

شينهن نہ ڏيکيا ڏيک ٻلاڙا. چور نہ ڏيکيا ڏيک سونارا

دل دا قصا دل جاني ڪيا جاني قاضي

ڪوڙي ڪتابون وچون ڪُجهہ نہ تيسين

مرسان مرسان پر دريپ نہ چرسان

نہ تيڏا ست نہ ميري ڪپاھ
ھڙ ھلا منھن ڪالا①

اھڙي طرح سنڌي زبان جي سٽاءُ ۾ پاڙيسري ۽ حاڪمن جي ٻولين جو گھڻو اثر رھيو آھي.②

**يورپي ٻولين جا لفظ:**

ھن کان اڳ بيان ڪيل مشرقي ٻولين کان سواءِ سنڌيءَ ۾ مغربي ٻولين جا بہ بيشمار لفظ ملن ٿا. انگريزي تہ سنڌ ۾ حاڪمن جي زبان ھئي پر ان کان سواءِ واپاري ناتن جي ڪري سنڌيءَ ۾ ڪيترائي پورچوگيزي لفظ بہ شامل ٿي ويا آھن. اُنھن مان ڪي ھي آھن③:

| پورچوگيزي لفظ | سنڌي اُچار | | |
|---|---|---|---|
| Ambaar | انبار | | |
| Batel | بطيلو | | |
| Bafo | ٻاڦ | | |
| Bucha | ٻُوچ، ٻُنجي، ٻُچو | | |
| Chaahi | چاھہ، چا | | |
| Leilaao | نيلام | Maatelo ' | مارتول |
| Pagaar | پگھار | | |
| Limaa | ليمو | | |

---

سرائڪي پھاڪن جي سلسلي ۾ ھيٺين ڪتابن تان مدد ورتي ويئي آھي:
ڪيولرام شھاڻي: گلشڪر، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1978ع، ص 16.

② Ramnani, P.B., New Model Sindhi Grammar, 2nd, ed:. Hyderabad, Rama Pak Book Depot.

③ Anthony Xavier Soares. Protuguese Vocables in Asiatic Languages. Oriental Institute of Barroda, 1936, P. 496.

④ Ibid. p. 75.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| Faltoo | فالتو |
| Fita | ڦيتَ |
| Piipa | پيپ |
| Pistola | پستول |
| Reciiboo | رسيد |
| Sabao | صابڻ |
| Tabacoo | تماڪ |
| Tarooncoo | تُرنگ |
| Cameraa | ڪمرو[1] |

اهڙيءَ طرح ترڪي، منگولي ۽ ٻين ٻولين جا به ڪيترائي لفظ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويا آهن.

[1] Grierson, G., an Article: Indo-Aryan Vocables. Published in BOAS. Vol: I. 1917-20. P. 75.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي


1. اياز قادري: سنڌي غزل جي اوسر، ياڳو ڀهريون، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1983ع
2. ابن اصيبہ: اردو ترجمو، هندوستان عربون کي نظر مين، جلد اول، اعظم گڙه، دارالمصنفين، 1960ع
3. اصلاحي شرف الدين: سنڌي – اردو کي لساني روابط، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1970ع
4. اصطخري: المسالک و الممالک، اردو ترجمو، هندوستان عربون کي نظر مين، جلد اول، 1960ع
5. بشاري مقدسي: احسن التقاسيم في معرفة، اردو ترجمو، ايضاً
6. ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع
7. سيد سليمان ندوي: عربون کي جهاز راني، بمبئي اسلامک ريسرچ ائسوسيئيشن، 1935ع
8. عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر: سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1980ع
9. عبدالڪريم سنڌيلو، ڊاڪٽر: ڀاڪن جي ڀاڙ، لاڙڪاڻو، اسلم پبليڪيشن، 1970ع
10. علي شير قانع: تحفة الڪرام، بتصحيح و حواشي، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع
11. ايضاً، مڪلي نامہ، بتصحيح و حواشي، سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ
12. علامہ عبدالڪريم بن محمد سمعاني: الانساب، ليڊن، 1912ع

# باب ڏهون

- عربي زبان ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ڏهون

# عربي زبان ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ

هن کان اڳ بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌ ۾ اسلامي فتوحات کان بہ اڳ، سنڌي ٻولي معياري ۽ روزمره جي ٻوليءَ طور ڪم ايندي هئي. هن ۾ نہ فقط وڻج واپار ۽ روزمره جي استعمال جا لفظ ڪم ايندا هئا، پر هيءَ ٻولي علمي ٻولي پڻ هئي. جنهن ۾ علم نجوم، علم هيئت، علم رياضي ۽ علم طب، پسارڪي شين جا بيشمار لفظ هئا.

اسلامي حڪومت جي اثر جي ڪري جتي هزارن جي تعداد ۾ عربي لفظ سنڌي لغات جو حصو بڻيا، اُتي ٻنهي تهذيبن جي ميل جول ڪري ڪيترائي سنڌي لفظ عربي ٻوليءَ ۾ پڻ شامل ٿي ويا. عرب سياحن پنهنجي سنڌ واري سفر دوران بي شمار سنڌي لفظ، عربيءَ ۾ استعمال ٿيندي ٻڌا. سنڌي ٻوليءَ جي انهن ۽ اهڙن لفظن جي عربيءَ ۾ عام استعمال جو خاص سبب هي بہ هو جو ڪيتريون ئي پسارڪيون شيون ۽ روزمره جي استعمال جا وَ ڙَ وکر جهڙوڪ: بصر، گرم مصالحو، ڪپڙو ۽ ٻيو سامان سنڌ مان ۽ سنڌ جي واپاري مَندين جي وسيلي. عرب ملڪن ڏانهن اُماڻيو ويندو هو. ڪيترائي سنڌي لفظ معمولي صوتي تبديلين سان عربي ٻوليءَ ۾ جيئن جو تيئن رَهيا، جيڪي اڄ بہ سڃاڻي سگهجن ٿا: البت ڪن لفظن ۾ گهڻي صوتي تبديل سبب اهي عربي ٻوليءَ ۾ اهڙا تہ مدغم ٿي ويا آهن، جو اهي هاڻ سڃاڻپ ۾ ئي نٿا اچي سگهن. اهڙن لفظن جا مثال سندن اصل سنڌي لفظن سميت هيٺ ڏجن ٿا:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| صندل[1] | چندن |
| بنيانيه[2] | واڻيا |
| ڪافور[3] | ڪپور |
| دونيج[4] | ڏنگي |
| هندول[5] | هندول، هندورو |
| اَمبج | انب |
| نِيلج[6] | نيل، نير |
| بِلنج[7] | پلنگ (جهازجي متان پيل هوندو آهي) |

اٺين صديءَ عيسويءَ ۾ بغداد جي خليفن سنڌ مان ڪيترائي پنڊت، ودوان، حڪيم ۽ ويد گهرايا، ۽ کين تعليمي ۽ طبي عهدن تي مقرر ڪيو[8]. انهن مان ڪن جا نالا هئا: پنڊت ماڻڪ، پنڊت ڀلو، پنڊت ڌنو ۽ پنڊت بکر. انهن پنڊتن، ودوانن، ويدن ۽ حڪيمن بغداد ۾ رهي، عربي زبان ۾ ڪتاب ترجمو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. انهيءَ ڪري دوائن، طب ۽ پسارڪي شين جا ڪيترائي سنڌي نالا عربيءَ ۾ داخل ٿي ويا[9]، جن مان ڪي هي آهن:

---

[1] ڏسو حوالو ڀهريون
[2] ايضاً
[3] ايضاً
[4] سيد سليمان ندوي ۽ بزرگ بن شهريار، ص 101.
[5] ايضاً، ص 202
[6] ايضاً، ص 142
[7] بزرگ بن شهريار، ص 202.
[8] حوالو ڀهريون.
[9] Panwhar, M.H. The Influence of Ancient Sciences including those of Sind of Al-Razi the great Persian Scientist, a an article published in Sindhological Studies, 1977, pp. 38-52.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| اصلي سنڌي لفظ | عربيءَ ۾ شامل ٿيل سنڌي لفظ |
|---|---|
| ڪرمچ (ڪرمچ) | قرمز[1] |
| ڪرڻ ڦل | قرنفل[2] |
| جاءِ ڦل | جائفل[3] |
| تُوتيو | توتيه[4] |
| نيلوفر/ نيلوڦل | نيلوفر[5] |
| ٽـڦُلو | اَطرفل |
| مکَ –(هڏيءَ جي) | مخّ |
| ٻَت | بَهطه[6] |

اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ هي آهن:

ايلاچي، ليسوڙا، ايريو، هريڙ[7]، سُنڌ[8] ۽ آئونرا.

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق پڻ مددگار ثابت ٿي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

”عرب – اسلامي دور ۾، نئين علمي، ثقافتي، سماجي ۽ سياسي ماحول جي زير اثر، سنڌيءَ ۽ عربيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو ۽ عمل ۽ رد عمل پيدا ٿيو، ۽ جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي لساني

---

[1] سيد سليمان ندوي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 7

[2] ايضاً، ص 69

[3] ايضاً ص 69

[4] ايضاً، ص 69

[5] ايضاً

[6] ممتاز حسين پٺان: ڊاڪٽر: مقالو، سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو، قسط 2، ماهوار نئين زندگي، مارچ 1969ع، ص 46

[7] سيد سليمان ندوي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 69

[8] ايضاً، ص 69

انفراديت مضبوط ٿي ۽ پڻ اها بين الاقوامي سطح
تي تسليم ڪئي ويئي.
ٻيءَ ۽ ٽيءَ صديءَ هجريءَ کان وٺي، عرب
عالمن 'علم طب' تي تحقيق شروع ڪئي، ۽ دوائن
۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات، جڙين ٻوٽين ۽
پسارڪي وکر بابت ڪتاب لکڻ لڳا." ①.

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

"سنڌي نه فقط ان وقت ۾ بين الاقوامي حيثيت رکندڙ هئي، پر سنڌ ۾ پسارڪي وکر جي ڄاڻ ۾ وڏي ترقي ڪري چڪي هئي. سنڌ ۾ پسارڪي وکر جو واپار ايترو وڏيل هو جو هند جي ٻين ڀاڱن جون جڙيون ٻوٽيون پڻ سنڌ مان ئي اولهه طرف ٻين ملڪن ڏانهن موڪليون وينديون هيون②. انهيءَ ڪري ٻين معاصر ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکرن جا نالا ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو:

اهو چئي نٿو سگهجي ته سڀ کان پهريائين
ڪڏهن کان وٺي پسارڪي وکر جا نالا سنڌيءَ ۽
هنديءَ ۾ ڏنا ويا. غالباً اهو سلسلو ٻيءَ صديءَ
هجريءَ ۾، 'سنڌ ۾ منصوره جي عالمن کان شروع
ٿيو'، ۽ پوءِ بغداد تائين پهتو. ابو حنيفه دينوري
پنهنجي "ڪتاب النبات" ۾ سنڌ جي
وڻ 'ڪنڊيءَ' بابت لکيو. جنهن مان ڳاڙهو رنگ
نڪرندو هو. 'محمد بن زڪريا رازي'، پنهنجي
تصنيف 'ڪتاب الصيدنه' ۾ ڪن اهڙن وکرن جا
نالا ڏنا، جيڪي سنڌ ۾ پڻ هئا ۽ سنڌ مان ئي ٻاهر

① نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ص 75
② نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 77.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا. چوٿين صدي هجريءَ (جي آخر) ۾ ’بشر بن عبدالوهاب الفزاري‘ (فزاري قبيلي جو) پنهنجي ڪتاب ’تفاسيرالادويه‘ ۾ پسارڪي وکر ۽ دوائن جا سنڌي ۽ هندي نالا وڏيڪ تفصيل سان درج ڪيا. ان کان پوءِ محقق بيروني سن 51_1050ع ۾ پنهنجو ڪتاب ’الصيدنه في الطب‘ لکيو. عربي، فارسي، سنڌي، هندي توڙي بين ڪن مقامي ٻولين ۾ قلمبند ڪيائين. ۽ انهن بابت وڏيڪ تفصيل پڻ ڏنائين. بيرونيءَ هن موضوع تي ڪانئس اڳ لکيل مڙني مکيه ۽ مستند ڪتابن مان اضافو ڪيو. ۽ پاڻ پڻ سنڌ ۽ هند ۾ اچي سرزمين تي وڏيڪ تحقيق ڪيائين ۽ ٻئي مطالعي سان گڏ، سنڌ جي جڙين ٻوٽين بابت پڻ معلومات حاصل ڪائين. بيرونيءَ پنهنجي ”ڪتاب الصيدنه“ ۾ مني سو کن جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا سنڌيءَ ۾ ڏنا آهن.“[1].

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

”جڙين ٻوٽين ۽ وکرن جا متيان سنڌي نالا ڪم از ڪم چوٿين صديءَ هجري/ڏهين صدي عيسويءَ جي آخر ۾ ان وقت واري سڄي علمي دنيا ۾ رائج هئا. اهي سڀ پسارڪا وکر سنڌ ۾ پڻ استعمال ٿيندڙ هئا. جنهن مان ان وقت هتي جي طبي ڄاڻ ۽ عملي علاج جو اندازو ٿي سگهي ٿو. انهن مان ڪي وکر اڄ تائين سنڌ جي پسارين وٽ انهن

[1] نبي بخش خان بلوچ: ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ص 76_77

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳين نالن سان موجود آهن ۽ ٻيا ڪي وڪرپڻ هن
وقت جي پسارڪن نالن سان معلوم ۽ موجود آهن.
اهي نالا ۽ الفاظ ان دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي
پيشہ ورانہ طبي ۽ پسارڪي لغات جي مخصوص
ذخيري تي شاهد آهن. انهن لفظن جي مطالعي مان
اڄ کان هڪ هزار سال اڳ جي سنڌي لغات توڙي
ٻوليءَ بابت چٽا اُهڃاڻ ملن ٿا"[1].

مٿي بيان ڪيل لغوي خزاني کان سواءِ، عربيءَ جي مسقطي ۽ عدني لهجن جي صوتيات تي پڻ سنڌي صوتيات جو اثر آهي. گهرن ۽ گهاٽن لساني ناتن سبب سنڌيءَ جي مورڏني آواز ۽ وسر ڳائيءَ جو اثر انهن لهجن تي نمايان نظر ايندو آهي.

عربيءَ کان سواءِ فارسي، بلوچي، گجراتي، مارواڙي ۽ سرائڪيءَ تي پڻ سنڌيءَ جي اثر جو تفصيلي جائزو 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' ڪتاب ۾ پيش ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري هن باب ۾ اُن جو وري ذڪر ڪرڻ ضروري نہ آهي.

---

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: ص 110

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي

1. بزرگ بن شهريار: عجائب الهند. اردو ترجمہ. هندستان عربوں کي نظر مين، جلد اول، 1960ع
2. جاحظ: رسالة فخرالسودان علي البيضان. اِيضاً
3. سيد سليمان ندوي: عرب و هند تعلقات، الهہ آباد. هندستان اڪيڊمي، 30_1929ع
4. ممتازحسين پناڻ، ڊاڪٽر: مقالو، سامي (عرب) تهذيب جي ارتقا ۾ سنڌ جو حصو، قسط 2، ڪراچي، ماهوار نئين زندگي، مارچ، 1969ع
5. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٽيون، 1993ع.
6. Panwhar, M.H., an article, The Influence of Ancient Science including those of Sind on Al_Razi, the great Persian scientist, published in Sindhological studies, 1977.

# باب يارهون

- دنيا جي ٻولين جا مکيہ ۽ مشهور خاندان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب يارهون

# دنيا جي ٻولين جا مکيہ ۽ مشهور خاندان

دنيا ۾ ڪئين ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. جن مان ڪن جي اسان کي ڪافي ڄاڻ ۽ معلومات آهي. ڪن ٻولين تي علمي تحقيق بہ ٿي آهي، پر ڪي ٻوليون تہ اڃا ڄاتل سڃاتل ئي نہ آهن. موجوده علمي دور ۾ ڪن زنده ٻولين جا آڳاٽا آثار ۽ ڪن 'مري ويل' ٻولين جا اوائلي اُهڃاڻ، اسان کي 'لکيل مواد' (written records) مان ملن ٿا. اهو 'لکيل مواد' زنده ٻولين جي پراڻي تاريخ ۽ مئل ٻولين جي تحرير ٿيل نموني جي نقاب ڪشائي ڪري ٿو.

انسان ذات جو علم اڃا مڪمل نہ آهي، انهيءَ ڪري ڪنهن بہ شخص لاءِ اهو آسان نہ آهي تہ هُو ٻولين جي 'نسبت' ۽ 'هڪجهڙاپڻ' بابت ڪا مڪمل معلومات پيش ڪري سگهي. ٻولين جي نسبت يا هڪجهڙائيءَ مان مراد اها هڪجهڙائي نہ آهي، جيڪا انهيءَ 'مفروضي' جي آڌار تي بيان ڪئي وڃي تہ سڄي دنيا جون جملي ٻوليون هڪ ئي خاندان يا 'اصلي بنياد' مان ڦٽي نڪتيون آهن.

ماهرن جي راءِ موجب دنيا جي ٻولين جا ڪيترائي خاندان آهن، جن مان گهڻي ئي شاخون ڦٽي نڪتيون آهن. انهن خاندانن مان هيٺيان خاندان خاص طور مکيہ ۽ مشهور آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هند_ايراني (Indo_Iranian): هند – يورپي خاندان جي وڏي ۾ وڏي ايشيائي شاخ. هند - ايراني آهي. هيءَ شاخ وري جن ٻين ننڍين مکيہ شاخن ۾ ورهائجي وڃي ٿي. اُهي آهن:

ايراني ۽ اِنڊڪ يعني هند – آريائي. انهن مان ايراني شاخ هيٺين ٻولين تي مشتمل آهي:

(الف) فارسي: هيءَ اسلامي جمهوريہ ايران جي سرڪاري زبان آهي. هن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد اَسي لک کن ٿيندو[1]. هن زبان جا قديم اُهڃاڻ زردشتين جي مذهبي ڪتاب 'اويستا' مان ملن ٿا. هي ڪتاب 600 ق.م جي وچ ڌاري لکيو ويو.

(ب) پشتو: افغانستان ۽ پاڪستان جي اُتر – اولهہ سرحدي صوبي ۽ بلوچستان صوبي ۾ هيءَ ٻولي صوبائي زبان جي حيثيت ٿي رکي.

(ت) بلوچي: ايراني بلوچستان ۽ پاڪستان جي بلوچستان صوبي ۾ هيءَ زبان صوبائي زبان طور تسليم ڪئي وئي آهي.

(ث) پشاچ: هيءَ هندوڪش جبلن واري خطي جي ماڻهن جي زبان آهي. گريئرسن جي راءِ موجب هن جون مکيہ شاخون هي آهن[2]:

ڪافر ۽ کووار. انهن جو مختصر تعارف هيٺ ڏجي ٿو: پر انهن جو تفصيلي ذڪر 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ۽ 'ثقافتي ورثو' ڪتابن ۾ ڪيو ويو آهي.

(1) ڪافر: هيءَ پشاچ جي اولهہ واري شاخ آهي. هيءَ شاخ هيٺين ٻولين تي مشتمل آهي:

بشگالي، وَئي آلا (Wai_ala)، ويرون (Veron)، آشڪُند، پَشائي، تَرائي (تراهي)، بتي، ڪَلاش.

---

[1] Bloomfiedld. L.. Op. Cit. P. 62

[2] Grierson H.. Linguistic Survey of India. Vol: 1. Part 1. 1927.. P. 461.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(2) کووار (Khowar): هي وچولي شاخ آهي. چترال خطي ۾ هيءَ ٻولي ڳالهائيندي ويندي آهي.

(3) <u>داردي:</u> تازيءَ تحقيق موجب هيءَ ٻولي غير_آريائي ٻولي آهي. داردي ٻوليون، واديءِ سنڌ جي قديم ٻوليءَ سنڌُوئيءَ سان واسطو رکن ٿيون. هيءَ شاخ هيٺين ٻولين تي مشتمل آهي:

شينا، ڪاشميري، مَئيان ۽ گاروي[①] 2.

گريئرسن جي راءِ موجب جديد پشاچ ٻولي نڪا نج ايراني آهي ۽ نه ئي وري نج هند_ آريائي.هن جي راءِ موجب:

"They probably left the parent Aryan stem after the Indo_Aryan Languages, but before all the typical Eranian characteristics that we meet in the Avesta had developed[2]"

پنڊارڪر جي راءِ موجب:

"پشاچي پراڪرت شايد ڪنهن آريائي خاندان جي ٻولي هئي، ۽ انهيءَ خاندان ۾ ڪافي زماني تائين اصلي صورت ۾ رهي هئي. پوءِ گهڻو دير سان اهو قبيلو هندستان ۾ لڏي آيو ۽ سرحدي علائقي ۾ مقيم ٿيو."

هن جي راءِ موجب:

"اهو قبيلو ممڪن آهي ته ٻين قبيلن سان گڏجي هندستان ۾ آيو هجي پر سرحدي علائقن ۾ جبلن ۾ رهڻ ڪري. هن (قبيلي) جي زبان ۾ انفراديت رهي هجي، ۽ چاڪاڻ ته هُو پنهنجي ٻين ڀائرن سان

① Grierson. H., Ibid. an article. "Indo-Aryan Vernacular", published in BSOAS. 1917-20. P. 50 & 53

② Grierson. H., Op. Cit. P 53

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

> تعلقات رکي نہ سگهيا. تنهن ڪري انهن جي ٻوليءَ ۾ ڪابہ صوتي تبديلي نہ آئي هجي، جئين سنسڪرت ۾ آئي، جيڪا انهيءَ تبديليءَ جي ڪري پراڪرت بنجي ويئي"[①].

(ج) ڪاسپيئن: هيءَ ٻولي ڪاسپيئن سمنڊ واري خطي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(هه) ڪُرد: اُپرنديںءَ ترڪيءَ جي جابلو علائقي، عراق ۽ ايران جي الهنديءَ سرحد واري علائقي کي ڪردستان چئبو آهي. هن علائقي جي ٻوليءَ کي 'ڪُردي' چئبو آهي.

(خ) پاميري: هيءَ پامير جي مٿاهين پَٽ جي زبان آهي.

انهن ٻولين کان سواءِ، ايرانيءَ جون ٻيون شاخون، جن جي چيني ترڪستان جي قلمي نسخن مان معلومات ملي آهي، اُهي هي آهن:

(1) پارٿي (Parthian)، (2) ساڪي (Sakian)،

(3) سوگدي (Sogadian) ۽ (4) اورموري (Ormori).

(پ) هندڪي (Indic) يا هند_ آريائي: هند_ ايرانيءَ جي ٻي شاخ هندڪي (Indic) يعني هند_ آريائي ٻولي آهي. اٽڪل هڪ عرب ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هن شاخ سان جيڪي ٻوليون واسطو رکن ٿيون تن سڀني جو هيٺ الڳ بيان ڪيو ويو آهي. بلومفيلڊ جي راءِ موجب اهي ٻوليون هي آهن: هندي، مراٺي، گجراتي، پنجابي، راجستاني، اُڙيا، بهاري، بنگالي، پالي، پراڪرت، سنسڪرت ۽ نيپالي. ڪن ماهرن سنڌي ٻوليءَ کي پڻ هند – آريائي زبان جي شاخ سڏيو آهي، پر جديد تحقيق موجب هن راءِ سان اختلاف ڪيو ويو آهي ۽ سنڌي زبان کي غير

[①] Grierson. P. 74.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آريائي زبان قرار ڏنو ويو آهي. هن سلسلي ۾ ”سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد“ جي عنوان Origin and growth of Sindhi Language جي عنوان واري ڪتاب ۾ ڀرپور نموني سان بحث ڪيو ويو آهي، تنهن ڪري هن باب جي باري ۾ وڌيڪ لکڻ مناسب نہ ٿيندو.

اهڙيءَ طرح پنجابي، گجراتي، راجستاني، بهاري، آسامي، نيپالي، هندي، اردو، اُڙيا، بنگالي، مراهٽي ۽ ٻين پاڪ و هند جي زبانن جي باري ۾ وضاحت سان لکڻ، هن باب جي دائري کان ٻاهر آهي، پر اُن لاءِ بہ ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘ ڪتاب ۾ بحث ڪيو ويو آهي.

(ج) جَرمَنِڪ (Germanic): هيءَ هند ـ يورپي ٻوليءَ جي هڪ اهم شاخ آهي. انگريزي ٻولي، جا هن وقت دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ سرڪاري ۽ دفتري زبان جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. ائنگلو ـ فرشيئن جي وسيلي هن شاخ سان واسطو رکي ٿي. انگريزي زبان، برطانيہ واري خطي ۾ حملہ آور ۽ فاتح قومن جيوٽس (Jutus)، سَئڪسن (Saxons) ۽ آئنگل (Angle) جي زبان جي حيثيت ۾ داخل ٿي[1]. انهن قومن پنجين صديءَ ڌاري برطانوي ٻيٽن تي قبضو ڪيو هو[2]. مقامي ماڻهن ۾ انگريزي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد سترهن ڪروڙ آهي. هن ٻوليءَ جو جهونو رڪارڊ اٺين ۽ نائين صديءَ ڌاري مليو ٿو. جرمنڪ شاخ وارين ٻولين جو شجرو ۽ تعارف هيٺ ڏجي ٿو:

---

[1] Bloomfield., L. Op. Cit., P. 58

[2] Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com




(د) ڪيلٽڪ (Celtic): هند ـ يورپيءَ جي هيءَ شاخ، جرمئنڪ شاخ واري خطي جي اولهه طرف ڳالهائي ويندي آهي. هن شاخ ۾ هيٺيون ٻوليون شامل آهن[1]

(الف) آئرش: هيءَ آئرلئنڊ جي ٻولي آهي. اٽڪل چار لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هن جا پراڻا ڪتبا انينءَ صديءَ عيسويءَ ڌاري ملن ٿا. اسڪاچ گئلڪ (Scotch Gaelic) هن ٻوليءَ جي شاخ آهي.

(ب) ويلش (Wellish): يونائٽيڊ انگلينڊ جي ويلس واري علائقي جي ٻوليءَ جو نالو ويلش آهي. اٽڪل هڪ ڪروڙ ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(ب) برينٽن (Brenton): هيءَ زبان، فرانس جي اُتر — اولهه واري ساحلي خطي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

[1] Bloomfied, L., Op. Cit., P. 60

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(پ) ڪارنش (Cornish): هيءَ ٻولي 1800ع ڌاري مري وئي. هن جي قديم لکت نائين صدي عيسوي ڌاري ملي ٿي.

يورپ جي تاريخ مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪيلٽڪ ٻوليون، يورپ جي وڏي حصي ۾ ڳالهايون ويندڙيون هيون، جنهن ۾ برهيميا، آسٽريا، ڏکڻ جرمني، اُتر اٽلي ۽ فرانس اچي ٿي ويا[1]. اڳتي هلي رومن فتوحات ۽ لاطيني لڏپلاڻ جي ڪري، جرمن ٻوليون انهن خطن ۾ پنهنجو اثر جمائي ويٺيون ۽ اهي ڪيلٽڪ خاندان وارين ٻولين تي غالب پئجي وئيون.

(هہ) بالٽو – سلئوڪ (Balto_Slavic): جرمئنڪ ٻولين واري خطي جي اُتر – اوڀر طرف، هند- يورپيءَ جي چوٿين شاخ، بالٽو – سلئوڪ ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن شاخ کي ٻن مکيہ ٻولين ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (الف) بالٽڪ ۽ (ب) سلئوڪ. هرهڪ جو تعارف هن ريت آهي:

(الف) بالٽڪ ٻوليون: هيءَ شاخ هيٺين ٻولين تي مستمل آهي:

a) لٿيوئانيئن (Lithuanian): پنجويهہ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

b) ليٽش (Lettish): پندرهن لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هن جي قديم لکت جا نشان چهين صديءَ عيسويءَ ڌاري ملن ٿا.

c) قديم پرَشيئن (Old Prussian): هن ٻوليءَ جا قديم اهڃاڻ پندرهين ۽ سورهين صديءَ ڌاري ملن ٿا.

بالٽڪ ٻولين وارين آئسو گلاسز جي ڏکڻ طرف، ۽ جرمئنڪ ٻولين واري خطي جي اوير ۽ ڏکڻ – اوير ۾ سلئوڪ شاخ واريون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. هيءَ شاخ مغربي سلئوڪ، مشرقي سلئوڪ ۽ ڏاکڻين سلئوڪ نالي ننڍين شاخن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ ننڍي شاخ ڌار ڌار ٻولين تي مشتمل آهي:

[1] Bloomfild.. Op. Cit. P. 60

مغربي سلئوڪ: مشرقي يورپ جي ڳچ حصي ۾ هن شاخ واريون ٻوليون ڳالهائجن ٿيون. هيءَ شاخ هيٺين ٻولين تي مشتمل آهي:

(الف) رَشيئن: سلئوڪ شاخ واريون ٻوليون ڳالهائيندڙن جو اڌ، هيءَ ٻولي ڳالهائيندو آهي. هيءَ ٻولي اُتر – ايشيا جي چئني طرف ڳالهائي ويندي آهي. اڳوڻي U.S.S.R ۾، هن ٻوليءَ کي ثانوي ٻوليءَ جي حيثيت حاصل هئي. انهيءَ لحاظ سان هيءَ ٻولي دنيا جي وڏين ٻولين مان هڪ آهي[1]. سياسي توڙي سماجي نقطہ نگاهہ کان انگريزيءَ کان پوءِ هن ٻوليءَ جي حيثيت مڃيل آهي[2]. روسي ٻوليءَ جي اُيرندي ۽ ڏکڻ واري حصي ۾، اڳوڻي سوويت يونين ۾، ڪجهہ تبديل سان بيلورَشيئن (Byelorussian) ۽ يوڪرئنيئن (Ukrainian) نالي ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ، سلئوڪ ٻوليءَ جي ٽن شاخن کي آزاد رياستن ۾ منظم ڪيو ويو آهي، اُهي آهن:

(i) چيڪ (Czech)، (ii) پولش (Polish) ۽ (iii) سلوواڪ (Slovak). اهي ٻوليون هڪ ئي ٻوليءَ جا لهجا آهن.

(i) پولش (Polish): پولنڊ جي ٻوليءَ جو نالو آهي. ٻہ ڪروڙ ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هن ٻوليءَ جا پراڻا نشان چوڏهين صديءَ ڏاري ملن ٿا.

(ii) ڏاکڻين سلئوڪ: هيءَ ٻولي، هنگري شاخ وارين ٻولين جي ڪري ٻين ٻولين کان ڌار ٿيل آهي. هن ۾ هيٺيون ٻوليون شامل آهن:

(الف) بَلگئريئن (Bulgarian): بلگئريا جي ٻولي آهي. پنجاهہ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

---

[1] Gleason, H. Op. Cit. P. 459

[2] Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ب) سربو -- ڪروشن (Serbo_croatian): هڪ ڪروڙ ماڻهن جي ٻولي آهي.

(ب) سلووين (Slovene): ڏيڍ ڪروڙ ماڻهن جي ٻولي آهي.

(پ) لاطيني (Latin): جرمئنڪ شاخ واري خطي جي ڏکڻ طرف، رومانس ٻوليون (Romance Languages) ڳالهايون وينديون آهن. رومانس ٻولين ۾ اطالوي، پورچوگيزي، پورچوگالي، اسپئنش، ڪئٽلئن (Catalan) ۽ فرينچ ٻوليون شامل آهن. سيئي رومانس ٻوليون، لاطيني ٻوليءَ جون جديد صورتون آهن. لاطينيءَ جو قديم نمونو، روم (Rome) واري لهجي مان مليو تو. هن ٻوليءَ جا پراڻا نشان 300 ق.م ۾ ملن ٿا. وچئين زماني ۾ لاطيني زبان، عالمانہ گفتگو جو ذريعو رهي آهي. اٽليءَ جي قديم نسخن مان اوسڪن (Oscan) ۽ اُمبريئن (Umbrian) نالي ٻن ٻولين جا نشان ملن ٿا جي غالباً لاطيني ٻوليءَ جون پينرون هيون[①].

لاطيني ٻوليءَ جي شاخن جيڪي وڌيڪ معلومات هيٺ ڏجي ٿي:

(الف) اطالوي (Italian): اٽليءَ جي سرڪاري زبان آهي. جملي چار ڪروڙ ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(ب) پورچوگيزي: پورچوگال جي سرڪاري زبان آهي.

(ب) اسپئنش: اسپين جي سرڪاري ٻولي آهي. انهيءَ کان سواءِ لئٽن آمريڪا ۽ برازيل ۾ بہ دفتري ٻوليءَ واري حيثيت مليل اٿس.

(پ) فرينچ: فرانس، بيلجم، ڪانگو، سئٽزرلئنڊ ۽ ڪئناڊا ۾ سرڪاري زبان طور رائج آهي. آفريڪا جي فرينچ بيٺڪن ۾، سرڪاري زبان طور استعمال ٿيندي آهي. وچ مشرق ۾ عام طور سمجهي ويندي آهي. هن زبان جي ڳالهائيندڙن جو تعداد 45 ڪروڙ آهي.

(ت) ڪئٽلئن (Catalan): اسپئنش جو هڪ لهجو آهي، پر هن وقت ڏار ٻوليءَ طور استعمال ٿئي ٿو.

---

① Bloomfield, L., Op. Cit., P. 61.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فرينچ ڪانسواءِ سئٽزرلئنڊ ۾، لئڊن (Ladin) زبان بہ ڳالهائي ويندي آهي. هن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد 16000 تيندو.

(ح) رومئنيئن (Rumanian): اوير ۾، بلئڪ سي (Black Sea) طرف، ڏاکڻين سلئوڪ شاخ پنهنجي الڳ حيثيت قائم ڪريو بيٺي آهي. هيءَ ٻولي رومانيا ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(ق) البانوي شاخ (Albanian): سربو-ڪروشن جي ذڪر ۾، البانيا (Albania) وارو خطو واقع آهي. هن خطي جي زبان کي البانوي زبان چئبو آهي. هيءَ زبان بہ هند- يورپيءَ جي شاخ آهي. اٽڪل 15 لک ماڻهو هيءَ زبان ڳالهائيندا آهن. هيءَ زبان پروارين زبانن مان ورتل اُڌارن لفظن سان پريل آهي، پر اُن جي ديسي لفظن واري ذخيري مان ثابت آهي تہ هيءَ زبان هند- يورپي خاندان جي هڪ شاخ آهي[1].

(ل) يوناني (Greek): هيءَ زبان، يونان ۾ ڳالهائي ويندي آهي. اٽڪل ستر لک ماڻهو هيءَ زبان ڳالهائين ٿا. هيءَ زبان مختلف لهجن ۾ ورهايل آهي. هاڻوڪا لهجا اصلوڪي معياري لهجي 'ڪوئني' (Koine) مان ڦٽي نڪتا آهن. اهو معياري لهجو هڪ صدي عيسويءَ ۾ بہ رائج هو. يوناني ٻوليءَ جا اوائلي اُهڃاڻ 800 ق-م ۾ هومر (Homer) جي شاعريءَ مان ملن ٿا[2].

انهن کان سواءِ 'ڪريٽ' (Crete) ٻيٽن مان، گريڪ رسم الخط ۾، ڪيتريون ئي لکيتون مليون آهن، پر اُهي ڪهڙيءَ زبان جون لکيتون آهن، سا خبر پئجي ڪانہ سگهي آهي[3]. اُنهن مان هڪ لکت 400 ق.م جي ۽ هڪ اُن کان بہ آڳاٽي معلوم ٿئي ٿي. ساڳئي هنڌان 1500 ق.م

---

[1] Bloomfield. L., Op. Cit., P. 62
Also See;
Gleason. H.E., Op. Cit. P. 458

[2] Bloomfield., L., Op. Cit., P. 65

[3] Bloomfield. L., Op. Cit., P. 65

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ڪريٽ جون پراڻيون لکيتون ٻہ لڌيون آهن[1]. انهن مان ڪي تصويري خط (Pictographic) جو نمونو پيش ڪن ٿيون.

انهيءَ ڪان سواءِ ايشيا مائنر واري خطي، خصوصاً لائسيئن (Lycian) مان 400 ق-م ۽ 500 ق-م جون ڪاپيئس (Copious) لکيتون بہ لڌيون آهن. اهي گريڪ رسم الخط ۾ لکيل آهن. اهي لکيتو اڃا پڙهيون نہ ويون آهن. اهڙيءَ طرح شام ۽ ايشيا مائنر جي پير واري خطي مان 1000 ق-م ڪان وٺي، 500 ق-م جا تصويري خط ۾ لکيل ڪجهہ نشان لڌا آهن. اهي هتت (Hittite) خط جون شاخون (attributed to the Hittite) آهن[2] . پر انهيءَ ۾ ڪوبہ انڪار ڪري نٿو سگهي تہ هي خط بہ انهن ماڻهن جا ٺاهيل آهن جن هتت جا ميخي خط (Cuneiform) ٺاهيا هئا[3].

**2 - سامي ۽ هامي خاندان** (Semitic_Hemitic Family):

هن خاندان وارين ٻولين کي ٻن مکيہ شاخن ۾ ورهايو ويو آهي. اُهي آهن: () سامي ۽ (2) هامي. هرهڪ شاخ جو وستار هيٺ ڏجي ٿو:

(1) سامي شاخ: هيءَ شاخ ٽن ننڍين شاخن ۾ ورهايل آهي: (الف) اُيرندي شاخ، (ب) الهندي شاخ ۽ (ت) اُترين شاخ.

(الف) اُيرندي شاخ: هن شاخ وارين ٻولين ۾ 'قديم آڪاڊيئن' (Akkadian)، بابلي (Babylonian)، آسيريئن (Assyrian) ۽ سُميريئن (Sumerian) ٻوليون گهڻيون مشهور رهيون آهن. اهي ٻوليون هاڻ ڪتي بہ ڳالهايون نٿيون وڃن. پر تحريري صورت ۾ 2500 ق-م ۾، ميخي خط (Cuniform)، ۾، ميسوپوٽيميا مان ڪتبن جي صورت ۾،

---

[1] Bloomfield., L., Op. Cit., P. 65.
[2] Bloomfield. L., Op. Cit., P. 65
[3] Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٿرن تي اُڪريل آهن[1]. هنن (آڪاديئن) ٻولين جي اثر گهٽجڻ ڪري پوء عيسوي سن جي شروع ٿيڻ کان اڳ آرميئڪ ٻولي اثرانداز رهي

(ب) اُلهندي شاخ: هيءَ شاخ وري ٻن ننڍين شاخن ۾ ورهايل آهي، اُهي هي آهن: اُترين ۽ ڏاکڻين شاخ. اُترينءَ شاخ واريون ٻوليون، ميخي خط جي صوت ۾، 1400 ق-م ۾ 'ڪُنانائيٽ' ۽ 900 ق-م ۾ 'موبائيٽ' (Mobite) جي بادشاهه 'ميشا' (Mesha) جي لکت جي صورت ۾ موجود آهن. فونيشيا جي ٻولي 'فونيشئن'[2] (Phoenicia). جيڪا قديم 'عبرانيءَ' کان ٿوري مختلف آهي، يونوچ سمنڊ تي اهم واپاري ٻولي هئي. گليسن جي راءِ موجب هيءَ ئي ٻولي هئي، جنهن ۾ سڀ کان پهرين لکت جو رواج شروع ٿيو[3]. هن ٻوليءَ جي شاخ آهي[4]. هيءَ ٻولي عيسوي سن شروع ٿيڻ کان اڳ ختم ٿي وئي. فونيشيئن جا ڪتبا 900 ق-م ڏاري ملن ٿا. هيءَ ٻولي نه فقط فونيشيا ۾ ڳالهائي ويندي هئي، جتي عيسوي سن کان اڳ اُن جو خاتمو ٿي ويو، پر هيءَ ٻولي ڪارٿيگ (Carthage) نالي 'فونيشيئن ڪالونيءَ' ۾ به ڳالهائي ويندي هئي. 2 ق-م ڏاري هن ٻوليءَ تي آرمئڪ ٻولي، غالب پئجي وئي. آرمئڪ ٻولي عيسوي سن جي اوائلي زماني ڏاري، 'شام' ۽ ايشيا جي ٻين ٽڪرن ۾ ڦهلجي وئي، ۽ 'عبراني' توڙي 'آسيريئن' تي غالب پئجي وئي. عيسوي سن جي پهرئين ڏهاڪي (300 ق-م کان 650 ع تائين) هيءَ ٻولي مشرق قريب (Near East) ۾ سرڪاري توڙي لکت واري ٻولي رهي. ايشيائي رسم الخط تي، هن ٻوليءَ جي لکت جو وڏو اثر رهيو

---

[1] Gleason, H.E., Op. Cit., P. 464

[2] جديد تحقيق موجب، اها قوم، سنڌو-ماٿر جي 'پڻي' قوم چون ٿا. دراصل اهي وڻج واپار جي ڪري 'واڻيا' سڏبا هئا. پڻي ← فني ← فنيقي (Phoenician)

[3] Ibid.

[4] Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي. آرميئڪ ٻوليءَ تي وري عربي ٻولي غالب پئجي وئي، پر ڪن ڪن هنڌ اڃا بہ لک ڪن ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

الهندي ساميءَ جي ڏاکڻين شاخ ۾ هيٺيون ٻوليون شامل آهن:

(الف) ڏاکڻي عربي، (ب) عربي ۽ (ب) حبشي (Ethiopian).

(الف) ڏاکڻي عربي: هن جا اوائلي اُهڃاڻ لکت ۾، 800 ق-م کان 600 ع واري عرصي ۾ ملن ٿا. هيءَ زبان اڃا تائين ڪيترن ئي لهجن ۾، عربستان جي ڏاکڻي ساحلي خطي ۾، 'سوڪوترا' ٻيٽ ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(ب) عربي: هن ٻوليءَ جا اوائلي اهڃاڻ لکيل صورت ۾، 328 ع ڌاري ملن ٿا. هن وقت تي ڪروڙ ۽ ستر لک ماڻهو هيءَ زبان ڳالهائين ٿا.

(ب) حبشي: هيءَ ٻولي آفريڪا کنڊ جي مشرقي ساحلي علائقي، حبش (Abyssinia) ۾، ڳالهائي ويندي آهي. موجوده وقت هيءَ زبان 'تائگري' (Tigre) ۽ آمهارڪ (Amharic) شاخن تي مشتمل آهي.

اُترين سامي:

هن جي مکيہ شاخ عبراني (Hebrew) آهي. عبراني شاخ وري ڪيترن ئي ٻولين ۾ ورهايل هئي، پر اُهي ٻوليون هاڻ صفحِ هستيءَ تان ميٽجي ويون آهن. انهن مان ڪي ٻوليون هي آهن: ڪَنِنائيٽ، موبائيٽ، آرمائيڪ (Aramaic) ۽ سريئڪ (Syriac). سڀ کان پوئين ٻولي اڃا زنده آهي، ۽ هن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هڪ لک کن ٿيندو[1]. ماريو پاءِ جي راءِ موجب، فونيشيئن ٻولي، اُترين ساميءَ جي شاخ آهي[2] ۽ نہ ڪہ الهندي ساميءَ جي، جيئن بلومفيلڊ جو رايو آهي.

---

[1] Mario. A.. Pei. The World's Chief Language. Lodon. George Allen and Unwin. 1949. p. 29.

[2] Mario. A. Pei. Op. Cit..

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فونيشيئن ماڻهن ٿي الف ـ ب ايجاد ڪئي هئي. هن قوم جو ايجاد ڪيل رسم الخط ٿي ڪجهه تبديليءَ سان، مختلف صورتن ۾ هند - يورپي ۽ سامي ٻولين جي لکت طور ڪم ايندو آهي.

(2) هامي (Hemitic):

هن شاخ ۾ ايشيا ۽ آفريڪا جون ڪي ٻوليون شامل آهن. اُهي آهن:

(الف) مصري (Egyptian)، (ب) بربر[1] (Berber) ۽ ڪُشائيٽ.

هرهڪ ٻوليءَ جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(الف) مصري (Egyption): هيءَ ٻولي، مصر واري خطي ۾ ڳالهائي ويندي هئي. هن جي قديم لکت، هيرو گلفي (Hieroglyphic) يعني تصويري خط ۾ 4000 ق ـ م ڌاري ملي ٿي. پوئين دور ۾ هن ٻوليءَ کي "ڪاپٽڪ" (Coptic) نالي سان سڏيو ويندو هو. هن ٻوليءَ جا ادبي ۽ قلمي نسخا، عيسوي سن جي ابتدائي زماني واري دور ۾ ملن ٿا. مصري ٻولي، عربيءَ جي اثر ڪري، ـ ـ هين صديءَ ڌاري بلڪل ختم ٿي وئي. هن وقت هن جو هڪ بہ ڳالهائيندڙ موجود نہ آهي، پر هن جو پورو مواد لکت ۾ ملي ٿو.

(ب) بَر بَر (Berber): هن ٻوليءَ جي قديم ذخيري بابت معلومات 400 ق ـ م ۾، "لبيا" (Libya) جي لبيئن (Libyan) ٻوليءَ جي ڪتبن مان ملي ٿي. هيءَ ٻولي اتر آفريڪا ۽ صحارا ۾ پکڙيل آهي. موجوده وقت هن ٻوليءَ جون شاخون هي آهن: تئاريگ (Tuareg)، ڪبيلي (Kabyle)، شِلهہ (Shilh) ۽ زناگا (Zenaga). اهي ٻوليون پنهنجي خطي ۾، عربيءَ جي سرڪاري ۽ دفتري زبان بنجڻ جي باوجود، مادري زبانن جي

---

[1] ماريو پاءِ هن ٻولي کي لبيڪو - بربر (Libyco - Brerber) ٻولي ٿو ڪوٺي. ڏسو: Mario. A. Pei. Op. Cit. P. 29

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيثيت ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون[1]. اٽڪل ٽ_ سترلک ماڻهو اهي زبانون ڳالهائين ٿا.

(ب) ڪشائيٽ (Cushitic): هيءَ زبان مصر جي ڏکڻ طرف، ۽ آفريڪا جي اُيرندي طرف، ڳالهائي ويندي آهي. هن شاخ ۾ جيڪي ٻوليون شامل آهن، اُهي آهن: سومالي (Somali)، گالا (Galla) ۽ بيجا (Beja) . سومالي ٻولي، ڪينيا (Kenya) جي اُتر ۽ سوڊان جي ڏکڻ ۾ سوماليه ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

### 3_ چڊ (Chad) [2] خاندان:

(الف) اُتر آفريڪا جي 'عربي' ۽ 'بَربَر' ٻولين جي خطي جي ڏکڻ ۾، اها ايراضي اچي ٿي وڃي جنهن ۾ هڪ ئي خاندان جون ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هيءَ ايراضي، اوڀر ۾ حبش ۽ ڪُشائيٽ ٻولين وارن خطن کان وٺي، اولهه طرف گنيءَ جي نار ۽ اُتر ۾ نائيجيريا ۽ چڊ (Chad) ڍنڍ تائين پکڙيل آهي. هنن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد پنج ڪروڙ ٿيندو. هن خاندان ۾ هيٺيون ٻوليون اچي وڃن ٿيون:

(الف) وولوف (Wolof)، (ب) فُل (Ful)، (پ) گريبو (Grebo)، (ڀ) ايوي (Ewe)، (ت) يوروُبا (Yourba)، (ٿ) هائوسا (Housa)، (ٽ) نيوبا (Nuba)،(ٺ) ڊنڪا ۽ (ٿ) مَسائي (Masai).

انهن مان وولوف ۽ فُل، سينيگال ۾: گريبو، ايوي ۽ يوروبا، گنيءَ جي ساحلي علائقي ۽ هائوسا وچئين خطي ۾: نيوبا خارطوم واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهايون وينديون آهن. انهن ۾ هائوسا اهم ٻولي آهي.

---

[1] Gleason. H.E. Op. Cit.. P. 465

[2] جم لفظ. ڀيرين ڀيرين لسانيات جي اميريڪي ماهر گليسن ڪم آندو: ڏسو: Gleason. H.E.. Op. Cit.. P. 465

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(Gold_coast) تي اَڪَن (Akan) ٻولي پنهنجن لهجن، ’فتني‘ (Fatni) ۽ ’توي‘ (Twi) سان، آئوري ڪوسٽ (Ivory Coast) ۾ بائولي (Baoule)، ٽوگولئنڊ (Togo Land)۾ ’ايوي‘ (Ewe)، ’ڍاهومي‘ (Dahomy) ۾ ’فون‘(Fon)، نائجيريا ۾ ’يوروبا‘(Yoruba)، اِبو (Ibo) ۽ نيوپي (Nupe)؛ لائبيريا ۾ ’بَسا‘ (Bassa) ۽ ’ڪْرُو‘ (Kru) ۾ ڳالهايون وينديون آهن.

ڪُوا (Kwa) خاندانُ واريءَ ايراضيءَ جي اتر طرف ’گُر‘ (Gur) شاخ واريون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. ڪامرون نار جي اوڀر طرف، ڪانگو جي اترئين سرحد تي نائجر – ڪانگور ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن.

## (4) چاري – نيل (Chari_Nile) خاندان:

نيل نديءَ جي واديءَ جي مٿانهين حصي ۾، ڏکڻ ۾ ٽئنگنيڪا (Tangenyika) طرف، ۽ اولهه ۾ چاري نديءَ جي ماٿريءَ ۾، ويندي چَڊ ڍنڍ تائين، هن خاندان واريون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. ’نيلوٽڪ‘ (Nilotic) هن جي مشهور شاخ آهي. هن ۾ ’ڊِنڪا‘ (Dinka)، ’نيوئر‘ (Nuer)، ’شلُوڪ‘ (Shilluk) ٻوليون شامل آهن.

## (5) بانٽو (Bantu) خاندان:

گني ۽ سوڊن واري خطي جي ڏکڻ ۾، ’بانٽو خاندان‘ واريون اُهي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جيڪي برطانوي اقتدار کان اڳ، سواءِ ڏکڻ – اولهه ضلعن جي، آفريڪا جي باقي حصي تي ڇانيل هيون. هنن ٻولين کي ’بانٽو خاندان، واريون ٻوليون ڇئبو آهي. هن خاندان وارين ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد پنج ڪروڙ ٿيندو. انهن ٻولين مان ڪي هاڻ واپاري ۽ دفتري ضرورتون پوريون ڪن ٿيون. هن خاندان ۾ هي ٻوليون شامل آهن: سُواحلي، لُگنڊا ۽ ڪافر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) سُواحلي (Swahili): تَنزانيا (تنگنيڪا ۽ زنزيبار جي يونين) ۽ ڪينيا ۾ سرڪاري زبان طور تسليم ڪئي وئي آهي. بانٽو خاندان جي هيءَ اهم ٻولي آهي. هيءَ ٻولي سڄي اوڀر آفريڪا، بيلجن ڪانگو جي اوڀر ۾ سيني پرورن علائقن ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(ب) لُگنڊا (Luganda): آفريڪا جي يوگنڊا واري خطي جي. ٻگنڊا قوم جي ٻوليءَ جو نالو آهي.

'بانتو خاندان' جون جيڪي ٻوليون ڪانگو ۾ عام آهن، اُهي آهن: اوڀر ۾ 'ڪانگو' (Congo) ٻولي: ڏکڻ ۾ 'ليوبا' (Luba) ۽ اتر طرف 'اِنگلا' (Ngala). اهي ٻوليون واپاري ڏي – وٺ ۽ عام گفتگو ۾ ڪم اينديون اهن.

اڀوڙي روڊيشيا جي ڏکڻ طرف، هن خاندان جون جيڪي ٻوليون ڳالهايون وينديون اهن، اُهي آهن:

شونا (Shona)، نيانجَ (Nyanja). انهن ۾ پوئين ٻولي اڀوڙي نياسالئنڊ جي ڏکڻ ۾ قبائلي ٻولين جي لهجن مان جڙي اهي.

انهن کان سواءِ ٻيون ڪيترين ئي قبائلي ٻوليون آهن جيڪي قبيلن جي اهميت ۽ اثر وغيره جي ڪري جاتل سڃاتل هونديون آهن. اهڙيون ٻوليون آهن:

يوگنڊا ۾ 'گانڊا' (Ganda)، ڪينيا ۾ 'ڪُڪويو' (Kikuyu) ۽ 'ڪمبا' (Kamba)، تنگنيڪا ۾ 'چگ' (Chaga) ۽ 'نيام وسي' (Nyam wasi)، روئانڊا ۽ اُرونديءَ ۾ 'رؤندي' (Rundi) ۽ (Rwanda)، سابق اُتر روڊيشيا ۾ 'بيمبا' (Bemba)، انگولا ۽ ڪمبونڊو (Kimbundu)، ڏکڻ – اولهه آفريڪا ۾ 'هيريرو' (Herero)؛ ڏکڻ آفريڪا جي ڏکڻ سوڻو ۽ اُترئين سوڻو ۾ زُولو (Zulu)، خوس (Xhosa) ۽ 'سوازي' (Swazi) ٻوليون ڳالهائجن ٿيون.

**(6) فنو – اُگريئن** (Fino_Ugrian) **خاندان**[1]:

هند – يورپي خاندان واري خطي جي اوير طرف، يورئشيا ۾ هن خاندان واريون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن خاندان جون ڇهہ شاخون آهن:

(1) فنش – لئپونڪ (Finish_Lapponic): ناروي، سُئيڊن ۽ فنلئنڊ جي اُتر طرف اٽڪل ٽيهہ هزار ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(2) فِنش (Finnish): هن ٻوليءَ 1544ع کان ڪتابي ٻوليءَ جي صورت ورتي آهي. ٽيهہ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هيءَ فنلئنڊ جي معيار ۽ دفتري ٻوليءَ آهي.

(3) ايستونئن (Esthonian): هيءَ ايستونيا جي دفتري ۽ معياري ٻوليءَ آهي. فنو – اُگريئن خاندان جون چار وڏيڪ شاخون يورپي ۽ ايشائي روس ۾ بہ ڪن ڪن هنڌ ڳالهايون وينديون آهن:

(الف) موردوائين (Mordvine): ڏهہ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(ب) چيرمس (Cheremiss): ٽي لک پنجهتر هزار ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(ٻ) پَرميئن (Permian): هن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو تعداد چار لک ويهہ هزار آهي.

(پ) زريئن (Zyrian): بہ لک اٺونجاهہ هزار ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(ت) هنگريئن (Hangarian): هيءَ حملہ آور قوم جي زبان آهي، جا نائين صدي عيسويءَ ۾ وچ يورپ ۾ آئي. لئٽن جي پراڻن ڪتابن ۾ هن جا ڪي ڪي لفظ ملن ٿا. هن ٻوليءَ جي قديم لکت تيرهين صديءَ ڌاري ملي ٿي.

---

[1] ماريوپاءِ هن خاندان کي اُرئلڪ (Uralic) خاندان سڏيو آهي: ڏسو: Mario A. Pei. 31 P
بلومفيلڊ ۽ گليسن، فنو – اگرو خاندان سڏيو آهي، ڏسو: Bloomfield, Op. Cit., p. 463

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(7) ترڪ و تاتاري يا آلتڪ خاندان:**

هي خاندان وڏي ايراضيءَ ۾. ايشيا مائنر کان وٺي، عثمانيه دور واريءَ ترڪيءَ جي فتح ڪيل خطن، وينڌي يينسي (Yenisei) نديءَ تائين پکڙيل آهي. هن خاندان وارين ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ٽي ڪروڙ نوي لک آهي. هن خاندان جون مشهور شاخون هي آهن:

(1) ترڪي، (2) تاتاري (Tartar)، (3) ڪرگيز (Krighiz)، (4) اُزبيڪ (Uzbeg)، (5) آذربائيجاني (Azerbaijani) ۽ (6) ياقوت.

انهن مان آذربائيجاني ٻولي، اُتر ايران ۽ ڪاڪيشس ۾ به ڳالهائي وينڌي آهي. ياقوت شاخ جي ڳالهائڻدڙن جو تعداد 2 لک آهي. هيءَ ٻولي سائبيريا واري خطي ۾ ڳالهائي وينڌي آهي.

يارهين صدي عيسويءَ کان هن زبان ۾ عربي لفظ داخل ٿيڻ لڳا. چوڏهين صديءَ ۾، لاطيني ۽ فارسي لفظن جو ذخيرو داخل ٿيو.

ڪن ماهرن جو خيال آهي ته ترڪ و تاتار خاندان، منگول، مانچو (Manchu) ۽ تُنگيز (Tunguz) جو مائٽ ٿئي[①]. ڪن جو اڃا به هي خيال آهي ته اهي جملي ٻوليون، فِنو — اُگريئن ۽ سموييدي (Samoyed) يعني يورال -- آلتِڪ (Ural_Altaic) جون مائٽ ٿين [②]

(8) منگول خاندان (Mangol):

هن خاندان واريون ٻوليون ترڪ و تاتار خاندان واريءَ ايراضيءَ جي اوڀر طرف منگوليا ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. پر منگول خاندان جي قديم خانه بدوش عادت سبب، منگول قبيلا، ايشيا جي مختلف هنڌن تي پکڙيل نظر اچن ٿا. انهن مان ڪي ايشيا، ته ڪي يورپي رشيا ۾ به

---

① Mario Pei. Op. Cit. P. 31
Also See: Gleason. H.E.. Op. Cit.. P. 463

② ماريوپا. انهن کي يورال آلتڪ جي سري هيٺ بيان ڪيو آهي؛ ڏسو: Mario Pei. Op. Cit. pp. 30 & 31

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر اچن ٿا. هن زبان جي ڳالهائيندڙن جو تعداد ٽيهه لک ٿيندو. هن جا قديم اُهڃاڻ، لکت ۾ چنگيز خان جي وقت ڌاري تيرهين صدي ۾ ملن ٿا.

(9) مانچو ۽ تنگز (Manchu & Tunguz) خاندان:

منگوليا جي اتر واري خطي ۾ هن خاندان واريون ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. اهي ٻوليون 'ياقوت' زبان کي، ترڪ و تاتار خاندان وارين ٻين ٻولين کان، ڌار ڪن ٿيون.

تُنگز ٻوليون، سائبيريا واري ايراضيءَ ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون. ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ستر هزار ڪن ٿيندو. 'مانچو' ٻولين جي ڳالهائيندڙن جي تعداد جو پورو پڪو انگ ڏيئي نٿو سگهجي ڇاڪاڻ ته چين ۾ اڪثر مانچو قبيلا چيني ٻولي ڳالهائين ٿا. 'مانچو' علمي ۽ ادبي زبان آهي، ۽ 1647ع کان ڇاپي هيٺ آئي آهي.

(10) ڪاڪيشي خاندان:

هن خاندان ۾ ڪيتريون ئي ٻوليون شامل آهن: اهي آهن:

(1) ڏاکڻي ڪاڪيشي: هن ۾ جورجيئن (Georgian) ۽ منگريليئن (Mingrelian) ٻوليون اچي وڃن ٿيون. جور جيئن ٻوليءَ ۾ تمام اهم ۽ قديم علم ادب ملي ٿو.

(2) اُترين ڪاڪيشي: هن ۾ 'آبخاشيئن' (Abkhasian)، 'آوَرَ' (Aver)، 'چيچن' (Chechen) ۽ 'ڪاربارديئن' (Kabardian) ٻوليون شامل آهن.

(11) هند چيني يا هند تبتي (Indo_Chinese or Sino_Tibetan):

هن خاندان جي ٻولين جون ٽي مکيہ شاخون آهن. اڀرندي ايشيا ۾ وڏي ايراضيءَ ۾ هن خاندان جون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. مکيہ شاخون هي آهن:

(1) چيني (Chinese)، (2) ڪيانگسي تائي (Tai) ۽ (3) تبت و برمن (Tibeto_Burman).

(1) چيني: اٽڪل چاليهہ ڪروڙ ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هيءَ زبان هند چينيءَ جي ٻيو نمبر وڏي ۾ وڏي شاخ آهي، ۽ چين جي اترئين اڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي. هيءَ ٻولي ڇئن شاخن ۾ ورهايل آهي؛ اُهي آهن:

(الف) مَنڊَرن (Mandarin): هن شاخ ۾ هيٺيون ٻوليون شامل آهن:

1. اترين چيني: هيءَ بيجنگ واري ايراضيءَ جي ٻولي آهي.
2. مڏيہ چيني: هيءَ نينڪنگ خطي جي ٻولي آهي.
3. اُلهندي چيني: اُلهندي خطي جي ٻولي آهي.
4. وچ ساحلي شاخ: هن ۾ شانگهائي، نڱپو ۽ هاڱڪو جون ٻوليون اچي وڃن ٿيون.

(ب) ڏاکڻي چيني شاخ: هن ۾ 'فُوچو' (Foochow)، 'آموئي' (Amoy)، 'سوئٽو'، 'ڪَئنٽيز' (Cantonesce) ۽ 'هڪا' (Hakka) ٻوليون اچي وڃن ٿيون. هن جي قديم لکت 2000 ق-م ۾ ملي ٿي.

(2) ڪيانگسي/ تائي (Tai): ٿائيلئنڊ جي، ٿائي، يا سيامي ٻولي، هن شاخ سان واسطو رکي ٿي. اٽڪل ستر لک ماڻهو هيءَ زبان ڳالهائين ٿا.

(3) تبت و برمن: هندستان، برما ۽ بنگلاديش جي پهاڙي علائقن ۾ هن ٻوليءَ جا لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. هيءَ شاخ هيٺين ٻولين تي مشتمل آهي، اُهي آهن:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) تبتي: هيءَ نہ فقط تبت جي ٻولي آهي پر برما جي سرحدي علائقي ۽ بالتستان خطي ۾ بالتي ۽ هنزا ۾ بروشڪي لهجن ۾ ڳالهائي ويندي آهي. هن ٻوليءَ جا اوائلي اهڃاڻا نائين صدي عيسويءَ ڌاري ملن ٿا.

(ب) برمي: هيءَ برما جي ٻولي آهي. اٽڪل اسي لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائيندا آهن.

(ٻ) بوڊو — ناگا: ڪُڪي چن (Kuki_Chin) تبت ۽ برمن جون شاخون آهن. برما، بنگلاديش ۽ هندستان جي پهاڙي علائقن ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون.

## (12) هائپر بورينئن خاندان:

هن خاندان وارين ٻولين ايشيا جي بلڪل اترينءَ ڪنڊ ۾ ڳالهايون وينديون آهن. هن خاندان واريون ٻوليون هي آهن:

1. چُڪچي (Chukchee): ڏهہ هزار ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.
2. ڪوريئڪ (Coryak): اٽڪل هڪ هزار ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ها.
3. ڪمچڊل (Kamchadal): اٽڪل هڪ هزار ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

انهن کان سواءِ اوير ايشيا جون ٻيون بہ ڪيتريون ئي ٻوليون آهن جن جي خانداني نسبت جي باري ۾ ڪجهہ بہ چئي نٿو سگهجي. انهن مان ڪي هي آهن:

(1) گلياڪ (Gilyak): سکالين ٻيٽ جي اُتر ۾، آمور (Amur) نديءَ جي منهن واري خطي ۾ ڳالهائبي آهي.

(2) آئنو (Ainu): هيءَ ٻولي جاپان ۾ اٽڪل ويهہ هزار ماڻهو ڳالهائيندا آهن.

## (13) جاپاني خاندان:

هن خاندان جون بہ شاخون مڪيہ آهن: (الف) جاپاني ۽ (ب) ڪوريئن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(الف) جاپاني: جپان جي ٻولي آهي. پنج ڪروڙ ۽ سٺ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هن جا قديم اهڃاڻ اٺين صديءَ ڌاري ملن ٿا.

(ب) ڪوريئن: ڪوريا جي ٻولي آهي. هن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد هڪ ڪروڙ ستر لک آهي.

## (14) دراوڙي خاندان: (Dravidian Family):

برصغير پاڪ و هند ۾ هيءَ ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. هند - آريائي ٻولين واري خطي جي ڏکڻ ۾. دراوڙي خاندان واريون ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. هن خاندان ۾ هيٺيون ٻوليون شامل آهن:

(1) تامل: ڏکڻ - اولهه هند ۾ ڪرناٽڪ يعني اُلهندي گهاٽن جي هيٺاهن ميدانن کان وٺي، ڪيپ ڪامورن ۽ ڏکڻ هندستان جي جبلن جي وچين قطار، بينگال جي اُپسمنڊ تائين (گهاٽن جي اولهه طرف ۽ ٽراونڪور جي ڏکڻ واري حصي ۾) ڳالهائي ويندي آهي. هيءَ ٻولي سري لنڪا جي اتر ۽ اتر - اولهه ۾ بہ ڳالهائي ويندي اهي. هيءَ پراڻي ۾ پراڻي ٻولي آهي. اٽڪل هڪ ڪروڙ اسي لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا.

(2) ملايالم: ڏکڻ هند ۾ ڳالهائي ويندي آهي. تامل کان پوءِ هن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد گهٽي ۾ گهٽو آهي. هيءَ ٻولي ملبار جي ڪناري تي ڳالهائي ويندي آهي.

(3) ڪنڙ: تامل ٻوليءَ واري خطي جي اتر طرف ڳالهائبي آهي. هيءَ ٻولي ميسور واري ايراضيءَ ۾ ڳالهائي آهي. اٽڪل هڪ ڪروڙ ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. هن جي پراڻي لکت پنجين صدي عيسيوءَ کان ملي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(4) تيليگو: ڏکڻ - اوڀر هند جي زبان آهي. ڪل ٻه ڪروڙ چاليھ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائين ٿا. بينگال اُپسيٽ جي ڪناري، نظام جي رياست ۽ ناگپور واري ايراضيءَ ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(5) بروهڪي: هيءَ ٻولي بلوچستان جي جابلو علائقي ۽ سنڌ ۾ بروهي قوم جي زبان آهي. هيءَ ٻولي آرين ۽ ايرانين جي آمد کان اڳ، برصغير ۾ دراوڙ حڪومت جي يادگار آهي. هيءَ ٻولي 174000 ماڻهو ڳالهائين ٿا.

اهڙيءَ طرح 'گوند' (Gond)، 'ڀيل' (Bhil)، 'ڪول' (Kol) ۽ 'باگڙي' به دراوڙي خاندان جون ٻوليون آهن.

## (15) آسترو-ايشيائڪ خاندان:

آسٽريليا کنڊ جا رهاڪو ڪيترين ئي ٻوليون ڳالهائيندا آهن، جن کي هن نالي سان سڏيندا آهن. هن خاندان ۾ هيٺيون ٻوليون خاص طور شامل آهن. اهي ٻوليون ڏکڻ -- اوڀر ايشيا ۾ به ڳالهايون ويندي‌ون آهن:

1. 'مُندا' (Munda): هن شاخ واريون ٻوليون هندستان ۾ هماليہ جبل جي ڏاڪڻين ڪَر ۽ وچ هندستان ۾ چوٽا ناگپور واري خطي ۾ ڳالهائبيون آهن. اٽڪل 30،00،000 لک ماڻهو اهي ٻوليون ڳالهائين ٿا. سنتالي ٻولي هن جي هڪ اهم ۽ مشهور شاخ آهي.
2. ڪاسي (Khasi): هيءَ ٻولي آسام ۾ ڪاسي قبيلي جا ماڻهو ڳالهائيندا آهن.
3. مان: هيءَ شاخ ڏکڻ -- اوڀر ايشيا ۾ نڪوبار ٻيٽن سميت، ۽ ملايا اپسيٽ جي ڪن ضلعن ۽ برما جي ڏکڻ ۾ ڳالهائي ويندي آهي. هن ٻوليءَ جا قديم اُهڃاڻ ڪمپيوجيئن (Cambodian) ٻوليءَ ۾ . ستينءَ صديءَ ۾ ملن ٿا.

4. نڪوباري (Nicobari): بنگال جي اُپسمنڊ ۾، نڪوبار ٻيٽن ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

(16) ملايو – پالينيشيئن (Malayo_Polynesian) خاندان:

هن خاندان واريون ٻوليون ملايا اُپبيٽ کان وٺي پئسفڪ سمنڊ ۾ ايسٽر آئلئنڊ (Easter Island) ۽ اولهه طرف مڊغاسڪر تائين ڳالهايون وڃن ٿيون. هن جون چار شاخون مشهور آهن: اُهي آهن:

مَلايَن (Malayan): هن کي انڊونيشيئن (Indonesian) بہ چئبو آهي. هن ۾ هيٺيون ٻوليون شامل اهن:

(الف) مَلائي: هيءَ اصل ۾ سوماترا جي اترئين ساحل جي ٻولي آهي. هيءَ تجارت، تهذيب ۽ تمدن جي ٻولي آهي. اٽڪل ٽيهہ لک ماڻهو هيءَ ٻولي ڳالهائيندا تا. هن وقت سوماترا، ملايا ۽ بورنيو تائين پکڙيل آهي. هيءَ ٻولي اڳتي مشرق جي وڏن ٻيٽن جي ٻولين جهڙو: فارموسي، جاواني، سوڊاني، مَدورن (Maduran)، بالي ۽ فلپائني ٻولين (بسايا، تئگلاگ ۽ ملا گاسي) سان ملي ٿي.

(2) ميلانيشيئن (Melanessian): هيءَ ملايو – پالينيشيئن جي شاخ آهي. هن ۾ ننڍن ننڍن ٻيٽن جون ڪيتريون ئي ٻوليون شامل آهن. انهن ۾ هيٺيون ٻوليون خاص اهم آهن:

(3) مائڪرونيشيئن (Micro_nessian): اُپرنڊين شاخ جو هڪ حصو آهي. هن ۾ گلبرٽ، مارشل، ڪئرولين ۽ مريئاني توڙي باپ ٻيٽن جون ٻوليون شامل آهن.

(4) پالينيشيئن (Polynessian) : هي ٻوليون بہ اپرنڊين شاخ ۾ شامل آهن. هن ۾ نيوزيلئنڊ جي مقامي ٻولي مائوري (Maori) بہ اچي وڃي ٿي. هيءَ شاخ هوائي ٻيٽن کان وٺي نيوزيلئنڊ، ۽ اپرنڊي طرف وارن ٻيٽن

تائين ڳالهائي ويندي آهي. هن ۾ هوائيئن، تاهيتيئن (Tahitian)، ساموئن (Samoan) ۽ (Maori) مائوري ٻوليون شامل آهن.

**(17) پاپوئن خاندان:**

نئين گني ۽ اُن جي پر وارن ٻيٽن جي ٻولي پاپونا (Papuna) ۽ آسٽريليا جي ٻولين جي اجا تائين کوجنا ڪانه ڪئي وئي آهي.

اهڙيءَ طرح اميريڪا کنڊ ۾ ٻه ڪيترين ئي ديسي ٻوليون ڳالهائيون آهن جن جي اجا ڇنڊڇاڻ ڪانه ٿي آهي[1] .

---

1. Gleason, H.E. Op. Cit. p. 471

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي


1. Bloomfield, L., Language, London, George Allen and Unwin LTD. 1961.
2. Grierson, H., Linguistic Survey of India, Vol. I, Part I, 1927
3. Ibid an article Indo_Aryan Vernacular's published in BSOAS, 1917_20
4. Ibid.
5. Gleason, H.A., An Introduction to Descriptive Linguistics, New York, Holt. Rinehart and Wilson, 1961.
6. Mario, A Pei, The World's Chief Languages, London, George Allen and Unwin LTD. 1949.
7. Sturtevant, E.H., An article, The Indo_Hittite Hypothesis, Published in Language, Vol: 3, No. 2, April an June, 1962.

# تعارف



پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا 15 مارچ 1930 تي ڳوٺ ٽنڊو خواجه تعلقي جاتيءَ ضلعي ٺٽي ۾ ڄائو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾، ۽ ثانوي تعليم ميرپور بٺوري، ٽنڊي محمد خان ۽ ڪراچيءَ مان ورتائين، جڏهن ته اعليٰ تعليم ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۽ پوءِ يونيورسٽي آف سنڌ ۾ حاصل ڪيائين، جتان ايم اي (سنڌي)، 1955ع ۾ پاس ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ پنهنجي مرشد هزهائنس آغا خان، شاهه ڪريم الحسينيءَ طرفان ڪيس مليل اسڪالر شپ تي، لنڊن يونيورسٽي جي ”اسڪول آف اوريئنٽل ائنڊ آفريڪن سٽڊيز“ جي شعبي جنرل لنگئسٽڪس ائنڊ فونيٽڪس مان 1963ع ۾ ايم اي ڪيائين، جڏهن ته يونيورسٽي آف سنڌ مان 1970 ۾، پي ايڇ . ڊي ڪيائين. سنڌيءَ ۾ الانا صاحب پهريون پي ايڇ . ڊي آهي.

سندس نوڪريءَ جي شروعات ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد ۾ استاد جي حيثيت ۾ 1952ع ۾ ٿي. 1954ع ۾ ڪيس سٽي ڪاليج، حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ڪيو ويو، جڏهن ته 1958ع ۾ ڪيس يونيورسٽي آف سنڌ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار چونڊيو ويو ۽ پوءِ ترقي ڪندو 1976ع ۾ پروفيسر مقرر ٿيو.

1963ع ۾ ڪيس انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ۽ 1976ع ۾ پروفيسر انچارج مقرر ڪيو ويو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي کي ترقي وٺرائڻ ۽ موجوده منزل تائين پهچائڻ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي محنت جو وڏو عمل دخل رهيو آهي.

1983ع ۾ ڊاڪٽر صاحب علامه اقبال اوپن يونيورسٽي، اسلام آباد جو وائيس چانسيلر ۽ 1993ع ۾ يونيورسٽي آف سنڌ جو وائيس چانسيلر مقرر ٿيو. جڏهن ته 1998ع ۾ ڪيس سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو چيئرمئن مقرر ڪيو ويو. هن وقت پاڻ جيتوڻيڪ رٽائرڊ ٿي چڪو آهي پر علمي ۽ ادبي ڪم ۾ مصروف آهي.

پاڻ هيستائين 6 اهم ايوارڊ حاصل ڪري چُڪو آهي، جن ۾ ”ستاره امتياز“ به اچي وڃي ٿو، جيڪو ڪيس حڪومت پاڪستان طرفان 1992ع ۾ عطا ڪيو ويو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا هيستائين ڪيترين ئي قومي توڙي بين الاقوامي ادارن جو ميمبر يا چيئرمئن رهندو پيو اچي. پاڻ هيستائين مختلف حيثيتن ۾ برطانيه، آمريڪا، جرمني، اٽلي، مصر، جاپان، چين، فرانس، آسٽريليا، سريلنڪا ۽ ڀارت جو دورو ڪري چڪو آهي.

سندس لکيل ڪتابن جو ڪل تعداد 40 ۽ مقالن جو تعداد 100 کن آهي ۽ پاڻ سنڌيونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پروفيسر ايمريٽس پڻ آهي، جيڪو ڪنهن پروفيسر لاءِ هڪ وڏو اعزاز آهي.

اڄ ڪلهه سندس گهڻو وقت ريسرچ ڪرڻ ۽ ڪتاب لکڻ ۾ گذري ٿو .

ISBN 969-405-073-1

East Line Hyd
022-2787677

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book